بسم الله الرحمن الرحيم

هڪ مسلمان مرد ۽ عورت جي انفرادي، اجتماعي، ازدواجي ۽
گهريلو زندگي جي معاملات ۽ معمولات جو اسلامي ۽ شرعي طريقو

پاڪيزه زندگي

سنڌي

(تخريج، تعليق ۽ ڪجهه اضافن سان نئين انداز ۾)

پير طريقت رهبر شريعت

حضرت پير محمد ڪرم الله مدني قادري نقشبندي

المعروف دلبر سائين مدظله العالي

خانقاه عاليه فضل آباد شريف ماتلي

Scanned by CamScanner

بسم الله الرحمن الرحيم

هڪ مسلمان مرد ۽ عورت جي انفرادي، اجتماعي، ازدواجي ۽
گهريلو زندگي جي معاملات ۽ معمولات جو اسلامي ۽ شرعي طريقو

پاڪيزه زندگي

سنڌي

(تخريج، تعليق ۽ ڪجهه اضافن سان نئين انداز ۾)

پير طريقت رهبر شريعت

حضرت پير محمد ڪرم الله مدني قادري نقشبندي

المعروف دلبر سائين مدظله العالي

خانقاه عاليه فضل آباد شريف، ماتلي۔

Scanned by CamScanner

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

كتاب جا جملي حق ۽ واسطا
جامعه مدينة العلم وٽ محفوظ آهن.

كتاب جو نالو : **پاكيزه زندگي** (سنڌي)

بمقلم : پير طريقت رهبرِ شريعت

حضرت پير محمد كرم الله (مدني قادري نقشبندي)

المعروف "دلبر سائين" درگاهه فضل آباد ماتلي، ضلع بدين

چاپو پارهون : ربيع الثاني 1440ھ

تعداد : هڪ هزار

كمپيوٽر لي آئوٽ: فقير محمد اسماعيل چنا

چپائيندڙ : فقير احسان علي پٽو "مجاهد كرمي"

0300-3671729

ناشر : جامع مدينة العلم صالح آباد ملير، كراچي

هديه : =/700 روپيه

♦ ♦ ♦

اهم اعلان

حضرت پير دلبر سائين جي جملي تصانيف، تقريرون اوهان انٽرنيٽ تي پڙهي سگهو ٿا، ڏسي سگهو ٿا، ٻڌي سگهو ٿا.

ويب سائيٽ هيءَ آهي. **www.peerdilbar.com**

آگاهي

جامعه مدينة العلم جا ڇپايل جملي كتاب، بذريعه وي.پي گهرائڻ لاءِ يا روبرو اچي حاصل كرڻ لاءِ رابطو كندا.

فقير محمد نواز مجذوب: 0301-3461005

Scanned by CamScanner

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

فهرست ابواب و مضامين

پاکيزه زندگي المعروف گهر، گهر واري

عنوان	صفحه	عنوان	صفحه
فهرست مضامين	2	گهرن جي ديوارن تي پردا لڙڪائڻ	50
مُهاڳ	13	دروازن تي پردا لڙڪائڻ	51
مُعلمِ انسانيت	14	گهر ۾ ٽيليفون لڳائڻ	52
مثالي گهر	15	گهر ۾ تصويرون لڳائڻ	52
شانِ اهلبيت	17	گهر ۾ ملائڪن جي داخلا تي بندش	53
سردار گهراٽو	19	ڪتن جا شوقين	53
دنيا ۽ آخرت جي سرداري	22	گهر ۾ پليءِ جو بيان	55
جنت جي جوانن جا سردار	22	گهرن کي نقش و نگار	55
مؤمنن جُون مائرون	23	صليب جو ڇاپو	56
جنت جي اڏاوتن جا سردار	24	گهر ۾ وڻ پوکڻ	56
اهلِ بيت جي محبت	25	**باب ٽيون: گهر جي ضرورت جو سامان**	58
پنجتن جي محبت جو انعام	25	بسترا	58
دامنِ اهل بيت پکڙيو!	25	تاجدارِ ڪائنات ﷺ جو بسترو	59
اطاعتِ حبيب ﷺ	28	وهاٽو	60
صحابه ڪرام ۽ خلفاءِ راشدين	30	ٽي شيون واپس نه ڪيو	60
ڪجهه هن ڪتاب جي متعلق	33	سون ۽ چاندي جا ٽانو	61
پهريون حصو : گهر	**37**	رات جو استعمال جا ٽانو	62
باب پهريون: گهر جي اڏاوت	39	عام استعمال جون شيون	63
گهر ۾ مهمان خانو ٺاهڻ	42	عام استعمال ٽيندڙ ڪجهه شيون	63
جنت ۾ گهر ٺاهيو	47	گهر ۾ ڪجور هجڻ گهرجي	63
گهر ٺاهڻ جا آداب	47	جنت جي ڪجور	64
ٽي شيون باعثِ برڪت ۽ باعثِ نحوست	48	ماکي	65
باب ٻيو: گهر کي سينگارڻ	50	گهر ۾ گهنٽي	66

Scanned by CamScanner

گهر جي صفائي	66	بيت الخلا جون دعائون ۽ آداب	94
دنيا مسافر خانو آهي	67	**باب ستون: گهر جا آداب**	96
باب چوٿون: گهر ۾ عبادت جو بيان	72	وبا کان بچاءُ	97
گهر ۾ نفل پڙهڻ	72	گهر ۾ ٻاهر اُجهائي سمهو	97
گهر جو نور	73	هڪ ڪِڙڪي کولي سمهو!	98
گهر جي عزت	74	گهر ۾ اڪيلو سمهڻ	98
ڪهڙيون نمازون گهر ۾ پڙهجن؟	75	پير جوڙڻ نه ڪپيو	98
ٽپهريءَ جي سنت	76	گهر جي ڇت تي سمهڻ	99
گهر ۾ قرآن جي تلاوت	78	ڪاڌي جي شين جو احترام ڪيو	99
گهر ۾ الله جو ذڪر ڪرڻ	80	صبح جو بتيون اجهائي ڇڏيو	100
باب پنجون: گهر ۾ جانور پالڻ جو بيان	83	سفر کان موٽو تہ رات جو گهر ۾ داخل نہ ٿيو	100
ڪريون پالڻ	83	گهر ۾ اچڻ وڃڻ جا آداب	101
ڪڙيون پالڻ	83	خانہ نشيني	102
اٺ ۽ گهوڙا ڏارڻ	84	**باب اٺون: گهر مان خيرات**	103
جانورن جا حق	84	سوالي خالي نہ موٽايو	104
ڪهڙا جانور مارجن ڪهڙا نہ مارجن؟	87	سائل جا حق	104
پکين کي پيجرن ۾ قاسائڻ	87	خيرات جا قسم	105
نانگن جو بيان	87	رات جو سائل	106
باب ڇهون: گهر جون دعائون	89	پلو گهر ۽ بچڙو گهر	108
گهر وارن تي سلام	89	الله تعاليٰ کي پيارو گهر	109
ڪلام کان اڳ سلام	89	بچڙو ماڻهو ڪير؟	113
گهر ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت ولڻ	90	**باب نائون: گهر جو پاڙو**	114
گهر ۾ داخل ٿيڻ جي دعا	91	پهرئين پاڙو پوءِ گهر	114
گهر کان ٻاهر نڪرڻ جي دعا	91	مومن ڪير آهي؟	115
ستر هزار ملائڪ بخشش گهرن ٿا	92	جهنمي عورت	116
نقصان کان بچڻ جي دعا	93	پاڙي جو خيال	116
قرض ۽ پريشاني کان نجات جي دعا	93	پاڙي جي حد	118

Scanned by CamScanner

پاڙيسرين جا قسم	118	خوشبوءِ جو استعمال	152
پاڙي وارن جا حق	119	گھروارن جي فرمائش کي پورو ڪرڻ	152
گھر جو رستو	121	سال جو اناج گڏ ڪري رکڻ	152
ٻيون حصو: گھر ڏٺي	**123**	اناج توري رکڻ	153
ڇھريون باب: گھر جي وڏي جون ذميداريون	125	عيدن تي اهتمام	153
نماز جو حڪم	127	عاشوري واري ڏينھن تي	154
گھر وارن جي تربيت	129	**باب چوٿون: سينگار ۽ سونَ جي بيان ۾**	155
اولاد کي پڙھائڻ	130	خوشبوءِ جو استعمال	155
باب ٻيو: حلال روزگار جي تلاش	133	سرمي پائڻ جي بيان ۾	157
هي به الله جي راھ آهي	134	ڏندڻ جي بيان ۾	157
واپار	135	مٿي جا وار رکڻ ۽ سنوارڻ	160
محنت و مزدوري	136	اڇا وار چوندڙ	162
تصوير سازي	136	ڪارو خضاب جائز نه آهي	162
سونارا ۽ رنگريز	137	تيل مکڻ ۽ ڪنگو ڏيڻ	163
ٻوپا ۽ نجومي	137	ڏاڑهي جي بيان ۾	164
پنڻ	138	مڇون ڪٽڻ	167
گھٽو اولاد گھٽا فڪر	138	ميندي جي بيان ۾	168
خودڪشي حرام آهي	141	آدابِ فطرت	170
معاش جو فڪر	142	سونا زيور	172
باب ٽيون: گھر وارن تي خرچ ڪرڻ	144	سون ۽ چاندي جي زڪوات	174
ست سؤ ٻيرا وڌيڪ اجر	144	مُندي، جو بيان	176
ڀلي خيرات ڪڍڻي آهي؟	146	**باب پنجون: لباس جي بيان ۾**	179
اها خيرات قبول ناهي	147	جسماني ۽ روحاني لباس	179
مائٽن کي خيرات ڏيڻ	147	لباس ۾ احتياط	180
مري ويل مائٽن لاءِ خيرات ڪرڻ	149	لباس جا قسم	180
خرچ ۾ ڪشادگي ڪرڻ	150	پٽ جو لباس	181
لباس ۾ ڪشادگي	151	پٽڪي جو بيان	181

Scanned by CamScanner

کارو پتکو	183	کوڙھ جو علاج	229
چادر جو بيان	189	کاڌي پيتي جا شرعي آداب	231
سائي چادر	190	مھمان جا آداب	234
قميص جو بيان	195	**باب ستون: حلال ۽ حرام جا مسئلا**	235
گوڏ ۽ کانئچ جو بيان	197	شيون حلال ڇو ۽ حرام ڇو؟	237
ھڪ عظيم غلطي جو اصلاح	199	ھر نشي آور شيءِ حرام آھي	239
لباس پائڻ جي دعا	204	ڏھن ماڻھن تي لعنت	240
پراٽا ڪپڑا	204	چار حرام شيون	241
جُتي جو بيان	204	جادو حرام آھي	242
اگھڑ جو بيان	208	لعنت وجھڻ گاريون ڏيڻ حرام آھن	243
باب ڇھون: کاڌي پيتي جو بيان	210	قرض ونڊي واپس نہ ڪرڻ	244
مانيءَ جو بيان	210	مزدور جي مزدوري ادا نہ ڪرڻ	245
مانيءَ جا قسم	211	رشوت حرام آھي	245
گوشت جو بيان	217	ظلم ڪرڻ حرام آھي	246
ياجين جي بيان ۾	219	وياج حرام آھي	247
مڇيءَ جو بيان	219	شھر جي ھلاڪت	248
انڊا يا بيضا	219	حلال جون برڪتون ۽ حرام جا نقصانات	249
پاڻي پيئڻ جي دعا ۽ آداب	222	حلال ۽ حرام شين ۾ شرعي اصول	252
لوڻ جي بيان ۾	224	**باب اٺون: دوائون ۽ دعائون**	253
کير جو بيان	224	روحاني بيمارين ۽ انھن جو علاج	253
بصر ۽ ٿوم جو بيان	225	ڪجھ باطني بيمارين	255
سُرڪي جي بيان ۾	226	جسماني بيمارين	258
زيتون جو تيل	226	بيماري ڇا آھي؟	259
ڪڑ جو گوشت	227	علاج ڇا آھي؟	259
حلوو ۽ ماکي کائڻ	227	علاج جا قسم	261
طعام گڏجي کائڻ	228	طبعي علاج	261
بيمارن سان گڏ کائڻ جي بيان ۾	229	قدرتي جڙي ٻوٽين جا خواص	262

Scanned by CamScanner

سنا ، انجير	263	وهمن وسوسن کان بچو	284
چاهين جا فائدا	265	جياپي جا سونهري اصول	286
کنگهه جو علاج	266	فريدالدين عطار جون نصيحتون	288
ماکيءَ جا فائدا	267	صحت جا سونهري اصول	289
هر مرض جي دوا	268	فرائض جو بيان	290
هُربو ميٹي	269	**حصو ٹيون : گهروارِي**	**295**
سِگي لڳرائڻ ۽ ڏنڀ سان علاج	269	**باب پهريون: رفيقِ حيات**	297
روحاني علاج	271	زال ۽ مڙس جو رشتو	300
مشاهده امورِ غيبيه	273	چڑهائپ کان پناهه	303
هر مرض جو علاج	273	نوجوانن کي حڪم	304
دعاءِ حاجت	274	زال ۽ مال	305
شاديءَ لاءِ وظيفو	275	پنهنجن مان شادي	306
گهرن مان جنن ۽ نانگن کي ڀڄايو	277	امت جي گهٹائي	306
پيٹ جي سُور لاءِ	277	ڪنهن جي شاديءَ لاءِ سفارش ڪرڻ	307
پريشانين جو چوٹڪارو	228	شاديءَ جا فائدا	308
قرض کان نجات	278	**باب ٻيو: زال جو انتخاب ۽ نڪاح**	310
خير و برڪت لاءِ	278	زال جون خوبيون	310
اکين جي سور جو علاج	278	ديندار زال جا فائدا	314
هر مقصد ۾ ڪاميابي لاءِ دعا	278	ڪنواري عورت سان شادي ڪيو	314
باب نائون: زندگي گذارڻ جا اصول	280	زال سان ڪلڻ ۽ کيڏڻ	315
صالحن جي سنگت لازم رکو	280	پسند جي شادي	316
الله تعاليٰ جي معيت جو تصور	280	گهٹا ٻار ڇڏيندڙ زال	318
هر سنت تي عمل ڪيو	281	پيغام تي پيغام نه موڪليو	319
اول حڪمِ رباني تي عمل پوءِ ڪم ٻيا	282	شاديءَ کان اڳ ڏسڻ گهرجي	320
ماڻهن کان سوال نه ڪيو	282	رنڊ عورت سان شادي	320
چڱا عمل ڪندا ڪيو	283	شاديءَ جون دعائون	321
طمع، منع، جمع نه ڪيو	284	شاديءَ لاءِ استخاره	322

Scanned by CamScanner

نڪاح ۽ ان جا شرط	323	زال کي راضي ۽ خوش ڪرڻ	351
مائٽي ڪرڻ جو حق ڪنهن کي؟	327	هيءَ به عبادت آهي	352
نڪاح جو طريقو	328	فاروقِ اعظم جي بارگاهه ۾ فرياد	353
مُتعه جو نڪاح حرام آهي	330	گهرواريءَ کي ڏسڻ ۾ به اجر	354
حلالہ ڪندڙ	332	زال کي پنهنجي هٿ سان گرهه ڪرائڻ	457
شِغارُ جو نڪاح جائز ناهي	333	زال کي مار نه ڪيو	357
شوال ۾ شادي سنت آهي	334	مڙس جو اعليٰ ڪردار	359
باب ٽيون: مڙس جا حق	335	زالن کي مارڻ ڪيڏ جي اجازت	361
عورت لاءِ جنت ۽ جهنم	336	هڪ ٻئي جا عيب ظاهر نه ڪرڻ	363
مڙس جا حق	336	جهيڙ ٻڪار زال	364
زالون مردن کان اڳ جنت ۾	338	غيرت ئي مردانگي آهي	365
زال خوش خصال	339	**باب پنجون: ميلاپ جا مسائل**	367
اڪثر عورتون جهنم ۾	341	صحت لاءِ ضروري اقدام	368
مڙس جي رضا	341	صحبت جا آداب	369
جنت جي خوشبوءِ به حرام	342	زال ۽ مڙس جا راز	371
تعويذن جي تلاش	343	صحبت جون دعائون	373
زال مڙس ۾ جهيڙو وجهائڻ	344	صحبت جا اوقات	376
موڪل ريءَ گهر کان نه نڪرڻ	345	نقصانڪار صحبت	378
مڙس جي گهر مان خرچ ڪرڻ	346	حيض وقت زال سان همبستري	379
گهر جي شيءِ گهر مان خرچ ڪرڻ	346	عورتن ۾ حياءُ	382
گهر جي شيءِ تحفي ۾ ڏيڻ	346	ڪڙڻ جي بيان ۾	384
گهر جي چوري	347	**باب ڇهون: پردو فضائل ۽ مسائل**	386
مڙس جا ڪپڑا ڌوئڻ	348	عورتن جي حڪومت	388
هڪ نياڻيءَ کي نصيحت	348	درگاهن تي عورتن جا هجوم	289
باب چوٿون: زال جا حق	249	عورتن جي برقعي جي بيان ۾	394
پهلا ماڻهو ڪير آهن؟	350	فتني باز عورتون	395
زال جي عزت	350	**باب ستون: عورتن لاءِ نصيحتون**	397

Scanned by CamScanner

وار کوڙائڻ يا کٽائڻ	399	اولياء الله کي گهٽيون شاديون	439
ڏاريا وار ملائڻ	400	ڇئن کان وڌيڪ شاديون حرام آهن	440
عطر مکي نکرڻ	401	ٻي شادي ڪڏهن ڪجي؟	441
گهر مان بغير اجازت نڪري وڃڻ	402	**باب ٻيو: زالن ۾ عدل ڪرڻ**	445
رستي جي وچ ۾ نه هلڻ	402	عدل ڇا آهي؟	446
محرم کانسواءِ سفر جائز ناهي	402	صحبت ۾ برابري شرط ناهي	447
عورتن جي هٿ کي لڱل ميندي	403	ڪهڙين شين ۾ عدل واجب آهي	448
عورتن کي سنهڙا ڪپڑا پائڻ	406	برابريءَ جا مثال	450
زالن کان ٻاهر يون ڪم نه وڃو	407	عورتن ۾ غيرت	450
گهر جو ڪم زال کي ڪرڻ گهرجي	408	**باب ٽيون: واري جي بيان ۾**	453
مردن سان مشابهت جائز نه آهي	409	نئين زال ۽ پراڻي زال	453
عورتن ۾ تبليغ	410	وارو بخشي ڇڏڻ	454
پٽڪو ڪرڻ ۽ پار ڪيڻ	412	زالن کي سفر ۾ گڏ وٺي هلڻ	455
ٽڇ مڙس جي امانت آهي	414	هڪ ڏينهن ۾ سڀ زالن وٽ وڃڻ	456
باب اڻون: بدنگاهي ۽ بدڪرداري	416	گهر جدا جدا هجي	457
هاجيڪار فتنو	420	بيماري جي حالت ۾	458
پرائي عورت وٽ رهڻ	422	گهروارين کي الڳ الڳ گهرن ۾ رهڻ	458
زاني کي سزا	424	عدل وارن لاءِ انعام	458
پاڙي ۾ برائي	428	**حصو پنجون: اولاد**	**459**
چوڪري بازي	429	**باب پهريون: اولاد الله جي نعمت**	461
لعنتي ماڻهو	431	مرڻ ڪانپوءِ به نالو روشن رهڻ	462
مرضن جي گهٽائي	432	ٽي خوشنصيب ماڻهو	462
حصو چوٿون: هڪ کان وڌيڪ گهروارين	**433**	اولاد جو پيءُ ماءُ سان ملڻ	464
باب پهريون: گهٽيون شاديون	435	خانداني منصوبه بندي	467
گهٽيون شاديون سنت يا بدعت؟	437	مائرن جو اجر و ثواب ۽ انعام	467
اڪابرين امت جو عمل	438	نياڻيون نماڻيون	468

Scanned by CamScanner

نياڻين پالڻ تي اجر ۽ ثواب	470	هڪ کان وڌيڪ نالا	498
جاول پار جي ڪنن ۾ بانگ چوڻ	473	ڪنيت جي بيان ۾	498
پار جي وات ۾ پهرئين شيءِ	474	ڪجهه ڪنيتون	500
پارن جا ڪن ٽوپڻ	475	اڏورا نالا ونڻ	500
پارن کي زعفراني عطر نه لڳايو	475	ادب ضروري آهي	501
باب ٻيو: اولاد جا نالا رکڻ	477	ڪجهه ٻيا نالا	502
نالو ڪڍڻ رکجي	479	نياڻين جا ڪجهه ٻيا نالا	503
ٻيا نالا ۽ خراب نالا	480	زماني کي گهٽ وڌ نه ڳالهايو	504
پانهپ جي نسبت وارا نالا	481	**باب ٽيون: عقيقو ڪرڻ**	505
تعريف وارا نالا	482	پٽ ۽ نياڻي جو عقيقو	506
نبين جا نالا	483	عقيقي جي حيثيت	507
اسمِ محمد ﷺ	484	پار جمڻ تي دعوت	508
نالو رکو ڪُنيت نه رکو	484	عقيقي جا مسائل	508
اسمِ محمد ﷺ جون برڪتون	487	عقيقي جي دعا	504
منع ٿيل نالا	488	پارن لاءِ ڏس پنڌ	511
الله پاڪ جا نالا نه رکو	489	**باب چوٿون: ختني جا مسئلا**	513
ملائڪن جا نالا	490	ختني جو وقت	514
بي معنيٰ نالا	490	ختني جا فائدا	515
بدڪردار ماڻهن جا نالا	490	سردارِ اولادِ آدم ﷺ جو ختنو	516
شيطانن جا نالا	490	جاهلن جون رسمون	516
طبعيت کي نه وٽندڙ نالا	491	**باب پنجون: پارن جا مسائل**	518
غلط معنيٰ وارا لفظ	492	پارن سان پيار	518
نالو صحيح ونڻ گهرجي	492	ڇڙا ماڻ کان ڌار نه ڪيوا	520
برڪت ۽ رحمت جهڙا نالو نه رکو	492	اولاد کي بد دعا نه ڏيو	521
نالي جو اثر	493	پارن جو پيشاب	522
خراب نالا مٽائڻ	494	پارن کي دعائون ڏيڻ	524
لقبن جي بيان ۾	497	پار جي حفاظت جي دعا	526

Scanned by CamScanner

بدنظري جو علاج	526	جنت ۾ جهنم	561
هار جي روئڻ جو علاج	527	پيءُ راضي ته رب راضي	562
هر مرض جو علاج	527	پيءُ ماءُ غير مسلم هجن ته؟	564
شطرنج، چوپڙ، جُوا حرام آهي	529	عمر ۾ رزق ۾ برڪت	564
گُڏين جي راند	529	**باب ٻيو: پيءُ ماءُ جي خدمت**	566
هارن لاءِ شرعي احڪام	530	جهڙي ڪرڻي تهڙي پرڻي	569
هارن کي پردو ڪڍڻ؟	532	ماءُ جو حق وڏيڪ يا پيءُ جو؟	570
هار جو ملڪيت ۾ حصو	533	ماسي	570
هار کي گهنگهرو پڌڻ	534	چاچو	571
باب ڇهون: اولاد جو مري وڃڻ	535	رضائي ماءُ	572
اولاد جگر جو ٽڪر آهي	536	ڪبيره گناهه	572
فوت ٿيل ٻچڙا	537	پيءُ ماءُ کي گار	573
ڪريل هار جو بيان	538	چهري جو ديدار	575
باب ستون: هارن ۾ انصاف ڪرڻ	540	خدمت جون صورتون	576
ابرار ڪير آهن؟	542	والدين جو شڪر بجا آڻڻ	577
اولاد لاءِ ملڪيت ناهڻ	542	ڪراڙپ ۾ خدمت	578
ورهاست ۾ برابري ڪيو	543	ٿوري خدمت گهٽو اجر	579
ست سالن جي عبادت تباهه	544	**باب ٽيون: والدين جي وفات کانپوءِ**	580
هڪ عظيم غلطي	544	مرڻ کانپوءِ زيارت جو عمل	582
باب اٺون: اولاد جي شادي ڪرائڻ	546	ڪنهن ٻئي جو پٽ سڏرائڻ	582
نياڻين جي شادي ڪرائڻ	546	**باب چوٿون: صلہ رحمي ڪرڻ**	584
ماءُ سان مشورو ڪيو	547	خيرات جو اول حق	587
اولاد پرٽائڻ بابت ضروري ڳالهيون	549	سڀ کان پهلي خيرات	587
نياڻيون وکرو ڪرڻ	550	چنندڙ سان ڳنڍيو	588
شاديءَ جون رسمون	552	رحمت نازل نه ٿي ٿئي	590
حصو ڇهون: والدين	**557**	روٽي لانگوٽي مڪان	592
باب پهريون: پيءُ ۾ ماءُ	559	المراجع والمصادر	595

Scanned by CamScanner

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

پاکيزه زندگي

المعروف

گھر ۽ گھر وارا

هي ڪتاب لاجواب اڄ کان چوڏهن سال اڳ ڇپيو هيو. جنهن ڪي معاشري جي مختلف طبقن جهڙوڪ پيرانِ ڪرام، مشائخ عظام، علماءِ اعلام، ڊاڪٽرن، پروفيسرن، دانشورن، تاجرن، مردن، عورتن، صغيرن، ڪبيرن عوام توڙي خواص بيحد پسند فرمايو. ايستائين جو پيئر پنهنجي نياڻين کي ڏاج ۾ هي ڪتاب ڏين ٿا. بعض گهرن ۾ جڏهن ڪنهن ڇالهه تي تنازعو ٿئي ٿو ته هن ڪتاب کي ڪولي رهنمائي وٺن ٿا. اگر ڪنهن گهر ۾ پٽ يا نياڻي جي ولادت ٿئي ٿي ته هن ڪتاب کي ڪولي پار جو نالو تجويز ڪن ٿا، پارن توڙي ٻين جا مسائل جيئن تحنيڪ، عقيقو، ختنو، شادي، غمي وغيره جي معاملات بابت هن ڪتاب مان رهبري حاصل ڪن ٿا. بعض پرائيويٽ اسڪولن جي ڪورس ۾ هن ڪتاب جا ڪجهه باب شامل ڪيا ويا آهن. ڪيترن گهرن ۾ هن ڪتاب جو باقائده درس ڏنو وڃي ٿو. هڪ الله جي بانهي ٻڌايو ته ان پنهنجي گهر ۾ هڪ بورڊ لڳائي ڇڏيو آهي، ان تي روزانو هن ڪتاب مان هڪ حديث لکي پنهنجي گهر وارن کي هر ڏينهن جو هڪ سبق سکارينڊو آهي. الحمد لله علىٰ ذالڪ

هن وقت تائين هن ڪتاب جا ٻارهن ايڊيشن هلي چڪا آهن. ان جو مطلب ته ڪتاب جون هزارين ڪاپيون مسلمانن جي گهرن ۾ ڪتب خانن جي تائين پهچي چڪيون آهن. هڪ مصنف ۽ مؤلف جي لاءِ ان کان وڌيڪ ٻي خوشيءَ جي ڇالهه ڪهڙي ٿي سگهي ٿي جو ان جو ڪتاب ان جي زندگي ۾ ڇپجي ۽ مخلوق ان مان مستفيد ٿئي.

اردو دان طبقي جي ڀرپور طلب تي هن ڪتاب کي محترم مولوي محمد اسلم ڪرمي اردو ٻولي ۾ ترجمو ڪيو جيڪو "**پاکيزه زندگي**" نالي سان شايع ٿي چڪو آهي.

Scanned by CamScanner

سندم فرزند دلبند نور چشم وراحت جسم مولوي محمد المعروف "مٺل سائين" هن کتاب جي احاديث ۽ اقوال جي تخريج ڪئي ۽ آخر ۾ هن فقير ڪتاب تي نظر ثاني ڪئي، ڪجھ اضافا ٻہ ڪيا. ڪتاب کي نئين سر ترتيب ڏنو. جيئن تہ تخريج ۽ تعليق بعد هاڻي هي ڪتاب هڪ نئين اسلوب ۾ تيار آهي. اردو ترجمي ۾ هن جو نالو پاڪيزه زندگي رکيو ويو هيو، انڪري سنڌي ڪتاب کي جي هن نئين ايڊيشن کي ٻہ "**پاڪيزه زندگي**" المعروف "گھر ۾ گھر وارا" نالي سان شايع ڪيو پيو وڃي. اميد تہ قارئين ڪرام اسان جي هيءَ ڪوشش ضرور پسند ايندي. الله ڪريم شال سڀ مسلمانن کي سنت نبوي تي هلڻ جي سعادت نصيب فرمائي.

آمين يا رب العالمين

فقير ڪرم الله

دربار عاليہ فضل آباد شريف ماتلي.

پهرين آڪٽومبر 2014

Scanned by CamScanner

بِسۡمِ اللّٰہِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِیۡمِ

مُعاڪَ

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰہِ الَّذِیۡ خَلَقَ لَنَا مِنۡ اَنۡفُسِنَا اَزۡوَاجًا لِنَسۡکُنَ اِلَیۡهَا وَجَعَلَ بَیۡنَنَا الۡمَوَدَّةَ وَ الرَّحۡمَةَ. اَشۡهَدُ اَنۡ لَّا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ اَنۡعَمَ عَلَی الۡاِنۡسَانِ بِمَا خَلَقَ وَاَبَاحَ لَهٗ مِنۡ زَوۡجَاتٍ وَ اَمَدَّهٗ بِالۡبَنِیۡنِ وَ الۡبَنَاتِ وَالۡحَفَدَةِ وَرَزَقَهُ الطَّیِّبَاتِ وَاَشۡهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبۡدُهٗ وَرَسُوۡلُهٗ تَزَوَّجَ النِّسَاءَ وَزَوَّجَ بَنَاتِهِ الرِّجَالَ وَبَیَّنَ مَالِلزَّوۡجَاتِ مِنۡ حُقُوۡقٍ عَلٰی اَزۡوَاجِهِنَّ. صَلَّی اللّٰهُ عَلَیۡهِ وَعَلٰی آلِهٖ وَصَحۡبِهٖ وَمَنۡ تَبِعَهُمۡ بِاِحۡسَانٍ اِلٰی یَوۡمِ الدِّیۡنِ وَسَلَّمۡ تَسۡلِیۡماً کَثِیۡراً. اَمَّا بَعۡد :

گهر ڇا آهي؟ گهر جون ڪهڙيون ضرورتون آهن؟ گهر ڪيئن هلائجي؟ گهر ۾ رهڻ وارن جا حق ڪهڙا آهن؟ گهر جو پاڙو ڇا آهي؟ پاڙي جا حق ڪهڙا آهن؟ زال جا مڙس تي، مڙس جا زال تي ڪهڙا حق آهن؟ پٽ يا نياڻيون ڄمن ٽ انهن جي پرورش ۽ تربيت ڪيئن ڪجي؟ انهن جا حق ڪهڙا آهن؟ زندگي گذارڻ جو ڪهڙو طريقو آهي؟ اسان جي سڌي نبي ڪريم حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن ان باري ۾ ڇا فرمايو آهي؟

اِهي اهڙا سوال آهن، جن کان گهڻا مسلمان بي خبر آهن. اسلامي تعليمات کان بي خبر هجڻ جي سببان، اڄ گهڻا گهر فتني جي وَر چڙهيل آهن. اڄ گهڻن گهرن ۾ جهيڙن جهڳڙن جو پاڻ پريل آهي، ڪيترا مسلمان گهرُو پريشانين کان بي زار ٿي "خود ڪُشي" ڪري پنهنجو پاڻ کي هميشه هميشه لاءِ جهنم جو پاڻ بنائي رهيا آهن. گهڻا ماڻهو گهريلو ماحول کان بي زار ٿي گهر کان بي گهر بنيا رهن ٿا. گهر گهر ۾ فتني ۽ فساد جو دونهون دُکي رهيو آهي. گهر گهر ۾ جهيڙي جي باهه ٻڙڪي رهي آهي. ان جو ڇا سبب آهي؟

Scanned by CamScanner

ڏسو! اگر ڪوبہ ڪاريگر کا مشن ناهيندو آهي تہ ان جي استعمال جو طريقو بہ سيکاريندو آهي. ڪاريگر جي ٻڌايل طريقي تي هلائڻ سان مشين صحيح بہ هلندي ۽ فائدا بہ حاصل ٿيندا، پر ڪاريگر جي ٻڌايل طريقي کي ڇڏي ڏبو تہ مشين ناڪاره ٿي ويندي ۽ ان مان فائدي جي بجاءِ نقصان رسندو. انسانن جو خالق ۽ مالڪ، الله رب العالمين آهي. ان انسانن کي پيدا ڪرڻ کان پوءِ وري انهن کي زندگي گهارڻ گذارڻ جا طريقا سيکارڻ لاءِ پنهنجا ڪتاب ۽ پنهنجا پيغمبر موڪليا، جن اچي انسانن کي جيئڻ جو طريقو سيکاريو، جن ماڻهن پيغمبرن جي تعليمات کي ٻڌو، ان تي عمل ڪيو، انهن جي دنياوي زندگي پُر سڪون، با فرحت ٿي وئي تہ آخرت واري زندگي ۾ بہ اُهي نعمتن ۽ راحتن واري گهر "جنت" جا حقدار بنجي ويا. پر جن بدبختن الله جي پيغمبرن جي تعليم کي پٺيءَ جي پويان اڇلائي ڇڏيو انهن جا دنياوي گهر بہ دوزخ جي مثل بنجي ويا، تہ انهن جي آخرت بہ برباد ٿي وئي. نبيءَ سڳورا دنيا ۾ آيا ئي اُن لاءِ هيا تہ ماڻهن کي دنيا ۾ رهڻ ۽ جيئڻ سيکارن، شاديون ڪيائون، اولاد ٿيا، ڪاروبار ڪيائون، اهو سڀ ڪجهہ صرف ماڻهن کي سيکارڻ لاءِ ڪيائون.

مُعلِمِ انسانيت

هر هڪ نبي ڪنهن خاص علائقي يا خاص قوم قبيلي جي تربيت لاءِ آيو پر اسان جو حبيب حضرت محمد ڪريم ﷺ عرب و عجم، شرق و غرب، شمال و جنوب، جِنُ و انس پر ساري ڪائنات لاءِ هادي ۽ رهبر و رهنما بنجي آيو. قرآن پاڪ ۾ آهي تہ :

وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا كَآفَّةً لِّلنَّاسِ بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا ○ (سبا:28)

(اي محبوب!) اسان تو کي نہ موڪليو مگر سڀ انسانن ڏانهن خوشخبري ڏيندڙ ۽ ڊيڄارينڊڙ بنائي.

وَمَآ اَرْسَلْنٰكَ اِلَّا رَحْمَةً لِّلْعٰلَمِيْنَ ○ (الانبياء:107)

۽ اسان تو کي نہ موڪليو آهي مگر جهانن لاءِ رحمت بنائي.

ہم غریبوں کے آقا پہ دائم درود، ہم فقیروں کی ثروت پہ لاکھوں سلام

Scanned by CamScanner

پاڻ سيني انسانن لاءِ بلڪ سڀ جهانن لاءِ الله جي طرفان انعام آهن، حديث ۾ آيو آهي ته:

حديث نمبر 1:

حضرت ابو هريره رضي الله عنه روايت ڪئي ته حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته:

إِنَّمَا أَنَا رَحْمَةٌ مُهْدَاةٌ (بيهقي شعب الايمان)[1]

بيشڪ آءٌ رحمت پريو هديو (تحفو) آهيان.

حضور عليه الصلواة والسلام امت لاءِ رب جي پاران هديه (تحفو) آهن.

لَقَدْ كَانَ لَكُمْ فِيْ رَسُوْلِ اللّٰهِ اُسْوَةٌ حَسَنَةٌ ○ (الاحزاب:21)

بيشڪ توهان جي لاءِ رسول الله ﷺ جي زندگي مبارڪ ۾ بهترين نمونو آهي.

مثالي گهر
IDEAL HOUSE

گهرُ ناهڻ، گهرُ هلائڻ، گهرُ سنوارڻ، گهر وارن سان گهارڻ، پڇڻن کي پالڻ جو طريقو سکڻو آهي ته، اسان جي سامهون عرب ۽ عجم جي سردار، اڻين جي آڌار، يتيمن جي يار، خديجةُ الڪبريٰ ۽ عائشة الحميرا رضي الله عنهما جي گهوٽ، حضرت فاطمة الزهراء رضي الله عنها ۽ حضرت قاسم ۽ ابراهيم رضي الله عنهما جي بابي، حضرت امام حسن ۽ امام حسين رضي الله عنهما جي نانيٽي محمد ڪريم ﷺ جن جي زندگي مبارڪ اسان جي سامهون ڪُليل ڪتاب وانگر آهي. سائينجن جي گهريلو زندگي جي هر هڪ ادا اسان جي سامهون آهي. گهر جي وڏي جي حيثيت سان سندن ڪردار ڪهڙو هيو؟ پيءُ جي حيثيت سان پنهنجي پڇڻن سان ڪهڙي پيار، پاپوهه ۽ شفقت سان زندگي گذاريائون؟ گهوٽ جي حيثيت سان ازواج مطهرات سان ڪيئن زندگي گذاريائون؟ سندن جو دنيا ۾ اچڻ ئي ماڻهن کي سيکارڻ لاءِ هيو، ڪاڏائون ته دنيا وارن کي ڪائڻ سيکاريائون. شاديون ڪياڻون ته گهر هلائڻ سيکاريائون، سُتا ته سمهڻ سيکارڻ لاءِ، جاڳيا ته جاڳڻ سيکارڻ لاءِ.

---

[1] **حديث نمبر 1:** شعب الإيمان للبيهقي ج 3/ ص 483. الرقم: 1427) سنن الدارمي ج 1/ ص 17) مصنف ابن أبي شيبة ج 7/ ص 441) اخرجه حاكم في المستدرك ج 1/ ص 103) المعجم الكبير للطبراني ج 18/ ص 497)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 2:

إِنَّمَا بُعِثْتُ مُعَلِّمًا (سنن ابن ماجه)[1]

بيشڪ آءٌ سيکارينڊڙ بنائي موڪليو ويو آهيان.

حديث نمبر 3:

بُعِثْتُ لِأُتَمِّمَ مَكَارِمَ الْأَخْلَاقِ (مستدرک حاڪم)[2]

مان ان لاءِ موڪليو ويو آهيان تہ اعليٰ اخلاقن جا درجا مڪمل ڪيان.

اسان جي حبيب عربي حضرت محمد مصطفيٰ ڪريم ﷺ جن جو مقدس گهراٽو هڪ چمڪندڙ سج وانگر آهي، جنهن جي روشني جا ڪِرڻا ساري دنيا جي مسلمانن جي گهرن ڪي روشن ڪري رهيا آهن. هي اُهو مقدس گهراٽو آهي جنهن جي نور ءِ سُهائي سان ڪروڙين قلب ءِ روح روشن ٿي رهيا آهن. ان پاڪ گهراٽي جي گهڙي گهڙي، قدم قدم اسان لاءِ رهبري ءِ رهنمائي آهي. اسان جي ڏکن جو علاج ان ئي شفاخاني تي ملي ٿو.

دوائے درد عصیاں پنج تن کے در سے ملتی ہے، زمانے میں یہی مشہور ہیں دار الشفاء والے

حضرت حبيب عربي ﷺ فرمايو:

حديث نمبر 4:

إِنَّ اللَّهَ لَمْ يَبْعَثْنِي مُعَنِّتًا وَلَا مُتَعَنِّتًا وَلَكِنْ بَعَثَنِي مُعَلِّمًا مُيَسِّرًا (مسلم)[3]

بيشڪ الله تعاليٰ مون ڪي سختي ڪندڙ بنائي نہ موڪليو آهي پر مون ڪي موڪليو آهي سيکارينڊڙ آساني ڪندڙ بنائي.

---

[1] **حديث نمبر 2:** سنن ابن ماجه بَاب فَضْلِ الْعُلَمَاءِ وَالْحَثِّ عَلَى طَلَبِ الْعِلْمِ (ج 1 / ص 265۔ الرقم: 225) بغية الحارث (ج 1 / ص 31) سنن الدارمي (ج 1 / ص 389) مسند الطيالسي (ج 6 / ص 310) حاشية السندي على ابن ماجه (ج 1 / ص 213)

[2] **حديث نمبر 3:** المستدرك للحاكم (ج 9 / ص 500۔ الرقم: 4187) تحفة الأحوذي (ج 5 / ص 59) شعب الإيمان للبيهقي (ج 17 / ص 8) السنن الكبرى للبيهقي (ج 10 / ص 192) مسند أحمد (ج 18 / ص 137) مسند الشهاب القضاعي (ج 4 / ص 270)

[3] **حديث نمبر 4:** صحيح مسلم (ج 7 / ص 439۔ الرقم: 2703) و اخرجه البيهقي في السنن الكبرى (ج 7 / ص 38) مسند أبي يعلى الموصلي (ج 5 / ص 307) فتح الباري لابن حجر (ج 13 / ص 322) تحفة الأحوذي (ج 8 / ص 187)

Scanned by CamScanner

شان اهلبيت

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جو پاڪ گهر ۽ ان پاڪ گهر ۾ رهڻ وارا جن جي پاڪيزگي خود الله پاڪ هنن لفظن ۾ بيان فرمائي آهي.

اِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ اَهْلَ الْبَيْتِ وَيُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيْرًا ○

(الاحزاب:33)

اي نبي جي گهر وارؤ! الله پاڪ چاهي ٿو ته توهان کان پليتي دور ڪري ۽ توهان کي چڱي طرح پاڪ ڪري. هن آيت ۾ بن لفظن تي غور ڪيو. پهريون **"البيت"** پيو **"اهل بيت"**

1. **البيت :** اسم معرفه آهي. "هڪ خاص گهر" لفظ بيت جي اڳيان جڏهن "الف لام" آيو ته هاڻي اهو ڪو عام گهر نه آهي بلڪ هڪ خاص گهر بنجي ويو. جيئن "ڪتاب" عام ڪتاب "الكتاب" يعني خاص الخاص ڪتاب الكتاب مان مراد قرآن مجيد آهي.

"بيت" ته هزارين لکين ڪروڙين آهن، پر "البيت" هي هڪ خاص گهر آهي جنهن ۾ منو محمد ڪريم ﷺ رهي رهيو آهي اهو گهر سڀني گهرن جو سردار آهي.

حضرت امام نبهاني رحمة الله عليه "جواهر البحار" ۾ ۽ سمهودي "وفاءُ الوفا" ۾ علماء جا اختلاف بيان ڪيان آهن. ڪن چيو ته "مڪي جو شهر افضل آهي، ڪن چيو ته مدينو پاڪ افضل آهي." پوءِ هن ڳالهه تي سڀ علماء متفق ٿيا ته :

اَنَّ الْبُقْعَةَ الَّتِيْ دُفِنَ فِيْهَا رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ اَفْضَلُ مِنَ الْكَعْبَةِ وَمِنَ الْعَرْشِ [1]

(جواهر البحار : جلد۲ ص ۵۴۹)

اها پاڪ زمين جو ٽڪرو جتي رسول الله ﷺ آرامي آهن اها زمين ڪعبة الله ۽ عرش کان به پلاري آهي.

---

[1] وقال ابن تيمية في مجموع فتاوى : إِنَّ تُرْبَةَ النَّبِيِّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَفْضَلُ مِنَ الْمَسْجِدِ الْحَرَامِ أَوْ الْمَسْجِدِ النَّبَوِيِّ أَوْ الْمَسْجِدِ الْأَقْصَى. مجموع فتاوى (ج 6/ ص 198)

Scanned by CamScanner

اُم المؤمنين سيده عائشته الحميراء رضي الله عنها جو پاڪ حجرو جنهن ۾ اڄ سمٽا حبيب آرامي آهن، جنهن جي مٿان "گنبذ خضراء" ٺهيل آهي. مسجد نبوي شريف ۾ ان ئي گهر جي پرسان اڄ به سيده فاطمة الزهرا ۽ مولي علي ڪرم الله وجهه جو گهر موجود آهي. ان گهر لاءِ هڪ روايت ۾ آيو آهي ته :

جَاءَ رَجُلٌ إِلَى ابْنِ عُمَرَ فَسَأَلَهُ عِنْ عَلِيٍّ فَقَالَ لَا تَسْأَلْ عَنْ عَلِيٍّ وَلٰكِنْ اُنْظُرْ إِلَى بَيْتِهِ مِنْ بُيُوْتِ النَّبِيِّ ﷺ قَالَ فَإِنِّي أُبْغِضُهُ قَالَ أَبْغَضَكَ اللّٰهُ. (سنن الكبرىٰ نسائي)[1]

هڪ شخص حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما وٽ آيو ۽ حضرت علي رضي الله عنه جي باري ۾ پڇيائين. پاڻ فرمايائون حضرت علي رضي الله عنه جي شان جي باري ۾ پڇ ئي نه! هوڏانهن نهار حضرت علي رضي الله عنه جو گهر اڄ به (مسجد نبوي سان جڙيل ۽) نبي ڪريم ﷺ جي حجرن سان گڏ موجود آهي. ان شخص چيو ته مان علي سان بغض رکان ٿو. پاڻ فرمايائون الله وري تو سان بغض رکي ٿو.

2- اهل بيت

تطهير واري آيت ۾ جن نفوس قدسيه کي الله تعالي پاڪ بنايو آهي اُهي ڪير آهن؟ انهن ۾ سندن ازواج مطهرات سان گڏ حضرت علي ۽ حسنين ڪريمين وغيره به شامل آهن.

"عنكم ۽ يُطهرُكُم" ۾ "كُم" ضمير جمع مذڪر حاضر آهي. جيڪو ٽي يا ٽن کان وڌيڪ مَردن تي ڳالهايو ويندو آهي يا گهٽ مردن ۽ عورتن تي ڳالهايو ويندو آهي. تطهير واري آيت جيڪڏهن صرف حضور ﷺ جي گهر وارين لاءِ مخصوص هجي ها (جيئن ڪجهه اهل علم جو خيال آهي) ته ان ۾ ضمير جمع مؤنث هجي ها. پوءِ لفظ :

عَنكُن ، يُطهرُكُن هجي ها. هاڻي اچو ته حضرت حبيب ڪريم ﷺ کان پڇون ته اهل بيت ڪير آهن؟

---

1 حديث: السنن الكبرى للنسائي (ج 5/ص 139)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 5:

حضرت عمر بن ابي سلمہ رضي الله عنه کان روايت آهي تہ: جڏهن "تَطهير" واري آيت نازل ٿي تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن ام المؤمنين حضرت بي بي ام سلمہ رضي الله عنها جي گهر ۾ هئا. آيت نازل ٿيڻ بعد پاڻ حضرت بيبي فاطمہ الزهراء رضي الله عنها ۽ امام حسن ۽ امام حسين رضي الله عنهما کي سڏيائون ۽ پنهنجي چادر ۾ لڪايائون ۽ حضرت علي ڪرم الله وجهہ کي پنهنجي پويان ان چادر ۾ لڪايائون پوءِ فرمايائون:

اللَّهُمَّ هٰؤُلَاءِ أَهْلُ بَيْتِي فَأَذْهِبْ عَنْهُمُ الرِّجْسَ وَطَهِّرْهُمْ تَطْهِيرًا (ترمذي)[1]

اي الله هي منهنجا اهل بيت آهن، انهن کان پليتي کي دُور ڪر ۽ انهن کي پاڪن پاڪ بناءِ.

حضرت بيبي اُمِ سلمہ رضي الله عنها عرض ڪيو "يا رسول الله مون کي بہ انهن ۾ شامل فرمايو." پاڻ فرمايائون: "تون پنهنجي جاءِ تي پلائي واري آهين."

سردار گهراڻو

ڪيڇان آيو قافلو ساڻ ڏڻي سرواڻ،
وار وڍي واڳون ڪيان پوانِ هوندَ پلاڻ،
جهڙو پنهلُ پاڻ، تهڙي ستا ساڻ جي.

حبيبن جو گهر سڀ گهرن جو سردار، هن گهر وارا ساري دنيا جا سردار. محبوبِ پاڪ عليہ الصلواة والسلام جو گهر دنيا جي سڀني گهرن جو سردار، هن گهر جا سمورا ماڻهو سڄي دنيا جا سردار. هن مقدس گهراڻي جو سرواڻ متو محمد ڪريم ﷺ سڀ نبين جا سردار آهن بلڪ ڪائناتِ ارض وسموات جي سڀني مخلوق جي سردارن جا بہ سردار آهن. حضرت علي رضي الله عنه عرب جو سردار ۽ سڀني متقين جو سردار.

حضرت امام حسن ۽ امام حسين رضي الله عنهما جنت جي جوانن جا سردار،

---

[1] **حديث نمبر 5:** سنن الترمذي بَاب مَنَاقِبِ أَهْلِ بَيْتِ النَّبِيِّ ﷺ ج 12/ ص 257. الرقم: 3719) و ايضًا اخرجه احمد عن عطاء بن أبي رباح (ج 53/ ص 462) و اخرجه النسائي في السنن الكبرى (ج 5/ ص 113) و الطبراني في المعجم الكبير (ج 3/ ص 90) و الطحاوي في مشكل الآثار بلفظ: هؤلاء أهل بيتي وحامتي فأذهب عنهم الرجس (ج 2/ ص 263)

Scanned by CamScanner

حضرت سيده فاطمہ الزهراء رضي الله عنها سڄي دنيا جي عورتن جي سردار.
حبيبن ڪريمن جون گهرواريون سڄي دنيا جي عورتن ۾ وڏي شان ۽ مانَ ۽ مٹاهين مقام واريون آهن. حديثون ملاحظہ فرمايو، اِنهن سردارن جي شان ۾...

حديث نمبر 6:

عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالَى عَنْهَا قالت قال رسولُ اللهِ ﷺ أَنَا سَيِّدُ وُلْدِ آدَمَ وَعَلِيٌّ سَيِّدُ الْعَرَبِ (مستدرک حاکم)[1]

مان آدم جي اولاد ۾ سيني جو سردار آهيان ۽ علي عرب جو سردار آهي.

حديث نمبر 7: أَنَا أَكْرَمُ وُلْدِ آدَمَ (ترمذي)[2]

مان آدم جي اولاد ۾ سيني کان وڌيڪ عزت وارو آهيان.

عرب جو سردار:

حديث نمبر 8:

عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ، أَنَّ رَسُولَ اللَّهِ ﷺ قَالَ: «مَنْ سَيِّدُ الْعَرَبِ؟» قَالُوا: أَنْتَ يَا رَسُولَ اللَّهِ. قَالَ: «أَنَا سَيِّدُ وُلْدِ آدَمَ، وَعَلِيٌّ سَيِّدُ الْعَرَبِ»[3]

انس بن مالڪ چوي ٿو تہ هڪ ڏينهن رسول الله ﷺ فرمايو عرب جا سردار ڪير آهن؟ اصحابي سڳورن عرض ڪيو تہ يا رسول الله توهان ئي عرب جا سردار آهيو. پاڻ فرمايائون مان آدم جي اولاد ۾ سيني جو سردار آهيان ۽ علي عرب جو سردار آهي.

---

[1] **حديث نمبر** 6: المستدرك على الصحيحين للحاكم كتاب معرفة الصحابة رضي الله عنهم (ج 10 / ص 432) واخرجه الطبراني في المعجم الكبير (ج 3 / ص 148) و في المعجم الأوسط (ج 3 / ص 485)

[2] **حديث نمبر** 7: سنن الترمذي بَاب فِي فَضْلِ النَّبِيِّ ﷺ (ج 12 / ص 56) دلائل النبوة للبيهقي (ج 6 / ص 108) سنن الدارمي (ج 1 / ص 57)

[3] **حديث نمبر** 8: اخرجه الطبرانی فی المعجم الأوسط (2 / 127) واخرجه الحاكم فی المستدرك على الصحيحين عن عائشة رضي الله عنها (ج 10 / ص 432)

Scanned by CamScanner

علیءَ جي اطاعت :

حديث نمبر 9:

عَنْ أَبِيْ ذَرٍّ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللهِ ﷺ مَنْ أَطَاعَنِيْ فَقَدْ أَطَاعَ اللهَ ، وَمَنْ عَصَانِيْ فَقَدْ عَصَى اللهَ ، وَمَنْ أَطَاعَ عَلِيًّا فَقَدْ أَطَاعَنِيْ ، وَمَنْ عَصَىٰ عَلِيًّا فَقَدْ عَصَانِيْ . (رواه الحاكم في المستدرک وقال صحيح الاسناد) [1]

حضرت ابوذر رضي الله عنه ڪان روايت آهي ته حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن فرمايو ته جنهن منهنجي فرمانبرداري ڪئي، ان الله جي فرمانبرداري ڪئي، جنهن منهنجي بي فرماني ڪئي ان الله جي بي فرماني ڪئي. ۽ جنهن علیءَ جي فرمانبرداري ڪئي اُن منهنجي فرمانبرداري ڪئي. ۽ جنهن علي جي بي فرماني ڪئي ان منهنجي بي فرماني ڪئي.
ان مان هي معلوم ٿيو ته حضرت علي رضي الله عنه جي اطاعت رسول الله ﷺ جي اطاعت آهي ۽ رسول الله جي اطاعت خود الله جي اطاعت آهي.

علي ۽ قرآن :

حديث نمبر 10:

عَنْ أُمِّ سَلَمَةَ قَالَتْ قَالَ رَسُولُ اللهِ ﷺ عَلِيٌّ مَعَ الْقُرْآنِ وَالْقُرْآنُ مَعَ عَلِيٍّ لَنْ يَّتَفَرَّقَا حَتّٰى يَرِدَا عَلَيَّ الْحَوْضَ (مستدرک حاکم) [2]

سيده ام سلمة رضي الله عنها روايت فرمائي ٿي ته پاڻ فرمايائون : علي قرآن سان گڏ هوندو، [illegible]

---

[1] **حديث نمبر 9:** المستدرك على الصحيحين للحاكم كتاب معرفة الصحابة ج 10 / ص 424 ـ الرقم: هذا حديث صحيح الإسناد.

[2] **حديث نمبر 10:** المستدرك على الصحيحين للحاكم، كتاب معرفة الصحابة ج 10 / ص 434 ـ الرقم هذا حديث صحيح الإسناد و اخرجه الطبراني في المعجم الأوسط ج 11 / ص 105) و المعجم الصغير القدير ج 4 / ص 470)

459) وقال حاكم

4604) وقال حاكم

ج 2 / ص 342) فيض

Scanned by CamScanner

دنيا ۽ آخرت جي سرداري :

حديث نمبر 11:

عَنْ عَبْدِاللهِ ابْنِ عَبَّاسٍ رَضِي الله عَنْهُمَا قَالَ: نَظَرَ النَّبِي ﷺ اِلٰى عَلِيٍّ فَقَالَ: يَا عَلِيُّ أَنْتَ سَيِّدٌ فِي الدُّنْيَا وَسَيِّدٌ فِي الْآخِرَةِ حَبِيْبُكَ حَبِيْبِيْ وَ حَبِيْبِيْ حَبِيْبُ اللهِ وَعَدُوُّكَ عَدُوِّيْ وَعَدُوِّيْ عَدُوُّاللهِ وَ الوَيْلُ لِمَنْ اَبْغَضَكَ بَعْدِيْ

(رواه الحاكم قال صحيح علىٰ شرط الشيخين)[1]

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما فرمايو ته سهڻي نبي ڪريم ﷺ جن حضرت علي رضي الله عنه ڏانهن نگاهِ رحمت فرمائيندي فرمايائون ته اي علي! تون دنيا ۾ به سردار آهين آخرت ۾ به سردار هوندين. تنهنجو دوست منهنجو دوست آهي. منهنجو دوست الله جو دوست آهي. تنهنجو دشمن منهنجو دشمن آهي، منهنجو دشمن الله جو دشمن آهي. برابادي آهي ان لاءِ جيڪو مون کان پوءِ توسان بغض رکندو.

جنت جي جوانن جا سردار :

حديث نمبر 12:

عَنْ أَبِيْ سَعِيْدِ الخُدْرِيِّ قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ :

اَلْحَسَنُ وَالْحُسَيْنُ سَيِّدَا شَبَابِ أَهْلِ الْجَنَّةِ (ترمذي) 2

سيدنا ابو سعيد خُدري رضي الله عنه روايت ڪري ٿو پاڻ ﷺ فرمايو حسن ۽ حسين جنت جي جوانن جا سردار آهن.

جنت جي عورتن جي سردار :

نبي ڪريم ﷺ جي نياڻي سيده فاطمه جنت جي عورتن جي سردار آهي.

---

1 حديث نمبر 11: المستدرك على الصحيحين للحاكم كتاب معرفة الصحابة (ج 10/ ص 445. الرقم: 4615)

2 حديث نمبر 12: سنن الترمذي بَاب مَنَاقِبِ الْحَسَنِ وَالْحُسَيْنِ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُمَا (ج 12/ ص 238. الرقم: 3701) ايضاً اخرجه الطبراني في المعجم الكبير عن عمر بن خطاب (ج 3/ ص 61) مصنف ابن أبي شيبة (ج 7/ ص 512)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 13:

قال رسول الله ﷺ: اِنَّ فَاطِمَةَ سَيِّدَةُ نِسَاءِ أَهْلِ الْجَنَّةِ (ترمذي) 1

پاڻ فرمايائون: بيشڪ فاطمة الزهراء جنت جي عورتن جي سردار آهي.

حديث نمبر 14:

حضرت ابوهريره رضي الله عنه فرمايو ته هڪ ڏينهن منجهند جي وقت حضور نبي ڪريم ﷺ جن ڪيڏانهن هليا ويا. جڏهن شام جو واپس آيا ته صحابه ڪرام رضي الله عنهم اجمعين مان ڪنهن عرض ڪيو ته يا رسول الله جنهن گهڙي اوهان جو ديدار نه ٿا ڪيون اها گهڙي اسان کي ڏاڍي ڏکي لڳي ٿي. پاڻ فرمايائون: اڄ آسمان جي ملائڪن مان هڪ فرشتي، جنهن منهنجو اڳ ۾ ديدار نه ڪيو هيو، اُن الله پاڪ کان منهنجي ديدار جي اجازت گهري، پوءِ مون وٽ آيو ۽ مون کي اچي خبر ٻڌايائين ته:

اِنَّ فَاطِمَةَ اِبْنَتِيْ سَيِّدَةُ نِسَآءِ اُمَّتِيْ

وَاِنَّ حَسَنًا وَ حُسَيْنًا سَيِّدَا شَبَابِ اَهْلِ الْجَنَّةِ (سنن الكبرىٰ نسائي) 2

منهنجي نياڻي فاطمه منهنجي امت جي زالن جي سردار آهي ۽ حسن ۽ حسين رضي الله عنهما جنت جي جوانن جا سردار آهن.

مؤمنن جُون مائرُون

اَلنَّبِيُّ اَوْلٰى بِالْمُؤْمِنِيْنَ مِنْ اَنْفُسِهِمْ وَ اَزْوَاجُهٗۤ اُمَّهٰتُهُمْ (الاحزاب:6)

نبي ڪريم مومنن کي انهن جي جانين کان به وڌيڪ ويجهو آهي ۽ سندس گهر واريون مومنن جون مائرون آهن. ساهان ويجهو سپرين، پرين ناهه پري،

جنهن ريءَ کين سري، ساعت هڪڙي ساهه جي.

---

1 **حديث نمبر 13:** سنن الترمذي بَاب مَنَاقِبِ الْحَسَنِ وَالْحُسَيْنِ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا (ج 12/ص 251. الرقم: 3714) مسند أحمد (ج 23/ص 377) مصنف ابن أبي شيبة (ج 7/ص 527) السنن الكبرى للنسائي (ج 5/ص 81)

2 **حديث نمبر 14:** السنن الكبرى للنسائي (ج 5/ص 146. الرقم: 8515)

Scanned by CamScanner

يٰنِسَآءَ النَّبِيِّ لَسْتُنَّ كَاَحَدٍ مِّنَ النِّسَآءِ (الاحزاب:32)

اي نبي جو گھرواريون! توهان ٻين زالن جھڙيون ناهيو.

سڀني مدني سردار ﷺ جي نڪاح ۾ ٿيڻ جي سبب توهان ساري دنيا جي عورتن کان شان مان ۾ مٿانهيون آهيو.

جنت جي اڌوڻن جا سردار:

سڀني حبيب ﷺ جا خليفءِ اول و ثاني شيخين ڪريمين سيدنا ابوبڪر صديق ۽ سيدنا عمر فاروق رضي الله عنهما جنت جي اڌوڻ عمر وارن جا سردار هوندا.

حديث نمبر 15:

قَالَ رَسُولُ اللّٰهِ ﷺ أَبُو بَكْرٍ وَعُمَرُ سَيِّدَا كُهُولِ أَهْلِ الْجَنَّةِ مِنَ الْأَوَّلِينَ وَالْآخِرِينَ إِلَّا النَّبِيِّينَ وَالْمُرْسَلِينَ (سنن ابن ماجه) 1

رسول الله ﷺ فرمايو ته ابوبڪر ۽ عمر (رضي الله عنهما) جنت جي اڌوڻ عمر وارن جا سردار هوندا. نبين ۽ رسولن کان سواءِ باقي سڀ اڳين توڙي پوين ماڻهن ۾.

ڪُهول: ڇڪبو آهي ٽيهن (30) کان پنجاهه (50) سالن جي وچواري ڄمار کي.

هن دنيا جي اڳين قومن يا پوين قومن جي اڌوڻ عمر جا جيترا به ماڻهو ٿي گذريا، نبين 7 رسولن کان سواءِ، انهن سڀني ماڻهن جا سردار حضرت ابوبڪر ۽ عمر رضي الله عنهما هوندا. باقي جنت ۾ سڀ ماڻهو هڪ عمر جا جوان هوندا.

---

1 حديث نمبر 15: سنن ابن ماجه بَاب فَضْلِ أَبِي بَكْرٍ الصِّدِّيقِ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ (ج 1 / ص 105 ـ الرقم: 92) سنن الترمذي (ج 12 / ص 123) مسند أحمد (ج 2 / ص 74) مصنف ابن أبي شيبة (ج 7 / ص 473) اخرجه الطبراني في المعجم الكبير ج 15 / ص 478) و المعجم الأوسط (ج 3 / ص 363) و المعجم الصغير (ج 3 / ص 113) مسند أبي يعلى الموصلي (ج 2 / ص 14) صحيح ابن حبان (ج 28 / ص 350) مشكل الآثار للطحاوي (ج 4 / ص 497) بحر الفوائد المسمى بمعاني الأخيار للكلاباذي (ج 1 / ص 60)

Scanned by CamScanner

اهل بيت جي محبت :

حديث نمبر 16:

قال رسول الله ﷺ :مَنْ مَاتَ فِيْ حُبِّ آلِ مُحَمَّدٍ مَاتَ مَغْفُوْرًا لَهٗ [1]

جيڪو ماڻهو منهنجي محمد ڪريم ﷺ جي آل جي محبت ۾ مري ويو تہ اهو گناهن کان بخشيل ٿي مُئو.

پنجتن جي محبت جو انعام :

حديث نمبر 17:

أَنَّ رَسُولَ اللَّهِ ﷺ أَخَذَ بِيَدِ حَسَنٍ وَحُسَيْنٍ فَقَالَ مَنْ أَحَبَّنِي وَأَحَبَّ هَذَيْنِ وَأَبَاهُمَا وَأُمَّهُمَا كَانَ مَعِي فِي دَرَجَتِي يَوْمَ الْقِيَامَةِ. (جامع الترمذي) [2]

هڪ پيري حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن حضرت حسن ۽ حضرت حسين رضي الله عنهما جي هٿ کان وٺي فرمايو تہ جنهن مون سان محبت رکي ۽ هنن ٻنهين سان محبت رکي، هنن جي پيءُ ۽ ماءُ سان محبت رکي تہ قيامت واري ڏينهن اهو مون سان گڏ منهنجي درجي (پاڙي) ۾ هوندو. (سبحان الله)

هيءَ پنجتن جي حبدارن لاءِ وڏي خوشخبري آهي، الله پاڪ شال اسان کي پنجتن جي محبت ۾ جياري ۽ پنجتن جي محبت ۾ ماري. (آمين)

دامنِ اهل بيت پکڑيو!

حديث نمبر 18:

حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنه فرمايو تہ مون سهڻي نبي ڪريم ﷺ جن کي حجة الوداع ۾ ميدانِ عرفات تي ڏٺو. پاڻ قصواء ڏاڇيءَ تي سوار هئا. خطبو ڏيندي فرمايائون :

---

[1] تفسير القرطبي (671ھ) الجزء 16 صفحة 23

2 حديث نمبر 17: سنن الترمذي بَاب مَنَاقِبِ عَلِيِّ بْنِ أَبِي طَالِبٍ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ (ج 12 / ص 195 ـ الرقم: 3666) مسند أحمد (ج 2 / ص 49) المسند الجامع (ج 31 / ص 313) الذرية الطاهرة للدولابي (ج 1 / ص 272) فضائل الصحابة لأحمد بن حنبل (ج 3 / ص 162) كنز العمال (ج 13 / ص 639) تحفة الأشراف (ج 9 / ص 288)

Scanned by CamScanner

يَا أَيُّهَا النَّاسُ إِنِّي قَدْ تَرَكْتُ فِيكُمْ مَا إِنْ أَخَذْتُمْ بِهِ لَنْ تَضِلُّوا كِتَابَ اللَّهِ وَعِتْرَتِي أَهْلَ بَيْتِي (ترمذي) 1

اي انسانو! مون توهان ۾ ٻه شيون ڇڏيون آهن جيڪڏهن انهن ٻنهين کي چنبڙي پوندئو تہ ڪڏهن ٻہ گمراهہ نہ ٿيندئو.

1. الله جو ڪتاب (قرآن مجيد) 2. منهنجا اهل بيت

اي مسلمانو! جيڪڏهن هدايت چاهيو ٿا، گمراهي کان بچڻ چاهيو ٿا تہ هڪ تہ الله تعالي جي قرآن کي پکڙيو ٻيو اهل بيت مصطفيٰ ﷺ جي دامن پکڙيو.

حديث نمبر 19:

حضرت ابوذر غفاري رضي الله عنه ڪعبة الله جي دروازي ۾ هٿ وجهي فرمايو تہ مون رسول الله ﷺ کان ٻڌو پاڻ فرمايائون:

أَلَا إِنَّ مَثَلَ أَهْلِ بَيْتِي مَثَلُ سَفِينَةِ نُوحٍ ، مَنْ رَكِبَ فِيهَا نَجَا ، وَمَنْ تَخَلَّفَ عَنْهَا هَلَكَ (احمد) 2

خبردار! منهنجا اهل بيت نوح عليہ السلام جي ٻيڙي وانگر آهن جو اُن ۾ سوار ٿيو چوتڪارو حاصل ڪيائين جو ان کان رهجي ويو اهو برباد ٿي ويو.

خُلق رسول ﷺ :

حضور ﷺ جي زندگي قرآن جي عملي تفسير آهي ۽ قرآن سڀني نبي ڪريم ﷺ جي زندگي جو آئينو آهي. اهڙو آئينو جنهن ۾ سڀني حبيب ڪريم جي زندگي مبارڪ سج وانگر نظر اچي ٿي.

---

1 حديث نمبر 18: سنن الترمذي بَاب مَنَاقِبِ أَهْلِ بَيْتِ النَّبِيِّ ﷺ (ج 12/ص 256) المسند الجامع (ج 8/ص 180)

2 حديث نمبر 19: فضائل الصحابة لأحمد بن حنبل، فضائل الحسن ، والحسين (ج 3 / ص 381) المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 7/ص 451) و اخرجه الطبراني في المعجم الكبير (ج 3/ص 75) و المعجم الأوسط (ج 8/ص 102) والمعجم الصغير (ج 1/ص 427)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 20:

حضرت امان عائشہ صديقہ رضي الله عنها کان محبوب کريم ﷺ جي اخلاقن بابت پڇيو ويو تہ امان سائڻ فرمايو تہ: أَلَسْتَ تَقْرَأُ الْقُرْآنَ

چا تون قرآن نہ پڙهندو آهين؟ چيائين هائو، امان سائڻ فرمايو تہ:

فَإِنَّ خُلُقَ نَبِيِّ اللَّهِ ﷺ كَانَ الْقُرْآنَ (مسلم، بيهقي) 1

پوءِ بيشڪ رسول الله جو خُلق قرآن ئي هو.

الله تبارڪ و تعالي فرمايو تہ:

وَإِنَّكَ لَعَلٰى خُلُقٍ عَظِيْمٍ ۝ (القلم)

ءِ بيشڪ (اي محبوب) تون وڏي خُلق وارو آهين.

حبيبِ ڪبريا صاحبِ خلق عظيم ﷺ دنيا وارن کي سڀڻا اخلاق سيکارڻ لاءِ تشريف فرما ٿيا.

حديث نمبر 21:

إِنَّ اللهَ بَعَثَنِيْ بِتَمَامِ مَكَارِمِ الْأَخْلَاقِ وَكَمَالِ مَحَاسِنِ الْأَفْعَالِ (شرح السنة) 2

بيشڪ الله تعالي مون کي اعليٰ اخلاقن جا درجا مڪمل ڪرڻ ءِ سڻن ڪمن جا درجا مڪمل ڪرڻ لاءِ موڪليو آهي.

---

1 حديث نمبر 20: صحيح مسلم بَاب جَامِعِ صَلَاةِ اللَّيْلِ وَمَنْ نَامَ عَنْهُ أَوْ مَرِضَ (ج 4/ص 104 ـ الرقم: 1233) شعب الإيمان للبيهقي فصل في خلق رسول الله ﷺ وخلقه (ج 3/ص 462 ـ الرقم: 1408) سنن أبي داود (ج 4/ص 112) السنن الكبرى للبيهقي (ج 2/ص 499) مسند أحمد (ج 49/ص 290) سنن الدارمي (ج 4/ص 356) صحيح ابن حبان (ج 11/ص 80) صحيح ابن خزيمة (ج 4/ص 297)

2 حديث نمبر 21: المعجم الأوسط للطبراني، باب الميم من اسمه: محمد (ج 15/ص 165 ـ الرقم: 7087) مجمع الزوائد ومنبع الفوائد (ج 3/ص 469) المقاصد الحسنة للسخاوي (ج 1/ص 58) واخرجه البيهقي في شعب الإيمان بلفظ "إن الله بعثني بمحاسن الأخلاق، وكمال محاسن الأفعال" (ج 17/ص 10)

Scanned by CamScanner

اطاعتِ حبيب ﷺ

خُلقِ عظيم جي ڏٽي مني محمد ڪريم ﷺ کي دنيا ۾ ان لاءِ موڪليو ويو تہ دنيا وارن کي جيئڻ مرڻ، دنيا ۾ رهڻ جو طريقو ۽ سليقو سيکارن. محبوبن ۽ سندن اهل بيتن جي طريقي کان سواءِ ٻئي هر طريقي ۾ ذلت ۽ رُسوائي آهي. دنيا آخرت جي عزت حبيبن جي غلامي ۾ آهي.

وَاَنَّ هٰذَا صِرَاطِیْ مُسْتَقِیْمًا فَاتَّبِعُوْهُ ۚ وَلَا تَتَّبِعُوا السُّبُلَ فَتَفَرَّقَ بِكُمْ عَنْ سَبِیْلِهٖ ؕ (الانعام:153)

۽ بيشڪ هيءَ منهنجي واٽ ئي سڌي واٽ آهي ان جي ئي تابعداري ڪيو. ٻين واٽن ڏانهن نہ واجهايو جو اهي توهان کي انجي واٽ کان جدا نہ ڪري ڇڏن.

حديث نمبر 22:

عَنْ أَبِيْ هُرَيْرَةَ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللّٰهِ ﷺ

مَنْ أَطَاعَنِي فَقَدْ أَطَاعَ اللّٰهَ وَمَنْ عَصَانِي فَقَدْ عَصَى اللّٰهَ (ابن ماجه) 1

جنهن منهنجي فرمانبرداري ڪئي ان الله جي فرمانبرداري ڪئي. جنهن منهنجي بي فرماني ڪئي ان الله جي بي فرماني ڪئي.

اگر دنيا ۾ ڪنهن کي راضي ڪرڻ چاهيو ٿا تہ:

---

1 حديث نمبر 22: سنن ابن ماجه بَاب اتِّبَاعِ سُنَّةِ رَسُولِ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ (ج 1/ص 5 ـ الرقم: 3) صحيح البخاري بَاب يُقَاتَلُ مِنْ وَرَاءِ الْإِمَامِ وَيُتَّقَى بِهِ (ج 10/ص 114 ـ الرقم: 2737) صحيح مسلم بَاب وُجُوبِ طَاعَةِ الْأُمَرَاءِ فِي غَيْرِ مَعْصِيَةٍ. الخ (ج 6/ص 364 ـ الرقم: 3417) صحيح مسلم (ج 9/ص 365) سنن النسائي (ج 13/ص 95) مسند أحمد (ج 15/ص 166) السنن الكبرى للبيهقي (ج 8/ص 155) مصنف عبد الرزاق (ج 11/ص 329) السنن الكبرى للنسائي (ج 4/ص 432) المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 10/ص 424)

Scanned by CamScanner

وَاللّٰهُ وَرَسُوْلُهٗٓ اَحَقُّ اَنْ يُّرْضُوْهُ ﴿٦٢﴾ (التوبة)

۽ الله ۽ ان جو رسول وڌيڪ حقدار آهن ان ڳالهه جا جو کين راضي ڪيو وڃي.

حديث نمبر 23:

مَنْ رَغِبَ عَنْ سُنَّتِي فَلَيْسَ مِنِّي (بخاري، مسلم)[1]

جنهن منهنجي سنت کان منهن موڙيو اهو مون مان نه آهي.

قرآن مجيد ۾ رب ڪائنات حڪم فرمايو ته:

وَمَآ اٰتٰىكُمُ الرَّسُوْلُ فَخُذُوْهُ ۗ وَمَا نَهٰىكُمْ عَنْهُ فَانْتَهُوْا ۚ (الحشر:7)

۽ جيڪو رسول الله توهان کي ڏئي ته ان کي ئي قابو ڪيو ۽ جنهن کان اوهان کي روڪي ته ان کي ڇڏي ڏيو.

ٻيءَ جاءِ تي رب ڪريم فرمايو آهي ته:

يٰٓاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْٓا اَطِيْعُوا اللّٰهَ وَاَطِيْعُوا الرَّسُوْلَ ○ (النساء:59)

اي ايمان وارؤ الله جي فرمانبرداري ڪيو ۽ رسول الله ﷺ جو چيو مڃيو.

سڄ ته عشق ۽ محبت وارا ان تلاش ۾ هوندا آهن ته محبوب ﷺ ڪيئن اٿيا ڪيئن ويٺا؟ عاشق کي ته معشوق جي هر ادا ماکيءَ کان وڌيڪ مٺي لڳندي آهي.

يهودي ۽ نصاريٰ الله پاڪ سان محبت جي دعويٰ ڪندا هئا رب ڪريم فرمايو ته:

قُلْ اِنْ كُنْتُمْ تُحِبُّوْنَ اللّٰهَ فَاتَّبِعُوْنِيْ يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ ○ (آل عمران:31)

(اي محبوب!) تون فرماءِ ته جيڪڏهن توهان الله سان محبت رکو ٿا ته پوءِ منهنجي تابعداري ڪيو ته الله توهان سان محبت رکندو.

حديث نمبر 24:

حضرت محبوب عربي ﷺ جن فرمايو:

---

1 حديث نمبر 23: صحيح البخاري بَاب التَّرْغِيبِ فِي النِّكَاحِ ج 15 / ص 493 ـ الرقم: 4675) صحيح مسلم بَاب اسْتِحْبَابِ النِّكَاحِ. الخ ج 7 / ص 175 ـ الرقم: 2487) سنن النسائي ج 10 / ص 309) شعب الإيمان للبيهقي ج 11 / ص 458) السنن الكبرى للبيهقي ج 7 / ص 77) مسند أحمد ج 13 / ص 226)

Scanned by CamScanner

إِذَا أَمَرْتُكُمْ بِشَيْءٍ فَأْتُوا مِنْهُ مَا اسْتَطَعْتُمْ وَإِذَا نَهَيْتُكُمْ عَنْ شَيْءٍ فَدَعُوهُ

(مسلم)[1]

جڏهن مان توهان کي ڪنهن شيءِ جو حڪم ڏيان پنهنجي طاقت آهر ان تي عمل ڪيو ۽ جنهن ڪم کان مان توهان کي منع ڪيان تہ ان کان رکجي وڃو.

چو تہ سڀڻا حبيب جيڪو ڪجهہ فرمائن ٿا ان ۾ اسان لاءِ ضرور ڪا پلائي هوندي آهي ۽ جنهن ڪم کان منع ڪن ٿا ان ۾ ضرور اسان لاءِ کو نقصان هوندو آهي.

بمصطفیٰ برسان خویش راکہ دین ہمہ اوست

اگر باو نہ رسیدی تمام بولھبی است

محبوب عربي ﷺ جي سنت شريعت ۽ سندن دين پوري انسانيت لاءِ هر دؤر ۾، هر علائقي ۾، هر ذات، هر قوم لاءِ يڪسان مفيد آهي چو تہ قيامت تائين ايندڙ سڀني نسلن لاءِ بہ سڀڻا حبيب ﷺ نبي بنجي آيا هئا. قرآن پاڪ فرمايو تہ:

قُلْ يٰٓاَيُّهَا النَّاسُ اِنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ جَمِيْعًا ﴿١٥٨﴾ (الاعراف)

(اي محبوب) تون فرماءِ تہ اي انسانو! بيشڪ آءٌ توهان سڀني ڏانهن الله جو رسول بنجي آيو آهيان.

هن سائنسي ۽ تحقيقي دؤر ۾ محبوب جي هر هڪ سنت جون حڪمتون، راز ۽ اسرار ظاهر ٿي رهيا آهن. اميد تہ اها سائنس ماڻهن کي ڪلمو پڙهائي مسلمان بنائيندي.

صحابہ ڪرام ۽ خلفاءِ راشدين

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي هر ادا هر سنت تي تہ عمل ڪرڻ گهرجي پر مدرسہ محمدي ۾ جن غلامن علم ۽ حڪمت جي سند حاصل ڪئي ۽ جن نفوسِ قدسيہ حضور ﷺ کي بلڪل ويجهي کان ڏٺو، صبح شام محبوب جي مجلسن ۾ ويهي فيض پرايائون. حبيبن جي حسين چهري جا ديدار ماڻيائون انهن اصحابن جو طريقو بہ اسان لاءِ قابل تقليد آهي.

حديث نمبر 24: صحيح مسلم بَاب فَرْضِ الْحَجِّ مَرَّةً فِي الْعُمُرِ (ج 7/ص 42۔ الرقم: 2380) اخرجه البخاري في الصحيح بلفظ "فَإِذَا نَهَيْتُكُمْ عَنْ شَيْءٍ فَاجْتَنِبُوهُ وَإِذَا أَمَرْتُكُمْ بِأَمْرٍ فَأْتُوا مِنْهُ مَا اسْتَطَعْتُمْ." صحيح البخاري (ج 22/ص 255 الرقم: 6744) مسند أحمد (ج 16/ص 338) سنن الدارقطني (ج 6/ص 484) صحيح ابن حبان (ج 1/ص 38)

Scanned by CamScanner

چو تہ انهن جون زندگيون غلاميءِ مصطفيٰ ﷺ سان مزين هيون. هن سلسلي ۾ پاڻ ڪريم ﷺ جو ارشاد مبارڪ آهي:

حديث نمبر 25:

عَلَيْكُمْ بِسُنَّتِي وَسُنَّةِ الْخُلَفَاءِ الرَّاشِدِينَ مِنْ بَعْدِيْ

(مسند احمد، ترمذی، ابوداؤد)[1]

توهان تي منهنجي سنت تي عمل ڪرڻ لازم آهي ۽ مون کان بعد ۾ منهنجي هدايت يافته خليفن جي سنت تي عمل ڪرڻ به لازم آهي.

حديث نمبر 26:

حضرت عرباض بن ساريہ رضی اللہ عنہ فرمايو تہ هڪ ڏينهن رسول الله ﷺ خطبو ڏيڻ بيٺا. عمده نصيحتون فرمايائون دليون لرزي ويون، اکيون لڙڪ هارڻ لڳيون. صحابہ عرض ڪيو تہ يا رسول الله اڄ تہ جڏڪ وڇوڙي واري تقرير فرمائي اٿوَ. اگر اسان کان ڪو وعدو ونڊو هجي تہ ونو. پاڻ فرمايائون: "الله کان ڈجو. امير جو حڪم ٻڌڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ لازم بنايو چاهي اُهو ڪو حبشي غلام چو نہ هجي. مون کان بعد ۾ توهان تمام گهڻا اختلاف ڏسندؤ. ان وقت توهان منهنجي سنت ۽ منهنجي هدايت يافته خليفن جي سنت کي لازم پکڙجو، ۽ انهن جي طريقي کي مضبوطيءَ سان ڏندن سان پکڙجو، بدعتن کان بچجو چو تہ هر بدعت گمراهي آهي." (سنن ابن ماجہ)[2]

---

1 حديث نمبر 25: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي الْأَخْذِ بِالسُّنَّةِ وَاجْتِنَابِ الْبِدَعِ (ج 9/ص 287 ـ الرقم: 2600) و اخرجه ابوداؤد في سنن بلفظ: عَلَيْكُمْ بِسُنَّتِي وَسُنَّةِ الْخُلَفَاءِ الْمَهْدِيِّينَ الرَّاشِدِينَ تَمَسَّكُوا بِهَا وَعَضُّوا عَلَيْهَا بِالنَّوَاجِذِ. سنن أبي داود بَابٌ فِي لُزُومِ السُّنَّةِ (ج 12/ص 211ـ الرقم: 3991) سنن ابن ماجه (ج 1/ص 49) مسند أحمد (ج 35/ص 7) المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 1/ص 321) و اخرجه الطبراني في المعجم الكبير (ج 13/ص 162) و المعجم الأوسط (ج 1/ص 69).

حديث نمبر 26: عن الْعِرْبَاضِ بْنِ سَارِيَةَ قَالَ قَامَ فِينَا رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ذَاتَ يَوْمٍ فَوَعَظَنَا مَوْعِظَةً بَلِيغَةً وَجِلَتْ مِنْهَا الْقُلُوبُ وَذَرَفَتْ مِنْهَا الْعُيُونُ فَقِيلَ يَا رَسُولَ اللَّهِ وَعَظْتَنَا مَوْعِظَةَ مُوَدِّعٍ فَاعْهَدْ إِلَيْنَا بِعَهْدٍ فَقَالَ عَلَيْكُمْ بِتَقْوَى اللَّهِ وَالسَّمْعِ وَالطَّاعَةِ وَإِنْ عَبْدًا حَبَشِيًّا وَسَتَرَوْنَ مِنْ بَعْدِي اخْتِلَافًا شَدِيدًا فَعَلَيْكُمْ بِسُنَّتِي وَسُنَّةِ الْخُلَفَاءِ الرَّاشِدِينَ الْمَهْدِيِّينَ عَضُّوا عَلَيْهَا بِالنَّوَاجِذِ وَإِيَّاكُمْ وَالْأُمُورَ الْمُحْدَثَاتِ فَإِنَّ كُلَّ بِدْعَةٍ ضَلَالَةٌ. سنن ابن ماجه (ج 1/ص 49ـ الرقم: 42)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 27:

رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ:

اَصْحَابِیْ كَالنُّجُوْمِ فَبِاَيِّهِمُ اِقْتَدَيْتُمُ اِهْتَدَيْتُمُ (مشكواة المصابيح)[1]

منهنجا اصحابي ستارن جي مثل آهن توهان انهن مان جنهن جي به پيروي كندؤ تہ هدايت وارا ٿيندؤ.

اڻ ڏٺو ايمان:

الله پاڪ جا احكام ٻڌي ان تي ايمان آڻڻ وارا، حضور عليہ الصلواة والسلام جا فرمان ٻڌي انهن تي عمل كرڻ وارا، محبوب مصطفيٰ ﷺ جي سنت ۽ شريعت جي پيروي كرڻ وارا، محبوب جي اهل بيتن ۽ اصحابن جي طريقي تي هلڻ وارا، وڏي اجر ۽ انعام جا حقدار آهن. پر جن معجزا ڏسي، قرآن نازل ٿيندي ڏسي سهڻي نبي كريم ﷺ جا ديدار كري پوءِ ايمان آندو انهن كان وڌيك اڻ ڏٺو ايمان آڻڻ وارا وڌيك مبارك جا حقدار آهن. جيئن پاڻ ﷺ جو فرمان آهي:

حديث نمبر 28:

حضرت ابو اُمامہ رضی اللہ عنہ فرمايو تہ رسول كريم ﷺ جن فرمايو تہ:

طُوبَىٰ لِمَنْ رَآنِي وَآمَنَ بِي وَطُوبَىٰ سَبْعَ مَرَّاتٍ لِمَنْ لَمْ يَرَنِي وَآمَنَ بِي

(مسند احمد، مستدرك حاكم)[2]

مبارك آهي انهن كي جن مون كي ڏٺو ۽ مون تي ايمان آندائون، ۽ ست مبارڪون آهن انهن كي جن منهنجو ديدار به نہ كيو ۽ مون تي ايمان آندائون.

---

[1] حديث نمبر 27: مشكاة المصابيح (ج 3/ص 310) الإبانة الكبرى لابن بطة (ج 2/ص 219)

[2] حديث نمبر 28: مسند أحمد: حَدِيثُ أَبِي أُمَامَةَ الْبَاهِلِيِّ (ج 45/ص 182 ـ الرقم: 21187) المستدرك على الصحيحين للحاكم كتاب معرفة الصحابة (ج 16/ص 315ـ الرقم: 7095) المعجم الكبير للطبراني (ج 7/ص 298) مسند أبي يعلى الموصلي (ج 7/ص 411) كنز العمال (ج 1/ص 67)

Scanned by CamScanner

ڪجھ هن ڪتاب جي متعلق:

ايتري لکڻ بعد هيءَ ڳالھ واضح ٿي وڃي ٿي تہ هڪ مسلمان ۽ مومن هجڻ جي ناتي اسان کي سڀني محبوب مدني ڪريم ﷺ جي هر هڪ سنت تي عمل ڪرڻ لازم آهي ڇو تہ ان ۾ ئي اسان جي ڀلائي آهي. ان کان پوءِ حضور جي اهل بيتن جو طريقو چونڪاري جي ويڙي آهي جنهن تي چڙهي اسان هن دنيا جا درياءَ اُڪري پار پهچي سگهون ٿا ۽ حضور جي اصحابن جو طريقو، جيڪي هدايت جا روشن ستارا آهن، گمراهي جي ٻاٽ اونداهي ۾ اُهي ئي اميدن جا چمڪندڙ چراغ آهن. انهن جو طريقو ئي اسان لاءِ ڪاميابي جو ذريعو آهي. بدعتن کان بچڻ گهرجي ڇو تہ هر بدعت گمراهي آهي.

حضور عليہ الصلواة والسلام جو گهر اُهو گهر آهي جنهن کي ڏسي اسان کي پنهنجو گهر ٺاهڻو آهي. حضور جي گهر وارن جي ڪردار کي ڏسي اسان کي پنهنجي ڪردار کي سنوارڻ گهرجي.

هن ڪتاب ۾ سڀني محبوب ڪريم ﷺ جي پاڪيزه گهريلو زندگي جو نقشو ڇڻيو ويو آهي. ان کان علاوه صحابہ ڪرام، اهل بيت عظام جي گهريلو پاڪيزه زندگي جا عظيم نمونا مستند ڪتابي حوالن سان پيش ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي. جنهن ۾ گهر ٺاهڻ، گهر جا سامان اسباب، گهر ۾ رهڻ، عبادت ڪرڻ، گهر ڏڻي جون ذميداريون، اولاد جا پيءُ ماءُ تي حق، پيءُ ماءُ جا اولاد تي حق، زال جا مڙس تي، مڙس جا زال تي حق ڪهڙا آهن؟ ڪيئن ڪائجي؟ ڇا ڪائجي؟ حلال ڇا آهي حرام ڇا آهي؟ لباس ڪهڙو پائجي ڪهڙو نہ پائجي؟ بيماريون انهن جا علاج، دوائون، دعائون، زندگي گهارڻ ۽ گذارڻ جا سنهري اصول، سڀ قرآن و حديث جي روشني ۾ بيان ڪيا ويا آهن. هي ڪتاب مختصر آهي مگر اهڙو جامع آهي جنهن ۾ زندگي جي تقريباً هر معاملي کي قرآن و سنت جي روشني ۾ بيان ڪيو ويو آهي.

Scanned by CamScanner

عرضِ مؤلف

هن ڪتاب جو لکندڙ فقير ناچيز ڪرم الله نقشبندي قادري پڙهندڙ پائرن کي گذارش ٿو ڪري تہ الحمدلله رب ڪريم جي فضل و ڪرم سان بروز اربع 21 ربيع الثاني 1420 هـ مطابق 04 آگسٹ 1999ع فجر جي نماز درگاهہ فضل آباد شريف ماتلي ۾ ۽ ان ئي ڏينهن جي ٻپهري جي نماز مدينہ طيبہ ۾ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي بارگاهہ بيڪس پناهہ ۾ پڙهڻ جي سعادت نصيب ٿي. 16 جمادي الاول 1420هـ مطابق 28 آگسٹ 1999ع بروز چنڇر واپسي ٿي. چوويهہ ڏينهن محبوب عربي ﷺ جي حضوري ۾ رهڻ جي سعادت نصيب ٿي. ان سفر دوران هن ڪتاب لکڻ جو دل ۾ خيال آيو. مواجہ شريف تي درود و سلام عرض ڪري هن ڪتاب لکڻ جو بارگاهِ مصطفيٰ ﷺ ۾ عرض ڪيم ۽ دعا گهريم تہ اهڙو ڪتاب لکڻ جي توفيق عطا ڪئي وڃي جيڪو محبوب ڪريم ﷺ جي بارگاه ۾ مقبول هجي ۽ خدا جي مخلوق لاءِ فائديمند هجي.

پنهنجي ڪم علمي ۽ بي عملي جي باوجود رب العالمين جي دربار ۾ رحمة العالمين جو وسيلو وجهي دعا گهريم تہ هن مسڪين نا اهل کان اهڙو ڪتاب لکايو وڃي جيڪو منهنجي لاءِ آخرت جي نجات جو سبب بنجي ۽ الله جي ٻانهن محبوب عربي ﷺ جي عاشقن ۽ محبت جي متوالن لاءِ رهبري ۽ رهنمائي جو سبب بنجي. پوءِ الله جي رحمت تي پروسو رکي هن ڪتاب جي لکڻ جي ابتدا حرمِ نبوي کان ڪيم. مسجد نبوي شريف جي اندر بابِ عمر ۽ بابِ عثمان تي ٻہ عظيم ڪتب خانا آهن جن ۾ هزارين ڪتاب مطالعي لاءِ موجود آهن. انهن ڪتابن مان استفادو ڪندي هيءُ ڪتاب لکڻ شروع ڪيم. ان دوران ٻہ چار ڏينهن لاءِ مڪي پاڪ حاضري جو شرف مليو، اتي بہ ملتزم شريف تي هن ڪتاب بابت دعائون گهريم. هن ڪتاب ۾ درج ٿيل گهڻو مواد مسجد نبوي جي ڪتب خانن مان حاصل ڪيو ويو آهي. جڏهن وطن واپس آيس تہ رات ڏينهن هن ڪتاب کي مڪمل ڪرڻ جو خيال دل ۽ دماغ ۾ سوار رهيو. راتن جون ننڊون ۽ آرام بلڪل ختم ٿي ويو هيو.

Scanned by CamScanner

مسجد نبوي ۾ لکيل حديثن کي ترتيب ڏئي ڪتاب لکيم. ڪجھ مواد اڳ ۾ لکيل هيو اهو به هن ڪتاب ۾ شامل ڪيم. ڪجھ پنھنجي ڪتب خانہ جي ڪتابن مان استفادو ڪري ڪتاب کي مڪمل ڪيم.

هن ڪتاب کي ڇھ حصن ۾ تقسيم ڪيو ويو آهي. پھريون حصو گھر، ٻيو حصو گھر ڏٽي، ٽيون حصو گھر واري، چوٿون حصو ھڪ کان وڌيڪ گھر واريون، پنجون حصو اولاد، ڇھون حصو پيءُ ماءُ بابت آهي. هر حصي ۾ گھريلو زندگي ۾ روزمره ماڻھوءَ سان جيڪي معاملات پيش ايندا رهن ٿا انهن کي قرآن و حديث جي روشني ۾ بيان ڪيو ويو آهي. هر حصي ۾ جدا عنوانن سان باب قائم ڪيا ويا آهن، هر باب ۾ ڪيئي عنوان آهن. هر عنوان ۾ حديثون پيش ڪيون ويون آهن. هر حديث جي آخر ۾ حوالا به درج ڪيا ويا آهن. ڪٿي لفظي ترجمو ۽ ڪٿي مفهوم بيان ڪيو ويو آهي. جتي ضرورت محسوس ٿي آهي تہ ترجمي جي وچ ۾ ڏنگيءَ ۾ ڪجھ وضاحت بہ ڪئي وئي آهي. ڪن حديثن جي تشريح ۾ امامن جا مذهب بيان ڪيا ويا آهن. ڪتاب طويل ٿي وڃڻ جي سبب ڪٿي صرف حديث پاڪ جو ترجمو بيان ڪيو ويو آهي.

اُهي عاشقانِ مصطفيٰ ﷺ جيڪي هر وقت محبوب جي ادائن ۽ سنتن جا متلاشي هوندا آهن، انهن عاشقن لاءِ هن ڪتاب ۾ وڏو خزانو آهي. هن ڪتاب ۾ تقريباً سادا ست سؤ (750) حديثون ڳٽپ ۾ آندیون ويون آهن ان کان علاوه سوين حديثون ٻيون بہ درج آهن جن کي شمار ڪونہ ڪيو ويو آهي.

الحمدلله رب ڪريم جي فضل سان ۽ محبوب پاڪ عليہ الصلواة والسلام جي نگاهِ ڪرم سان چاهت ڏينهن (66) ۽ راتين جي مسلسل ڪوششن، محنتن ۽ اوجاڳن جي نتيجي ۾ 29 جمادي الثاني 1420 ھ آچر جي رات ٽين بجي ميمڻ ڳوٺ ڪراچي ملير ۾ هن ڪتاب کي مڪمل ڪيم. جڏهن تہ ان رات ۽ ان وقت منهنجي زندگيءَ جا پنجٽيھ (35) سال مڪمل ٿيا ۽ ڇٽيهون سال شروع ٿيو چو تہ 29 جمادي الثاني 1385 ھ سومر رات ٽين بجي منهنجي ولادت ٿي هئي. پنجٽيهين سال جي پڄاڻيءَ ۾ رب ڪريم هي تحفو عطا فرمايو.

Scanned by CamScanner

الله پاڪ شال منهنجي هن ادنيٰ ڪوشش کي پنهنجي بارگاهه ۾ قبول و منظور فرمائي. هن ڪتاب کي منهنجي آخرت جي چوٽڪاري جو ثمر بنائي، مريدن لاءِ مشعل راه بنائي، محبوب جي عاشقن لاءِ رهبر ۽ رهنما بنائي.


آچر جي رات
29 جمادي الثاني 1420 هـ
10 آڪٽوبر 1999ع
ميمڻ گوٺ ملير ڪراچي

دعاگو
ابو علي ڪرم الله نقشبندي قادري
درگاهه فضل آباد شريف
ماتلي ضلع بدين سنڌ، پاڪستان


الحمد لله رب العالمين

Scanned by CamScanner

پھریون حصو



Scanned by CamScanner



Scanned by CamScanner

بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

باب پهريون

گهر جي اڏاوت

جنهن گهر ۾ انسان رهي ٿو اُن گهر جو اُن جي زندگيءَ سان گهرو تعلق رهي ٿو، کي گهر پاڻ ۾ بخت جو سبب هوندا آهن جن ۾ رهڻ سان ماڻهو سکيو ستابو رهندو آهي. بي فکر ۽ بي ضرر زندگي گذاريندو آهي. کي گهر منحوس ۽ نياڳا هوندا آهن، جتي رهڻ سان ماڻهوءَ جي زندگي فکراتن سان ڀرپور گذري ٿي. جيئن حديث پاڪ ۾ آهي ته :

حديث نمبر 29:

حضرت انس رضی اللہ عنہ روايت کئي ته هڪ شخص رسول الله ﷺ کي عرض کيو ته :

يَا رَسُولَ اللَّهِ إِنَّا كُنَّا فِي دَارٍ كَثِيرٌ فِيهَا عَدَدُنَا وَكَثِيرٌ فِيهَا أَمْوَالُنَا فَتَحَوَّلْنَا إِلَى دَارٍ أُخْرَى فَقَلَّ فِيهَا عَدَدُنَا وَقَلَّتْ فِيهَا أَمْوَالُنَا فَقَالَ رَسُولُ اللَّهِ ﷺ ذَرُوهَا ذَمِيمَةً (ابوداؤد)[1]

يا رسول الله! اسان هڪ گهر ۾ هئاسين جتي اسان جو تعداد وڌي ويو ۽ مال گهڻو ٿي ويو. پوءِ اسان ٻئي گهر ۾ منتقل ٿي وياسين جتي اسان جي (گهر جي ڀاتين جو) تعداد گهٽجي ويو ۽ مال گهٽجي ويو. پاڻ فرمايائون : "چڏيو انهي (گهر کي) برائي جي سبب کان."

معلوم ٿيو ته گهر جو زندگيءَ تي وڏو اثر رهي ٿو. ان کري هن کتاب جي شروعات گهر کان ڪجي ٿي ۽ گهر جا آداب بيان ڪجن ٿا جن تي هلڻ سان انشاءالله گهر رحمت ۽ برڪت سان ڀرپور ٿي ويندو. رهڻ ۽ جيئڻ، گهارڻ ۽ گذارڻ لاءِ گهر هجڻ الله جي وڏي نعمت آهي.

---

[1] حديث نمبر 29: سنن أبي داود بَاب فِي الطِّيَرَةِ (ج 10/ ص 431. الرقم: 3423) شرح السنة للبغوي (12/ 179) مسند الصحابة في الكتب التسعة (ج 20/ ص 427) اخرجه الحافظ ابن حجر في فتح الباري (ج 8/ ص 484) والمناوي في فيض القدير شرح الجامع الصغير (ج 4/ ص 389) والطبري في تهذيب الآثار (ج 3/ ص 492) كنز العمال (ج 10/ ص 127)

Scanned by CamScanner

سياري جي سيءَ، اونهاري جي گرمي، سانوڻ جي مينهن کان بچڻ لاءِ پنهنجي سِرَ ءِ پچڻ جي رهڻ لاءِ اجهو هجڻ الله جي عنايت ءِ نعمت آهي. حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ:

حديث نمبر 30:

أَرْبَعٌ مِنَ السَّعَادَةِ	چار شيون ملڻ ياڳ آهن:
اَلْمَرْأَةُ الصَّالِحَةُ	1) زال نيڪوڪار
وَالْمَسْكَنُ الْوَاسِعُ	2) ڪشادو گھر
وَالْجَارُ الصَّالِحُ	3) نيڪ پاڙيسري
وَالْمَرْكَبُ الْهَنِيءُ	4) اٺ ورچائيندڙ سواري
وَأَرْبَعٌ مِنَ الشَّقَاوَةِ	ءِ چار شيون نياڳ آهن:
اَلْمَرْأَةُ السُّوءُ	1) بچڑي زال
وَالْجَارُ السُّوءُ	2) بچڑو پاڙو
وَالْمَسْكَنُ الضَّيِّقُ	3) سوڙهو گھر
وَالْمَرْكَبُ السُّوءُ	4) بچڑي سواري

(مسند احمد، ابن حبان، مستدرک حاکم)[1]

---

1 حديث نمبر 30: مسند أحمد: مُسْنَدُ سَعِيدِ بْنِ زَيْدِ بْنِ عَمْرِو بْنِ نُفَيْلٍ (ج 3/ص 378۔ الرقم: 1368)
صحيح ابن حبان، باب الهدي (ج 17/ص 68۔ الرقم: 4107)
مسند الصحابة في الكتب التسعة (ج 50/ص 325)
كنز العمال في سنن الأقوال والأفعال (ج 11/ص 92)
جمع الجوامع أو الجامع الكبير للسيوطي (ج 1/ص 3382)
مجمع الزوائد ومنبع الفوائد (ج 3/ص 453)
المسند الجامع (ج 13/ص 265)
المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 6/ص 291)

Scanned by CamScanner

حديث پاڪ مطابق ڪشادو گھر هجڻ به پاڻ ۽ بخت جي نشاني آهي. جنهن ماڻهو کي الله تعالي ڪشادو رزق روزينو ڏنو آهي، اُن کي گھرجي ته پنهنجو گھر ڪشادو ۽ سھڻو بنائي. سھڻو لباس پھري، کاڏو پيتو ستو واپرائي ان سان الله پاڪ خوش ٿئي ٿو.

حديث نمبر 31:

مَنْ اَعْطَاهُ الله خَيْرًا فَلْيُرَ عَلَيْهِ (بيهقي)[1]

جنهن کي الله پاڪ مال ڏنو آهي، پلي ته ان (مال) جو اثر ان (ماڻهو) تي ڏنو وڃي.

اِها به وڏي ناشڪري آهي جو الله پاڪ پنهنجي فضل سان گھڻو ڪجھ عطا ڪيو هجي، پوءِ به ماڻهو پنهنجا حال افعال بچڑا بنايون وتي.

حديث نمبر 32:

هڪ شخص حضور آقاءِ دو عالم ﷺ جن جي خدمت ۾ آيو. ميرا ڪپڑا، وارن ۾ ڏوڙ، غبار آلوده حال ۾ هيو. پاڻ فرمايائون: "تو وٽ ڪجھ مال نه آهي چا؟" عرض ڪيائين الله پاڪ سڀ ڪجھ ڏنو آهي. پاڻ فرمايائون:

إِنَّ اللَّهَ عَزَّ وَجَلَّ إِذَا أَنْعَمَ عَلَىٰ عَبْدٍ نِعْمَةً أَحَبَّ أَنْ تُرَىٰ عَلَيْهِ (مسند احمد، ابن حبان)[2]

الله پاڪ جڏهن ڪنهن بانهي تي نعمت عطا فرمائي ٿو ته رب چاهي ٿو ته، ان نعمت جو اثر ان بانهي تي ظاهر ڏنو وڃي.

الله پاڪ قرآن مجيد ۾ فرمايو آهي ته:

وَاللَّهُ جَعَلَ لَكُمْ مِّنْ بُيُوتِكُمْ سَكَنًا (النحل: 80)

۽ الله توهان جي لاءِ توهان جي گھرن کي آرامگاھ بنايو آهي.

---

[1] حديث نمبر: 31: السنن الكبرى للبيهقي (ج 4/ ص 198) مسند الشهاب للقضاعي (ج 2/ ص 110) كنز العمال في سنن الأقوال والأفعال (ج 6/ ص 511)

[2] حديث نمبر 32: مسند أحمد: حَدِيثُ مَالِكِ بْنِ نَضْلَةَ أَبِي الْأَحْوَصِ (ج 32/ ص 51۔ الرقم: 15327) صحيح ابن حبان، كتاب اللباس وآدابه (ج 22/ ص 368۔ الرقم: 5508) السنن الكبرى للبيهقي (ج 3/ ص 271) مشكل الآثار للطحاوي (ج 7/ ص 57) شعب الإيمان للبيهقي (ج 13/ ص 190) السنن الكبرى للبيهقي (ج 3/ ص 271) المعجم الكبير للطبراني (ج 13/ ص 20) شعب الإيمان للبيهقي (ج 13/ ص 190)

Scanned by CamScanner

گھر انسان لاءِ هڪ اجھو آھي جنھن ۾ پاڻ کي برسات کان، گرمي سردي کان، دشمن کان بچائي ٿو. ھن آيت جي تفسير ۾، تفسير روح البيان ۾ آھي تہ:

ٿڌ وارن علائقن ۾ جتي شديد ٿڌ پوي ٿي اتي ڪڪائين گھر ۾ رھڻ وارو ٿي سگھي ٿو تہ ٿڌ جي سبب مري پوي يا بيمار ٿي پوي تہ اتي سرن جو گھر ٺاھڻ سان ماڻھو زاھدن جي جماعت مان نڪري نہ ٿو وڃي. (يعني اھو زھد نہ آھي جو ھروپرو اھڙي جھوپڙي ۾ رھندي پاڻ کي ھلاڪت ۾ وجھي) يا شديد گرمي واري علائقي ۾ رھڻ وارو جنھن جي اندر گھر ۾ گرمي آھي باھرئين ھوا نہ ٿي لڳي جيتن ۽ مڃرن جو آزار آھي تہ اھڙن علائقن ۾ ڪشادو ۽ صاف گھر يا گھر مٿان بالا خانو (بنگلو) ٺھرائڻ وارو زاھدن جي جماعت مان نڪري نہ ٿو وڃي. (روح البيان جلد 5 سورة النحل)[1]

حديث نمبر 33:

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ:

مَنْ أُعْطِيَ خَيْرًا فَرُئِيَ عَلَيْهِ سُمِّيَ حَبِيبَ اللَّهِ مُحَدِّثًا بِنِعْمَةِ اللَّهِ

وَمَنْ أُعْطِيَ خَيْرًا فَلَمْ يُرَ عَلَيْهِ سُمِّيَ بَغِيضَ اللَّهِ مُعَادِيًا لِنِعْمَةِ اللَّهِ

جنھن شخص کي مال ڏنو ويو (ان کي استعمال ڪيائين ان مان نفعو ورتائين ايستائين جو ان تي ان جو اثر ظاھر ڏنو ويو تہ، الله وٽ) ان جو نالو حبيب الله (يعني الله جو دوست) لکيو وڃي ٿو ۽ نعمت جو قدردان سڏيو وڃي ٿو. ۽ جنھن شخص کي مال ڏنو ويو ۽ ان جو ان تي اثر نہ ڏنو ويو (ان مان ھن نفعو نہ ورتو، بخيلي ڪيائين ايستائين جو) الله وٽ اھو شخص، الله جو دشمن سڏيو وڃي ٿو ۽ نعمتن جو بي قدر سڏيو وڃي ٿو. (ڪتاب العيال جلد ٢)[2]

ھن مان معلوم ٿيو تہ انسان کي پنھنجي ضرورت ۽ حالت آھر گھر ٺاھڻ گھرجي.

گھر ۾ مھمان خانو ٺاھڻ:

جڏھن ڪوبہ ماڻھو گھر ٺاھي تہ ان کي لازم آھي تہ گھر ۾ مھمان خانو ضرور ٺھرائي.

---

[1] تفسير روح البيان للحقي (ج 7/ص 72)

2 حديث نمبر 33:

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 34:

عَنْ اَنَس قَالَ: اِنَّ زَكَواةَ الرَّجُلِ فِيْ دَارِهٖ اَنْ يَجْعَلَ فِيْهَا بَيْتَ الضِّيَافَةِ۔ (كنز العمال) 1

بيشڪ ماڻهو جي گهر جي زڪوات اِها آهي جو پنهنجي گهر ۾ مهمانو خانو ٺهرائي.

جيڪڏهن ڪو غريب الوطن مسافر ملي تہ ان سان خوش اخلاقيءَ سان پيش اچڻ، اُن جي خاطر تواضع ڪرڻ مؤمن پاڻهي جو شيوو آهي.

ڪنهن مسافر کي پنهنجي گهر لاڙي اچڻ ۽ ان کي پنهنجي اوطاق ۾ رهائڻ، اڇيو هجي تہ پاڻي پيارڻ، بکارو هجي تہ ماني کارائڻ تمام وڏي عبادت آهي. ڪنهن جو سفر جو سامان کتي پيو هجي يا ڪنهن وٽ ڪرايو نہ هجي تہ پنهنجي حلال مال مان ان جي مدد ڪرڻ گهرجي.

مهمان ڪنهن پاڻ ۽ بخت واري ماڻهو وٽ ايندا آهن ۽ جنهن گهر ۾ مهمان ايندا رهن ٿا ان گهر ۾ الله پاڪ رحمت برڪت خير و عافيت نازل فرمائي ٿو.

حضرت انس رضی اللہ عنہ فرمايو تہ: "جنهن گهر ۾ مهمان نہ ٿا اچن ان گهر ۾ رحمت جا ملائڪ بہ نہ ٿا اچن."

هڪ حديث ۾ آهي تہ "جو شخص چاهي تہ الله ۽ ان جو رسول ﷺ ان سان محبت رکن تہ ان کي گهرجي تہ ماني مهمان سان گڏ کائي."

دعوت ڏنل مهمان يا اوچتو آيل مهمان ٻئي گهر ڏٺيءَ لاءِ رحمت آهن.

حديث نمبر:35

"جو شخص پنهنجي مسلمان ڀاءُ کي سندس پسند جي شيءِ کارائي (پر حرام نہ هجي) تہ رب پاڪ ان تان دوزخ جي باهہ حرام ڪري ڇڏي ٿو. (بيهقي شعب الايمان) 2

---

[1] حديث نمبر 34: كنز العمال في سنن الأقوال والأفعال (ج 15/ص 390) الجامع لأخلاق الراوي وآداب السامع للخطيب البغدادي (ج 4/ ص 244) جمع الجوامع أو الجامع الكبير للسيوطي (ج 1/ص 16548) فيض القدير شرح الجامع الصغير (ج 5/ص 363)

حديث نمبر 35: عن أبي هريرة. قال: قال رسول الله ﷺ من أطعم أخاه المسلم شهوته حرمه الله على النار شعب الإيمان للبيهقي (ج 7/ص 384)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 36:

جو شخص پنھنجي مسلمان ڀاءُ کي پيٽ ڀري کاڏو کارائي يا ان جي اُڃ لاھڻ جيترو پاڻي پياري تہ، الله تعاليٰ ان کي دوزخ کان ست کاھيون پري ڪري ڇڏي ٿو. ھر ھڪ کاھي جي وچ ۾ پنج سؤ سال جو مفاصلو آھي.' (طبرانی، مستدرک حاکم) 1

بي فائدا گھر:

پنھنجي ذاتي ضرورت ۽ ٻچڙن ٻارن جي ضرورت مطابق گھر ٺاھڻ گھر سنوارڻ جائز بلڪ سنتِ انبياء آھي. ماڻھن ۾ پنھنجي اميري نوابي ظاھر ڪرڻ جي نيت سان ضرورت کان وڌيڪ گھر ٺاھڻ، عالي شان محلات اڏائڻ، جائداد ۽ ڪوٺيون قائم ڪرڻ، انھن تي ڪروڙين روپيہ خرچ ڪرڻ، باغ بنگلا اڏڻ ھرگز درست نہ آھي.

حديث نمبر 37:

حضرت انس بن مالڪ رضی اللہ عنہ فرمايو تہ ھڪ ڏينھن حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن مديني شريف ۾ نڪتا، ھڪ قبہ نُما اُوچو مڪان ڏٺائون. فرمايائون ھيءُ ڪنھن جو گھر آھي؟ اصحابن عرض ڪيو تہ "فلاڻي انصاري جو گھر آھي. پاڻ خاموش ٿي ويا، پر اھا ڳالھ پنھنجي دل ۾ رکيائون. جڏھن اھو اصحابي سندن خدمت ۾ آيو، ماڻھن جي وچ ۾ سلام ڪيائين، پاڻ ان کي سلام جو جواب نہ ڏنائون ۽ ان کان مُنھن ٻئي طرف ڦيرائي ڇڏيائون. اھو اصحابي سمجھي ويو تہ سھڻا حبيب ناراض آھن، پوءِ ان اصحابي ماڻھن کان پڇا ڪئي تہ "حضور چو مون سان ناراض ٿيا آھن؟ چيائون حضرت جن تنھنجي جاءِ (منفرد اوچو مڪان) ڏٺو ھئائون ۽ پڇيائون تہ ڪنھن ٻھرايو آھي؟ اھو انصاري اصحابي موٽيو ۽ ان مڪان کي ڍاھي پٽ ڪيائين، وري ھڪ ڏينھن مديني جي تاجدار ۽ غريبن جي غم خوار ﷺ جو اتان کان گذر ٿيو تہ اھو اوچو مڪان نظر نہ آيو. فرمايائون:

"ھي مڪان ڪيڏانھن ويو؟"

---

1 حديث نمبر 36: عن عبد الله بن عمرو بن العاص رضي الله عنهما قال قال رسول الله صلى الله عليه وسلم من أطعم أخاه خبزا حتى يشبعه وسقاه ماء حتى يرويه بعده الله عن النار سبع خنادق بعد ما بين خندقين مسيرة خمسمائة سنة.
المستدرك على الصحيحين للحاكم، كتاب الأطعمة (ج 17/ ص 2۔ الرقم: 7276)

Scanned by CamScanner

عرض ڪيو ويو يا رسول الله! اوهان جي ناراضگي سبب ڏهرائيو ويو. پاڻ فرمايائون:

أَمَا إِنَّ كُلَّ بِنَاءٍ وَبَالٌ عَلَى صَاحِبِهِ إِلَّا مَا لَا إِلَّا مَا لَا۔ (يَعْنِي مَا لَا بُدَّ مِنْهُ). (سنن ابوداؤد) 1

هر تعمير ان جي مالڪ تي وبال آهي، سواءِ ان جي جيڪا ضروري آهي.

يعني ضرورت جي قدر جڳهه ٺهرائڻ جي اجازت آهي ان کان وڌيڪ تعمير ٺهرائيندڙ لاءِ مصيبت جو سبب آهي.

حضرت ابراهيم نخعي رحمة الله عليه فرمايو ته:

هر ڪا جاءِ سندس ٺهرائيندڙ تي وبال آهي، پچيو ويو ته: پلا جيڪا لاچاريءَ ضروري آهي، ان لاءِ چا ٿا فرمايو؟

لَا أَجْرَ وَلَا وِزْرَ (ترمذی) 2

لاچاري ضروري جاءِ ٺهرائڻ جو نه ڪو ثواب آهي نه ڪو گناهه.

حديث نمبر 38:

عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ ﷺ النَّفَقَةُ كُلُّهَا فِي سَبِيلِ اللَّهِ إِلَّا الْبِنَاءَ فَلَا خَيْرَ فِيهِ (ترمذی) 3

حضرت انس رضي الله عنه روايت ڪري ٿو ته رسول الله ﷺ فرمايو سڀ خرچ الله جي راهه ۾ آهن سواءِ جاين ٺهرائڻ واري خرچ جي، ان ۾ ڪا برڪت نه آهي.

---

[1] حديث نمبر 37: عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ أَنَّ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ خَرَجَ فَرَأَى قُبَّةً مُشْرِفَةً فَقَالَ مَا هَذِهِ قَالَ لَهُ أَصْحَابُهُ هَذِهِ لِفُلَانٍ رَجُلٍ مِنَ الْأَنْصَارِ قَالَ فَسَكَتَ وَحَمَلَهَا فِي نَفْسِهِ حَتَّى إِذَا جَاءَ صَاحِبُهَا رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يُسَلِّمُ عَلَيْهِ فِي النَّاسِ أَعْرَضَ عَنْهُ صَنَعَ ذَلِكَ مِرَارًا حَتَّى عَرَفَ الرَّجُلُ الْغَضَبَ فِيهِ وَالْإِعْرَاضَ عَنْهُ فَشَكَا ذَلِكَ إِلَى أَصْحَابِهِ فَقَالَ وَاللَّهِ إِنِّي لَأُنْكِرُ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالُوا خَرَجَ فَرَأَى قُبَّتَكَ قَالَ فَرَجَعَ الرَّجُلُ إِلَى قُبَّتِهِ فَهَدَمَهَا حَتَّى سَوَّاهَا بِالْأَرْضِ فَخَرَجَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ذَاتَ يَوْمٍ فَلَمْ يَرَهَا قَالَ مَا فَعَلَتْ الْقُبَّةُ قَالُوا شَكَا إِلَيْنَا صَاحِبُهَا إِعْرَاضَكَ عَنْهُ فَأَخْبَرْنَاهُ فَهَدَمَهَا فَقَالَ أَمَا إِنَّ كُلَّ بِنَاءٍ وَبَالٌ عَلَى صَاحِبِهِ إِلَّا مَا لَا إِلَّا مَا لَا يَعْنِي مَا لَا بُدَّ مِنْهُ. سنن أبي داود بَاب مَا جَاءَ فِي الْبِنَاءِ ج 13/ص 476۔ الرقم: 4559)

شعب الإيمان للبيهقي ج 22/ص 121) مشكل الآثار للطحاوي ج 2/ص 446)

[2] حديث: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي صِفَةِ أَوَانِي الْحَوْضِ. باب منه ج 9/ص 20) شعب الإيمان للبيهقي ج 22/ص 124)

[3] حديث نمبر 38: سنن الترمذي ج 9/ص 22) كنز العمال ج 15/ص 402) تحفة الأحوذي ج 6/ص 274)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 39:

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ :

يُؤْجَرُ الرَّجُلُ فِي نَفَقَتِهِ كُلِّهَا إِلَّا التُّرَابَ أَوْ قَالَ فِي الْبِنَاءِ (ترمذی)[1]

ماڻهو جيڪو بہ خرچ ڪري ٿو ان جو اجر ۽ ثواب ڏنو ويندو سواءِ ان خرچ جي جيڪو متيءَ تي ڪيائين يعني تعمير تي خرچ ڪيائين.

ضرورت کان وڌيڪ گھر اڏائڻ انسان لاءِ ذلت ۽ خواري جو سبب آهي.

داناءَ جو قول : ڪنهن ماڻهو کي مسڪين يا ذليل و خوار بنائڻو هجي تہ ان کي بہ صلاحون ڏيو يا تہ گھر ٺاهڻ جي صلاح ڏيوس يا (مَهوسي) سون ٺاهڻ جو مشورو ڏيوس. پاڻهين مسڪين ۽ محتاج ٿي ويندو. سڏي نبي ڪريم ﷺ بہ ان طرف اشارو ڏنو آهي.

حديث نمبر 40:

إِذَا أَرَادَ اللَّهُ بِعَبْدٍ هَوَانًا أَنْفَقَ مَالَهُ فِي الْبُنْيَانِ (طبرانی اوسط)[2]

جڏهن الله تعاليٰ ڪنهن بانهي کي خوار ڪرڻ جو ارادو فرمائيندو آهي تہ ان جو مال جاين نهرائڻ ۾ خرچ ٿيندو آهي.

بزرگن جو فرمان آهي تہ حلال ۽ جائز مال کڏهن بہ پاڻيءَ ۽ متيءَ تي خرچ نہ ٿيندو آهي.

هڪ بزرگ کڃہ پئسہ جاءِ جي تعمير ۾ لڳايا پوءِ سڄي رات ننڊ نہ آيس. سوچڻ لڳو تہ منهنجا پئسہ تہ حلال جا هيا پوءِ پاڻي ۽ متيءَ ۾ ڪيئن خرچ ٿي ويا؟

روايت ۾ آهي تہ حضرت عمر فاروق رضی اللہ عنہ فرمايو تہ :

عَلَىٰ كُلِّ خَائِنٍ اَمِيْنَانِ اَلْمَاءُ وَالطِّيْنُ (کنزالعمال)[3]

هر هڪ خيانت ڪندڙ تي بہ امين آهن: هڪ پاڻي ٻيو متي.

---

[1] حديث نمبر 39: سنن الترمذي، بَاب مَا جَاءَ فِي صِفَةِ أَوَانِي الْحَوْضِ، باب منه (ج 9/ ص 23۔ الرقم: 2407) روضة المحدثين (ج 6/ ص 234) تحفة الأحوذي (ج 6/ ص 275) فتح الباري لابن حجر (ج 18/ ص 52)

[2] حديث نمبر 40 : المعجم الأوسط للطبراني من اسمه : مقدام (ج 19/ ص 270۔ الرقم: 9187) شعب الإيمان للبيهقي (ج 22/ ص 135) مجمع الزوائد ومنبع الفوائد (ج 2/ ص 70) فتح الباري لابن حجر (ج 18/ ص 52)

[3] كنز العمال (ج 15/ ص 491)

Scanned by CamScanner

فاروقي فرمان:

حضرت عبدالله رومي رحمة الله عليه فرمايو تہ: مان جڏهن اُم طلق جي گھر ويس تہ گھر جي چت تمام گھٽو هيٺ هئي مون چيو تہ "امان گھر جي چت چو ايترو هيٺ ٿاهي اٿوَ؟" چيائين تہ "پٽ! حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه پنهنجي سيني گورنرن کي فرمان جاري کيو آهي تہ:

لَا تَطِيْلُوا بِنَاءَكُمْ فَإِنَّ شَرَّ اَيَّامِكُمْ يَوْمَ تَطِيْلُوْنَ بِنَاءَكُمْ (کنز العمال)[1]

ڊگھيون اوچيون جايون نہ ٿاهيو چو تہ توهان جي لاءِ اُهي ڏينهن ڏاڍا بيڻرا هوندا جنهن ڏينهن توهان ڊگھيون عمارتون ٿاهيندؤ.

جنت ۾ گھر ٿاهيو:

اي مسلمانؤ! دنيا جا گھر تہ ٿاهيو ٿا پر هڪ گھر جنت ۾ ٿاهيو چو تہ دنيا جا گھر هڪ ڏينهن فنا ٿي ويندا جنت جو گھر سدائين قائم هوندو.

تاجدار کائنات جو فرمان عالي شان آهي تہ:

حديث نمبر 41:

مَنْ صَلَّى بَيْنَ الْمَغْرِبِ وَالْعِشَاءِ عِشْرِينَ رَكْعَةً بَنَى اللّٰهُ لَهُ بَيْتًا فِي الْجَنَّةِ (ابن ماجه)[2]

جيڪو ماڻهو (گھر ۾) سڄ لٿي ۽ سومهياڻي نمازن جي وچ ۾ ويهہ رڪعتون نفل نماز پڙهندو الله تعالىٰ ان لاءِ جنت ۾ گھر ٿاهيندو.

گھر ٿاهڻ جا آداب:

1. جڏهن ٿاهيو تہ تَصَنعُ ۽ بناوٽ جي بجاءِ سادگي اختيار کيو.
2. گھر اولهہ منهن يا اوپر منهن ٿاهيو.
3. گھر اهڙي طرح ٿاهيو جيئن اندر هوا ۽ روشني ۽ سڄ جي اُس داخل ٿي سگھي.

---

[1] کنز العمال (ج 15/ص 492)

[2] حديث نمبر 41 : سنن ابن ماجه بَاب مَا جَاءَ فِي الصَّلَاةِ بَيْنَ الْمَغْرِبِ وَالْعِشَاءِ (ج 4/ ص 280۔ الرقم: 1363) مسند أبي يعلى الموصلي (ج 10/ص 205) کنز العمال (ج 7/ص 387) المسند الجامع (ج 49/ص 191)

Scanned by CamScanner

4. گهر کي دريون ۽ دروازا لڳايو جو تہ کنهن چيو آهي تہ:

گهر بي در، درخت بي ثمر بيڪار آهي.

هڪ بزرگ پنهنجي مريد جي گهر مهمان ٿي ويو، مريد کان پڇيائين تہ هي دري ڇا لاءِ رکائي اٿئي؟ ڇيائين هوا لاءِ. فرمايائين اها نيت کريو ها تہ هن طرف مسجد آهي ان دريءَ مان اذان جو آواز پڏندس تہ اها دري بہ تنهنجي عملن صالحن ۾ توري وڃي ها.

5. گهر ناهيو تہ ان ۾ بيت الخلا بہ نهرايو. رهائش جي ڪمري سان گڏ بيت الخلا (Attach Bathroom) نهرائڻ ۾ ڪو حرج ناهي پر پوءِ ان جي صفائي جو خاص خيال رکو.

6. گهر جي دروازي تي يا گهٽيءَ ۾ جيڪڏهن پاڻيءَ جي سبيل نهرايو تہ وڏي عبادت آهي. عربن ۾ اڄ تائين ڏٺو ويو آهي تہ گهرن جي ٻاهران پاڻيءَ جي سبيل ضرور نهرائيندا آهن.

لا علاج جو علاج:

هڪ شخص سخت بيمار لاعلاج ٿي پيو رات جو خواب ۾ محبوبن ڪريمن ﷺ فرمايس تہ گهر جي در تي پاڻي جي سبيل نهراءِ. ائين ڪيائين ڪجهہ ڏينهن ۾ صحتمند ٿي ويو.

حديث نمبر 42:

لَيْسَ صَدَقَةٌ اَعْظَمَ اَجْراً مِنْ مَاءٍ (بيهقي)[1]

ڪوبہ صدقو (خيرات) پاڻيءَ پيارڻ کان وڌيڪ اجر وارو نہ آهي.

ٿي شيون باعثِ برڪت ۽ باعثِ نحوست:

حديث نمبر 43:

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ : ٽن شين ۾ برڪت بہ هوندي آهي ۽ نحوست بہ ٿي پوندي آهي. 1. زال 2. گهر 3. گهوڙو

(نسائي، سنن الڪبريٰ)2

---

[1] حديث نمبر 42: شعب الإيمان للبيهقي. باب ما جاء في إطعام الطعام وسقي الماء (ج 7/ص 380۔ الرق: 3227) كنز العمال (ج 6/ص 414)

حديث نمبر 43: قَالَ رَسُولُ اللّٰهِ ﷺ لَا عَدْوَى وَلَا طِيَرَةَ إِنَّمَا الشُّؤْمُ فِي ثَلَاثٍ فِي الْفَرَسِ وَالْمَرْأَةِ وَالدَّارِ. صحيح البخاري بَاب لَا عَدْوَى (ج 18/ص 68۔ الرقم: 5329) السنن الكبرى للنسائي (ج 3/ص 38)

Scanned by CamScanner

محدثن ان جي تشريح ڪندي فرمايو آهي تہ انهن ٽن شين ۾ برڪت ڪهڙي آهي ۽ نحوست ڪهڙي آهي؟

1. **زال :** ۾ برڪت اِها آهي جو ٿورو مهر، آسان نڪاح، سٺا اخلاق هجن ۽ زال ۾ نحوست اِها آهي جو ڳرو مهر هجي، مشڪل نڪاح هجي ۽ بداخلاق هجي.

2. **گهر :** ۾ برڪت اِها آهي جو ڪشادو هجي ۽ پاڙو پلو هجي. گهر ۾ نحوست اِها آهي جو سوڙهو هجي ۽ پاڙو خراب هجي.

3. **گهوڙي :** ۾ برڪت اِها آهي جو فرمانبردار تيز رفتار هجي. گهوڙي ۾ نحوست اِها آهي جو برين عادتن وارو هجي ۽ مالڪ کي سوار ٿيڻ نہ ڏئي.

حديث نمبر 44:

حضرت عبدالله بن عمرو رضي الله عنہ فرمايو تہ مان ۽ منهنجي ماءُ پت جي لپائي ڪري رهيا هئاسين تہ رسول الله ﷺ جو اتان کان گذر ٿيو. پاڻ فرمايائون اي عبدالله هي چا آهي؟ مون چيو تہ يا رسول الله پت کي درست ڪري رهيا آهيون. پاڻ فرمايائون :

"موت ان کان وڌيڪ ويجهو آهي." (ابوداؤد) 1

حديث نمبر 44: عَنْ عَبْدِ اللَّهِ بْنِ عَمْرٍو قَالَ مَرَّ بِي رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَأَنَا أُطَيِّنُ حَائِطًا لِي أَنَا وَأُمِّي فَقَالَ مَا هَذَا يَا عَبْدَ اللَّهِ فَقُلْتُ يَا رَسُولَ اللَّهِ شَيْءٌ أُصْلِحُهُ فَقَالَ الْأَمْرُ أَسْرَعُ مِنْ ذَلِكَ

سنن أبي داود بَاب مَا جَاءَ فِي الْبِنَاءِ (ج 13 / ص 475. الرقم: 4558)

Scanned by CamScanner

باب ٻيون

گھر کي سينگارٽ

جھڙي طرح سان گھرن جي اڏاوت ۾ اجاين شاهه خرچين کان منع آهي ان طرح بي سود بناوت، سجاوت ۾ فضول خرچين کان به الله ۽ ان جي رسول ﷺ جن منع فرمائي آهي.

گھرن جي ديوارن تي پردا لڙکائڻ:

حديث نمبر 45:

حضرت عمر فاروق رضی اللہ عنہ کي خبر پئي ته سندس پٽ عبدالله بن عمر جي گھر واري صفيه پتين کي پردن يا کنهن شيءِ سان ڍڪيو آهي. پاڻ ان کي ڊاهڻ لاءِ سندس گھر ڏانهن وڃڻ لڳا. جڏهن ٻيبي صفيه کي خبر پئي ته ان اُهو پردو ئي کڻي ڇڏيو. جڏهن حضرت عمر رضی اللہ عنہ آيو ته کجھ به نه ڏنائين، فرمايائين: ماڻهن کي ڇا ٿي ويو آهي اُهي اسان وٽ اچي کوڙ ڳالهائن ٿا. پنهنجي گھر جي ديوارن تي پردا لڙکايا آهن. پاڻ فرمايائون الله جو قسم جيکڏهن ائين آهي ته مان سندس گھر کي ئي ڊاهي ڇڏيندس. (کنزالعمال)[1]

حديث نمبر 46:

پاڻ ﷺ فرمايائون توهان وٽ دنيا جي دولت ايتري گھڻي ٿيندي جو توهان پنهنجي گھرن کي پردن سان ائين ڍڪيندؤ جيئن کعبه تي غلاف چڙهيل آهي، پر ان ڏينهن (دنيا داري) کان اڄ ڏينهن اوهان لاءِ پلو آهي. (مجمع الزوائد)[2]

حديث نمبر 45: عن نافع قال: بلغ عمر أن صفية امرأة عبد الله بن عمر سترت بيوتها بقرام أو غيره، فذهب عمر وهو يريد أن يهتكه، فبلغهم فنزعوه، فلما جاء عمر لم يجد شيئا فقال: ما بال أقوام يأتوننا بالكذب (کنز العمال ج 14/ص 102)

حديث نمبر 46: قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: سَتُفْتَحُ عَلَيْكُمُ الدُّنْيَا حَتَّى تُنَجِّدُوا بُيُوتَكُمْ كَمَا تُنَجَّدُ الْكَعْبَةُ. قُلْنَا: وَنَحْنُ عَلَى دِينِنَا. قَالَ: نَعَمْ، فَأَنْتُمُ الْيَوْمَ خَيْرٌ مِنْ يَوْمَئِذٍ. قُلْنَا: يَوْمَئِذٍ. قَالَ: بَلْ أَنْتُمُ الْيَوْمَ خَيْرٌ۔

المعجم الكبير للطبراني (ج 15/ص 482) مجمع الزوائد (ج 10/ص 323)

Scanned by CamScanner

دروازن تي پردا لڙکائڻ:

گھر جي ٻاھرئين دروازي تي ڏيڏي نھرائڻ لازم آھي ته جيئن ٻاھرئين ماڻھو جي نظر گھر ۾ نه پوي، اگر ڏيڏي نھيل نه آھي ته دروازي تي پردو لڙکائڻ ضروري آھي.

حديث نمبر 47:

حضرت ابوذر رضي الله عنه کان روايت آھي ته حضرت حبيب کريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته:

مَنْ كَشَفَ سِتْرًا فَأَدْخَلَ بَصَرَهُ فِي الْبَيْتِ

جنھن ماڻھو پردو ھٽايو ۽ پرائي گھر ۾ نظر وڌائين، گھر ڌڻي جي اجازت کان سواءِ اندر نھاريائين عورت ڏٺائين ته اھو ھرگز جائز نه آھي. جيڪڏھن گھر ڌڻي پٺر ھٽي ان جي اک کڏي وڃي ان تي کو گناھ نه آھي. پر جيڪڏھن کو ماڻھو کنھن گھر کان لنگھيو دروازي تي پردو لڙکيل نه آھي، دروازو به کُليل آھي ڏسندڙ تي گناھ نه آھي اھو گھر ڌڻي تي گناھ آھي. (ترمذی)[1]

حديث پاڪ مان معلوم ٿيو ته گھر جي ٻاھرئين دروازي تي پردو لڳائڻ لازم آھي جنھن سان گھر جو پردو برقرار رھي ٿو. لوفر ماڻھو کي اندر نھارڻ جي مجال نه ٿي رھي.

حديث نمبر 48:

مَنِ اطَّلَعَ فِي بَيْتِ قَوْمٍ بِغَيْرِ إِذْنِهِمْ، فَقَدْ حَلَّ لَهُمْ أَنْ يَفْقَئُوا عَيْنَهُ (مسلم)[2]

جو شخص گھر ڌڻي جي اجازت بغير ان جي گھر ۾ نھاري ته گھر ڌڻي تي حلال آھي ته ان جي اک کڏي وڃي.

---

[1] حديث نمبر 47: سنن الترمذي ج 9/ص 338)
كنز العمال ج 9/ص 108)
المسند الجامع ج 38/ص 20)

[2] حديث نمبر 48: صحيح مسلم (ج 11/ص 115) و ايضاً اخرجه البخاري في الصحيح بلفظ: عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ قَالَ قَالَ أَبُو الْقَاسِمِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَوْ أَنَّ امْرَأً اطَّلَعَ عَلَيْكَ بِغَيْرِ إِذْنٍ فَخَذَفْتَهُ بِعَصَاةٍ فَفَقَأْتَ عَيْنَهُ لَمْ يَكُنْ عَلَيْكَ جُنَاحٌ. (ج 21/ص 211) سنن النسائي ج 15/ص 21) مسند أحمد ج 18/ص 178)

Scanned by CamScanner

گھر ۾ ٽيلي فون لڳائڻ:

پنھنجي گھر ۾ ٽي وي، وي سي آر، ڊش اينٽينا هرگز نه لڳايو. معاشري ۾ اڄ جيڪا بي حيائي عُرياني ۽ فحاشي ڦھلجي رهي آهي ان ۾ وڏو ڪردار ٽي وي ۽ ڊش جو آهي. پنھنجي عزت ۽ ناموس بچائڻ چاهيو تہ اُهي بي حيائي جا شيطاني اوزار گھر ۾ نہ رکو. انھن سان پارن جي ذهنيت گندي ٿئي ٿي. ان کان علاوه پنھنجي گھرن ۾ ٽيلي فون نہ لڳايو، ان سان بہ گھٽن عزت وارن گھرن جي عزت خاڪ ۾ ملي وئي آهي. اگر مجبوراً لڳايو تہ عورتن کي سختيءَ سان منع ڪيو تہ ڪابہ عورت فون کي هٿ نہ لائي. ۽ اگر ڳالھ ڪرڻي بہ پئجي وڃي تہ سخت لھجي ۾ ڳالھائن تہ جيئن جنھن جي دل ۾ مرض هجي ان کي ٻيهر ڳالھائڻ جي همت ۽ جرائت نہ ٿئي.

گھر ۾ تصويرون لڳائڻ:

زينت و آرائش لاءِ گھٽا ماڻھو گھرن ۾ ديوارن تي تصويرون فوٽو وغيره لڳائيندا آهن. پنھنجي پسند جي فلمي اداڪارن ۽ سياسي ليڈرن جا فوٽو فريمن ۾ بند ڪري ديوارن تي لڳائيندا آهن. کي وري مذهبي ذهن رکڻ وارا ماڻھو دڪان مڪان يا اوطاق ۾ پنھنجي پير و مرشد جو فوٽو لڳائيندا آهن ۽ سمجھندا آهن تہ ان سان گھر ۾ دڪان ۾ خير برڪت نازل ٿئي ٿي. ڪجھ ماڻھو صبح جو سوير اٿي فوٽو اڳيان پانھون ٻڌي ٻيھي التجا ڪندا آهن ۽ کي وري تازا گلاب جي گلن جا هار وٺي فوٽو کي پارائيندا آهن. هي جاهلانہ رسمون آهن، انھن کان بچڻ گھرجي. حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ :

حديث نمبر 49:

لعن الله المصور والمصور له [1]

فوٽو ڪيندڙ ۽ فوٽو ڪيرائيندڙ تي الله جي لعنت آهي.

بعض جديد محققن هتي تصوير مان مراد تِمثال مُورتي يا بُت ورتو آهي. انھن شمسي عڪس يعني فوٽو گرافي جي جواز جي فتويٰ ڏني آهي. (والله ورسوله اعلم)

حديث نمبر 49: اخرج أحمد في مسنده بلفظ (59/31): إِنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ نَهَى عَنْ ثَمَنِ الدَّمِ، وَثَمَنِ الْكَلْبِ، وَكَسْبِ الْبَغِيِّ، وَلَعَنَ آكِلَ الرِّبَا، وَمُوكِلَهُ، وَالْوَاشِمَةَ وَالْمُسْتَوْشِمَةَ، وَلَعَنَ الْمُصَوِّرَ. اخرج البخاري قَالَ رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُولُ مَنْ صَوَّرَ صُورَةً فِي الدُّنْيَا كُلِّفَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ أَنْ يَنْفُخَ فِيهَا الرُّوحَ وَلَيْسَ بِنَافِخٍ. صحيح البخاري (ج 18/ ص 346)

Scanned by CamScanner

کي شوقين وري گھر ۾ شوکيس "Show cases" ۾ شينهن، هاٿي، گھوڙو وغيره جانورن جا مجسما چيني يا ڪاشي ڪاٺ وغيره مان نهيل سجائي رکندا آهن. ياد رکو ان کان الله جي حبيب ﷺ جن منع فرمائي آهي.

گھر ۾ ملائڪن جي داخلا تي بندش :

حديث نمبر 50:

أَنَّ الْمَلَائِكَةَ لَا تَدْخُلُ بَيْتًا فِيهِ تَمَاثِيلُ أَوْ صُورَةٌ (ترمذي)[1]

بيشڪ ملائڪ (رحمت وارا) ان گھر ۾ داخل ئي نه ٿا ٿين جنهن گھر ۾ مجسما آهن يا تصويرون آهن.

حديث نمبر 51:

حبيبِ ڪبريا حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن فرمايو ته :

لَا تَدْخُلُ الْمَلَائِكَةُ بَيْتًا فِيهِ كَلْبٌ وَلَا صُورَةُ تَمَاثِيلَ (ترمذی)[2]

ان گھر ۾ ملائڪ داخل نه ٿا ٿين جنهن گھر ۾ ڪتو هجي يا تصوير مجسمو هجي.

ڪتن جا شوقين :

اڇڪلهه حال اِهو آهي جو يتيمن غريبن مسڪينن کي ته دران ڏڪاريو وجي ٿو پر گھر ۾ ڪتا شوق سان پاليا وجن ٿا. زميندارن جي اوطاقن ۾، ڪجهه مذهبي ماڻهن جي گھرن ۾، آفيسرن جي بنگلي ۾ ڪتن جي سيوا ۽ خدمت لاءِ خاص نوڪر مقرر ٿيل آهن.

سنڌ جو هڪ زميندار آهي، ان جي اوطاق ۾ ڪتا پاليل آهن. روزانو ٻڪر ڪُهي ڪتن کي کارايو وجي ٿو. ماهيو ڪير اُن ۾ بادامين مصريون وجهي ڪتن جي خاطر تواضع ڪئي وجي ٿي. غريبن کي عيد تي به ڪائڻ لاءِ گوشت نه ٿو ملي پر صاحب بهادر جا ڪُتا به روزانه ٻاڪرو گوشت کائن ٿا.

---

[1] حديث نمبر 50: سنن الترمذي (ج 9/ص 497) مسند أحمد (ج 23/ص 471) مسند أبي يعلى الموصلي (ج 3/ص 313) صحيح ابن حبان (ج 24/ص 232)

[2] حديث نمبر 51: صحيح بخاري (ج 11/ص 2) صحيح مسلم (ج 11/ص 9) سنن أبي داود (ج 1/ص 286) سنن الترمذي (ج 9/ص 496) سنن النسائي (ج 13/ص 223) سنن ابن ماجه (ج 11/ص 35)

Scanned by CamScanner

اسان جو هڪ جاءِ تي وڃڻ ٿيو هڪ عورت زاروزار روئي دانهن ڏني ته سندس مڙس کتن جو شوقين آهي. مينهن جو کير سڀ کتن کي پياري ڇڏي ٿو ۽ ٻچڙا سڄي رات روئندا رهن ٿا. ڪراچي ۾ ڏنو ويو ته ڏهن لکن جي گاڏيءَ ۾ اڳيان پاڻ صاحب ۽ پويان کتو ويٺل هيو.

پاڻ کي مهذب ۽ جديد تعليم يافته سمجهڻ وارن جي سوچ تي صدا افسوس ته ڪيئن ڪتي جهڙي نجس جانور تي عاشق ٿي پيا آهن!!!

حديث نمبر 52:

مَنِ اقْتَنَى كَلْبًا لَا يُغْنِي عَنْهُ زَرْعًا وَلَا ضَرْعًا نَقَصَ مِنْ عَمَلِهِ كُلَّ يَوْمٍ قِيرَاطٌ

(بخاری، مسلم) [1]

جيڪو ماڻهو ڪتو ڏاري ٿو، جيڪو نه پوک جي حفاظت ڪري، نه ڍڳ جي چوڪيداري ڪري ته هر روز ان جي عملن مان هڪ قيراط عمل گهٽايا وڃن ٿا.

۽ روايت ۾ اچي ٿو ته هڪ قيراط جبل احد جي برابر آهي.

حديث نمبر 53:

لَا تَصْحَبُ الْمَلَائِكَةُ رُفْقَةً فِيهَا كَلْبٌ وَلَا جَرَسٌ (مسلم) [2]

رحمت جا ملائڪ گڏ نه ٿا رهن انهن سان، جن سان ڪتو آهي يا گهنٽي گڏ آهي.

ان ڪري موبائيل ۾ به سرود يا ميوزڪ واري گهنٽي نه وجهڻ گهرجي.

حديث نمبر 54:

الْكَلْبُ الْأَسْوَدُ شَيْطَانٌ (مسلم) [3] : ڪارو ڪتو شيطان آهي.

---

[1] حديث نمبر 52: صحيح البخاري (ج 11/ص 104) صحيح مسلم (ج 8/ص 235) موطأ مالك (ج 6/ص 63) سنن النسائي (ج 13/ص 227) سنن ابن ماجه (ج 9/ص 393) مسند أحمد (ج 44/ص 383)

[2] حديث نمبر 53: صحيح مسلم (ج 11/ص 30) سنن أبي داود (ج 7/ص 101) سنن الترمذي (ج 6/ص 292) مسند أحمد (ج 15/ص 291) السنن الكبرى للبيهقي (ج 5/ص 254)

[3] حديث نمبر 54: صحيح مسلم (ج 3/ص 82) سنن أبي داود (ج 2/ص 358) سنن الترمذي (ج 2/ص 68) سنن ابن ماجه (ج 3/ص 212)

Scanned by CamScanner

هڪ روايت ۾ آهي ته حبيب ڪريم ﷺ فرمايو ته "اهڙو ڪارو ڪتو جنهن جي اکين مٿان ۾ سفيد داغ هجن ان کي جتي ڏسو قتل ڪيو جو اهو شيطان آهي. (مسلم)

چو ته اهو ڪتو نهايت بد ذات هوندو آهي، نه شڪار ڪندو آهي نه تعليم قبول ڪندو آهي اڪثر گهٽي ننڊ ڪندو آهي ان ڪري ان کي شيطان سڏيو ويو آهي.

ٽن حالتن ۾ ڪتو پالڻ جائز آهي.

1. پهراڙيءَ ۾ گهر آهي چورن، ڏاڙيلن ۽ دشمنن جي شر کان بچڻ لاءِ.
2. پوک جي حفاظت لاءِ.
3. ٻڪرين ۽ ريڍ جي حفاظت ۽ نگراني لاءِ.

گھر ۾ ٻلي ۽ جو بيان:

حديث نمبر 55:

حضرت ابوهريره رضی اللہ عنہ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته :

اَلْهِرَّةُ لَا تَقْطَعُ الصَّلَاةَ لِأَنَّهَا مِنْ مَتَاعِ الْبَيْتِ (ابنِ ماجه)[1]

نمازي جي اڳيان ٻلي گذري ته نماز نه ٽٽي پوجي. يا وضو جو پاڻي ٿانوَ وغيره ٻلي خراب ڪري ته به نماز ۾ خلل نه ٿو پوي چو ته اها به گهريلو جانور آهي.

گھرن کي نقش و نگار:

گهرن تي چتسالي، رنگارنگي نقش و نگار ڪرڻ تصنع ۽ بناوٽ سان گهٽو سينگارڻ ان تي لکين روپيا خرچ ڪرڻ به درست نه آهي بلڪ اها قيامت جي نشانين مان هڪ نشاني آهي.

حديث نمبر 56:

لَا تَقُومُ السَّاعَةُ حَتَّى يَبْنِيَ النَّاسُ بُيُوتًا يُشَبِّهُونَهَا بِالْمَرَاجِلِ (بخاری)[2]

---

[1] حديث نمبر 55: سنن ابن ماجه (ج 1/ص 444) المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 2/ص 447) صحيح ابن خزيمة (ج 3/ص 349)

[2] حديث نمبر 56: المسند الجامع (ج 45/ص 480)

Scanned by CamScanner

تيستائين قيامت قائم نہ ٿيندي جيستائين ماڻھو اھڙا گھر ناھيندا انھن تي نقش و نگار ڪندا جيئن ڪپڙن تي ھوندا آھن.

حضرت ابراھيم نخعي رحمة الله عليه فرمايو تہ "المراجل الثياب المخططة" مراجل مان مراد رنگارنگي ڪپڙا آھن.

ماڻھو ائين پنھنجي گھرن تي چتسالي ڪندا، اِھا بہ قيامت جي نشاني آھي.

صليب جو ڇاپو:

عيسائين جو عقيدو آھي تہ حضرت عيسيٰ عليه السلام کي صليب (سوريءَ) تي چاڙھيو ويو ھيو ان ڪري اھي ھر شيءِ تي صليب ڇاپي ڇڏيندا آھن. مثلاً ڪپڙي تي، شيشي وغيره تي. پنھنجي گھر ۾ ڪا بہ اھڙي شيءِ نہ رکڻ گھرجي جنھن تي صليب ڇاپيل ھجي.

حديث نمبر 57:

بيشڪ رسول الله ﷺ جن پنھنجي گھر ۾ ڪابہ اھڙي شيءِ ڏسندا ھئا جنھن تي صليب ڇاپيل ھوندو ھيو تہ ان کي ٽوڙي ڇڏيندا ھئا. (ابوداؤد)[1]

گھر ۾ وڻ پوکڻ:

وڻ گھر جو سينگار آھي، ساول کي ڏسڻ سان نظر تيز ٿئي ٿي. وڻن مان انسان، جانور، پکي سڀ آرام آسائش حاصل ڪن ٿا. حضرت مرشدي و سيدي خواجہ حضرت محمد الاھي بخش رحمة الله عليه جن پاڻ پنھنجي مبارڪ ھٿن سان گھر ۾ وڻ پوکيندا ھئا. جتي بہ رھندا ھئا، وڻ ضرور پوکيندا ھئا.

ان الله يحب البيت الخضب

الله کي ساوڪ وارو گھر وڻندو آھي.

---

[1] حديث نمبر 57: عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا أَنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ لَا يَتْرُكُ فِي بَيْتِهِ شَيْئًا فِيهِ تَصْلِيبٌ إِلَّا قَضَبَهُ. سنن أبي داود (ج 11/ص 199) شعب الإيمان للبيهقي (ج 13/ص 315)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 58:

کوبہ مسلمان باغ ٿو پوکي يا کو فصل ٿو پوکي پوءِ ان مان انسان، جانور، پکي کائن ٿا تہ ان پوکيندڙ کي ان جو اجر ڏنو وڃي ٿو. (طبراني اوسط)1

معلوم ٿيو تہ وڻ پوکڻ باعث اجر ۽ ثواب آهي. اها بہ عبادت آهي.

هڪ کراڙو شخص:

باغ پوکي رهيو هيو. کو بادشاهہ ۽ وزير اتان اچي لنگهيا. بادشاهہ چيو تہ اي کراڙا! تون ضعيف ماڻهو مرڻ جي ڪنڌي تي آهين! تون ڪنهن لاءِ باغ پوکي رهيو آهين؟ چيائين سائين آءٌ برابر مرڻ کي ويجهو آهيان، پر باغ هن لاءِ ٿو پوکيان جيئن پيا نفعو وٺن. چو تہ ڪن پين وڻ پوکيا هئا انهن جو ميوو مون کاڌو هيو، هاڻي مان پوکيان ٿو تہ ڪي پيا ميوو کائن. بادشاهہ خوش ٿي ان کي هڪ هزار روپيا انعام ۾ ڏنا. کراڙو خوشيءَ ۾ کلڻ لڳو. بادشاهہ چيو تہ کلڻ جو سبب ڇا آهي؟ چيائين پين جا باغ سالن کان پوءِ ميوو ڏيندا آهن. منهنجو باغ مون اڄ پوکيو ۽ اڄ نفعو مليو اٿم. وري بادشاهہ ان کي پيا هزار روپيا ڏنا تہ کراڙو وري کلڻ لڳو. بادشاهہ چيو هاڻي ڇو ٿو کلين؟ چيائين پين جا باغ سال ۾ هڪ ڀيرو ميوو ڏيندا آهن منهنجي باغ سال ۾ ٻہ ڀيرا ڦر ڏنو آهي. وري بادشاهہ ٽيون هزار بہ انعام ۾ ڏنس ۽ هليو ويو.

حديث نمبر 58: عن عبد الله بن عمرو بن العاص قال: قال رسول الله صلى الله عليه وسلم: لا يغرس مسلم غرسا، ولا يزرع زرعا فيأكل منه إنسان، ولا طائر، ولا شيء، إلا كان له أجر۔

المعجم الأوسط للطبراني (ج 19/ص 318)

واخرجه مسلم في الصحيح بلفظ: لَا يَغْرِسُ مُسْلِمٌ غَرْسًا وَلَا يَزْرَعُ زَرْعًا فَيَأْكُلَ مِنْهُ إِنْسَانٌ وَلَا دَابَّةٌ وَلَا شَيْءٌ إِلَّا كَانَتْ لَهُ صَدَقَةٌ. (ج 8/ص 177) مسند أحمد (ج 26/ص 76)

السنن الكبرى للبيهقي (ج 6/ص 138)

Scanned by CamScanner

باب ٽيون
گهر جي ضرورت جو سامان

هن باب ۾ انهن شين جو ذڪر ڪيو ويو آهي جن جو گهر ۾ هجڻ ضروري آهي ۽ جن جو گهر ۾ هجڻ لازمي ناهي.

بسترا: سمهڻ لاءِ بسترو هجڻ هڪ بنيادي ضرورت آهي، گهر ۾ جيترا ماڻهو رهن ٿا هر هڪ لاءِ الڳ الڳ بسترو هجڻ گهرجي، ان کان سواءِ مهمان لاءِ به بسترو هجڻ گهرجي.

حديث نمبر 59:

فِرَاشٌ لِلرَّجُلِ وَفِرَاشٌ لِامْرَأَتِهِ وَالثَّالِثُ لِلضَّيْفِ وَالرَّابِعُ لِلشَّيْطَانِ

(بيهقي شعب الايمان)[1]

هڪڙو بسترو مرد جو، ٻيو بسترو سندس گهرواريءَ جو، ٽيون بسترو مهمان لاءِ، چوٿون بسترو شيطان لاءِ.

حديث پاڪ مطابق گهر جي ڀاتين جي ضرورت جيترا بسترا هجڻ گهرجن. ضرورت کان وڌيڪ فضول بسترا شيطان لاءِ آهن. اگر مهمان نواز گهراڻو آهي، جن وٽ گهٽا مهمان ايندا رهن ٿا تہ مهمان نوازي لاءِ گهر ۾ بسترا رکڻ نہ صرف ضروري بلڪ ڪار خير آهي. عام طرح عورتن جي عادت هوندي آهي تہ سوين رليون، وهاڻا، سوڙون ناهي وڌين وڌين پيٽين ۾ يا گهر جي ڪنڊن ۾ سجائي رکنديون آهن. يا بلوچستان جا ماڻهو ڪمري جي هڪ پٽ سان چٽ تائين بسترن جا انبار سجائي رکندا آهن، انهن کي ائين سجائي رکڻ جي بجاءِ اگر خيرات ڪري ڇڏجن تہ ان جي بدلي جنت جا بسترا کين عطا ڪيا ويندا.

---

[1] حديث نمبر 59: صحيح مسلم بَاب كَرَاهَةِ مَا زَادَ عَلَى الْحَاجَةِ مِنَ الْفِرَاشِ وَاللِّبَاسِ (ج 10/ص 448۔الرقم: 3886) شعب الإيمان للبيهقي (ج 13/ص 295۔الرقم: 6027) مسند أحمد (ج 28/ص 159۔الرقم: 13610) السنن الكبرى للنسائي (ج 3/ص 334۔الرقم: 5574) صحيح ابن حبان (ج 3/ص 343۔الرقم: 675)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 60:

تاجدارِ كائنات ﷺ جو بسترو مبارک :

حضرت امان عائشہ صديقہ سائڙ رضي الله عنها فرمايو تہ :

إِنَّمَا كَانَ فِرَاشُ رَسُولِ اللَّهِ ﷺ الَّذِي يَنَامُ عَلَيْهِ أَدَمًا حَشْوُهُ لِيفٌ (ترمذی)[1]

رسول الله ﷺ جن جو بسترو جنهن تي پاڙ آرام فرمائيندا هئا، چمڙي جي كَل جو هيو جنهن ۾ اندر كجيءَ جو كاهر پريل هيو.

حديث نمبر 61:

قاڙيندڙ جانورن (جيئن شينهن بگهيڙ وغيره) جي كل وڃائي ان تي ويهڙ كان رسول الله ﷺ جن منع فرمائي آهي. (سواءِ رنگڻ جي) (ترمذی)[2]

حديث نمبر 62:

حضرت حبيب كريم ﷺ جن تڏي تي ستا تہ ان جا ڇٽ سندن بدن مبارک تي نهي پيا تہ حضرت عبدالله ابن مسعود رضی اللہ عنہ عرض كيو تہ يا رسول الله اسان كي حكم ڏيو ها تہ اوهان لاءِ بسترو وڃايون ها. پاڙ فرمايائون تہ:

منهنجو دنيا سان كهڙو واسطو؟[3]

---

[1] حديث نمبر 60: صحيح مسلم، بَاب التَّوَاضُعِ فِي اللِّبَاسِ وَالِاقْتِصَارِ ج 10/ص 443۔الرقم:3883) سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي فِرَاشِ النَّبِيِّ ﷺ (ج 6/ص 391۔الرقم:1683) الشمائل المحمدية للترمذي (ج 1/ص 364۔الرقم:319) شعب الإيمان للبيهقي (ج 13/ص 291۔الرقم:6023)

[2] حديث نمبر 61: عَنْ أَبِي الْمَلِيحِ عَنْ أَبِيهِ: أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ نَهَى عَنْ جُلُودِ السِّبَاعِ أَنْ تُفْتَرَشَ.
سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي النَّهْيِ عَنْ جُلُودِ السِّبَاعِ (ج 6/ص 406۔الرقم: 1693)
مصنف ابن أبي شيبة (ج 8/ص 416۔الرقم: 98) المعجم الكبير للطبراني (ج 1/ص 214۔الرقم:511)
معرفة السنن والآثار للبيهقي (ج 1/ص 162۔الرقم:132) كنز العمال (ج 15/ص 480۔الرقم:41900)

[3] حديث نمبر 62: عن ابن مسعود . أن رسول الله صلى الله عليه وسلم نام على حصير فقام وقد أثر في جسده فقال له ابن مسعود : يا رسول الله . لو أمرتنا أن نبسط لك ونفعل . قال ما لي وللدنيا . شعب الإيمان للبيهقي فصل في ما يقول العاطس في جواب التشميت (ج 21/ص 348۔الرقم:10027) سنن الترمذي (ج 8/ص 382۔الرقم:2299)
مشكاة المصابيح (ج 3/ص 125۔الرقم: 5188) مسند أبي يعلى الموصلي (ج 11/ص 55۔الرقم:5169)
صحيح الترغيب والترهيب (ج 3/ص 153۔الرقم:3282)

Scanned by CamScanner

وهاڻو : وهاڻي تي سمهڻ، وهاڻي تي ٽيڪ ڏئي ويهڻ اسان جي سهڻي حبيب ڪريم ﷺ جن جي سنت آهي.

حديث نمبر 63:

حضرت جابر بن سمره رضي الله عنهما فرمايو ته :

دَخَلْتُ عَلَى النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي بَيْتِهِ فَرَأَيْتُهُ مُتَّكِئًا عَلَى وِسَادَةٍ (بيهقي)[1]

مان رسول الله ﷺ وٽ سندن گهر ۾ آيس، مون ڏٺو ته پاڻ وهاڻي کي ٽيڪ لڳائي ويٺا هئا.

حديث نمبر 64:

ام المومنين حضرت بيبي عائشه صديقه رضي الله عنها فرمايو ته : رسول الله ﷺ جن جو وهاڻو جنهن تي آرام فرمائيندا هئا چمڙي جو هيو ان ۾ کجيءَ جو کاپر پريل هيو. (ابوداؤد)2

اڳتي دعائن ۾ دوائن واري باب ۾ انشاء الله ايندو ته جنهن ماڻهو کي ننڊ نه اچي ته وهاڻي ۾ ميندي جا پن پري ته ان کي آرام جي ننڊ اچي ويندي.

تي شيون واپس نه ڪيو:

حديث نمبر 65:

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن فرمايو ته :

ثَلَاثٌ لَا تُرَدُّ : الْوَسَائِدُ وَالدُّهْنُ وَاللَّبَنُ (بيهقي)[3]

تي شيون واپس نه ڪيون وڃن : 1. وهاڻا 2. تيل 3. کير

---

[1] حديث نمبر 63: سنن أبي داؤد بَاب فِي الْفُرُشِ (ج 11 / ص 190۔ الرقم : 3614) سنن الترمذي (ج 9/ص 442۔ الرقم :2694) مسند أحمد (ج 43/ص 5۔ الرقم :20071) شعب الإيمان للبيهقي (ج 13/ص 299۔ الرقم :6031) صحيح ابن حبان (ج 3/ص 173۔ الرقم :591)

[2] حديث نمبر 64 : عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهَا قَالَتْ كَانَ وِسَادَةُ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ ابْنُ مَنِيعٍ الَّتِي يَنَامُ عَلَيْهَا بِاللَّيْلِ ثُمَّ اتَّفَقَا مِنْ أَدَمٍ حَشْوُهَا لِيفٌ۔

سنن أبي داود باب في الفراش (ج 11 / ص 193۔ الرقم : 3617)

[3] حديث نمبر 65: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي كَرَاهِيَةِ رَدِّ الطِّيبِ (ج 9/ ص 475۔ الرقم : 2714) شعب الإيمان للبيهقي (ج 13/ ص 71۔ الرقم :5814) كنز العمال (ج 9/ ص 137۔ الرقم :25385)

Scanned by CamScanner

ڪرسيءَ تي ويهڻ : ڪرسي تي ويهڻ رسول الله ﷺ جن جي سنت آهي گهر ۾ پنهنجي ويهڻ لاءِ يا مهمانن جي ويهڻ لاءِ ڪرسيون رکڻ جائز آهي. مسجد ۾ ڪرسيءَ تي ويهي بيان ڪرڻ به جائز آهي.

حديث نمبر 66:

حضرت ابو رفاعه رضي الله عنه فرمايو ته آءٌ رسول الله ﷺ ڏانهن ويجهو ٿيس پاڻ خطبو ڏئي رهيا هئا. مون عرض ڪيو ته يا رسول الله هي مسافر دين جي باري ۾ پڇڻ آيو آهي جنهن کي خبر ناهي ته دين ڇا آهي؟ پاڻ ﷺ مون ڏانهن متوجهه ٿيا، خطبو پاڪ مختصر ڪري منهنجي قريب آيا، پوءِ سندن ويهڻ لاءِ ڪرسي آندي وئي جنهن جا پير لوهه جا نهيل هئا. پاڻ ڪريم ﷺ ان تي ويٺا ۽ الله جي ڏنل علم مان مون کي سيکاريائون پوءِ پاڻ پنهنجو بقايا خطبو پورو ڪيائون. (نسائی) 1

ثانوَ :

گهر ۾ ضرورت جيترا ثانوَ رکڻ به سنت آهي. گهر جي ياتين جي ضرورت ۽ مهمانن جي حاجت کان وڌيڪ اڇايا ثانوَ صرف شوڪيسن جي زينت بنائي رکڻ به اجايو آهي.

سون ۽ چاندي جا ثانوَ :

مسلمانن کي سون چانديءَ جي ثانون ۾ کائڻ پيئڻ ناجائز آهي. سون ۽ چانديءَ جا چمچا، چانديءَ جي سرائي سان اکين ۾ سرمون پائڻ يا چانديءَ جي پيالي ۾ تيل رکڻ وغيره سڀ ناجائز آهي. ڇو ته سون ۽ چانديءَ جي ثانون ۾ کائڻ پيئڻ کان اسان جي آقا مدني مصطفيٰ ﷺ پنهنجي امت کي منع فرمايو آهي، جيئن حديث شريف ۾ آيو آهي :

حديث نمبر 66: قَالَ أَبُو رِفَاعَةَ انْتَهَيْتُ إِلَى رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَهُوَ يَخْطُبُ فَقُلْتُ يَا رَسُولَ اللَّهِ رَجُلٌ غَرِيبٌ جَاءَ يَسْأَلُ عَنْ دِينِهِ لَا يَدْرِي مَا دِينُهُ فَأَقْبَلَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَتَرَكَ خُطْبَتَهُ حَتَّى انْتَهَى إِلَيَّ فَأُتِيَ بِكُرْسِيٍّ خِلْتُ قَوَائِمَهُ حَدِيدًا فَقَعَدَ عَلَيْهِ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَجَعَلَ يُعَلِّمُنِي مِمَّا عَلَّمَهُ اللَّهُ ثُمَّ أَتَى خُطْبَتَهُ فَأَتَمَّهَا.

سنن النسائي باب الْجُلُوسُ عَلَى الْكَرَاسِيِّ (ج 16/ ص 203. الرقم: 5282)

صحيح مسلم (ج 4/ ص 376. الرقم: 1450)

مسند أحمد (ج 42/ ص 250. الرقم: 19826)

السنن الكبرى للبيهقي (ج 3/ ص 218)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 67:

إِنَّ الَّذِي يَشْرَبُ فِي آنِيَةِ الْفِضَّةِ إِنَّمَا يُجَرْجِرُ فِي بَطْنِهِ نَارَ جَهَنَّمَ (بيهقی، شعب الايمان)[1]

بيشڪ اهو ماڻهو جيڪو چانديءَ جي ٿانون ۾ پيئي ٿو ان جي پيٽ ۾ جهنم جي باهه گڙ گڙ ڪندي.

حديث نمبر 68:

حضرت حذيفه رضي الله عنه فرمايو ته اسان کي رسول الله ﷺ جن سون ۽ چانديءَ جي ٿانون ۾ کائڻ پيئڻ کان منع فرمايائون ۽ پٽ ۽ ديباج پائڻ کان ۽ ان تي ويهڻ کان به. (بخاری)[2]

حديث نمبر 69:

حضرت حبيب ڪريم ﷺ کان پڇيو ويو ته مجوسين (ڪافرن) جي ڪُنن (ٿانون) ۾ کائجي يا نه؟ پاڻ فرمايائون انهن کي خوب ڌوئو ۽ انهن ۾ رڌي کائو. (ترمذی)[3]

رات جو استعمال جا ٿانو:

حديث نمبر 70:

ام المومنين حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها فرمايو ته آءٌ رات جو حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن لاءِ ٽي ٿانو ڏيکي رکندي هيس.

---

[1] حديث نمبر 67: صحيح مسلم بَاب تَحْرِيمِ اسْتِعْمَالِ أَوَانِي الذَّهَبِ وَالْفِضَّةِ فِي الشُّرْبِ وَغَيْرِهِ (ج10/ص401۔الرقم:3846)
شعب الإيمان للبيهقي (ج 13/ص 384) مسند أحمد (ج 54/ص 57) السنن الكبرى للبيهقي (ج 4/ص 145)
مصنف عبد الرزاق (ج 11/ص 67) السنن الكبرى للنسائي (ج 4/ص 196) كنز العمال (ج 15/ص 296)

[2] حديث نمبر 68: عَنْ ابْنِ أَبِي لَيْلَى قَالَ خَرَجْنَا مَعَ حُذَيْفَةَ وَذَكَرَ النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ لَا تَشْرَبُوا فِي آنِيَةِ الذَّهَبِ وَالْفِضَّةِ وَلَا تَلْبَسُوا الْحَرِيرَ وَالدِّيبَاجَ۔
صحيح البخاري: بَاب آنِيَةِ الْفِضَّةِ (ج 17/ص 361۔الرقم: 5202)
سنن أبي داود (ج 10/ص 157)
مسند أحمد (ج 47/ص 251)
السنن الكبرى للبيهقي (ج 1/ص 28)

[3] حديث نمبر 68: عَنْ أَبِي ثَعْلَبَةَ الْخُشَنِيِّ قَالَ سُئِلَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عَنْ قُدُورِ الْمَجُوسِ فَقَالَ أَنْقُوهَا غَسْلًا وَاطْبُخُوا فِيهَا۔
سنن الترمذي: بَاب مَا جَاءَ فِي الِانْتِفَاعِ بِآنِيَةِ الْمُشْرِكِينَ (ج 6/ص 60۔الرقم:1482)
مصنف ابن أبي شيبة (ج 5/ص 550)

Scanned by CamScanner

إِنَاءً لِطَهُورِهِ وَإِنَاءً لِسِوَاكِهِ وَإِنَاءً لِشَرَابِهِ (ابنِ ماجه)[1]

- هڪ ٽانءُ سندن وضوءَ جي لاءِ.
- ٻيو ٽانءُ سندن ڏندڻ (پُسائي رکڻ) لاءِ.
- ٽيون ٽانءُ سندن پاڻي پيئڻ لاءِ.

عام استعمال جون شيون :

اهڙيون شيون جيڪي روزمره جي استعمال ۾ اچڻ واريون آهن اُهي گهر ۾ هٿيڪيون رکو ءِ اُهي شيون جيڪڏهن کو پاڙيسري استعمال لاءِ گهري تہ نہ روکيو چو تہ الله تعالىٰ قرآن ۾ فرمايو آهي تہ :

وَيَمْنَعُونَ الْمَاعُونَ (الماعون:٧)

دين کي کوڙي سمجهندڙ ماڻهن جي نشانين مان هي بہ آهي تہ اُهي عام استعمال جون شيون روکيندا آهن.

عام استعمال ٽيندڙ کجهہ شين جا نالا :

ماچيس، ميڙ بتي، اُکري، مُهري، ٽڦٽي، ديگڙي، پليتون، ٻهاري، تغاري، بالٽي، صابڻ، تيل، مساڱ، ميندي، کاتي، قينچي، سُئي سڱو، کنگو، چڄ، چاٽي، چٽائي وغيرہ اِهي سڀ شيون گهر ۾ رکڻ گهرجن.

اگر پاڙيسري پاڻي ٻرڻ اچي، لوڻ مرچ گهري، رڌل ٻوڙ ذرو گُهري، لسي مکڻ کير وغيرہ گهري تہ منع نہ کرڻ گهرجي.

گهر ۾ کجور هجڻ گهرجي :

گهر جي ضروريات منجهان آهي تہ گهر ۾ کجور موجود هجڻ گهرجي چو تہ کجور طعام جي جاءِ تي استعمال ٽيندي آهي. بک جي وقت پنهنجي ءِ مهمانن لاءِ طعام جو کم ڏئي ٽي.

---

[1] حديث نمبر 70: سنن ابن ماجه : بَاب تَغْطِيَةِ الْإِنَاءِ و بَاب تَخْمِيرِ الْإِنَاءِ ج 1/ص 434. الرقم: 355 و 3403)
المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 17/ص 51) كنز العمال (ج 8/ص 398)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 71:

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن فرمايوتہ :

بَيْتٌ لَا تَمْرَ فِيهِ كَالْبَيْتِ لَا طَعَامَ فِيهِ (ابنِ ماجه) [1]

اُهو گهر جنهن ۾ ڪتل نہ آهي ان گهر وانگر آهي جنهن ۾ ڪو طعام ئي نہ هجي.

حضرت ابراهيم نخعي رحمة الله عليہ فرمايو تہ اصحابي سڳورا کجور گهر ۾ رکڻ مستحب سمجهندا هئا چوتہ اها حاضر طعام آهي. کجور اهڙو کاڌو آهي جنهن ۾ ڪفايت ۽ قناعت بہ آهي ۽ ان کان علاوه گهٽين بيمارين جو علاج بہ آهي.

حديث نمبر 72:

حبيبن ڪريمن ﷺ فرمايو تہ:

بَيْتٌ لَا تَمْرَ فِيهِ جِيَاعٌ أَهْلُهُ (مسلم) [2]

جنهن گهر ۾ ڪتل نہ آهي تہ ان گهر وارا بکارا آهن.

جنت جي کجور:

حديث نمبر 73:

الْعَجْوَةُ مِنَ الْجَنَّةِ وَفِيهَا شِفَاءٌ مِنَ السُّمِّ وَالْكَمْأَةُ مِنَ الْمَنِّ وَمَاؤُهَا شِفَاءٌ لِلْعَيْنِ (ترمذی) [3]

عجوه جي ڪتل جنت کان آهي، ان ۾ زهر کان شفاء آهي ۽ ڪُنيي (مَنَ) (آسماني کاڌن مان) آهي. ان جو پاڻي اکين لاءِ شفا آهي.

"مَن" اُهو کاڌو آهي جيڪو الله تعالي حضرت موسيٰ عليہ السلام تي نازل ڪيو هيو.

---

[1] حديث نمبر 71: سنن ابن ماجه: بَاب التَّمْرِ (ج 10/ص 72۔الرقم: 3319) المعجم الكبير للطبراني (ج 18/ص 36)

[2] حديث نمبر 72: صحيح مسلم بَاب فِي ادِّخَارِ التَّمْرِ وَنَحْوِهِ مِنَ الْأَقْوَاتِ لِلْعِيَالِ (ج 10/ص 356۔الرقم: 3812) سنن أبي داود (ج 10/ص 305) سنن الترمذي (ج 6/ص 481) المعجم الأوسط للطبراني (ج 11/ص 472)

[3] حديث نمبر 73: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي الْكَمْأَةِ وَالْعَجْوَةِ (ج 7/ص 399۔الرقم: 1992) مسند أحمد (ج 17/ص 356) مصنف عبد الرزاق (ج 11/ص 152) مشكل الآثار للطحاوي (ج 12/ص 374) كنز العمال (ج 10/ص 28)

Scanned by CamScanner

ماکي:

گهر جي ضروريات منجهان هڪ خاص شيءِ ماکي آهي جيڪا بيمارين لاءِ دوا آهي. مانيءَ سان ٻوڙ جو ڪم ڏئي ٿي. پاڻي ۾ وجهي پيئڻ سان شربت جو ڪم ڏئي ٿي. ان ۾ ڪافي مرضن جو علاج آهي. هيءَ غذا به آهي ۽ دوا به آهي.

حديث نمبر 74:

مَنْ لَعِقَ الْعَسَلَ ثَلَاثَ غَدَوَاتٍ كُلَّ شَهْرٍ لَمْ يُصِبْهُ عَظِيمٌ مِنَ الْبَلَاءِ (ابن ماجه)[1]

جيڪو ماڻهو هر مهيني جا ٽي صبح ماکي چٽي ته ان کي کا وڏي بيماري نه ٿيندي.

حديث نمبر 75:

هڪ شخص نبي ڪريم ﷺ وٽ آيو عرض ڪيائين ته منهنجي ڀاءُ جو پيٽ هلي رهيو آهي (دست ٿي پيا اٿس). پاڻ فرمايائون "ان کي ماکي پيار" ان پياريس. وري موٽي آيو عرض ڪيائين هاڻي اجا دست وڌي ويا اٿس. پاڻ ٿي پيرا ان کي ماکي پيارڻ جو امر ڪيائون. وري چوٿون پيرو آيو عرض ڪيائين ته اجا دست وڌي ويا اٿس. پاڻ فرمايائون الله تعالي جو فرمان سچو آهي پر تنهنجي ڀاءُ جو پيٽ ڪوڙ ٿو هڻي. وري وڃي ماکي پياريائينس ته چڱو ٿيلو ٿي ويو[2]

سڀڻا محبوب ڪريم ﷺ روزانه صبح جو هڪ پيالو ماکيءَ جي شربت جو پيئندا هئا.

طبيبن جو چوڻ آهي ته ماکيءَ جي شربت ۾ تمام گهڻا فائدا آهن. هڪ حديث ۾ آهي ته:

توهان پنهنجي لاءِ به شفائون لازم ڪري وٺو هڪ قرآن ۽ ٻيو ماکي. (ابن ماجه)[3]

---

[1] حديث نمبر 74: سنن ابن ماجه: بَاب الْعَسَلِ (ج 10/ص 254۔الرقم: 3441) المعجم الكبير للطبراني (ج 19/ص 121) كنز العمال (ج 10/ص 20)

[2] حديث نمبر 75: عَنْ أَبِي سَعِيدٍ الْخُدْرِيِّ قَالَ جَاءَ رَجُلٌ إِلَى النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَقَالَ إِنَّ أَخِي اسْتَطْلَقَ بَطْنُهُ فَقَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اسْقِهِ عَسَلًا فَسَقَاهُ ثُمَّ جَاءَهُ فَقَالَ إِنِّي سَقَيْتُهُ عَسَلًا فَلَمْ يَزِدْهُ إِلَّا اسْتِطْلَاقًا فَقَالَ لَهُ ثَلَاثَ مَرَّاتٍ ثُمَّ جَاءَ الرَّابِعَةَ فَقَالَ اسْقِهِ عَسَلًا فَقَالَ لَقَدْ سَقَيْتُهُ فَلَمْ يَزِدْهُ إِلَّا اسْتِطْلَاقًا فَقَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ صَدَقَ اللَّهُ وَكَذَبَ بَطْنُ أَخِيكَ فَسَقَاهُ فَبَرَأَ۔ صحيح مسلم: بَاب التَّدَاوِي بِسَقْيِ الْعَسَلِ (ج 11/ص 239۔الرقم: 4107) صحيح البخاري (ج 17/ص 442) سنن الترمذي (ج 7/ص 422) مسند أحمد (ج 22/ص 264) السنن الكبرى للبيهقي (ج 9/ص 344)

[3] حديث: قَالَ رَسُولُ اللَّهِ ﷺ بِالشِّفَاءَيْنِ الْعَسَلِ وَالْقُرْآنِ سنن ابن ماجه: بَاب الْعَسَلِ (ج 10/ص 256۔الرقم: 3443)

Scanned by CamScanner

گھر ۾ گھنٽي:

گھر جي دروازي تي سڏڻ لاءِ گھنٽي لڳائي ويندي آھي. اڄڪلھ ان جا ڪيئي نمونا ايجاد ٿي چڪا آھن. ڪن مان ڳائڻ جو آواز ٿو اچي تہ ڪن مان واڄي جو آواز ٿو اچي تہ ڪن مان ٽَن ٽَن جو آواز ٿو اچي. ڪاش! اِھي گھنٽيون دروازن تي نہ لڳايون وڃن تہ بھتر آھي. اسڪولن ۾ ھر پيريڊ جي آخر ۾ ۽ رسيس يا موڪل لاءِ جيڪا گھنٽي وڄائي وڃي ٿي، ڪاش! جي اِھا نہ ھجي تہ ڇگو. عيسائين جي چرچ ۾ بہ تہ اھا ئي گھنٽي وڄائي صليب جي پوڄا لاءِ پڪاريو ويندو آھي. ڪاش! ائين ھجي جو اھڙين گھنٽين جي بجاءِ "الله اڪبر" چيو وڃي. اگر گھرن جي دروازن تي، اسڪولن ۾ پيريڊن لاءِ گھنٽي جي بجاءِ "سبحان الله" يا "الحمد لله" يا "الله الله" سڏڻ وارو ڪو آواز ڏجي تہ اعلان ۽ سڏڻ بہ ٿي وڃي ھا ۽ ثواب بہ ٿئي ھا.

حديث نمبر 76:

لَا تَدْخُلُ الْمَلَائِكَةُ بَيْتًا فِيهِ جَرَسٌ (ابوداؤد)[1]

اھڙي گھر ۾ ملائڪ داخل نہ ٿا ٿين جنھن ۾ گھنٽيون ھجن.

حديث نمبر 77:

إِنَّ مَعَ كُلِّ جَرَسٍ شَيْطَانًا (ابوداؤد)[2] بيشڪ ھر ھڪ گھنٽيءَ سان گڏ شيطان آھي.

گھر جي صفائي:

پنھنجي گھر ڪي روزانہ نہ تہ ڀئي ڏينھن ضرور ڀھاري گھمايو، گھر صاف ستڙو ھجڻ گھرجي، بدبوءِ دار شيءِ، گندگي ۽ غلاظت گھر مان ٻاھر ڪيڻ گھرجي.

حديث نمبر 78:

الإسلام نظيف فتنظفوا ، فإنه لا يدخل الجنة إلا نظيف (طبرانی)[3]

---

[1] حديث نمبر 76: سنن أبي داود :بَاب مَا جَاءَ فِي الْجَلَاجِلِ (ج 11/ص 303۔الرقم: 3695) مسند أحمد (ج 53/ص 16)

[2] حديث نمبر 77: سنن أبي داود: بَاب مَا جَاءَ فِي الْجَلَاجِلِ (ج 11/ص 302۔الرقم: 3694)

[3] حديث نمبر 78: المعجم الأوسط للطبراني: باب من اسمه : عيسى (ج 11/ص 120:الرقم: 5050)

Scanned by CamScanner

اسلام پاکيزه (مذهب) آهي. پوءِ توهان بہ پاکائي صفائي رکو چو تہ بيشڪ جنت ۾ داخل نہ ٿيندو مگر پاکائي رکندڙ.

گھر جي صفائي، بدن جي صفائي، ڪپڑن جي صفائي، جسم جي پاکائي، روح جي پاکائي اِهي سڀ پاکايون رکڻ مسلمانن تي لازم آهي.

حديث نمبر 79:

حضرت سعيد بن المسيب رضي الله عنه فرمايو تہ الله تعاليٰ "پاڪ" آهي ۽ پاکيزگيءَ سان محبت رکي ٿو. الله تعاليٰ "لطيف" آهي نظافت (صفائي) سان محبت رکي ٿو، الله تعاليٰ "ڪريم" آهي ڪرم سان محبت رکي ٿو. الله تعاليٰ "سخي" آهي سخاوت سان محبت رکي ٿو. پوءِ پنهنجي گھرن جي صحن جي صفائي ڪيو. يهودين سان مشابهت نہ ڪيو (يهودي گند ڪچرو اڳڻ تي اڇلائيندا آهن اوهان ائين نہ ڪيو.) (ترمذی) [1]

پنهنجي گھر جو اڳڻ ايوان، ڪمرا ۽ ويرانڊا صاف سترا رکو، بدبودار شيءِ گھر ۾ نہ رکو.

دنيا مسافر خانو آهي:

هيءَ ساري دنيا هڪ وسيع مسافر خانو آهي جنهن ۾ هڪڙا مسافر اچي رهيا آهن پيا وڃي رهيا آهن. اسان جو اصل گھر ۽ وطن تہ آخرت جو آهي جتي هميشہ هميشہ رهڻو آهي. هِن مسافر خاني ۾ ايترو سامان اسباب رکجن جيترو بار کڻي سگھجي ۽ جنهن جو آخرت ۾ حساب ڏئي سگھجي. حضرت سيدنا سلمان فارسي رضي الله عنه جيڪو مدائن جو گورنر هيو، وصال وقت زاروزار روئي رهيو هيو. ماڻهن روئڻ جو سبب پڇيو پاڻ فرمايائون تہ مون کي سڀني حبيب ڪريم صلى الله عليه وسلم جن نصيحت ڪئي هئي تہ:

---

[1] حديث نمبر 79: عن صالح قال سمعت سَعِيدَ بْنَ الْمُسَيَّبِ يَقُولُ إِنَّ اللَّهَ طَيِّبٌ يُحِبُّ الطَّيِّبَ نَظِيفٌ يُحِبُّ النَّظَافَةَ كَرِيمٌ يُحِبُّ الْكَرَمَ جَوَادٌ يُحِبُّ الْجُودَ فَنَظِّفُوا أُرَاهُ قَالَ أَفْنِيَتَكُمْ وَلَا تَشَبَّهُوا بِالْيَهُودِ.

سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي النَّظَافَةِ (ج 9/ص 488: الرقم: 2723)

مسند أبي يعلى الموصلي (ج 2/ص 266)

المسند الجامع (ج 13/ص 188)

كشف الخفاء (ج 1/ص 224)

Scanned by CamScanner

لِيَكُنْ بُلْغَةُ أَحَدِكُمْ مِنَ الدُّنْيَا كَزَادِ الرَّاكِبِ (ابنِ حبان)[1]

توهان مان هر هڪ جي پونجي (ملڪيت ۽ دولت) دنيا ۾ صرف ايتري هجي جيترو مسافر جو توشو هوندو آهي.

مسافر ماڻهو هميشه سفر ۾ سامان گهٽ کڻندو آهي، جيئن سفر ۾ تڪليف نه ٿئي. گهڻو وزن سفر کي اذيتناڪ ڪري ڇڏيندو آهي. نبي ڪريم ﷺ ڪهڙي پياري نصيحت فرمائي ته دنيا جي زندگي ۾ جيترو ٿي سگهي سامانِ دنيا گهٽ رکو.

حضرت سلمان فارسي رضي الله عنه جي وصال کان پوءِ جڏهن سندن سموري سامان جو حساب ڪيو ويو ته اهو پندرهن روپين جو ٿيو حالانڪ ان وقت پاڻ مدائن جا گورنر هئا. (ابن حبان)2

هيءَ ڳالهه طئي ٿيل آهي ته دنيا جا مال و اسباب جيترا گهٽا اوترين پريشانيون گهٽيون ٿيندين. مثلاً:

دنيا ۾ انهن کي سنڀالڻ جي محنت ۽ مرڻ مهل انهن جي جدائي جو صدمو ۽ آخرت ۾ انهن جي حساب ڪتاب جو فڪر. مثلاً

جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو کان ٽوپي ڦري ونڃي ته ڏُکارو ٿيندو پر جيڪڏهن ڪنهن کان ٿئي ڪپڙا لهرائي ونڃن اڃا وڌيڪ غمگين ٿيندو پر جيڪڏهن ڪنهن کان گهر ڦري ونڃي ته ان جو ڇا حال ٿيندو! اها هڪ مڃيل ڳالهه آهي ته هي دنيا جا سامان اسان کان هڪ ڏينهن ضرور ڦريا ويندا ايتري قدر جو بدن جا ڪپڙا به لاٿا ويندا. ان ڪري گهر ۾ ايترو سامان رکو جنهن جي جدائي جو صدمو به سهي سگهو ۽ آخرت جو حساب به ڏئي سگهو. محبوبن ڪريمن ﷺ فرمايو آهي ته:

لَيْسَ الْغِنَى عَنْ كَثْرَةِ الْعَرَضِ گهٽي سامان اسبابن سان شاهوڪاري نه آهي3

اصل غني ته اهو آهي جنهن جي دل غني آهي.

---

[1] حديث: شعب الإيمان للبيهقي (ج 21/ ص330 الرقم: 10009) تهذيب الآثار للطبري (ج 5/ ص 477)

[2] حديث: صحيح ابن حبان (ج 3/ ص 407_الرقم: 707)

[3] حديث: صحيح البخاري بَاب الْغِنَى غِنَى النَّفْسِ (ج 20/ ص 79 الرقم: 5965) صحيح مسلم (ج 5/ ص 268) سنن الترمذي (ج 8/ ص 377) سنن ابن ماجه (ج 12/ ص 167)

Scanned by CamScanner

عجيب حڪايت : هڪ بادشاهه هڪ عظيم الشان محل ٺهرايو جڏهن محل ٺهي تيار ٿيو تہ بادشاهه پنهنجي رعيت جي ان محل ۾ دعوت ڪئي ۽ اعلان ڪيائين تہ سڀ ڏسو ان محل جي تعمير ۾ ڪا ڪمي تہ نہ رهجي وئي آهي يا ان ۾ ڪو عيب تہ ناهي. اگر هجي تہ مون کي ٻڌايو تہ جيئن ان کي ٺيڪ ڪيو وڃي. سڀ ماڻهو محل جي تعريف ڪندا رهيا ۽ سڀني چيو تہ ان ۾ ڪوبہ عيب ڏسڻ ۾ نہ ٿو اچي. هڪ فقير الله جو نيڪ پانهو ويٺو هيو ان چيو تہ اي بادشاهہ! هن محل ۾ بہ تمام وڏا عيب آهن. بادشاهہ چيو اُهي ڪهڙا آهن؟ ڪاريگر موجود آهن انهن کي درست ڪرايو وڃي. فقير چيو تہ اُهي عيب اهڙا آهن جن کي ڪو ماڻهو درست بہ نہ ٿو ڪري سگهي. بادشاهہ پڇيو تہ آخر اُهي عيب آهن ڪهڙا؟ فقير چيو تہ محل تہ تمام خوبصورت آهي پر ان کي بقا ناهي هڪ ڏينهن نہ هي محل رهندو نہ محل ۾ رهڻ وارو رهندو. بادشاهہ چيو بيشڪ اها گالهہ سچي آهي. هيءَ دنيا جي جهڳمگ سڀ عارضي ۽ فاني آهي.

حضرت محبوب الاهي

خواجہ محمد الاهي بخش رحمة الله عليہ الله جا اهڙا ڪامل ولي هيا جن جي نظر هميشہ آخرت ڏانهن هوندي هئي. متعلقين کي اڪثر ڪري دنيا جي بي ثباتي کان آگاهہ فرمائيندا هئا ۽ دنيا کان پاڻ بہ بي رغبت رهندا هئا. پاڻ جنهن حجري ۾ رهندا هئا ان حجري جي دروازي تي پنهنجي مبارڪ هٿن سان هي بيت لکي ڇڏيو هئائون:

اَلَا يَاسَاكِنَ الْقَصْرِ الْمُعَلٰى ❊ سَتُدْفَنُ عَنْ قَرِيْبٍ فِي التُّرَابِ

خبردار! اي ماڙين ۾ رهڻ وارا جلد تون مٽيءَ ۾ دفن ٿيڻ وارو آهين.

ڪنهن چيو آهي تہ :

ڏنگ ڏرتيءَ نيڪا ڪيئي مرد مٿير،
هيا جي هيبت سين جئن گجندڙ شير،
عاد شداد نمرود جهڙا ڪيئي دارادر دلير،
جڏهن اٽڪيا اجل سين پٽ نہ ڪُتن پير،
ويا انهيءَ ويرِ، تر بہ تر سينا ڪينڪي.

Scanned by CamScanner

ڊنگ ڏرتي نيا ڪيئي ارڏا ۽ اڏينگ،
وڃي سُت سج ۾، جايون چڏي جنگ،
جتي هئا ميڙا ماڻهين راتو ڏينهان رنگ،
اڄ انهن اوطاقن ۾ پيا رڙن ڪارا ڪنگ،
ماري موت تفنگ ڪيئي سراهه سُڃا ڪيا.

❊ ❊

ڊنگ ڏرتيءَ نيا ڪيئي ڳوٺن سندا ڳوٺ،
هيا وير وڏيرا ويٺا ڪڙا چاڙهيون ڪوٺ،
جڏهن موت ڪين موٺ، تڙ بہ ترسيا ڪينڪي.

حديث نمبر 80 :

أَكْثِرُوا ذِكْرَ هَاذِمِ اللَّذَّاتِ يَعْنِي الْمَوْتَ (ترمذی)[1]

لذتن کي ميٽائيندڙ موت کي گهڻو ياد ڪيو.

انسان دنيا جي اسبابن کي سپ ڪجهہ سمجهندو آهي پر الله وٽ دنيا جي حيثيت مڇر جي کنپ جيتري بہ نہ آهي.

حديث نمبر 81:

لَوْ كَانَتِ الدُّنْيَا تَعْدِلُ عِنْدَ اللَّهِ جَنَاحَ بَعُوضَةٍ مَا سَقَى كَافِرًا مِنْهَا شَرْبَةَ مَاءٍ (ترمذی)[2]

اگر جيڪڏهن هي ساري دنيا الله پاڪ وٽ مڇر جي کنپ جي برابر حيثيت رکندڙ هجي ها تہ ڪوبہ ڪافر ان مان ڏڪ پاڻيءَ جو نہ پي سگهي ها.

---

[1] حديث نمبر 80: سنن الترمذي: بَاب مَا جَاءَ فِي ذِكْرِ الْمَوْتِ (ج 8/ص 279۔الرقم:2229) سُنن ابن ماجه (ج 12/ص 310) اخرجه الطبراني في المعجم الكبير (ج 11/ص 302) والمعجم الأوسط (ج 13/ص 20) شعب الإيمان للبيهقي (ج 10/ص 344) مجمع الزوائد ومنبع الفوائد (ج 4/ص 498)

[2] حديث نمبر 81: سنن الترمذي: بَاب مَا جَاءَ فِي هَوَانِ الدُّنْيَا عَلَى اللَّهِ عَزَّ وَجَلَّ (ج 8/ص 299۔الرقم:2242) واخرجه بيهقي في شعب الإيمان (ج 21/ص 397) كنز العمال (ج 3/ص 195) مجمع الزوائد (ج 10/ص 288) صحيح الترغيب والترهيب لألباني (ج 3/ص 143)

Scanned by CamScanner

يعني اُهو پاڻيءَ جو قطرو به مومنن کي ئي عطا ڪيو وڃي ها ڇو ته هيءَ دنيا رب وٽ ذليل ۽ بي حيثيت آهي ان ڪري اِها ڪافرن جي حصي ۾ وڌيڪ ايندي آهي.

حڪايت :

تيمور لنگ وڏو فاتح بادشاهه ٿي گذريو آهي. هزارين شهر فتح ڪيا هئائين. پاڻ ٽنگ ڪان منڊو هيو. هڪ ڏينهن ڪجهه قيدي سندس اڳيان پيش ڪيا ويا انهن قيدين ۾ هڪ انڌي عورت به هئي. بادشاهه جي سامهون جڏهن عورت آئي ته بادشاهه نالو پڇيس. ڇيائين منهنجو نالو "دولت" آهي. بادشاهه چيو ته دولت به انڌي ٿيندي آهي ڇا؟! عورت چيو ته دولت انڌي نه هجي ها ته تو منڊي وٽ ڪيئن اچي ها؟

سو دولت ايتري ڀلي هجي ها ته سڻا نبي ڪريم ﷺ مسڪيني جي دعا نه گهرن ها. اصحابي سڳوري ابوسعيد خُدري رضي الله عنه چيو ته مسڪينن سان محبت رکو. ڇو ته مون رسول الله ﷺ کان ٻڌو پاڻ پنهنجي دعا ۾ ڇيائون:

اللَّهُمَّ أَحْيِنِي مِسْكِينًا، وَأَمِتْنِي مِسْكِينًا، وَاحْشُرْنِي فِي زُمْرَةِ الْمَسَاكِينِ (ابن ماجه)[1]

اي الله مون کي مسڪين بنائي جيار، ۽ مون کي مسڪيني جي حالت ۾ دنيا مان پاڻ ڏي گهراءِ ۽ (روز محشر) مون کي مسڪينن جي ٽولي ۾ اٿارجانءِ.

[1] سنن ابن ماجه (2/ 1381) الدعاء للطبراني (ص: 422)

Scanned by CamScanner

باب چوٿون

گھر ۾ عبادت جو بيان

جنھن گھر ۾ الله جي عبادت ڪئي وڃي جيئن نماز، روزو، ذڪر و فڪر، قرآن شريف جي تلاوت ڪئي وڃي ۽ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن تي گھٽو درود پڙھيو وڃي تہ ان گھر ۾ رحمتن ۽ برڪتن جو نزول ٿيندو آھي. ان گھر جو رزق روزينو ڪشادو ڪيو وڃي ٿو. آفتون ۽ بلائون پري ٿي وڃن ٿيون.

- ان گھر مان جھيڑا جھگڑا فساد ختم ٿي وڃن ٿا.
- ان گھر مان شيطان پليت ۽ ان جو اولاد ڀڄي وڃي ٿو.
- ان گھر مان شرير جن نڪري وڃن ٿا.
- ان گھر ڏانھن الله تبارڪ و تعالىٰ رحمت جي نظر سان نھاري ٿو.
- اھو گھر سڌي نبي ڪريم ﷺ جي شفاعت ۽ عنايت جو حقدار بنجي وڃي ٿو.

گھر ۾ نفل پڙھڻ:

مردن کي فرضي نماز جماعت سان مسجد شريف ۾ پڙھڻ لازم آھي ۽ باقي نمازون سنتون، نفل، تھجد وغيره گھر ۾ پڙھڻ گھرجن. اِھا ئي سنت نبوي آھي ۽ اھو ئي حصولِ خير و برڪت جو ذريعو آھي.

حديث نمبر 82 :

اجْعَلُوا فِي بُيُوتِكُمْ مِنْ صَلَاتِكُمْ وَلَا تَتَّخِذُوهَا قُبُورًا (بخاری، مسلم، ترمذی)[1]

پنھنجي نمازن مان ڪجھ حصو گھر ۾ ادا ڪيو پنھنجي گھرن کي قبرستان نہ بنايو.

---

[1] حديث نمبر 82: صحيح البخاري بَاب كَرَاهِيَةِ الصَّلَاةِ فِي الْمَقَابِرِ (ج 2/ص 210) مسلم بَاب اسْتِحْبَابِ صَلَاةِ النَّافِلَةِ فِي بَيْتِهِ (ج 4/ص 178. الرقم: 1296) سنن أبي داود (ج 3/ص 232) مسند أحمد (ج 9/ص 460) السنن الكبرى للبيهقي (ج 2/ص 189)

Scanned by CamScanner

قبرستان ۾ بظاهر جيئن ويراني هوندي آهي اتي جن پوت رهندا آهن، تيئن جنهن گھر ۾ نماز نه ٿي پڙهي وجي اهو گھر به ويران قبرستان وانگر آهي.

حديث نمبر 83 :

جڏهن توهان مان کو ماڻهو مسجد ۾ (فرض نماز) ادا کري ته (سنتون ۽ نفل) گھر ۾ ادا کري ته بيشڪ ان نماز جي برڪت سان الله پاڪ ان جي گھر ۾ خير ۽ پلائي نازل ڪندو آهي. (مسلم)[1]

حديث نمبر 84:

حضرت عبدالله بن سعد رضی اللہ عنہ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن کي عرض ڪيو ته يا رسول الله مان گھر ۾ نماز پڙهان ته بهتر آهي يا مسجد ۾ پڙهان؟ پاڻ فرمايائون ڇا تون نه ٿو ڏسين ته مون محمد (ڪريم ﷺ) جو گھر سيني کان وڌيڪ مسجد کي ويجهو آهي (ان جو دروازو مسجد ۾ ئي کلي ٿو) پر پوءِ به مسجد کان گھر ۾ نماز پڙهڻ مون کي وڌيڪ بهتر لڳي ٿو سواءِ فرض نماز جي. (مسند احمد، ابن ماجه)[2]

گھر جو نور:

حديث نمبر 85 :

عراق مان هڪ جماعت حضرت عمر فاروق رضی اللہ عنہ جي خدمت ۾ آئي، عرض ڪيائون ته نفلي نماز گھر ۾ پڙهڻ بهتر آهي يا مسجد ۾؟ حضرت عمر فاروق رضی اللہ عنہ فرمايو ته مون اِها ئي ڳالهه سهڻي نبي ڪريم ﷺ جن کان پڇا ڪئي هئي. پاڻ فرمايائون ته :

---

[1] حديث نمبر 83: عَنْ جَابِرٍ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِذَا قَضَى أَحَدُكُمُ الصَّلَاةَ فِي مَسْجِدِهِ فَلْيَجْعَلْ لِبَيْتِهِ نَصِيبًا مِنْ صَلَاتِهِ فَإِنَّ اللَّهَ جَاعِلٌ فِي بَيْتِهِ مِنْ صَلَاتِهِ خَيْرًا۔ صحيح مسلم بَاب اسْتِحْبَابِ صَلَاةِ النَّافِلَةِ فِي بَيْتِهِ (ج 4/ ص 180. الرقم: 1298)، سنن ابن ماجه (ج 4/ ص 284)، مسند أحمد (ج 22/ ص 234)، مصنف ابن أبي شيبة (ج 2/ ص 157)

[2] حديث نمبر 84: عَنْ عَبْدِ اللَّهِ بْنِ سَعْدٍ قَالَ سَأَلْتُ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَيُّمَا أَفْضَلُ الصَّلَاةُ فِي بَيْتِي أَوْ الصَّلَاةُ فِي الْمَسْجِدِ قَالَ أَلَا تَرَى إِلَى بَيْتِي مَا أَقْرَبَهُ مِنْ الْمَسْجِدِ فَلَأَنْ أُصَلِّيَ فِي بَيْتِي أَحَبُّ إِلَيَّ مِنْ أَنْ أُصَلِّيَ فِي الْمَسْجِدِ إِلَّا أَنْ تَكُونَ صَلَاةً مَكْتُوبَةً سنن ابن ماجه بَاب مَا جَاءَ فِي التَّطَوُّعِ فِي الْبَيْتِ (ج 4/ ص 286. الرقم: 1366) مسند أحمد (ج 38/ ص 497. الرقم: 18236)

Scanned by CamScanner

أَمَّا صَلَاةُ الرَّجُلِ فِي بَيْتِهِ فَنُورٌ فَنَوِّرُوا بُيُوتَكُمْ (ابنِ خزيمه)[1]

مرد کي (نفلي) نماز گھر ۾ پڑھڻ گھر جو نور آهي پوءِ پنهنجي گھرن کي نوراني بنايو. سبحان الله! اسان تہ ائين سمجھيو هيو تہ بتيون ءِ بجليون گھر جو نور ءِ روشنائي آهن پر حبيبن کريمن ﷺ فرمايو تہ گھرن جي روشني تہ آهي ئي نماز. جنهن گھر ۾ نماز ناهي اهو گھر اونداهو آهي.

حديث نمبر 86:

الصَّلَاةُ نُورٌ (مسلم)[2] : نماز روشني آهي.

اي مسلمانو! پاڻ بہ نماز پڑهو پنهنجي گھروارن کي بہ نماز پڑهڻ جو حڪم ڏيو، تہ اوهان جا گھر بہ نوراني بنجي پون.

وَأْمُرْ أَهْلَكَ بِالصَّلٰوةِ وَاصْطَبِرْ عَلَيْهَا ۖ لَا نَسْـَٔلُكَ رِزْقًا ۖ نَحْنُ نَرْزُقُكَ ۗ وَالْعَاقِبَةُ لِلتَّقْوٰى ﴿١٣٢﴾ (طٰهٰ)

ءِ پنهنجي گھروارن کي نماز جو امر ڪر ءِ پاڻ بہ ان تي قائم رهہ. اسان تو کان رزق جو سوال نہ ٿا ڪيون، اسان ئي تو کي رزق ڏيون ٿا ءِ پلي پڇاڙي پرهيزگارن لاءِ آهي.

گھر جي عزت:

جنهن گھر ۾ مال دولت گھٽي هجي، رنگ روغن عاليشان هجن، روزانہ رنگ برنگي طعام تيار ٿين، گلم غاليچا بتيون بجليون فانوس ءِ قنديل لڳل هجن تہ ماڻهو سمجھندا آهن اهو سڪيو ءِ عزت وارو گھر آهي پر حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ دنيا دولت جي گھٽائي ۾ عزت نہ آهي پر اگر گھر عزت وارو آهي تہ اُهو آهي جنهن ۾ نماز ءِ قرآن هجي پوءِ پلي اُها ڪڪائين جھوپڙي چو نہ هجي!

---

[1] حديث نمبر 85: ابن ماجه بَاب مَا جَاءَ فِي التَّطَوُّعِ فِي الْبَيْتِ (ج 4/ص 283۔الرقم: 1365) كنز العمال (ج 5/ص 854)

[2] حديث نمبر 86: صحيح مسلم بَاب فَضْلِ الْوُضُوءِ (ج 2/ص 3۔الرقم: 328) المعجم الكبير للطبراني (ج 14/ص 9) شعب الإيمان للبيهقي (ج 14/ص 124) مسند أبي يعلى الموصلي (ج 8/ص 177) كنز العمال (ج 2/ص 286)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 87:

أَكْرِمُوا بُيُوتَكُمْ بِبَعْضِ صَلَاتِكُمْ (ابنِ خزيمه)[1]

پنهنجي نماز مان کجھ گھر ۾ ادا ڪري پنهنجي گھرن کي عزت وارو بنايو.

نفلي نمازون گھرن ۾ پڙھڻ سان گھر نوراني، عزت ۽ برڪت وارو ٿئي ٿو. پر هڪ عظيم فائدو پيو به آهي ته گھرن ۾ نفلي نماز پڙھڻ سان عبادت لڪل رهي ٿي، رياڪاري کان ڇوٽڪارو ملي ٿو ڇو ته ماڻھن جي ڏيکاءَ لاءِ عبادت ڪرڻ سان سڀ عمل برباد ٿي وڃن ٿا.

ڪھڙيون نمازون گھر ۾ پڙھجن؟

حديث نمبر 88:

ام المؤمنين حضرت عائشه صديقه رضي الله عنها کان پڇيو ويو ته سھڙا حبيب ڪريم ﷺ جن ڪھڙيون نمازون گھرن ۾ پڙھندا ھئا؟ امان سائڻ فرمايو ته: پاڻ ڪريم ﷺ ٻپھري کان اڳ چار رڪعتون گھر ۾ پڙھندا ھئا. پوءِ فرض مسجد ۾ پڙھائڻ ويندا ھئا. وري به رڪعتون موڪي اچي گھر ۾ پڙھندا ھئا. سج لٿي جو فرض جماعت کي پڙھائيندا ھئا ۽ به رڪعتون موڪي اچي گھر ۾ پڙھندا ھئا. سومھڙي جي نماز ماڻھن ۾ پڙھندا ھئا ۽ پوءِ به رڪعتون واپس اچي گھر ۾ پڙھندا ھئا. (مسند احمد، ابو داؤد)2

---

[1] حديث نمبر 87: صحيح ابن خزيمة باب الأمر بإكرام البيوت ببعض الصلاة فيها (ج 4/ص 431۔الرقم: 1143) مصنف عبد الرزاق (ج 1/ص 393) المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 3/ص 198) كنز العمال (ج 15/ص 390)

حديث نمبر 88: عَنْ عَبْدِ اللَّهِ بْنِ شَقِيقٍ قَالَ سَأَلْتُ عَائِشَةَ عَنْ صَلَاةِ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مِنَ التَّطَوُّعِ فَقَالَتْ كَانَ يُصَلِّي قَبْلَ الظُّهْرِ أَرْبَعًا فِي بَيْتِي ثُمَّ يَخْرُجُ فَيُصَلِّي بِالنَّاسِ ثُمَّ يَرْجِعُ إِلَى بَيْتِي فَيُصَلِّي رَكْعَتَيْنِ وَكَانَ يُصَلِّي بِالنَّاسِ الْمَغْرِبَ ثُمَّ يَرْجِعُ إِلَى بَيْتِي فَيُصَلِّي رَكْعَتَيْنِ وَكَانَ يُصَلِّي بِهِمُ الْعِشَاءَ ثُمَّ يَدْخُلُ بَيْتِي فَيُصَلِّي رَكْعَتَيْنِ.

سنن أبي داود بَاب تَفْرِيعِ أَبْوَابِ التَّطَوُّعِ وَرَكَعَاتِ السُّنَّةِ (ج 4/ص 1۔الرقم: 1060)

صحيح مسلم (ج 4/ص 70۔الرقم: 1201)

مسند أحمد (حَدِيثُ السَّيِّدَةِ عَائِشَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهَا) (ج 49/ص 48۔الرقم: 22892)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 89 :

هڪ پيري پاڻ ڪريمن ﷺ جن بَنو عبدالاشهل جي مسجد ۾ اچي سج لٿي جي نماز پڙهايائون پوءِ ڏٺائون تہ ماڻهو نفل مسجد ۾ پڙهي رهيا آهن. پاڻ فرمايائون :

هَذِهِ صَلَاةُ الْبُيُوتِ (ابوداؤد)[1]

هيءَ نماز گهرن ۾ پڙهڻ جي آهي.

ابن ماجہ جي روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ فرمايو سج لٿي جي فرض کان پوءِ واريون ٻہ رڪعتون گهر ۾ پڙهو. البتہ اشراق جي نماز مسجد ۾ پڙهڻ گهرجي ڇو تہ ان لاءِ حڪم آهي.

حديث نمبر 90 :

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ "جو ماڻهو فجر جي نماز پڙهي پنهنجي جاءِ تي ويٺو رهي، چڱائي کان سواءِ ڪابہ گفتگو نہ ڪري پوءِ (سج ايري اچي تہ) ٻہ رڪعتون اشراق نماز پڙهي تہ ان جا سڀ گناهہ بخشيا وڃن ٿا پلي ڪٽي سمنڊ جي جهڳ جيترا هجن. (احمد، ابوداؤد)[2]

ٽپهريءَ جي سنت :

حديث نمبر 91:

رسول الله ﷺ فرمايو تہ جنهن ماڻهو ٽپهري (عصر) نماز کان اڳ ۾ چار رڪعتون نماز پڙهي تہ الله تعاليٰ ان جي بدن تي جهنم جي باهہ حرام ڪري ڇڏي ٿو. (طبراني)

---

[1] حديث نمبر 89: سنن أبي داود بَاب رَكْعَتَيْ الْمَغْرِبِ أَيْنَ تُصَلَّيَانِ (ج 4/ص 61 سنن ابن ماجه (ج 3/ص 498)

[2] حديث نمبر 90: أَنَّ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ مَنْ قَعَدَ فِي مُصَلَّاهُ حِينَ يَنْصَرِفُ مِنْ صَلَاةِ الصُّبْحِ حَتَّى يُسَبِّحَ رَكْعَتَيْ الضُّحَى لَا يَقُولُ إِلَّا خَيْرًا غُفِرَ لَهُ خَطَايَاهُ وَإِنْ كَانَتْ أَكْثَرَ مِنْ زَبَدِ الْبَحْرِ.

سنن أبي داود بَاب صَلَاةِ الضُّحَى (ج 4/ص 47. الرقم: 1095)

مسند أحمد (ج 31/ص 222. الرقم: 15070)

المعجم الكبير للطبراني (ج 15/ص 126)

Scanned by CamScanner

گھر ۾ مسجد ٺاھڻ :

جيڪڏھن کو گھر اٽو نمازي آھي تہ پنھنجي گھر ۾ نماز لاءِ ھڪ جاءِ مقرر ڪري چڏي تہ بھتر آھي يا گھر ۾ ننڍڙي مسجد ھجي جنھن ۾ سنتون، نوافل ۽ تھجد پڙھجي.

حديث نمبر 92:

عَنْ عَائِشَةَ قَالَتْ أَمَرَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَنْ تُتَّخَذَ الْمَسَاجِدُ فِي الدُّورِ وَأَنْ تُطَهَّرَ وَتُطَيَّبَ (سنن ابن ماجه) [1]

ام المومنين حضرت عائشہ صديقہ رضي الله عنها فرمايو تہ رسول الله ﷺ جن گھرن جي پاڙي ۾ مسجدون ٺاھڻ جو حڪم فرمايو ۽ ھي تہ انھن کي پاڪ صاف رکيو وڃي ۽ خوشبودار رکيو وڃي.

جيڪا گھر ۾ مسجد ناھي وڃي يا "جاءِ نماز" مقرر ڪئي وڃي ان کي پليتي کان، پارڙن جي ناپاڪائي کان بچايو وڃي ۽ ان کي خوشبودار ۽ سُرھو رکيو وڃي.

حديث نمبر 93:

جيڪو ماڻھو الله جي رضامندي خاطر مسجد ناھي ٿو تہ الله تعالي ان لاءِ جنت ۾ گھر ناھي ٿو. (بخاری، مسلم) [2]

حديث نمبر 94:

مسجد شريف کي صاف ستڙو رکڻ بابت حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو تہ:

---

[1] حديث نمبر 91: سنن ابن ماجه بَاب تَطْهِيرِ الْمَسَاجِدِ وَتَطْيِيبِهَا (ج 2/ص 472۔ الرقم: 751) سنن أبي داود (ج 2/ص 41۔ الرقم: 384) سنن الترمذي (ج 2/ص 469۔ الرقم: 542) مسند أحمد (ج 53/ص 340۔ الرقم: 25182) مسند أبي يعلى الموصلي (ج 9/ص 463۔ الرقم: 4578) مشكل الآثار للطحاوي (ج 6/ص 297۔ الرقم: 2352)

[2] حديث نمبر 93: عن عُثْمَانَ بْنِ عَفَّانَ قال إِنِّي سَمِعْتُ النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُولُ مَنْ بَنَى مَسْجِدًا قَالَ بُكَيْرٌ حَسِبْتُ أَنَّهُ قَالَ يَبْتَغِي بِهِ وَجْهَ اللَّهِ بَنَى اللَّهُ لَهُ مِثْلَهُ فِي الْجَنَّةِ

صحيح البخاري بَاب مَنْ بَنَى مَسْجِدًا (ج 2/ص 239۔ الرقم: 431)

صحيح مسلم (ج 3/ص 129۔ الرقم: 828)

سنن ابن ماجه (ج 2/ص 443۔ الرقم: 730)

مسند أحمد (ج 1/ص 412۔ الرقم: 407)

Scanned by CamScanner

مَنْ أَخْرَجَ أَذًى مِنَ الْمَسْجِدِ بَنَى اللّٰهُ لَهُ بَيْتًا فِي الْجَنَّةِ (ابن ماجه) [1]

جو ماڻهو مسجد مان کا ايذائيندڙ شيءِ (يا گند ڪچرو وغيره) ڪڍي ٿو تہ الله تعالىٰ ان لاءِ جنت ۾ گھر ٺاهي ٿو.

گھر ۾ قرآن جي تلاوت :

گھر ۾ قرآن ڪريم جي تلاوت ڪرڻ سان گھر ۾ امن عافيت، رحمت ۽ برڪت نازل ٿئي ٿي. رزق ۾ برڪت پوي ٿي. ڪيڏو تہ اهو خوشنصيب گھراٽو آهي جنهن ۾ صبح ساڻ اٿي پارڙا پڙهڻا ننڍا وڏا الله جي قرآن جي تلاوت ڪن!

سورة البقرة جي تلاوت :

حديث نمبر 95:

لَا تَجْعَلُوا بُيُوتَكُمْ مَقَابِرَ وَإِنَّ الْبَيْتَ الَّذِي تُقْرَأُ فِيهِ الْبَقَرَةُ لَا يَدْخُلُهُ الشَّيْطَانُ (ترمذى) [2]

پنهنجي گھرن کي قبرستان نہ بنايو ۽ بيشڪ اهو گھر جنهن ۾ سورة بقرة تلاوت ڪئي وڃي تہ ان ۾ شيطان داخل نہ ٿو ٿئي.

حديث نمبر 96:

حضرت ابو سعيد رضي الله عنه روايت ڪئي تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم فرمايو تہ الله پاڪ ٿو فرمائي تہ :

مَنْ شَغَلَهُ الْقُرْآنُ وَذِكْرِي عَنْ مَسْأَلَتِي أَعْطَيْتُهُ أَفْضَلَ مَا أُعْطِي السَّائِلِينَ وَفَضْلُ كَلَامِ اللّٰهِ عَلَى سَائِرِ الْكَلَامِ كَفَضْلِ اللّٰهِ عَلَى خَلْقِهِ (ترمذى) [3]

---

[1] حديث نمبر 94: ابن ماجه بَاب تَطْهِيرِ الْمَسَاجِدِ وَتَطْيِيبِهَا (ج 2/ص 9470) كنز العمال (ج 7/ص 649۔ الرقم: 20726)

[2] حديث نمبر 95: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي فَضْلِ سُورَةِ الْبَقَرَةِ وَآيَةِ الْكُرْسِيِّ (ج 10/ص 107۔ الرقم: 2802) مسند أحمد (ج 18/ص 102۔ الرقم: 8560) مجمع الزوائد (ج 6/ص 312) المسند الجامع (ج 44/ص 148۔ الرقم: 14470)

[3] حديث نمبر 96: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ كَيْفَ كَانَتْ قِرَاءَةُ النَّبِيِّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ (ج 10/ص 169۔ الرقم: 2850) شعب الإيمان للبيهقي (ج 5/ص 27۔ الرقم: 1959) سنن الدارمي (ج 10/ص 237۔ الرقم: 3419) كنز العمال (ج 1/ص 520۔ الرقم: 2332)

Scanned by CamScanner

جنھن ماڻھو کي مون کان دعا گھرڻ کان قرآن جي تلاوت ۽ ذکر مشغول ڪري ڇڏيو تہ ان کي گھرندڙ کان بہ وڌيڪ عطا ڪندس ۽ الله جي ڪلام جي فضيلت سڀ ڪلامن تي ائين آھي جيئن سڀ مخلوق تي الله جي فضيلت آھي.

گھر ۾ آيت الڪرسي پڙھڻ:

احاديث مان ثابت آھي تہ ڪو ماڻھو رات جي وقت سمھڻ کان اڳ تي ٻيرا آيت الڪرسي پڙھي پنھنجي گھر کي شوڪاري تہ سڄي رات اُھو گھر زميني آساني مصيبتن ۽ شامتن کان الله جي حفاظت ۾ اچي ويندو آھي. چور جي چوري کان، باھ جي ٻرڻ کان، ڏاڙيلن جي ڏاڙي کان، پاڻي جي ٻوڏ کان اُھو گھر محفوظ رھي ٿو. جنھن گھر کي آيت الڪرسي پڙھي شوڪاري ويندي آھي اھو گھر الله جي حصار ۽ حفاظت ۾ اچي ويندو آھي.

حضرت عبدالرحمن بن عوف رضي الله عنه جڏھن گھر ۾ داخل ٿيندو ھيو تہ آيت الڪرسي گھر جي ڪنڊن ۾ پڙھندو ھيو. (ڪنز العمال)1

ھڪ حديث ۾ آھي تہ سورة البقرة ۾ ھڪ آيت اھڙي آھي جيڪا قرآن پاڪ جي ٻين آيتن جي سردار آھي. اھا جنھن بہ گھر ۾ پڙھي ويندي آھي تہ ان گھر مان شيطان ٻاھر نڪري ويندو آھي. اھا آيت الڪرسي آھي. (مستدرک حاڪم) 2

سورة يٰس جي تلاوت:

حديث نمبر 97:

حضرت انس رضي الله عنه فرمايو تہ رسول الله صلى الله عليه وسلم فرمايو تہ هر شيءِ جي دل ٿيندي آھي. قرآن جي دل سورة "يٰس" آھي. جيڪو ماڻھو ھڪ ٻيرو سورة "يٰس" پڙھندو آھي تہ ان کي ڏھ 10 ٻيرا قرآن پڙھڻ جيترو ثواب ڏنو ويندو آھي. (ترمذی)3

---

[1] عن عبد الله قال: كان عبد الرحمن بن عوف إذا دخل بيته قرأ في زواياه آية الكرسي۔ كنز العمال (ج 15/ص 490۔ الرقم: 41943)

[2] حديث: عن أبي هريرة رضي الله عنه ، أن رسول الله صلى الله عليه وسلم قال سورة البقرة فيها آية سيد آي القرآن ، لا يقرأ في بيت وفيه شيطان إلا خرج منه آية الكرسي. المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 5/ص 125۔ الرقم: 2016)

[3] حديث نمبر 97: قَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِنَّ لِكُلِّ شَيْءٍ قَلْبًا وَقَلْبُ الْقُرْآنِ يس وَمَنْ قَرَأَ يس كَتَبَ اللهُ لَهُ بِقِرَاءَتِهَا قِرَاءَةَ الْقُرْآنِ عَشْرَ مَرَّاتٍ سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي فَضْلِ يس (ج 10/ص 121۔ الرقم: 2812) شعب الإيمان للبيهقي (ج 5/ص 472)

Scanned by CamScanner

سورة دخان جي تلاوت :

حديث نمبر 98:

جيڪو ماڻهو رات جو سورة "الدُخان" پڙهي ٿو تہ صبح جو ستر هزار ملائڪ ان لاءِ استغفار پڙهن ٿا. (ترمذی)[1]

گھر ۾ الله جو ذڪر ڪرڻ:

جسم جو جياپو روح سان آهي اگر جسم ۾ روح نہ هجي تہ اهو جسم مرده سڏيو ويندو آهي. گھر بہ هڪ جسم وانگر آهي ان جو روح الله جو ذڪر آهي، جنهن گھر ۾ الله جو ذڪر نہ ڪيو وجي اهو گھر مرده تصور ڪيو ويندو آهي.

حديث نمبر 99:

مَثَلُ الْبَيْتِ الَّذِي يُذْكَرُ اللَّهُ فِيهِ وَالْبَيْتِ الَّذِي لَا يُذْكَرُ اللَّهُ فِيهِ مَثَلُ الْحَيِّ وَالْمَيِّتِ

(بخاری، مسلم)[2]

جنهن گھر ۾ الله جو ذڪر ڪيو وجي اهو گھر زندهہ جي مثال آهي ۽ جنهن گھر ۾ الله جو ذڪر نہ ڪيو وجي اهو مرده جي مثال آهي.

گھر مان شيطان کي پجائڻ :

نبي پاڪ صاحبِ لقب لولاک ﷺ پنهنجي امت کي اهڙو عمل سيکاريو آهي جنهن جي ڪرڻ سان گھر مان شيطان پجي وجي ٿو.

---

[1] حديث نمبر 98: عَنْ أَبِي سَلَمَةَ عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَنْ قَرَأَ حم الدُّخَانَ فِي لَيْلَةٍ أَصْبَحَ يَسْتَغْفِرُ لَهُ سَبْعُونَ أَلْفَ مَلَكٍ

سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي فَضْلِ حم الدُّخَانِ (ج 10 / ص 123۔ الرقم: 2813)

شعب الإيمان للبيهقي (ج 5 / ص 488۔ الرقم: 2373)

كنز العمال (ج 1 / ص 581۔ الرقم: 2631)

[2] حديث نمبر 99: صحيح البخاري بَاب فَضْلِ ذِكْرِ اللَّهِ عَزَّ وَجَلَّ (ج 20 / ص 23۔ الرقم: 5928)

صحيح مسلم بَاب اسْتِحْبَابِ صَلَاةِ النَّافِلَةِ فِي بَيْتِهِ وَجَوَازِهَا فِي الْمَسْجِدِ (ج 4 / ص 181۔ الرقم: 1299)

شعب الإيمان للبيهقي (ج 2 / ص 106۔ الرقم: 564) مسند أبي يعلى الموصلي (ج 15 / ص 114۔ الرقم: 7145)

صحيح ابن حبان (ج 4 / ص 200۔ الرقم: 855)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 100:

حضور انور شافع محشر نبي اڪرم هاديءِ عالم ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن ماڻهو گهر ۾ داخل ٿيندي ءِ ماني ڪائيندي الله جو ذڪر ڪري ٿو تہ شيطان ان جي گهر مان ڀڄي وڃي ٿو ءِ چوي ٿو تہ هن گهر ۾ منهنجي رهڻ جي ڪابہ جاءِ ناهي. هِنن جي ڪاڏي ۾ منهنجو ڪوبہ حصو نہ آهي ءِ جيڪڏهن ڪو شخص گهر ۾ داخل ٿيندي الله جو ذڪر نہ ٿو ڪري ءِ ماني ڪائيندي الله جو ذڪر نہ ٿو ڪري تہ شيطان چوي ٿو تہ هن گهر ۾ رات بہ رهندس ءِ ڪاڏي ۾ منهنجو بہ حصو آهي. (مسلم)

هر حال ۾ الله جو ذڪر ڪرڻ:

حديث نمبر 101:

أَنَّ رَسُولَ اللَّهِ ﷺ كَانَ يَذْكُرُ اللَّهَ عَزَّ وَجَلَّ عَلَى كُلِّ أَحْيَانِهِ (ابنِ ماجه) [1]

بيشڪ رسول الله ﷺ هر حالت ۾ الله جو ذڪر ڪندا هئا.

گهر ۾ مجلسِ ذڪر ڪرڻ:

خوشنصيب آهي اُهو گهر جنهن ۾ سڀ گهر وارا گڏجي الله جو ذڪر ڪن ٿا. يا جنهن گهر ۾ ڪا ذڪر جي مجلس منعقد ڪئي وڃي ٿي. ان گهر ۾ هر ذري تي الله جي رحمت وسي ٿي.

حديث نمبر 102:

جڏهن ماڻهو ذڪرِ الاهي جي مجلس ۾ ويهي اٿن ٿا تہ انهن کي چيو وڃي ٿو تہ:

قُومُوا قَدْ غَفَرَ اللَّهُ لَكُمْ ذُنُوبَكُمْ وَبُدِّلَتْ سَيِّئَاتُكُمْ حَسَنَاتٍ (طبراني) [2]

---

[1] حديث نمبر 101: سنن ابن ماجه بَاب ذِكْرِ اللَّهِ عَزَّ وَجَلَّ عَلَى الْخَلَاءِ وَالْخَاتَمِ فِي الْخَلَاءِ (ج 1/ص 358۔الرقم:298) صحيح البخاري بَاب تَقْضِي الْحَائِضُ الْمَنَاسِكَ (ج 2/ص 4) صحيح مسلم (ج 2/ص 297۔الرقم:558) سنن أبي داود (ج 1/ص 27۔الرقم: 17) سنن الترمذي (ج 11/ص 240۔الرقم: 3306) مسند أحمد (ج 49/ص 430۔الرقم:23274)

[2] حديث نمبر 102: المعجم الكبير للطبراني (ج 6/ص 10۔الرقم:5907) المعجم الأوسط للطبراني (ج 4/ص 74۔الرقم:1614) مسند أحمد (ج 25/ص 46۔الرقم:12000) شعب الإيمان للبيهقي (ج 2/ص 257۔الرقم: 714) مسند أبي يعلى الموصلي (ج 9/ص 170۔الرقم:4032)

Scanned by CamScanner

اٿو بيشڪ توهان جي بخشش ڪئي وئي ۽ توهان جا گناهہ نيڪين ۾ تبديل ڪيا ويا.

حديث نمبر 103:

حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو تہ جڏهن توهان جنت جي باغيچن مان گذرو تہ (جنت جا ميوا) ضرور کائيندا ڪيو. اصحابي سڳورن پڇيو تہ جنت جا باغيچا ڪهڙا آهن؟ پاڻ فرمايائون الله جي ذڪر جا حلقا (ذڪر جون محفلون). (ترمذی) 1

خوشنصيب آهي اهو گهر ۽ گهروارا جن وٽ ذڪر جون محفلون ٿيندڙيون آهن، جنهن ۾ ننڍا وڏا، پار پوڙها شريڪ ٿيندا آهن، اُهي ڏيڙ انعام حاصل ڪندا آهن، ۽ اُهي منور ۽ معطر ٿي ويندا آهن.

جي تو سَڊ سُڪون جي، ذڪر ڪاهيون ڪاهہ،
اَلَا بِذِكْرِ اللّٰهِ تَطْمَئِنُّ الْقُلُوْبُ، لاڳاپا ٻيا لاهہ،
ڪر تون "ڪرم الله"، اهڙو عشق الله سين.

ذاڪر ٿي ان ذات جو، جنهن جو ذڪر ظهور،
بندا نہ ٿي بند تون، آڏي اور اَسُور،
سينن جو سُرور، آهي ان جي ياد ۾.

ذاتي ڪر ذڪر، ڇڏي فڪر فضول،
متا محبت مُولَ، سيڪارج سرير ڪي.

---

[1] حديث نمبر 103: عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ أَنَّ رَسُولَ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ إِذَا مَرَرْتُمْ بِرِيَاضِ الْجَنَّةِ فَارْتَعُوا قَالُوا وَمَا رِيَاضُ الْجَنَّةِ قَالَ حِلَقُ الذِّكْرِ

سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي عَقْدِ التَّسْبِيحِ بِالْيَدِ (ج 11/ص 415۔الرقم:3432)

مسند أحمد (ج 25/ص 111۔الرقم:12065)

شعب الإيمان للبيهقي (ج 2/ص 99۔الرقم:557)

مسند أبي يعلى الموصلي (ج 7/ص 452۔الرقم:3338)

Scanned by CamScanner

باب پنجون

گھر ۾ جانور پالڻ جو بيان

گھر ۾ اگر گنجائش هجي تہ هڪ جاءِ جدا مخصوص ڪيو، اُتي جانور پاليو، اهو روزگار جو ذريعو بہ آهي ۽ ان ۾ رحمت ۽ برڪت بہ آهي. رهائش واري حصي ۾ جانور نہ پاليو چو تہ ان سان صفائي سُٿرائي نزاڪت نفاست نہ ٿي رهي. جانورن جي سبب گندگي ۽ بدبوءِ رهي ٿي جنهن سان نفيس طبيعت غبي بنجي وڃي ٿي.

بکريون پالڻ:

حديث نمبر 104:

حضرت سيده ام هاني رضي الله عنها کي حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ:

اتَّخِذِي غَنَمًا فَإِنَّ فِيهَا بَرَكَةً (ابن ماجه)[1]

بکريون پالينديءَ ڪر چو تہ ان ۾ برڪت آهي.

حديث نمبر 105:

الشَّاةُ مِنْ دَوَابِّ الْجَنَّةِ (ابن ماجه)[2]

بکري جنت جي جانورن مان آهي.

ککڑيون پالڻ:

ککڑ پالڻ روزي بہ آهي ۽ روزگار جو ذريعو بہ آهي.

---

[1] حديث نمبر 104: سنن ابن ماجه بَاب اتِّخَاذِ الْمَاشِيَةِ (ج 7/ص 89۔الرقم: 2295) كنز العمال (ج 4/ص 32۔الرقم: 9352) مجمع الزوائد (ج 4/ص 66) تحفة الأشراف (ج 14/ص 206۔الرقم: 18008)

[2] حديث نمبر 105: سنن ابن ماجه بَاب اتِّخَاذِ الْمَاشِيَةِ (ج 7/ص 91۔الرقم: 2297) معرفة السنن والآثار للبيهقي (ج 4/ص 130۔الرقم: 1379) كنز العمال (ج 12/ص 324۔الرقم: 35225)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 106:

حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته:

أَمَرَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ الْأَغْنِيَاءَ بِاتِّخَاذِ الْغَنَمِ وَأَمَرَ الْفُقَرَاءَ بِاتِّخَاذِ الدَّجَاجِ وَقَالَ عِنْدَ اتِّخَاذِ الْأَغْنِيَاءِ الدَّجَاجَ يَأْذَنُ اللَّهُ بِهَلَاكِ الْقُرَى (ابن ماجه)[1]

رسول الله صلي الله عليه وسلم جن شاهوڪارن کي ٻڪرين پالڻ جو حڪم ڪيو ۽ مسڪينن کي ڪڪڙين پالڻ جو حڪم ڪيو. ۽ فرمايائون ته جڏهن امير ڪڪڙين پالينداَ آهن ته الله تعاليٰ ان ڳوٺ جي تباهي جو حڪم ڏئي ڇڏيندو آهي.

اصل ۾ آقاءِ ڪائنات صلي الله عليه وسلم معاشي وسائل ۽ آمدني جي ذريعن جي تقسيم فرمائي آهي، ته جيئن سڀني مالي وسيلن تي هڪ ئي طبقي جي اجاره داري قائم نه ٿي وڃي.

اڄڪلهه اسان ڏسون ٿا جڏهن کان شاهوڪارن ڪڪڙن جا فارم ٺهرايا آهن تڏهن کان ملڪ مان برڪتون ڪڍيون پيون وڃن.

اٺ ۽ گھوڙا ڏارڻ:

حديث نمبر 107:

حضرت عُروه رضي الله عنه کان مرفوع حديث آهي ته:

الْإِبِلُ عِزٌّ لِأَهْلِهَا وَالْغَنَمُ بَرَكَةٌ وَالْخَيْرُ مَعْقُودٌ فِي نَوَاصِي الْخَيْلِ إِلَى يَوْمِ الْقِيَامَةِ (ابن ماجه)[2]

اُٺ پنهنجي مالڪ لاءِ فخر آهي، ٻڪرين برڪت آهن ۽ قيامت تائين گھوڙن جي پيشانين ۾ خير مقرر ڪيو ويو آهي.

انهن کان علاوه هي جانور به گھر ۾ ڏاري سگھجن ٿا. ڳئون، مينهون، ريڍون وغيره.

جانورن جا حق:

جيڪڏهن ڪنهن کي گھر ۾ جانور پالڻ جو شوق آهي ته ان کي لازم آهي ته:

---

[1] حديث نمبر 106: سنن ابن ماجه بَاب اتِّخَاذِ الْمَاشِيَةِ (ج 7/ص 92۔ الرقم: 2298) كشف الخفاء (ج 1/ص 334۔)

[2] حديث نمبر 107: سنن ابن ماجه بَاب اتِّخَاذِ الْمَاشِيَةِ (ج 7/ص 90۔ الرقم: 2296) روضة المحدثين (ج 12/ص 186۔ الرقم: 5686)

Scanned by CamScanner

انھن سان ستو سلوڪ ڪري. حديث ۾ آھي تہ توھان زمين وارن تي رحم ڪيو تہ آسمان وارو توھان تي رحم ڪندو.

صحيح مسلم ۾ حديث آھي تہ بني اسرائيل جي ھڪ بدڪردار عورت صرف ھن ڪري بخشجي جنتي بنجي وئي جو ان ھڪ اُجاري ڪتي کي پاڻي پياريو ھيو.

مسند امام اعظم ۾ ھڪ حديث آھي تہ "حُمير" قبيلي جي ھڪ عورت کي پاڻ ڪريم ﷺ جن جھنم ۾ ڏنو صرف ھن ڪري جو ان ھڪ ٻلي ۽ کي گھر ۾ بند ڪري ڇڏيو ھيو. اھا بک اج ۾ تڙپي مري وئي.

ھڪ ولي الله کان ولايت و بزرگي ڦرجي وئي جو اُن ھڪ جانور کي ڪنو ۽ ان جانور جي سامھون ان جو ٻچڙو تڙپندو ڏسندو رھيو ان تي رحم نہ ڪيائين.

حضرت جنيد بغدادي رحمة الله عليہ کي ولايت بزرگي ھن ڪري ملي جو پاڻ سردي جي رات ۾ دوستن سان ڪچھري ڪري موتيو تہ سندس سَوڙ ۾ ھڪ ٻلي ستل ھئي ان کي نہ اٿاريائين. پاڻ سڄي رات سي۽ ۾ ڏڪندا رھيا.

ڇا حال ٿيندو انھن ماڻھن جو جيڪي ڪتن کي رڇ سان وڙھائن ٿا. سپاٽي جڏھن جھنم جي باھ جا ڪتا انھن جي مٿان ڇڏيا ويندا جيڪي انھن جي جسمن کي پٽيندا تڏھن انھن کي خبر پوندي پنھنجي ان ڪڏي ڪردار جي.

رسول الله ﷺ جن لعنت ڪئي آھي انھن ماڻھن تي جيڪي ڪڪڑن کي پاڻ ۾ ويڑھائن ٿا. ڏاندن يا گڏھن جي گوءِ ڪرڻ وقت انھن جي بدنن کي لوھ جي ٻلين سان ايذائڻ وڏو ظلم ۽ بي حيائي آھي. مسلمانن کي اھڙين برين عادتن کان بچڻ گھرجي ۽ جانورن تي رحم ۽ شفقت ڪرڻ گھرجي. جانورن جا حقوق ھي آھن :

1. جو جانور جنھن مقصد لاءِ آھي ان کان صرف اھو ئي ڪم وٺڻ گھرجي جھڙي طرح ڏاند ھر ھلائڻ لاءِ آھي تہ ان جي پٺي تي گھوڙي وانگر سواري نہ ڪرڻ گھرجي.
2. جانورن جي ڪچي۽ ۾ چڑا گھنٽيون نہ ٻڌو چو تہ اُھي شيطاني اوزار آھن.
3. ڪڪڑن کي گاريون نہ ڏيو چو تہ اُھي نماز لاءِ سجاڳ ڪندا آھن.
4. گھر ۾ ڏاريل جانورن کي گاھ چارو وقت تي ڏيو.

Scanned by CamScanner

5. روزانہ جانور کي ان جي گھرج مطابق پاڻي پياريو. گرم يا گندو پاڻي نہ پياريو.
6. جانورن لاءِ سياري جي سيءَ ۾ انھاري جي گرميءِ مطابق بندوبست ڪرڻ گھرجي.
7. کير پيئندڙ ٻچو ماءُ کان جدا نہ ڪرڻ گھرجي.
8. حمل وارو جانور ذبح نہ ڪرڻ گھرجي.
9. ڪو حلال جانور ڪُھو تہ ڪھڻ وارو اوزار تکور کو جيئن جانور کي گھٽو ايذاءُ نہ اچي.
10. ٻچي جي سامھون ماءُ کي يا ماءُ جي سامھون ٻچي کي نہ ڪُھو.
11. کير واري جانور جو کير اڏيا ٽيون حصو ان جي ٻچي کي پياريو.
12. کير ڏھڻ واري کي گھرجي تہ پنھنجا ننھن لاھي ڇڏي ڇو تہ ان سان جانورن جي ٽٽن کي ايذاء ٿئي ٿو.
13. زمين تي ھلندڙ جيت جانورن ڪِولين ماکوڙين کي ڇاڻي واڻي نہ لتاڙيو.
14. ڪم وارن جانورن کان گھٽو ڪم نہ وٺو جيئن ڏاندن کي سخت گرميءَ ۾ ھرن ۾ نہ ھلايو. گڏھ گاڏي تي تمام گھٽو بار نہ ڪٽو، ٽانگي تي حد کان وڌيڪ ماڻھو ڪٽي گھوڙي کي تڪليف نہ ڏيو.
15. جيڪي جانور مارڻ جائز آھن انھن کي باھہ ۾ نہ ساڙيو جيئن جونءِ ۾ نانگ وغيرہ.
16. جانورن کي گاريون نہ ڏيو نہ ئي لعنت وجھو.
17. جانورن کي لٽين سان نہ ايذايو.
18. اگر ڪو جانور بيمار ٿئي تہ ان جو علاج ڪرائڻ گھرجي.
19. اڏڻ وارن پکين کي پنجري ۾ قيد نہ ڪيو وجي.
20. جن وٽن تي پکين جا آکيرا ھجن، ضرورت کان سواءِ انھن وٽن کي نہ ڪٽيو وجي.

پکيئڙو پرديس جو، پنجري ۾ پيو،
ساريندي ساٿيھ کي، چيچٽ ڪري چيو،
مون تي رحم ڪيو، باندي ڪيو بند مان.

Scanned by CamScanner

کھڑا جانور مارجن کھڑا نہ مارجن؟

حديث نمبر 108:

حضرت عبدالله ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو تہ چار جانورن کي نہ ماريو: 1. ڪِول 2. ماکيءَ جي مک 3. هُد هُد 4. جھرڪي. (ابوداؤد)[1]

جھرڪيءَ جي ڇڻن کي جھرڪيءَ کان ڌار ڪرڻ ۽ ان جو آکيرو ڏاھڻ سخت منع آهي.

حديث نمبر 109:

هڪ طبيب رسول الله ﷺ کان ڏيڏر ماري دوا ۾ وجھڻ بابت پڇيو. پاڻ ڪريمن ڏيڏر کي مارڻ کان مان منع فرمايو. (ابوداؤد)[2]

چتو ڪتو جيڪو ماڻھن کي ڏاڙھي ٿو تہ ان کي ماري ڇڏيو.

پکين کي پنجرن ۾ قاسائڻ:

ڪبوتر، طوطا، تتر، بٽير يا اھڙا پکي پنجري ۾ قاسائي رکڻ هرگز درست نہ آهي، هوائن ۾ آزاد اڏامندڙ پکين کي ناحق قيد ۾ قابو ڪرڻ جائز نہ آهي. سياڻن جو چوڻ آهي تہ:

"پکي کي پنجري ۾ نہ ڏارجي نہ مارجي پر ڪٽي اڏارجي."

نانگن جو بيان:

گھرن کان ٻاھر جتي بہ ۽ جھڙو بہ نانگ ڏسو تہ ان کي ماري ڇڏيو.

---

[1] حديث نمبر 108: عَنْ ابْنِ عَبَّاسٍ قَالَ إِنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ نَهَى عَنْ قَتْلِ أَرْبَعٍ مِنَ الدَّوَابِّ النَّمْلَةُ وَالنَّحْلَةُ وَالْهُدْهُدُ وَالصُّرَدُ۔ سنن أبي داود بَاب فِي قَتْلِ الذَّرِّ (ج 14/ ص 7۔ الرقم:4583)

مسند أحمد (ج 6/ ص 440۔ الرقم:2907) السنن الكبرى للبيهقي (ج 5/ ص 214)

المعجم الكبير للطبراني (ج 5/ ص 398۔ الرقم:5596)

[2] حديث نمبر 109: عَنْ عَبْدِ الرَّحْمَنِ بْنِ عُثْمَانَ أَنَّ طَبِيبًا سَأَلَ النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عَنْ ضِفْدَعٍ يَجْعَلُهَا فِي دَوَاءٍ فَنَهَاهُ النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عَنْ قَتْلِهَا۔ سنن أبي داود بَاب فِي قَتْلِ الضِّفْدَعِ وبَاب فِي الْأَدْوِيَةِ الْمَكْرُوهَةِ (ج 14/ ص 10۔ الرقم:4585)

السنن الكبرى للبيهقي (ج 9/ ص 258) معرفة السنن والآثار للبيهقي (ج 15/ ص 113۔ الرقم: 5827)

Scanned by CamScanner

پر گھر ۾ نانگ ڏسو تہ اول ٽي ڀيرا چئوس تہ "اي الله جي مخلوق تون اسان جي گھر مان نڪري وڃ، نہ تون اسان کي ايذاءِ نہ اسان تو کي ايذايون." ٽي ڀيرا چوڻ کان پوءِ بہ نہ وڃي تہ پوءِ ان کي قتل ڪري ڇڏيو، ڇو تہ گھٽا جِنَ بہ نانگ جي روپ ۾ گھرن ۾ رھندا آھن پر پن ليکن وارو پڇ ڪٽيل نانگ جتي بہ ڏسو ان کي ماري ڇڏيو.

حديث نمبر 110:

رسول الله ﷺ فرمايو تہ نانگن ۾ اڪثر جِنَ بہ ھوندا آھن، سو جيڪڏھن توھان گھرن ۾ نانگ ڏسو تہ ان کي ٽي ڀيرا نڪري وڃڻ لاءِ چئو، جيڪڏھن نہ نڪري تہ ان کي ماري ڇڏيو ڇو تہ اھو شيطان آھي. (ابو داؤد)1

حديث نمبر 111:

رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ "جڏھن کان اسان نانگن سان لڙائي ڪئي آھي تہ انھن سان صلح نہ ڪيو آھي پوءِ جيڪو انھن کان ڊڄندي انھن کي ڇڏي ڏئي تہ اھو اسان مان نہ آھي. (ابوداؤد)2 جيئن کي ماٺھو ڪاري نانگ جي ويڑ کان ڊڄندا آھن. انھن کان ڊڄڻ ھرگز جائز نہ آھي.

سانڍو مارڻ گھرجي:

حديث نمبر 112:

سھڻي حبيب ڪريم ﷺ فرمايو تہ:

سانڍي کي ھڪ ڏڪ ۾ مارڻ ستر (70) نيڪيون آھي. (ابوداؤد)3

---

[1] حديث نمبر 110: قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِنَّ الْهَوَامَّ مِنَ الْجِنِّ فَمَنْ رَأَى فِي بَيْتِهِ شَيْئًا فَلْيُحَرِّجْ عَلَيْهِ ثَلَاثَ مَرَّاتٍ فَإِنْ عَادَ فَلْيَقْتُلْهُ فَإِنَّهُ شَيْطَانٌ سنن أبي داود بَاب فِي قَتْلِ الْحَيَّاتِ (ج 13/ ص 496۔ الرقم: 4574)

[2] حديث نمبر 111: قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَا سَالَمْنَاهُنَّ مُنْذُ حَارَبْنَاهُنَّ وَمَنْ تَرَكَ شَيْئًا مِنْهُنَّ خِيفَةً فَلَيْسَ مِنَّا سنن أبي داود بَاب فِي قَتْلِ الْحَيَّاتِ (ج 13/ ص 490۔ الرقم: 4568) مسند أحمد (ج 19/ ص 261۔ الرقم: 9218)
المعجم الكبير للطبراني (ج 19/ ص 454۔ الرقم: 1087) المعجم الأوسط للطبراني (ج 13/ ص 483۔ الرقم: 6405)
صحيح ابن حبان (ج 23/ ص 312۔ الرقم: 5736) مشكل الآثار للطحاوي (ج 3/ ص 352۔ الرقم: 1142)

[3] حديث نمبر 112: عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَنَّهُ قَالَ فِي أَوَّلِ ضَرْبَةٍ سَبْعِينَ حَسَنَةً سنن أبي داود بَاب فِي قَتْلِ الْأَوْزَاغِ (ج 14/ ص 3۔ الرقم: 4580) صحيح مسلم (ج 11/ ص 295۔ الرقم: 4156)

Scanned by CamScanner

باب ڇهون

گھر جون دعائون

گھر وارن تي سلام :

جڏهن گھر ۾ داخل ٿجي تہ سنت آهي تہ اول گھروارن تي سلام ڪجي. ائين ڪرڻ سان گھر تي، گھر وارن تي ۽ پاڻ تي رحمت ۽ برڪت نازل ٿئي ٿي.

حديث نمبر 113 :

حضرت انس رضی اللہ عنہ کي سرور ڪونين صلی اللہ علیہ وسلم جن فرمايو تہ :

يَا بُنَيَّ إِذَا دَخَلْتَ عَلَى أَهْلِكَ فَسَلِّمْ يَكُنْ بَرَكَةً عَلَيْكَ وَعَلَى أَهْلِ بَيْتِكَ. (ترمذی)[1]

اي منهنجا پٽڙا! جڏهن بہ تون گھر ۾ داخل ٿين تہ گھروارن تي سلام ڪندو ڪر ڇوتہ (ائين ڪرڻ سان) توتي ۽ گھر وارن تي برڪت (نازل) ٿيندي.

پاهران ايندڙ کي گھرجي تہ گھر وارن تي سلام ڪري، اڳڙ مان ڪو اُٿي ڪمري ۾ اچي تہ ڪمري وارن تي سلام ڪري، ڪمري مان نڪري ڪو پاهر اچي تہ پاهرين تي سلام ڪري، جنهن گھر ۾ سلام گھٽو هوندو ان گھر ۾ سلامتي ۽ برڪت هوندي.

ڪلام کان اڳ سلام :

حديث نمبر 114 :

سرور عالم صلی اللہ علیہ وسلم جو ارشاد آهي تہ :

اَلسَّلَامُ قَبْلَ الْكَلَامِ (ترمذي)[2] ڳالهائڻ کان اڳ سلام ڪيو.

---

[1] حديث نمبر 113: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي التَّسْلِيمِ إِذَا دَخَلَ بَيْتَهُ (ج 9/ص 323۔الرقم:2622) المعجم الأوسط للطبراني (ج 13/ص 241۔الرقم: 6163) المعجم الصغير للطبراني (ج 2/ص 497۔الرقم:857)

[2] حديث نمبر 114: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي السَّلَامِ قَبْلَ الْكَلَامِ (ج 9/ص 325۔الرقم: 2623) مسند أبي يعلى الموصلي (ج 5/ص 116۔الرقم:2008) مسند الشهاب القضاعي (ج 1/ص 56۔الرقم:34) كنز العمال (ج 9/ص 122)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 115:

مَنْ بَدَأَكُمْ بِالسَّوَّالِ قَبْلَ السَّلَامِ فَلَا تُجِيبُوهُ (زادالمعاد)[1]

جو شخص سلام کان اڳ گالهائڻ شروع ڪري ان کي جواب نه ڏيو.

گھر ۾ داخل ٿيڻ جي اجازت وٺڻ:

پرائي گھر ۾ بغير اجازت جي نهارڻ يا داخل ٿيڻ گناهه آهي، جڏهن پرائي گھر ۾ داخل ٿيو ته اول گھر ڌڻي کان اجازت گھرو، ان جو طريقو ڇا آهي؟ اها به نبي ڪريم ﷺ تعليم فرمائي رهيا آهن.

حديث نمبر 116:

هڪ دفعي سھڻا حبيب ﷺ گھر ۾ تشريف فرما هئا ته ڪو اصحابي ٻاهران آيو، ۽ چوڻ لڳو "مان اندر اچان؟" حضور عليه الصلواة والسلام جن ويٺل اصحابن مان هڪ کي فرمايو ته اٿي وڃي هن کي داخل ٿيڻ ۽ اجازت وٺڻ جو طريقو سيکار. ته اهو هن طرح چوي ته:

"اسلام عليڪم مون کي اندر اچڻ جي اجازت آهي؟"

ته ان شخص ٻڌي ورتو ۽ چوڻ لڳو:

"اسلام عليڪم مون کي اندر اچڻ جي اجازت آهي؟"

پوءِ پاڻ ﷺ سلام جو جواب ڏنائون ۽ اندر اچڻ جي اجازت ڏنائونس. (ابوداؤد) 2

گھروارن کان ٽي ڀيرا اجازت وٺڻ گھرجي جيڪڏهن اجازت ملي ته داخل ٿجي نه ته واپس موٽي وڃڻ گھرجي.

---

[1] حديث نمبر 115: زاد المعاد باب السّلَامُ قَبْلَ السّؤَالِ (ج 2 / ص 378) المعجم الكبير للطبراني (ج 11 / ص 157 ـ الرقم:207) المعجم الأوسط للطبراني (ج 1/ص 435ـ الرقم:436) كنز العمال (ج 9/ص 122ـ الرقم:25292) مجمع الزوائد باب فيمن سأل ولم يسلم (ج 8/ص 32)

حديث نمبر 116: عَنْ رِبْعِيٍّ قَالَ حدثنا رَجُلٌ مَنْ بَنِي عَامِرٍ أَنَّهُ اسْتَأْذَنَ عَلَى النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَهُوَ فِي بَيْتٍ فَقَالَ أَلِجُ فَقَالَ النَّبِيُّ ﷺ لِخَادِمِهِ اخْرُجْ إِلَى هَذَا فَعَلِّمْهُ الِاسْتِئْذَانَ فَقُلْ لَهُ قُلْ السَّلَامُ عَلَيْكُمْ أَأَدْخُلُ فَسَمِعَهُ الرَّجُلُ فَقَالَ السَّلَامُ عَلَيْكُمْ أَأَدْخُلُ فَأَذِنَ لَهُ النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَدَخَلَ سنن أبي داود باب كَيْفَ الِاسْتِئْذَانُ (ج 13/ص 393ـ الرقم:4508) مصنف ابن أبي شيبة (ج 6/ص 132) السنن الكبرى للبيهقي (ج 8/ص 340) السنن الكبرى للنسائي (ج 6/ص 87) السنن الكبرى للنسائي (ج 6/ص 87ـ الرقم:10148)

Scanned by CamScanner

گھر ۾ داخل ٿيڻ جي دعا :

سھڻي حبيب ڪريم ﷺ جڏھن به گھر ۾ داخل ٿيندا ھيا تہ ھيءَ دعا فرمائيندا ھئا.

حديث نمبر 117:

اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ خَيْرَ الْمَوْلَجِ وَخَيْرَ الْمَخْرَجِ بِسْمِ اللَّهِ وَلَجْنَا وَبِسْمِ اللَّهِ خَرَجْنَا وَعَلَى اللَّهِ رَبِّنَا تَوَكَّلْنَا (ابوداؤد)[1]

ءِ پاڻ فرمائيندا ھئا تہ ھيءَ دعا پڙھي پوءِ گھروارن تي سلام ڪندا ڪريو.

گھر کان ٻاھر نڪرڻ جي دعا :

حديث نمبر 118:

حبيب ڪبريا حضرت محمد مصطفيٰ احمد مجتبيٰ ﷺ جن فرمايو تہ جو شخص گھر مان ٻاھر نڪرندي ھيءَ دعا پڙھي:

بِسْمِ اللَّهِ تَوَكَّلْتُ عَلَى اللَّهِ لَا حَوْلَ وَلَا قُوَّةَ إِلَّا بِاللَّهِ (ترمذی)[2]

تہ ان کي چيو وڃي ٿو تہ "تون هدايت ڏنو وئين تنھنجي ضرورتن کي پورو ڪيو ويو آھي، تون شيطان جي شر کان بچايو ويو آھين ءِ شيطان پليت ان کان پري ٿي وڃي ٿو."

عجيب حڪايت :

ڪجھ بزرگن بيان فرمايو آھي تہ : ھڪ شخص ڊگھي سفر تي وڃي رھيو ھيو، گھر کان ٻاھر نڪرڻ وقت اِھا دعا گھريائين. ان جي گھرواري حمل سان ھئي. گھر کان نڪرندي الله پاڪ کي عرض ڪيائين تہ اي منھنجا رب!

---

[1] حديث نمبر 117: سنن أبي داود بَاب مَا يَقُولُ الرَّجُلُ إِذَا دَخَلَ بَيْتَهُ (ج 13 / ص 292۔ الرقم:4432) المعجم الكبير للطبراني (ج 3 / ص 476۔ الرقم:3374) مسند الشاميين للطبراني (ج 5 / ص 297۔ الرقم:1648) روضة المحدثين (ج 10 / ص 154۔ الرقم:4579)

[2] حديث نمبر 118: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ مَا يَقُولُ إِذَا خَرَجَ مِنْ بَيْتِهِ (ج 11 / ص 307۔ الرقم:3348) سنن أبي داود (ج 13 / ص 290۔ الرقم: 4431) مسند أحمد (ج 54 / ص 62۔ الرقم:25400) مصنف ابن أبي شيبة (ج 7 / ص 29) السنن الكبرى للنسائي (ج 6 / ص 26۔ الرقم:9915) المعجم الكبير للطبراني (ج 8 / ص 96۔ الرقم:8797) صحيح ابن حبان (ج 4 / ص 136۔ الرقم:823)

Scanned by CamScanner

منھنجي گھرواري جي پيٺ ۾ جيڪو ٻار آھي خدايا اھو تنھنجي امانت حفاظت ۾ ڏيان ٿو. جڏھن سفر کان واپس موٽيو تہ سندس گھرواري وفات ڪري چڪي ھئي. ھي قبر تي آيو، قرآن پڙھي رھيو ھيو تہ اچانڪ قبر مان تازي ڄاول ٻار جي روئڻ جو آواز ٻڌڻ ۾ آيس. قبر کوٽيائين تہ ننڍڙو ٻارڙو صحيح سلامت ھيو. قبر ڪشادي ھئي ۽ عورت جي ڇاتي بہ سلامت ھئي، کير موجود ھيو، ٻارڙو کير پي قبر ۾ کيڏي رھيو ھيو، ٻچڙي کي ڪٽي چميائين. غيبي آواز آيو تہ "اي ٻانھا جا چيز تو اسان جي حوالي ڪئي اھا امانت سلامت ملي يا نہ؟!"

دوستو! جڏھن بہ گھر مان نڪرو تہ پنھنجو سِر، ٻچڙا، گھر سڀ الله جي امانت ۾ ڏئي نڪرو انشاءالله کوبہ ڏک نہ پھچندو.

گھر کان ٻاھر نڪرڻ جي ٻي دعا :

ھيءَ دعا بہ صحيح حديثن مان ثابت آھي، گھر کان ٻاھر نڪرندي ھيءَ دعا پڙھڻ گھرجي.

حديث نمبر 119 :

بِسْمِ اللهِ تَوَكَّلْتُ عَلَى اللهِ اللَّهُمَّ إِنَّا نَعُوذُ بِكَ مِنْ أَنْ نَزِلَّ أَوْ نَضِلَّ أَوْ نَظْلِمَ أَوْ نُظْلَمَ أَوْ نَجْهَلَ أَوْ يُجْهَلَ عَلَيْنَا (ترمذی)[1]

ستر ھزار ملائڪ بخشش گھرن ٿا :

جيڪو شخص متئين ٻڌايل دعا پڙھندو آھي تہ ستر ھزار ملائڪ ان جي بخشش جي دعا ڪندا آھن.

حديث نمبر 120 :

حضرت ابو سعيد خُدري رضي الله عنه کان روايت آھي تہ "جو شخص پنھنجي گھر کان مسجد ڏانھن (فرضي) نماز پڙھڻ لاءِ نڪري ٿو ۽ وات تي ھيءَ دعا پڙھندو وڃي ٿو تہ ان لاءِ الله تعالي ستر ھزار ملائڪ مقرر ڪري ٿو جيڪي ان جي بخشش لاءِ دعائون گھرن ٿا.

---

[1] حديث نمبر 119: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ مَا يَقُولُ إِذَا خَرَجَ مِنْ بَيْتِهِ (ج 11 / ص 309۔ الرقم:3349) مسند أحمد (ج 54 / ص 62۔ الرقم: 25400) السنن الكبرى للنسائي (ج 6 / ص 26۔ الرقم:9915) كنز العمال (ج 7 / ص 143۔ الرقم:18418)

Scanned by CamScanner

۽ نماز پوري ڪري موٽڻ تائين رب العالمين پنهنجي خصوصي رحمت سان ان ڏانهن متوجه رهي ٿو. دعا مبارڪ هيءَ آهي :

اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ بِحَقِّ السَّائِلِينَ عَلَيْكَ وَأَسْأَلُكَ بِحَقِّ مَمْشَايَ هَذَا فَإِنِّي لَمْ أَخْرُجْ أَشَرًا وَلَا بَطَرًا وَلَا رِيَاءً وَلَا سُمْعَةً وَخَرَجْتُ اتِّقَاءَ سُخْطِكَ وَابْتِغَاءَ مَرْضَاتِكَ فَأَسْأَلُكَ أَنْ تُعِيذَنِي مِنَ النَّارِ وَأَنْ تَغْفِرَ لِي ذُنُوبِي إِنَّهُ لَا يَغْفِرُ الذُّنُوبَ إِلَّا أَنْتَ (ابن ماجه، مسند احمد)[1]

نقصان کان بچڻ جي دعا :

حديث نمبر 121 :

تاجدار دو عالم نور مجسم حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ فرمايو ته جيڪڏهن ڪو ماڻهو روزانو صبح جو ٽي ڀيرا ۽ شام جو ٽي ڀيرا هيءَ دعا پڙهي ته ان کي ڪاب شيءِ نقصان نه پهچائيندي.

بِسْمِ اللَّهِ الَّذِي لَا يَضُرُّ مَعَ اسْمِهِ شَيْءٌ فِي الْأَرْضِ وَلَا فِي السَّمَاءِ وَهُوَ السَّمِيعُ الْعَلِيمُ (ترمذی)[2]

قرض ۽ پريشاني کان نجات جي دعا :

حديث نمبر 122 :

نبي ڪريم ﷺ هڪ انصاري اصحابي کي فرمايو ته "چا مان توکي اهڙي دعا نه سيکاريان جيڪڏهن اُها پڙهين ته تنهنجون سڀ پريشانيون لهي وڃن ۽ تنهنجا قرض ادا ٿي وڃن.

اصحابي عرض ڪيو ضرور يا رسول الله ﷺ مون کي اهڙي دعا سيکاريو. حضور ﷺ ان کي هيءَ دعا سيکاري. ان اصحابي اِها دعا پڙهي ته الله پاڪ ان جون سڀ پريشانيون لاهي ڇڏيون ۽ قرض ادا ٿي ويا. پاڻ فرمايائون صبح ۽ شام هيءَ دعا پڙهه.

---

[1] حديث نمبر 120: سنن ابن ماجه (ج 2/ ص 496۔ الرقم: 770) مسند أحمد (ج 22/ ص 274۔ الرقم: 10729) مصنف ابن أبي شيبة (ج 7/ ص 29) كنز العمال (ج 15/ ص 396۔ الرقم: 41535) روضة المحدثين (ج 11/ ص 64۔ الرقم: 5064)

[2] حديث نمبر 121: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي الدُّعَاءِ إِذَا أَصْبَحَ وَإِذَا أَمْسَى (ج 11/ ص 248۔ الرقم: 3310) سنن أبي داود (ج 13/ ص 282۔ الرقم: 4425) سنن ابن ماجه (ج 11/ ص 333) مسند أحمد (ج 1/ ص 423۔ الرقم: 418)

Scanned by CamScanner

اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنَ الْهَمِّ وَالْحَزَنِ وَأَعُوذُ بِكَ مِنَ الْعَجْزِ وَالْكَسَلِ وَأَعُوذُ بِكَ مِنَ الْجُبْنِ وَالْبُخْلِ وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ غَلَبَةِ الدَّيْنِ وَقَهْرِ الرِّجَالِ (ابوداؤد)[1]

بيت الخلا جون دعائون :

بيت الخلاء ۾ داخل ٿيڻ وقت اول کاپو پير داخل ڪجي، ٻاهر نڪرڻ وقت اول ساڄو پير ٻاهر ڪڍجي. اهڙي منڊي يا اهڙا ڪاغذ جن تي الله تعالىٰ جو اسم لکيل هجي يا آيتون لکيل هجن اُهي بيت الخلاء کان ٻاهر رکڻ گهرجن. بيت الخلاء اهڙو ٺاهجي جنهن مان اندريون ماڻهو ٻاهرين کي نه ڏسي نه وري ٻاهريون ماڻهو اندرئين کي ڏسي.

حديث نمبر 123:

حضرت زيد بن ارقم رضي الله عنه فرمايو ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته : "ٻاءِخانن ۾ شيطان ايندا ويندا آهن ان ڪري جڏهن توهان مان ڪو ماڻهو بيت الخلاء ۾ وڃي ته هيءَ دعا پڙهي.

اللَّهُمَّ إِنِّي أَعُوذُ بِكَ مِنَ الْخُبُثِ وَالْخَبَائِثِ (ابن ماجه)[2]

هڪ روايت ۾ آهي ته بيت الخلاء ۾ وڃڻ وقت جيڪو "بسم الله" چوي ته شيطانن ۽ ان ماڻهو جي وچ ۾ پردو ٿي وڃي ٿو.

حديث نمبر 124:

حضرت انس بن مالک رضي الله عنهما فرمايو ته سهڻا حبيب ﷺ جڏهن ٻاءِ خانه کان ٻاهر نڪرندا هئا ته هيءَ دعا پڙهندا هئا:

الْحَمْدُ لِلَّهِ الَّذِي أَذْهَبَ عَنِّي الْأَذَى وَعَافَانِي (ابن ماجه)[3]

---

[1] حديث نمبر 122: سنن أبي داود بَاب فِي الِاسْتِعَاذَةِ ج 4/ص 353۔الرقم: 1330) كنز العمال ج 6/ص 239۔الرقم: 15519) السنن الكبرى للنسائي ج 4/ص 448۔الرقم: 7884)

[2] حديث نمبر 123: سنن أبي داود بَاب مَا يَقُولُ الرَّجُلُ إِذَا دَخَلَ الْخَلَاءَ ج 1/ص 9۔الرقم: 5) صحيح البخاري ج 1/ص 246) صحيح مسلم ج 2/ص 304۔الرقم: 563) سنن الترمذي ج 1/ص 11۔الرقم: 6) سنن النسائي ج 1/ص 38۔الرقم: 19) سنن ابن ماجه ج 1/ص 350۔الرقم: 292)

[3] حديث نمبر 124: سنن ابن ماجه بَاب مَا يَقُولُ إِذَا خَرَجَ مِنَ الْخَلَاءِ ج 1/ص 356۔الرقم: 297) مصنف ابن أبي شيبة كتاب الطهارة ج 1/ص 12) كنز العمال ج 7/ص 44۔الرقم: 17870)

Scanned by CamScanner

هڪ روايت ۾ ائين به آهي ته بيت الخلا کان ٻاهر نڪرڻ تي "غُفرانَکَ" چئجي.

بيت الخلا جا آداب :

1. غسل خاني واري هنڌ تي پيشاب نه ڪجي جو ته ان سان وسوسا پيدا ٿين ٿا.
2. پيشاب ويهي ڪرڻ گهرجي، عذر سبب بيهي پيشاب ڪيو ويو ته جائز آهي.
3. ساڄي هٿ سان شرمگاهه کي نه ڇُهجي نه ان سان استنجا ڪجي، بلڪ استنجا لاءِ کاٻو هٿ استعمال ڪجي.
4. بيت الخلاء ۾ بيت الله جي طرف مُنهن ڪري يا پُٺي ڪري نه ويهجي.
5. استنجا لاءِ پاڻي کان اڳ ۾ ٽن يا پنجن پٿرن سان صفائي ڪجي.
6. چيٽي، لڏ، هڏي يا پٿر سان استنجا نه ڪجي.
7. پيشاب ڪرڻ بعد ٿي سگهي ته پٿر سان يا ٽشو پيپر سان وٽ پچائجي ان کان پوءِ پاڻيءَ سان ڌوئي چڌجي.
8. ڪاڪوس ۾ ڪاٻي پير تي وڌيڪ زور ڏئي ويهجي.
9. وچ رستي يا ميويدار وڻ يا ماڻهن جي لنگهڻ جي جاءِ تي ڪاڪوس نه ڪجي.
10. نانگ جي ٻِرَ يا ڪنهن به سوراخ ۾ پيشاب نه ڪجي.
11. اگر جهنگ ۾ رفع حاجت لاءِ وڃجي ته پري نڪري وڃجي جتي ڪنهن جي نظر نه پوي.
12. ڪُلي ميدان ۾ ڪاڪوس نه ڪجي ٻيو نه هجي ته ڪنهن ڏڙي يا ٻوٽي کي پُٺ ڏئي ويهجي. اگر ڪجهه به نه هجي لٺ کوڙي ان کي پُٺ ڏئي ويهجي.
13. به ماڻهو گڏجي ڪاڪوس تي نه ويهن جو گفتگو به ڪن ۽ بشري حاجت به پوري ڪن.
14. بيٺل يا وهندڙ پاڻيءَ ۾ پيشاب يا پاخانه نه ڪجي.
15. پيشاب جي قطرن يا پليتي کان پنهنجي بدن جي حفاظت ڪجي جو ته جتي پيشاب جا ڦڙا لڳن ٿا ان جاءِ کان قبر جو عذاب شروع ٿيندو.

اللهم احفظنا من عذاب القبر

Scanned by CamScanner

باب ستون

گهر جا آداب

حديث نمبر 125 :

سرور عالم نور مجسم حضرت محمد ﷺ فرمايو :

إِذَا كَانَ جُنْحُ اللَّيْلِ أَوْ أَمْسَيْتُمْ فَكُفُّوا صِبْيَانَكُمْ فَإِنَّ الشَّيَاطِينَ تَنْتَشِرُ حِينَئِذٍ فَإِذَا ذَهَبَتْ سَاعَةٌ مِنَ اللَّيْلِ فَخَلُّوهُمْ

جڏهن رات جي اونداهي ڇانئجي وڃي يا شام جا پاڇولا لڙي وڃن تہ پنهنجي ٻارن کي ٻاهر وڃڻ کان روکي ڇڏيو ڇو تہ ان مهل شيطان (گلين ۾) پکڙجي وڃن ٿا. جڏهن رات جو ڪجهہ حصو گذري وڃي تہ پوءِ انهن کي ڇڏيو.

فَأَغْلِقُوا الأَبْوَابَ وَاذْكُرُوا اسْمَ اللَّهِ، فَإِنَّ الشَّيْطَانَ لاَ يَفْتَحُ بَابًا مُغْلَقًا وَأَوْكُوا قِرَبَكُمْ وَاذْكُرُوا اسْمَ اللَّهِ

ءِ رات ٿئي تہ (گهر جا) دروازا بند ڪري ڇڏيو ءِ الله جو ذڪر ڪيو، ڇوتہ شيطان بند ٽيل دروازو نہ کولیندو آهي ءِ مشڪن (ڪلين يا پاڻي جي ٿانون) جا منهن بند ڪيو ءِ الله جو نالو وٺو.

وَخَمِّرُوا آنِيَتَكُمْ وَاذْكُرُوا اسْمَ اللَّهِ، وَلَوْ أَنْ تَعْرُضُوا عَلَيْهَا شَيْئًا وَأَطْفِئُوا مَصَابِيحَكُمْ (بيهقي، شعب الايمان) [1]

ءِ پنهنجا ٿانو ڍڪي ڇڏيو ءِ الله جو ذڪر ڪيو، جيتوٽيڪ ڪا بہ شيءِ (ڪاٺي وغيره) هجي ءِ پنهنجا ڏيئا اجهائي ڇڏيو.

---

[1] حديث نمبر 125: صحيح البخاري بَاب خَيْرُ مَالِ الْمُسْلِمِ غَنَمٌ يَتْبَعُ بِهَا شَعَفَ الْجِبَالِ (ج 11/ص 83۔الرقم:3059) صحيح مسلم (ج 10/ص 286) مستخرج أبي عوانة (ج 16/ص 69۔الرقم:6605) شعب الإيمان للبيهقي (ج 13/ص 51۔ الرقم:5795) مشكل الآثار للطحاوي (ج 4/ص 318۔الرقم: 1528) كنز العمال (ج 16/ص 438۔الرقم:45318)

Scanned by CamScanner

وبا کان بچاءُ :

حديث نمبر 126:

حضرت جابر بن عبدالله انصاري رضي الله عنهما فرمايو تہ مون رسول الله ﷺ جن کان ڏڻو پاڻ فرمايائون تہ رات جو ٽانوَ ڏکي ڇڏيو. پاڻي جا برتن (دلا مٽ نادیون) ڏکي ڇڏيو ڇو تہ سال ۾ هڪ اهڙي رات ايندي جنهن ۾ وبا جي بيماري نازل ٿيندي آهي. جيکو کاڏي جو ٽانو ڏکيل نہ هوندو آهي يا جيکو پاڻي پيئڻ جو برتن کليل هوندو آهي تہ اها وبا جي بيماري ان ۾ داخل ٿي ويندي آهي. (مُسند ابی عوانه)[1]

گھر ۾ باهہ اُجھائي سمھو :

باهہ انسان جي دشمن آهي، ان لاءِ حضرت حبيب کريم ﷺ جن فرمايو تہ :

حديث نمبر 127:

لَا تَتْرُكُوا النَّارَ فِي بُيُوتِكُمْ حِينَ تَنَامُونَ (بخاری، بيهقی)[2]

جڏهن توهان سمهو ٿا تہ پنهنجي گهرن ۾ باهہ (برندڙ) نہ ڇڏيو.

سمهڻ کان اڳ چلهن مان چڱي طرح باهہ اجهائي پوءِ سمهڻ گهرجي، متان رات جو توهان سمهي پئو ۽ هوا تي کا چٽنگ اڏامي توهان جو الهہ تلهہ ساڙي نہ ڇڏي.

کيترين جاين تي اهڙا واقعا ٿيا بہ آهن. باهہ چڱي طرح نہ اجهائي وئي، هڪ چٽنگ دکندي رهي جنهن مان باهہ جا ٻيڙ ٻڙکي پيا ۽ گهر گهاٽ سڙي رک ٿي ويا.

---

[1] حديث نمبر 126: عَنْ جَابِرِ بْنِ عَبْدِ اللَّهِ قَالَ سَمِعْتُ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُولُ غَطُّوا الْإِنَاءَ وَأَوْكُوا السِّقَاءَ فَإِنَّ فِي السَّنَةِ لَيْلَةً يَنْزِلُ فِيهَا وَبَاءٌ لَا يَمُرُّ بِإِنَاءٍ لَيْسَ عَلَيْهِ غِطَاءٌ أَوْ سِقَاءٍ لَيْسَ عَلَيْهِ وِكَاءٌ إِلَّا نَزَلَ فِيهِ مِنْ ذَلِكَ الْوَبَاءِ صحيح مسلم بَاب الْأَمْرِ بِتَغْطِيَةِ الْإِنَاءِ وَإِيكَاءِ السِّقَاءِ (ج 10/ص 288۔الرقم: 3758) مستخرج أبي عوانة (ج 16/ص 74۔الرقم: 6610) مسند أحمد (ج 29/ص 350۔الرقم: 14301) شعب الإيمان للبيهقي (ج 13/ص 52۔الرقم: 5796)

[2] حديث نمبر 127: صحيح البخاري (8/65) صحيح مسلم (3/1596) شعب الإيمان للبيهقي باب تخمير الإناء وإيكاء السقاء (ج 13/ص 57۔الرقم: 5801) مستخرج أبي عوانة (ج 16/ص 76۔الرقم: 6612)

Scanned by CamScanner

سوئي گئس بند ڪري پوءِ سمھو :

اخبارن ۾ ڪيترا اھڙا واقعا آيا آھن جو ڪمري ۾ گئس ڪليل رھي، ماڻھو در دريون بند ڪري سمھي پيا رات جو ڪمرو گئس سان پرجي ويو ۽ ماڻھو سُتي سُتي موت جو شڪار ٿي ويا. انڪري لازم آھي تہ سوئي گئس جا وال چڱي طرح بند ڪري پوءِ سمھو، لائن ڪٽان ليڪ ھجي تہ ان کي بہ چڱي طرح بند ڪرڻ گھرجي.

ھڪ ڪِڙڪي کولي سمھو !

سيدي و مرشدي حضرت خواجہ محمد الاھي بخش رحمة الله عليہ فرمائيندا ھئا تہ "ڪمري ۾ اندر سمھو تہ سڀ دروازا ۽ دريون بند ڪري نہ سمھو بلڪہ ڪمري جي ھڪ ڪڙڪي کولي پوءِ سمھو جيئن اندر گھُٽ نہ ٿئي ٻاھرئين ۽ اتان تازي ھوا اندر داخل ٿيندي رھي. اھا ڀَالھہ صحت لاءِ تمام ضروري آھي.

گھر ۾ اڪيلو سمھڻ :

انسانن سان گڏ انھن جي گھرن ۾ جنات جي قوم بہ رھي ٿي. اُھي انسانن کي ڏسن ٿا پر انسان انھن کي نہ ٿا ڏسن. ان لاءِ اڪيلو گھر ۾ سمھڻ نہ گھرجي ۽ نہ ئي اڪيلو سفر ۾ وڃڻ گھرجي.

حديث نمبر 128 :

سيدنا جابر رضي الله عنه روايت ڪئي رسول الله ﷺ فرمايو تہ:

لَوْ يَعْلَمُ النَّاسُ مَا فِي الْوَحْدَةِ مَا سَارَ رَاكِبٌ بِلَيْلٍ أَبَدًا، وَلَا نَامَ رَجُلٌ فِي بَيْتٍ وَحْدَهُ

(طبراني اوسط)[1]

جيڪڏھن ماڻھن کي خبر پئي تہ اڪيلائي ۾ ڪھڙا خطرا آھن تہ ڪو بہ سوار رات جو اڪيلو سفر نہ ڪري نہ وري ڪو ماڻھو گھر ۾ اڪيلو سمھي.

پير جو وڻ نہ ڪپيو :

حديث نمبر 129 :

---

[1] حديث نمبر 128: المعجم الأوسط للطبراني ج 5/ص 94. الرقم: 2135) مجمع الزوائد ج 8/ص 104)

Scanned by CamScanner

گھر ۾ يا ڪٽي ۾ ڪو پير جو وڻ ٻيٽل هجي تہ ان کي نہ ڪپيو.

مَنْ قَطَعَ سِدْرَةً صَوَّبَ اللّٰهُ رَأْسَهُ فِي النَّارِ (ابو داؤد) [1]

جنهن پير جو وڻ ڪپيو تہ الله تعاليٰ ان کي مٿي ۾ دوزخ جي باهہ ۾ وجهندو.

گھر جي ڇت تي سمهڻ:

حديث نمبر 130:

مَنْ رَقَدَ عَلَى سَطْحٍ لَا جِدَارَ لَهُ فَمَاتَ، فَدَمُهُ هَدَرٌ (طبراني ڪبير) [2]

جو شخص گھر جي ڇت تي سُتو جنهن کي ٽيڪو ڏنل نہ آهي پوءِ ڪري پيو ۽ مري ويو تہ ان جو خون رائگان آهي.

حديث نمبر 131:

پاڻ ڪريم ﷺ فرمايو جو شخص گھر جي اهڙي ڇت تي رات رهيو جنهن ڇت کي بچاءُ جي ديوار ڏنل نہ آهي، پوءِ ڪري پيو ۽ مري ويو تہ اهو الله جي ذمي کان نڪري ويو ۽ جيڪو ماڻهو (ڇاڻي واڻي) پاڻيءَ جي ڇاڙهہ جي وقت دريائي سفر تي ويو تہ اهو الله جي امان کان نڪري ويو. (مسند احمد) 3

ڪاڏي جي شين جو احترام ڪيو:

ڪائڻ پيئڻ جي شين جو احترام لازمي آهي.

✲ اٿو، چانور زمين تي نہ ڪيرايو، ڪِريل هجي تہ ڪٽي ادب سان رکو.

✲ مانيءَ جا ٽڪرا پور ڪريل ڏسو تہ اُهي ۾ ڪٽي ادب سان رکو، انهن کي لتاڙ کان بچايو.

---

[1] حديث نمبر 129: سنن أبي داود بَاب فِي قَطْعِ السِّدْرِ ج 13/ ص 480۔ الرقم: 4561) السنن الكبرى للنسائي ج 5/ ص 182۔ الرقم: 8611) المعجم الأوسط للطبراني ج 5/ ص 492۔ الرقم: 2536) كنز العمال ج 3/ ص 894۔ الرقم: 9066)

[2] حديث نمبر 130: المعجم الكبير للطبراني (13/ 87)

[3] حديث نمبر 131: قَالَ رَسُولُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَنْ بَاتَ فَوْقَ بَيْتٍ لَيْسَتْ لَهُ إِجَّارٌ فَوَقَعَ فَمَاتَ فَبَرِئَتْ مِنْهُ الذِّمَّةُ وَمَنْ رَكِبَ الْبَحْرَ عِنْدَ ارْتِجَاجِهِ فَمَاتَ فَقَدْ بَرِئَتْ مِنْهُ الذِّمَّةُ۔

مسند أحمد ج 42/ ص 243۔ الرقم: 19821)

بغية الحارث ج 1/ ص 265۔ الرقم: 866)

شعب الإيمان للبيهقي ج 10/ ص 244۔ الرقم: 4542)

Scanned by CamScanner

✲ اکثر ڏنو ويو آهي ته بچيل کاڏو گندي پاڻي جي نالين ۾ اڇلايو ويندو آهي اها وڏي غلطي آهي.

✲ بچيل کاڏو ڪنهن اهڙي جاءِ تي رکو جتي لتاڙ ۾ نه اچي.

✲ اهڙي طرح ڪاغذ جا ٽڪرا، اخبارون ۽ رسالا وغيره به پيرن ۾ لتاڙ کان بچايو متان ڪا قرآني آيت لکيل هجي.

حضرت بشر حافي رحمة الله عليه هڪ ڪاغذ جي ٽڪري تي بسم الله الرحمن الرحيم لکيل ڏٺو. ان کي کڻي صاف ڪيائين، خوشبوءِ لڳائي ۽ مٿي جاءِ تي رکيائين. ان ادب جي سبب الله تعالي کيس شرابي مان ولي الله بنائي ڇڏيو.

صبح جو بتيون اجهائي ڇڏيو :

جڏهن رات ٿئي ته غير ضروري بتيون بجليون اجهائي سمهو. گهر ۾ هڪ به بتي روشن رکو، بلڪل اوندهه انڌوڪار نه ڪيو ۽ جڏهن صبح جو اجالو ظاهر ٿئي ته سڀ بتيون بند ڪيو. ڏينهن جو به بلب پارڻ جو اسراف آهي ان جو به پڇاڙو ٿيندو.

حديث نمبر 132:

كَانَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَكْرَهُ السِّرَاجَ حِينَ يُصْبِحُ (طبراني اوسط)[1]

حضرت رسول الله ﷺ صبح جو به ڏيئا بتيون برڻ کي ناپسند فرمائيندا هئا.

سفر کان موٽو ته رات جو گهر ۾ داخل نه ٿيو:

حديث نمبر 133:

إِذَا أَطَالَ أَحَدُكُمُ الْغَيْبَةَ فَلَا يَطْرُقْ أَهْلَهُ لَيْلًا (بخاري ومسلم)[2]

جڏهن کو ماڻهو ڊگهي سفر ۾ گهر کان گهڻو وقت غائب رهيو ته واپسي ۾ رات جو گهر ۾ داخل نه ٿئي.

---

[1] حديث نمبر 132: المعجم الأوسط (9/5) مجمع الزوائد (ج 8/ ص 112) فيض القدير (ج 5/ ص 240۔ الرقم: 6908)

[2] حديث نمبر 133: صحيح البخاري بَاب لَا يَطْرُقُ أَهْلَهُ لَيْلًا إِذَا أَطَالَ الْغَيْبَةَ (ج 16/ ص 278۔ الرقم: 4843) واخرجه مسلم في الصحيح بلفظ: إِذَا أَطَالَ الرَّجُلُ الْغَيْبَةَ أَنْ يَأْتِيَ أَهْلَهُ طُرُوقًا بَاب كَرَاهَةِ الطُّرُوقِ وَهُوَ الدُّخُولُ لَيْلًا لِمَنْ وَرَدَ مِنْ سَفَرٍ (ج 10/ ص 53۔ الرقم: 3558) مسند أحمد (ج 30/ ص 278۔ الرقم: 14728)

Scanned by CamScanner

چوتہ ڏينهن جو داخل ٿيڻ سان گھٽا فائدا آهن:

1. عورت پاکائي صفائي ڪندي، ڪپڑا تبديل ڪندي جيئن مڙس کي نفرت نہ ٿئي.
2. مڙس بہ وهنجي ڪپڑا وغيرہ تبديل ڪندو جيئن زال کي نفرت نہ ٿئي.
3. ڏينهن جو ڪاڏي پيتي وغيرہ جو بهتر انتظام ٿي سگهندو.

حڪايت : هڪ شخص سفر تي ويو. ان وقت سندس گھر واري حمل سان هئي. سورهن سالن بعد رات جو گھر ۾ آيو تہ پُٽ جوان ٿي چڪو هيو. هُو رات جي وقت گھر ۾ داخل ٿيو. پُٽ ماءُ سان ويٺو هيو. هن کي بدگماني ٿي تہ منهنجي زال پرائي مرد سان ويٺي آهي. ان بدبخت تلوار ڪڍي ۽ نوجوان پُٽ کي قتل ڪري وڌو. پوءِ جڏهن حقيقت معلوم ٿيس تہ قتل ٿيڻ وارو اصل ۾ سندس ئي پٽ هيو پوءِ تہ گھڻو پشيمان ٿيو ۽ رنائين. چوڻ لڳو تہ حضور نبي ڪريم ﷺ جي فرمان کي چڏڻ سببان هي مون کي سزا ملي آهي جو پنهنجي هٿن سان پنهنجي ٻچي کي قتل ڪري ويٺو آهيان. جيڪڏهن ڏينهن جو گھر ۾ اچان ها تہ ائين نہ ٿئي ها. (مشارق الانوار)

گھر ۾ اچڻ وڃڻ جا آداب :

حديث نمبر 134:

حضرت عبدالله بن عباس رضی اللہ عنہ فرمايو تہ "حضور نبي ڪريم ﷺ جن سياري جي موسم ۾ جڏهن سفر کان ايندا هئا تہ جمعي جي رات گھر ايندا هئا ۽ جڏهن اونهاري جي موسم ايندي هئي تہ جمعي جي رات گھر کان سفر لاءِ نڪرندا هئا ۽ جڏهن نئون ڪپڑو ڏيکيندا هئا تہ الحمدلله چوندا هئا ۽ ٻہ رڪعتون نفل پڑهندا هئا." (کنزالعمال)[1]

حديث نمبر 135:

حضرت سعد بن ابي وقاص رضی اللہ عنہ فرمايو تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ فرمايو تہ :

---

[1] حديث نمبر 134: عن ابن عباس قال : كان رسول الله صلى الله عليه وسلم إذا جاء الشتاء دخل البيت ليلة الجمعة وإذا جاء الصيف خرج ليلة الجمعة وإذا لبس ثوبا جديدا حمد الله وصلى ركعتين.
كنز العمال ج 15/ص 489۔ الرقم:41940)

Scanned by CamScanner

جڏهن کو ماڻهو ڊگهي سفر کان واپس گهر موٽي ته سومهٽي نماز کان پوءِ گهر ۾ داخل نه ٿئي." (مسند احمد)[1]

خانه نشيني :

جڏهن فتنا وڌي وڃن ۽ گهر کان ٻاهر نڪرڻ خطري جو باعث بنجي پوي ته اهڙي حالت ۾ انسان جو گهر ان لاءِ راحت جي جاءِ ۽ پريشانين کان بچڻ جو پناهگاهه هوندو آهي. ان وقت خانه نشين ٿيڻ انسان لاءِ باعثِ نجات هوندو آهي.

حديث نمبر 136:

عَنْ عُقْبَةَ بْنِ عَامِرٍ، قَالَ: قُلْتُ: يَا رَسُولَ اللَّهِ مَا النَّجَاةُ؟ قَالَ: امْلِكْ عَلَيْكَ لِسَانَكَ، وَلْيَسَعْكَ بَيْتُكَ، وَابْكِ عَلَى خَطِيئَتِكَ [2]

حضرت عقبه بن عامر رضي الله عنه حضور صلي الله عليه وسلم جي خدمت ۾ گذارش ڪئي ته يا رسول الله چوٽڪارو ڪهڙي ڳالهه ۾ آهي؟ پاڻ فرمايائون: پنهنجي زبان کي قابو ۾ رک ۽ خانه نشين ٿي وڃ ۽ پنهنجي خطائن تي روئندو ڪر.

---

[1] حديث نمبر 135: عَنْ سَعْدِ بْنِ أَبِي وَقَّاصٍ أَنَّهُ قَالَ إِنَّ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ نَهَى أَنْ يَطْرُقَ الرَّجُلُ أَهْلَهُ بَعْدَ صَلَاةِ الْعِشَاءِ.
مسند أحمد ،مسند ابي اسحاق سعد بن ابي وقاص (ج 3/ ص 441۔الرقم: 1431)
المعجم الكبير للطبراني (ج 18/ ص 481۔الرقم: 205)
مستخرج أبي عوانة (ج 15/ ص 10۔الرقم: 6087)

[2] حديث نمبر 136: سنن الترمذي (4/ 605) الزهد والرقائق لابن المبارك والزهد لنعيم بن حماد (1/ 43) الجامع لابن وهب مصطفى أبو الخير (ص: 488) مسند أحمد (28/ 569) مسند الروياني (1/ 146) مسند الشاميين للطبراني (1/ 156) حلية الأولياء وطبقات الأصفياء لابو نعيم (2/ 9)

Scanned by CamScanner

باب اٺون
گھر مان خيرات

الله پاڪ جي ڏنل مال کي الله جي راھ ۾ خرچ ڪيو، الله جي مخلوق تي رحم ڪرم ڪيو، توھان جي دروازي کان ڪو سائل خالي موٽي نہ وڃي. پلو گھر اُھو آھي جنھن جي در تان منگتا مرادون وٺي موٽن ٿا. ٻيڙو گھر اُھو آھي جنھن جي در تان سوالي خالي موٽن ٿا.

اي عاليشان بنگلن ۾ رھڻ وارؤ! توھان جي دروازن اڳيان مسڪين ماروئڙا، ھاري ناري، پيرن اگھاڙا بيٺا آھن. توھان جڏھن کاٽن جا ڪلف لڳل ڪپڙا پائي، عطر ۽ خوشبوءِ لڳائي وڏي ناز انداز سان نڪرو ٿا، ھٿ ۾ غرور سان ۽ وڏي آڪڙ منجھان ايئر ڪنڈيشنڈ گاڏي ۾ ويھو ٿا، مسڪين غريب ماروئڙن کي نفرت ۽ حقارت سان ٻاھر ٻيٺل ڏسو ٿا، پر توھان ڪڏھن غور ڪيو تہ توھان جا اِھي شيش محل مسڪينن ۽ غريبن جي پگھر ۽ رت مان ٺھيا آھن. ڪجھ خدا جو خوف ڪيو، خدا جي مخلوق کي نفرت جي نگاھ سان نہ ڏسو. رب جي مخلوق رب کي تمام گھٽي پياري آھي. ڇا توھان نہ پُڙھو آھي تہ اِسان جي حبيب ﷺ جنھن محبوب جھڙو شان ۽ مان وارو ڪو دنيا ۾ آيو نہ ڪو ايندو، اُن محبوب جو غلامن، نوڪرن، مسڪينن سان ڪھڙو سلوڪ ھيو؟ پاڻ ﷺ انھن کي پاڻ سان گڏ ويھاري ھڪ ئي دسترخوان تي کارائيندا ھيا. ام المؤمنين حضرت عائشہ صديقہ رضي الله عنها کي پاڻ نصيحت ڪندي فرمايائون :

حديث نمبر 137 :

يَا عَائِشَةُ لَا تَرُدِّي الْمِسْكِينَ وَلَوْ بِشِقِّ تَمْرَةٍ يَا عَائِشَةُ أَحِبِّي الْمَسَاكِينَ وَقَرِّبِيهِمْ فَإِنَّ اللَّهَ يُقَرِّبُكِ يَوْمَ الْقِيَامَةِ (ترمذی) [1]

---

[1] حديث نمبر 137 : سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ أَنَّ فُقَرَاءَ الْمُهَاجِرِينَ ج 8 / ص 354۔ الرقم: 2275) السنن الكبرى للبيهقي ج 7 / ص 12) كشف الخفاء ج 1 / ص 181۔ الرقم: 538)

Scanned by CamScanner

اي عائشہ مسڪينن کي خالي نہ موٽاءِ ٻيو نہ هجي تہ بہ ڪتل جي ڳڙي ڏي، اي عائشہ! مسڪينن سان محبت رک، انهن کي پنهنجي ويجهو ڪر تہ الله تعالي قيامت واري ڏينهن تو کي پنهنجي ويجهو ڪندو.

سوالي خالي نہ موٽايو:

جڏهن توهان جي در تي ڪو ماڻهو الله جو نالو وٺي سوال ڪري تہ ان کي هرگز خالي نہ موٽايو.

حديث نمبر 138:

مَلْعُونٌ مَنْ سَأَلَ بِوَجْهِ اللهِ، وَمَلْعُونٌ مَنْ سُئِلَ بِوَجْهِ اللهِ فَمَنَعَ سَائِلَهُ (طبراني)[1]

اهو ماڻهو لعنتي آهي جيڪو الله جي نالي تي (دنياوي شيون) گهري ٿو ۽ لعنتي آهي اُهو ماڻهو جنهن کان الله جي واسطي گهريو وڃي ۽ نہ ڏئي.

سائل جا حق:

وَفِيْٓ اَمْوَالِهِمْ حَقٌّ لِّلسَّآئِلِ وَالْمَحْرُوْمِ ○ (الذاريات: ١٩)

۽ انهن جي مالن ۾ حق آهي گهرندڙ جو ۽ نہ گهرندڙ جو.

وَالَّذِيْنَ فِيْٓ اَمْوَالِهِمْ حَقٌّ مَّعْلُوْمٌ ○ لِّلسَّآئِلِ وَالْمَحْرُوْمِ ○ (المعارج: ٢٤، ٢٥)

انهن جي مالن ۾ حصو مقرر ٿيل آهي، سوال ڪندڙ ۽ نہ سوال ڪندڙ جو.

سائل اُهو آهي جيڪو گهرندڙ آهي، محروم اُهو آهي جيڪو اڃي مالدار هيو پوءِ قسمت سان مسڪين غريب ٿي ويو هجي.

قرآن پاڪ واضح ڪري ٿو تہ مالدارن جي مالن ۾ مسڪينن محرومن جو حق آهي جنهن جي حيثيت استحبابي نہ پر وجوبي آهي، رضامندي سان نہ ڏئي تہ جبراً بہ ونجي. ڪو مجي نہ مجي، ادا ڪري نہ ڪري بهرحال حق تہ حق آهي. اڄ جو دنيادار سمجهي ٿو تہ هي دنيا هي دولت منهنجي ملڪيت آهي پر الله ۽ ان جو حبيب ﷺ فرمائي ٿو

---

[1] حديث نمبر 138: المعجم الكبير للطبراني ج 16/ص 233۔ الرقم: 18378) كنز العمال ج 6/ص 502۔ الرقم: 16725) مجمع الزوائد (ج 3/ص 103)

Scanned by CamScanner

توهان پنهنجي ضرورت جو مال پاڻ وٽ رکو، ضرورت کان زائد مال توهان جو نه آهي ان تي غريبن مسڪينن جو حق آهي.

حديث نمبر 139:

حضرت عثمان رضي الله عنه فرمايو ته حضرت حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلم فرمايو:

لَيْسَ لِابْنِ آدَمَ حَقٌّ فِي سِوَى هَذِهِ الْخِصَالِ بَيْتٌ يَسْكُنُهُ وَثَوْبٌ يُوَارِي عَوْرَتَهُ وَجِلْفُ الْخُبْزِ وَالْمَاءِ (ترمذی) 1

ٽن شين کان سواءِ (باقي مال ۾) آدم جي اولاد جو حق نه آهي

1. رهڻ لاءِ گهر.
2. اگهڙ ڍڪڻ جو ڪپڙو.
3. ماني جو ٽڪر ۽ پاڻي.

خيرات جا قسم:

الله جي راهه ۾ خرچ ڪرڻ جا ٻه قسم آهن:

1. **واجب:** يعني زڪوات، عشر، فطرو وغيره. ان جو نصاب ۽ حد مقرر ڪيل آهي.
2. **نافل:** خيرات واجب کان سواءِ پيا جيڪي به قسم آهن انهن لاءِ نه ڪو نصاب مقرر آهي نه ڪا حد آهي. امير آهيو غريب آهيو، صاحبِ نصاب آهيو يا نه. گهٽو ڏيو يا ٿورو ڪا به حد حساب مقرر نه آهي. حضرت عمر فاروق رضي الله عنه اڌ مال خيرات ڪري ڇڏيو. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه سمورو مال الله جي واٽ ۾ خيرات ڪري ڇڏيو هيو.

الله پاڪ جيڪو ڪجهه اوهان کي ڏنو آهي پنهنجي ضرورتن کان واڌو مال الله جي راهه ۾ لٽايو اهو مال اوهان کي آخرت ۾ ڪم ايندو.

---

[1] حديث نمبر 139: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي الزَّهَادَةِ فِي الدُّنْيَا (ج 8/ص 336۔ الرقم: 2263) مسند عبد بن حميد (ج 1/ ص 51۔ الرقم: 47) روضة المحدثين (ج 7/ص 462۔ الرقم: 3237)

Scanned by CamScanner

رات جو سائل :

سائل ڪنهن ۾ وقت اوهان جي در تي اچي صدا هڻي تہ ان کي خالي نہ موٽايو پر جيڪڏهن رات جو ڪو سائل اچي تہ ان کي هرگز خالي نہ موٽايو بلڪ ان جو وڌيڪ خيال ڪيو. رات جو سائل وڏو امتحان هوندو آهي.

حڪايت :

نعيم نالي هڪ سيٺ وڏو امير دولتمند هيو. وڏي ناز ۽ غرور سان زندگي گذاريندو هيو، سوين اُن جا نوڪر چاڪر، پيلي پانها خدمت گذار هئا.

پندرهين شعبان جي شب برات واري پلاري رات هئي، دروازي تي صدا آئي، "خدا جي نالي اڄ پلاري رات ۾ مسڪين مسافر کي ماني کارايو." نعيم سيٺ جيڪو دولت جي نشي ۾ انڌو ٻنيل هيو، نوڪر کي حڪم ڏنائين تہ "هن پينو اڄ اسان جو آرام ڦٽايو آهي، ان کي ٻہ تي پادر هڻي در تان تڙي ڇڏيو." نوڪر ائين ڪيو، بس اِها ڳالهہ الله کي نہ وڻي ۽ نعيم سيٺ جي بربادي جا ڏاڙا شروع ٿي ويا.

دادلي هيس دوست جي، ڪٽي هلڪي هار ڪياس،
تِهان پوءِ ٿياس، ڪانئياري ڪانڊ جي.
وڏيري هياس، سرتين منجهہ سڃاڻ،
ڪا جا پيم ڪاڻ، منهن مٽاهون نہ ڪٽان.

الله پاڪ ڏيڻ چاهي تہ پينو کي بادشاهہ بنائي ڇڏي ۽ ڦرڻ چاهي تہ بادشاهہ کي پينو بنائي. ان جي اڳيان ڪا دير آهي ئي ڪونہ. نعيم سيٺ جي مال دولت ۾ نقصان پَوَڻُ شروع ٿي ويا. هر طرف بربادي، نابودي شروع ٿي وئي. هڪ ڏينهن زال ٻہ طلاق ڏئي گهر مان ڪڍي ڇڏيائين. ان عورت عدت گذاري ڪنهن ٻي جاءِ تي وڃي لکيو ليک ڪيو. نعيم سيٺ مفلس ۽ ڪنگال بنجي ويو. آخر اُهي ڏينهن ٻہ آيا جو نعيم سيٺ ڪستو هٿ ۾ ڪٽي پنڻ شروع ڪيو.

سوئي راهہ رد ڪري، سوئي رهنما،
و تعزُ من تشاءُ و تُذل من تشاءُ

Scanned by CamScanner

سال پورو ٿيو، اُها رات پندرهين شعبان جي آئي نعيم سيٺ هڪ گھر جي در تي پنندي صدا هنئي: "خدا جي نالي اڄ پلاري رات ۾ مسڪين مسافر کي ماني کارايو." عورت ماني کڻي دروازي تي آئي، ان عورت جا حواس خطا ٿي ويا. ڇا ڏسي ته ان عورت جو اڳيون مڙس نعيم سيٺ آهي! عورت خدا جي بي نيازي ڏسي روئندي آئي، مڙس پڇيس ڇا ماجرا آهي؟ عورت چيو تو کان اڳ منهنجو نڪاح نعيم سيٺ سان هيو. ان امير ڪبير کي اڄ پنندو ڏسي خدا جي بي نيازي اڳيان روئان ٿي. مڙس چيو ان کان اڳا به عجيب ڳالھ ٻڌ. مان اهو ساڳيو پينو آهيان، اڳوڪي رات ۾ ان نعيم سيٺ مون کي مار ڪڍائي دران تڙائي ڇڏيو هيو. هڪ سال ۾ الله تعالىٰ فيصلو ڪري ڇڏيو ته ان جي سڄو شان و شوڪت مون کي ڏني ايستائين جو هن جي گھرواري کي منهنجي گھرواري ڪري ڇڏيائين، ان کي منهنجي در تي پنايائين. (نزهة المجالس)

رب جي ذات بي نياز سرڪار آهي،
نه ڪا ڪِلي ڪيرواري، نه ڪا روئي رب واري.

اي غافل انسان! الله تعالىٰ جي ذات بي نياز آهي. ڪنهن کي غريب سمجهي نفرت نه ڪيو، ڪنهن کي مسڪين سمجهي ان سان ظلم نه ڪيو، ڪنهن کي يتيم سمجهي ان کي حقارت سان نه ڏسو.

حديث نمبر 140 :

سيدنا ابو درداء رضي الله عنه چيو ته :

اتَّقُوا دَمْعَةَ الْيَتِيمِ وَدَعْوَةَ الْمَظْلُومِ فَإِنَّهُمَا يَسِيرَانِ بِاللَّيْلِ وَالنَّاسُ نِيَامٌ۔ [1]

يتيم جي لڙڪن کان ۽ مظلوم جي آھ کان ڊجو چو ته اُهي رات جو بي گاھ وقت جڏهن ماڻهو ستل هوندا آهن الله وٽ پهچنديون آهن.

فَأَمَّا الْيَتِيمَ فَلَا تَقْهَرْ ○ (والضحیٰ: ۹)

---

[1] النفقة على العيال لابن أبي الدنيا (2/814)

Scanned by CamScanner

ءِ پر يتيم کي حقارت سان نہ ڏس. (طبري)[1]

ءِ پر يتيم تي ظلم نہ ڪر. (تفسير مجاهد)[2]

پلو گھر ءِ بيڙو گھر :

اگر گھر نقشي مطابق ٺهيل هجي، عاليشان فرنيچر هجي، بتيون، بجليون، فانوس ءِ قنديل لڳل هجن، بهترين قالين ءِ غاليچا هجن تہ اسان سمجهندا آهيون اُهو گھر پلو آهي. چنانچہ ڪجهہ عورتون اسان جي گھر ۾ آيون چيائون، "گھر تہ تمام سٺو آهي پر گھر جي زيب زينت جو سينگار نہ آهي." پچيو ويو تہ گھر جو سينگار ڪهڙو آهي؟ چيائون : رنگين ٽيليويزن. اِها آهي اڄڪلهہ جي جديد ترقي پسند ماڻهن جي سوچ!

پر اڇو تاجدارِ حرم سيد العرب والعجم حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن کان پڇون تہ پلو ءِ بيڙو گھر ڪهڙو آهي؟

حديث نمبر 141 :

خَيْرُ بَيْتٍ فِي الْمُسْلِمِينَ بَيْتٌ فِيهِ يَتِيمٌ يُحْسَنُ إِلَيْهِ

حضور ﷺ فرمايو تہ مسلمانن جي گھرن ۾ سڀ کان پلو گھر اُهو آهي جنهن ۾ ڪو يتيم رهندو هجي ءِ گھروارا ان سان سٺو سلوڪ ڪندا هجن.

وَشَرُّ بَيْتٍ فِي الْمُسْلِمِينَ بَيْتٌ فِيهِ يَتِيمٌ يُسَاءُ إِلَيْهِ (ابن ماجه)[3]

---

[1] تفسير : فَأَمَّا الْيَتِيمَ فَلا تَقْهَرْ" قال: تُغْمِصُه وَتحْقِره. تفسير الطبري (ج 24/ ص 489) "فَأَمَّا الْيَتِيمَ فَلا تَقْهَرْ" قَالَ: لا تَحْقِرْهُ تفسير ابن أبي حاتم (ج 12/ ص 424)

[2] تفسير: عَنْ مُجَاهِدٍ "فَلا تَقْهَرْ" قَالَ فَلا تَظْلِمْ تفسير ابن أبي حاتم (ج 12/ ص 424)

"فَأَمَّا اليتيم فَلا تَقْهَرْ" يعني: لا تظلمه، وادفع إليه حقه بحر العلوم للسمرقندي (ج 4/ ص 416)

[3] حديث نمبر 141: سنن ابن ماجه بَاب حَقِّ الْيَتِيمِ (ج 11/ ص 75۔ الرقم: 3669) المعجم الكبير للطبراني (ج 19/ ص 421۔ الرقم: 1011) المعجم الأوسط للطبراني (ج 10/ ص 499۔ الرقم: 4941) مسند عبد بن حميد (ج 4/ ص 92)

Scanned by CamScanner

۽ مسلمانن جي گھرن ۾ سڀ کان بچڙو گھر اُھو آھي جنھن ۾ يتيم ھجي ۽ ان سان برو سلوڪ ڪيو وڃي.

پوءِ پاڻ اشھد آگر ۽ وچين آگر پاڻ ۾ ملائي فرمايائون :

أَنَا وَكَافِلُ الْيَتِيمِ كَهَاتَيْنِ فِي الْجَنَّةِ[1]

يتيم جي پرورش ڪندڙ ۽ مان محمد ڪريم ﷺ جنت ۾ ائين گڏ ھونداسين.

الله تعالىٰ کي پياروگھر :

حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه فرمايو تہ : سھڻي نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ :

حديث نمبر 142 :

أَحَبُّ الْبُيُوتِ إِلَى اللهِ بَيْتٌ فِيهِ يَتِيمٌ مُكْرَمٌ (طبراني مجمع الزوائد)[2]

الله تعالي وٽ سڀ کان پيارو گھر اُھو آھي جنھن ۾ يتيم جي عزت ڪئي وڃي.

ننڍپڻ ۾ ڪنھن ٻار جو پيءُ مري وڃي تہ ان کي يتيم چوندا آھن. پٽ جي يتيميءَ جو عرصو بالغ ٿيڻ تائين آھي. نياڻيءَ جي يتيميءَ جو عرصو ان جي شادي ٿيڻ تائين آھي.

حديث نمبر 143 :

ھڪ شخص رسول الله ﷺ کي پنھنجي دل جي سختيءَ جي شڪايت ڪئي. پاڻ فرمايائون تہ :

إِنْ أَرَدْتَ أَنْ يَلِينَ قَلْبُكَ، فَأَطْعِمِ الْمِسْكِينَ، وَامْسَحْ رَأْسَ الْيَتِيمِ[3]

يتيمن جي مٿي تي ھٿ ڦيراءِ ۽ مسڪين کي ماني کاراءِ.

حديث نمبر :144

حضور ڪريم ﷺ فرمايو تہ:

---

[1] حديث : سنن أبي داود (ج 13/ ص 362۔ الرقم :4483) سنن الترمذي (ج 7/ ص 153۔ الرقم : 1841) مسند أحمد (ج 46/ ص 302۔ الرقم :21754) المعجم الكبير للطبراني (ج 5/ ص 459۔ الرقم : 5772)

[2] حديث نمبر 142 : مجمع الزوائد (ج 8/ ص 160) المعجم الكبير للطبراني (ج 11/ ص 19۔ الرقم : 13253) كنز العمال (ج 3/ ص 174۔ الرقم : 6021)

[3] حديث نمبر 143 : مسند أحمد (13/ 22) اعتلال القلوب للخرائطي (1/ 33) السنن الكبرى للبيهقي (4/ 100)

Scanned by CamScanner

السَّاعِي عَلَى الْأَرْمَلَةِ وَالْمِسْكِينِ كَالْمُجَاهِدِ فِي سَبِيلِ اللَّهِ (بخاری ومسلم)[1]

رنڊ عورت ۽ محتاج ماڻهوءَ جي سنيال ۽ خبرگيري ڪرڻ وارو ائين آهي جيئن ڪو مجاهد الله جي راهه ۾ جهاد ڪرڻ وارو هجي.

حضرت ابوهريره رضي الله عنه فرمايو ته آءٌ سمجهان ٿو ته محبوبن ائين به فرمايو ته "اهو ماڻهو ائين آهي جيئن ڪو رات جو عبادت لاءِ قيام ڪري ۽ ڪڏهن نه چڏي. يا ڪو هميشه روزا رکندڙ هجي ۽ ڪڏهن نه چڏي."

الله جهڙي مَ شال غريبن جي جهوپڙي :

چون ٿا ته هڪ بادشاهه نهايت عاليشان محل تعمير ڪرايو. ڪيترا سال ڪاريگر ڪم ڪندا رهيا. جڏهن محل جُڙي راس ٿيو ته بادشاهه وزيرن مشيرن سميت معائني لاءِ آيو. محل جي اڳيان هڪ ڪڪائين جهوپڙي جڙيل هئي. بادشاهه چيو ته "هيءَ جهوپڙي ڪنهن جي آهي؟ هن منهنجي محل جي رونق وڃائي چڏي آهي." چيائون هڪ غريب ٻيڙي عورت ان ۾ رهندي آهي. سارو ڏينهن شهر ڏانهن ويندي آهي. رات جو ان جهُڳي ۾ اچي سِرُ لڪائيندي آهي. بادشاهه حڪم ڪيو ته "ان جهوپڙي کي ڊاهي پَٽ ڪيو." حڪم جي دير هئي جهوپڙي جو نالو نشان به مِٽجي ويو. شام جو جڏهن ڪاڙي عورت آئي ميدان صاف ڏسي پڇيائين منهنجي جهوپڙي ڪيڏانهن وئي؟!! ماڻهن ڳالهه ڪري ٻڌايس. ڪاڙي اکين ۾ لڙڪ آڻي، آسمان ڏانهن نهاري عرض ڪيو "خدايا! آءٌ نه هيس ته تون ڪيڏانهن ويو هئين؟ منهنجو اجهو ڊهي ويو هاڻي آءٌ رات ڪٽي رهنديس؟ خدايا بادشاهه مون کان ڏاڍو آهي پر تو کان ته ڏاڍو نه آهي. عورت روئندي آهون ڪندي رهي. الله پاڪ حڪم ڏنو ته اي ملائڪو! ان بادشاهه کي محل سميت زمين ۾ غرق ڪيو.

آه غريبان قهر خدائي

---

[1] حديث نمبر 144: صحيح البخاري بَاب فَضْلِ النَّفَقَةِ عَلَى الْأَهْلِ وبَاب السَّاعِي عَلَى الْأَرْمَلَةِ (ج 16/ص 429۔الرقم: 4934)
صحيح مسلم بَاب الْإِحْسَانِ إِلَى الْأَرْمَلَةِ وَالْمِسْكِينِ وَالْيَتِيمِ (ج 14/ص 246۔الرقم: 5295)
سنن الترمذي (ج 7/ص 234۔الرقم: 1892) سنن النسائي (ج 8/ص 366۔الرقم: 2530)
سنن ابن ماجه (ج 6/ص 357۔الرقم: 2131) مسند أحمد (ج 17/ص 419۔الرقم: 8377)

Scanned by CamScanner

حديث پاڪ ۾ آهي تہ مظلوم جي دانهن الله جي عرش کي لوڏي ڇڏيندي آهي.

پائرو! ۽ پينرو! پڇي تہ غريبن جون دعائون ونو اگر ڪجھ ڏئي نہ ٿا سگھو تہ گھٽ ۾ گھٽ انهن کي ڏک تہ نہ ڏيو. اگر توهان زميندار آهيو تہ پنهنجي نوڪرن، هارين تي رحم و ترس ڪيو. اگر توهان آفيسر آهيو تہ پنهنجي ماتحتن تي نرمي ۽ شفقت ڪيو. سرڪاري آفيسر جڏهن نوڪرين کان سسپينڈ (Suspend) ڪيا ويندا آهن تہ شيخ شبلي ۽ بايزيد بسطامي وانگر نيڪ ۽ صالح ٿي وڃن ٿا. پوءِ جڏهن وري انهن کي نوڪري ملي ويندي آهي تہ شمر ۽ يزيد وانگر ظالم بنجي ويندا آهن.

انڈي، ڪوڙهئي ۽ گنجي جي ڳالھ :

حديث نمبر 145 :

حضرت ابوهريره رضي الله عنه فرمايو تہ مون رسول الله ﷺ کان ٻڌو پاڻ فرمايائون تہ بني اسرائيل ۾ ٽي ماڻهو هئا. هڪ ڪوڙهيو، ٻيو گنجو، ٽيو انڌو. الله تعالي انهن جو امتحان ورتو. هڪ ملائڪ انساني شڪل ۾ موڪليو. اول ڪوڙهيي وٽ ملائڪ آيو، چيائين تو کي ڪهڙي شيءِ پسند آهي؟ چيائين ڪوڙھ جي بيماري ختم ٿئي، ماڻهو مھڻا ڏين ٿا. رنگ سٺو چمڙي سٺي هجي. ملائڪ ان جي بدن تي هٿ ڦيرايو ڪوڙھ ختم ٿي ويس. وري چيائين تو کي ڪهڙو مال پسند آهي؟ چيائين اُنُ. هڪ ڏاڇي حمل واري ڏنائينس ۽ برڪت جي دعا ڏنائينس. ان وٽ اُٺن جا وڳ ٿي ويا. وري ملائڪ سڳورو گنجي وٽ آيو. چيائين تو کي ڪهڙي شيءِ پسند آهي؟ چيائين وارَ سٺا هجن. گنجائپ ختم ٿئي. ماڻهن جا مھڻا معاف ٿين. ملائڪ مٿي تي هٿ ڦيرايس تہ وارَ سھڻا پيدا ٿيس. چيائين تو کي ڪهڙو مال پسند آهي؟ چيائين ڳئون. ملائڪ ڊُڪي ڳئون ڏنس ۽ برڪت جي دعا ڏنائينس. ان وٽ مال جو ڪيريون ٿي ويون. وري ملائڪ انڌي وٽ آيو. چيائين تو کي ڪهڙي شيءِ پسند آهي؟ چيائين اکيون ڏسندڙ هجن. ملائڪ اکين تي هٿ ڦيرايس تہ اکيون روشن ٿي پيس. چيائين تو کي ڪهڙو مال پسند آهي؟ چيائين ٻڪريون. ملائڪ هڪ ڊُڪي ٻڪري ڏئي برڪت جي دعا ڪيس تہ ٿوري عرصي ۾ هن وٽ ٻڪرين جا ڍڳ ٿي ويا. پوءِ الله پاڪ ملائڪ کي انساني صورت ۾ موڪليو. پهريائين ڪوڙهيي وٽ آيو. چيائين :

Scanned by CamScanner

مسڪين مسافر آهيان سفر جو سامان ختم ٿي ويو آهي. اُن الله جي نالي هڪ ڏاڇي خيرات ڏي جنهن تو کي ستو رنگ، سهڻي چمڙي عطا ڪئي، تنهنجي مسڪيني ختم ڪئي ڇيائين مون تي پيا ئي بار گهٽا آهن. ملائڪ چيو ته تون اهو ساڳيو نه آهين جو ڪوڙهيو هئين، مسڪين هئين پوءِ الله تو کي مال عطا ڪيو! ڇيائين مان ته ابن ڏاڏن کان ونئي مالدار خوشحال هيس. ملائڪ چيو ته الله تو کي ائين ڪندو جيئن اڳ هئين. پوءِ برابر اهو شخص ڪوڙهيو ۽ ڪنگال ٿي ويو. وري ملائڪ گنجي وٽ آيو ان کي ساڳي ڳالهه ڇيائين. ان ساڳيو جواب ڏنو. ملائڪ چيو ته الله توکي ائين ڪندو جيئن اڳ هئين. پوءِ اهو گنجو به ٿي ويو، مسڪين به ٿي ويو. وري ملائڪ انڌي وٽ آيو. ان کي ساڳي ڳالهه ڇيائين. ان چيو ته بيشڪ مان انڌو به هيس، مسڪين به هيس. الله پاڪ مون کي روشن اکيون به ڏنيون مال دولت به ڏني. ان رب جي نالي سارو مال حاضر آهي جيڪو کڻين جيڪو بچائين. ملائڪ چيو پنهنجو مال پاڻ وٽ رک. مون توهان جو امتحان پي ورتو، به ڇڪا ناڪام ٿي ويا، تون ڪامياب آهين. الله تو کي اجا به وڌيڪ برڪتون ڏئي. (بخاري ومسلم) 1

---

[1] حديث نمبر 145: عن ابي هُرَيْرَةَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ قال سَمِعَ رَسُولَ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُولُ إِنَّ ثَلَاثَةً فِي بَنِي إِسْرَائِيلَ أَبْرَصَ وَأَقْرَعَ وَأَعْمَى بَدَا لِلّٰهِ عَزَّ وَجَلَّ أَنْ يَبْتَلِيَهُمْ فَبَعَثَ إِلَيْهِمْ مَلَكًا فَأَتَى الْأَبْرَصَ فَقَالَ أَيُّ شَيْءٍ أَحَبُّ إِلَيْكَ قَالَ لَوْنٌ حَسَنٌ وَجِلْدٌ حَسَنٌ قَدْ قَذِرَنِي النَّاسُ قَالَ فَمَسَحَهُ فَذَهَبَ عَنْهُ فَأُعْطِيَ لَوْنًا حَسَنًا وَجِلْدًا حَسَنًا فَقَالَ أَيُّ الْمَالِ أَحَبُّ إِلَيْكَ قَالَ الْإِبِلُ أَوْ قَالَ الْبَقَرُ هُوَ شَكَّ فِي ذَلِكَ إِنَّ الْأَبْرَصَ وَالْأَقْرَعَ قَالَ أَحَدُهُمَا الْإِبِلُ وَقَالَ الْآخَرُ الْبَقَرُ فَأُعْطِيَ نَاقَةً عُشَرَاءَ فَقَالَ يُبَارَكُ لَكَ فِيهَا وَأَتَى الْأَقْرَعَ فَقَالَ أَيُّ شَيْءٍ أَحَبُّ إِلَيْكَ قَالَ شَعَرٌ حَسَنٌ وَيَذْهَبُ عَنِّي هَذَا قَدْ قَذِرَنِي النَّاسُ قَالَ فَمَسَحَهُ فَذَهَبَ وَأُعْطِيَ شَعَرًا حَسَنًا قَالَ فَأَيُّ الْمَالِ أَحَبُّ إِلَيْكَ قَالَ الْبَقَرُ قَالَ فَأَعْطَاهُ بَقَرَةً حَامِلًا وَقَالَ يُبَارَكُ لَكَ فِيهَا وَأَتَى الْأَعْمَى فَقَالَ أَيُّ شَيْءٍ أَحَبُّ إِلَيْكَ قَالَ يَرُدُّ اللّٰهُ إِلَيَّ بَصَرِي فَأُبْصِرُ بِهِ النَّاسَ قَالَ فَمَسَحَهُ فَرَدَّ اللّٰهُ إِلَيْهِ بَصَرَهُ قَالَ فَأَيُّ الْمَالِ أَحَبُّ إِلَيْكَ قَالَ الْغَنَمُ فَأَعْطَاهُ شَاةً وَالِدًا فَأُنْتِجَ هَذَانِ وَوَلَّدَ هَذَا فَكَانَ لِهَذَا وَادٍ مِنْ إِبِلٍ وَلِهَذَا وَادٍ مِنْ بَقَرٍ وَلِهَذَا وَادٍ مِنْ غَنَمٍ ثُمَّ إِنَّهُ أَتَى الْأَبْرَصَ فِي صُورَتِهِ وَهَيْئَتِهِ فَقَالَ رَجُلٌ مِسْكِينٌ تَقَطَّعَتْ بِيَ الْحِبَالُ فِي سَفَرِي فَلَا بَلَاغَ الْيَوْمَ إِلَّا بِاللّٰهِ ثُمَّ بِكَ أَسْأَلُكَ بِالَّذِي أَعْطَاكَ اللَّوْنَ الْحَسَنَ وَالْجِلْدَ الْحَسَنَ وَالْمَالَ بَعِيرًا أَتَبَلَّغُ عَلَيْهِ فِي سَفَرِي فَقَالَ لَهُ إِنَّ الْحُقُوقَ كَثِيرَةٌ فَقَالَ لَهُ كَأَنِّي أَعْرِفُكَ أَلَمْ تَكُنْ أَبْرَصَ يَقْذَرُكَ النَّاسُ فَقِيرًا فَأَعْطَاكَ اللّٰهُ فَقَالَ لَقَدْ وَرِثْتُ لِكَابِرٍ عَنْ كَابِرٍ فَقَالَ إِنْ كُنْتَ كَاذِبًا فَصَيَّرَكَ اللّٰهُ إِلَى مَا كُنْتَ وَأَتَى الْأَقْرَعَ فِي صُورَتِهِ وَهَيْئَتِهِ فَقَالَ لَهُ مِثْلَ مَا قَالَ لِهَذَا فَرَدَّ عَلَيْهِ مِثْلَ مَا رَدَّ عَلَيْهِ هَذَا فَقَالَ إِنْ كُنْتَ كَاذِبًا فَصَيَّرَكَ اللّٰهُ إِلَى مَا كُنْتَ وَأَتَى الْأَعْمَى فِي صُورَتِهِ فَقَالَ رَجُلٌ مِسْكِينٌ وَابْنُ سَبِيلٍ وَتَقَطَّعَتْ بِيَ الْحِبَالُ فِي سَفَرِي فَلَا بَلَاغَ الْيَوْمَ إِلَّا بِاللّٰهِ ثُمَّ بِكَ أَسْأَلُكَ بِالَّذِي رَدَّ عَلَيْكَ بَصَرَكَ شَاةً أَتَبَلَّغُ بِهَا فِي سَفَرِي فَقَالَ قَدْ كُنْتُ أَعْمَى فَرَدَّ اللّٰهُ بَصَرِي وَفَقِيرًا فَقَدْ أَغْنَانِي فَخُذْ مَا شِئْتَ فَوَاللّٰهِ لَا أَجْهَدُكَ الْيَوْمَ بِشَيْءٍ أَخَذْتَهُ لِلّٰهِ فَقَالَ أَمْسِكْ مَالَكَ فَإِنَّمَا ابْتُلِيتُمْ فَقَدْ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْكَ وَسَخِطَ عَلَى صَاحِبَيْكَ.

صحيح البخاري بَاب مَا ذُكِرَ عَنْ بَنِي إِسْرَائِيلَ (ج 11 / ص 281. الرقم: 3205) صحيح مسلم (ج 14 / ص 214. الرقم: 5265)

Scanned by CamScanner

بچڑو ماڻھو ڪير آھي؟

حديث نمبر 146:

حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ:

أَلَا أُخْبِرُكُمْ بِشَرِّ النَّاسِ رَجُلٌ يُسْأَلُ بِاللَّهِ وَلَا يُعْطِي بِهِ (ترمذی و نسائی)[1]

چا مان توهان کي نہ ٻڌايان تہ ماڻھن ۾ بچڑي ۾ بچڑو ڪير آھي؟

اھو ماڻھو جنھن کان الله واسطي گھريو وڃي ۽ نہ ڏئي.

حديث نمبر 147:

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما فرمايو تہ رسول الله ﷺ فرمايو تہ:

جيڪو توهان کان الله جي واسطي پناھ گھري تہ ان کي پناھ ڏيو جيڪو الله واسطي سوال ڪري تہ ان کي عطا ڪيو. جيڪو توهان کي دعوت ڏئي تہ قبول ڪيو. جيڪو توهان سان چڱائي ڪري تہ توهان ٻہ اُن سان چڱائي ڪيو (اُن جي احسان جو بدلو احسان سان ڏيو) پر جيڪڏھن ائين نہ ٿا ڪري سگھو تہ ان لاءِ ايستائين دعا گھرندا رھو جيستائين توهان جي دل مطمئن ٿي وڃي. (ابو دائود، نسائی)[2]

منهنجي مثل يار جا، آهن راز عجيب،
ڪڏهن اکڙ اچڙ نہ ڏئي، ڪري ڪڏهن قريب،
"ڪرم الله" وري ٻ، ننگُ ننگِي ننگپالَ تي.

---

[1] حديث نمبر 146: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ أَيُّ النَّاسِ خَيْرٌ (ج 6/ ص 209. الرقم: 1576) سنن النسائي (ج 8/ ص 354. الرقم: 2522) مسند أحمد (ج 18/ ص 321. الرقم: 8779) المعجم الكبير للطبراني (ج 9/ ص 191. الرقم: 10617)

[2] حديث نمبر 147: عَنْ عَبْدِ اللَّهِ بْنِ عُمَرَ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَنْ اسْتَعَاذَ بِاللَّهِ فَأَعِيذُوهُ وَمَنْ سَأَلَ بِاللَّهِ فَأَعْطُوهُ وَمَنْ دَعَاكُمْ فَأَجِيبُوهُ وَمَنْ صَنَعَ إِلَيْكُمْ مَعْرُوفًا فَكَافِئُوهُ فَإِنْ لَمْ تَجِدُوا مَا تُكَافِئُونَهُ فَادْعُوا لَهُ حَتَّى تَرَوْا أَنَّكُمْ قَدْ كَافَأْتُمُوهُ سنن أبي داود (ج 4/ ص 487. الرقم: 1424) سنن النسائي (ج 8/ ص 350. الرقم: 2520)

Scanned by CamScanner

باب نائون

گھر جو پاڙو

ڪٿي به گھر ٺھرايو يا گھر خريد ڪيو يا گھر ڪرايہ تي ونو تہ اول اھا جانچ ڪيو تہ پاڙو ڪيئن آھي چوتہ:

الجار ثم الدار[1] اول پاڙو پوءِ گھر.

پھرئين پاڙو پوءِ گھر:

جيڪڏھن پاڙو سٺو آھي. پاڙيسري نيڪ صالحن تہ انسان لاءِ وڏي راحت ۽ سکون آھي. بڇڙو پاڙو انسان لاءِ عذاب آھي. گھر ڪھڙو به سھڻو سٺو عاليشان ھجي پر جيڪڏھن پاڙو سٺو نہ آھي تہ اھو گھر ٽَڪي جي برابر به نہ آھي. انسان کي خود کي به لازم آھي تہ جنھن پاڙي ۾ رھي تہ ان پاڙي وارن جا حق ادا ڪري. پاڙي جي پارت آسمانن کان نازل ٿيل حڪم ۾ به ڪيل آھي.

حديث نمبر 148 :

امان عائشہ صديقہ رضي الله عنها فرمايو تہ سھڻا حبيب ڪريم ﷺ فرمايو تہ:

مَا زَالَ جِبْرِيلُ يُوصِينِي بِالْجَارِ حَتَّى قُلْتُ لَيُوَرِّثَنَّهُ (سنن ابو داؤد)[2]

جبرائيل امين ھميشہ مون کي پاڙي جي باري ۾ وصيت ڪندو رھيو ايستائين جو مون چيو تہ شايد پاڙي وارن کي ورثي ۾ شريڪ نہ ڪيو وڃي.

---

[1] كشف الخفاء (ج 1 / ص 179 ۔ الرقم: 531)

[2] حديث نمبر 148: سنن أبي داود بَاب فِي حَقِّ الْجِوَارِ (ج 13 / ص 364 ۔ الرقم: 4484) صحيح البخاري (ج 18 / ص 431 ۔ الرقم: 5556) صحيح مسلم (ج 13 / ص 64 ۔ الرقم: 4756) سنن الترمذي (ج 7 / ص 191 ۔ الرقم: 1865) سنن ابن ماجه (ج 11 / ص 67 ۔ الرقم: 3663) مسند أحمد (ج 13 / ص 246 ۔ الرقم: 6208)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 149:

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما جي گھر ۾ بکري ذبح ٿي. پاڻ فرمايائون "منهنجي يهودي پاڙيسري ڏانهن گوشت ضرور موڪلجو چو ته مون حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن کان ٻڌو آهي ته پاڻ فرمائيندا هئا ته جبرائيل هميشه مون کي پاڙي جي باري ۾ وصيت ڪندو رهيو، مون کي

اهو ماڻهو مؤمن ئي نه آهي جيڪو پاڙ ته ڏؤ ڪري ڪائي ۽ پر ۾ پاڙيسري بکارو هجي.

اڄ مؤمن هجڻ جي دعويٰ ته هرڪو ڪري ٿو پر حال اِهو آهي جو هر ڪنهن کي پنهنجو پيٽ پيارو آهي. هر ڪو پنهنجي مفاد جي تلاش ۾ آهي، ٻئي جي غم الم ڏک سور جو قطعاً احساس نه رهيو آهي. محبوب ڪريم ﷺ فرمائن ٿا ته جنهن پاڙيسري جي ٻُک اُڃ جي خبر نه لڌي اهو مؤمن ئي نه آهي.

جهنمي عورت :

حديث نمبر 152:

صحابه ڪرام عرض ڪيو ته يا رسول الله هڪ عورت نهايت نيڪ صالح آهي، گهڻيون نمازون پڙهندي ۽ گهڻا روزا رکندي آهي پر پنهنجي پاڙيسرين سان جهيڑا ڪندي آهي. پاڻ فرمايائون : "ان کي ٻڌايو ته اِها جهنمڻ عورت آهي." (الترغيب والترهيب)[1]

پاڙي جو خيال :

هڪ بزرگ جي گهر ۾ ڪوئا گهڻا ٿي پيا. گهر ۾ نقصان ڪرڻ لڳا، ڪنهن ماڻهو پلي ڏاريڻ جي صلاح ڏني. پاڻ فرمايائين پلي هن لاءِ نه ٿو ڏاريان متان ڪوئا ڊڄي منهنجي گهر مان نڪري پاڙيسري جي گهر ۾ وڃي نقصان ڪن. مون کي منهنجو نقصان قبول آهي پر پاڙيسري جي گهر ۾ نقصان نه ٿئي.

ايمان جي شمع ٻري پئي :

سلطان العارفين حضرت بايزيد بسطامي رحمة الله عليه جي پاڙي ۾ هڪ يهودي رهندو هيو. هڪ ڀيري اُهو يهودي ڪنهن ڊگهي سفر تي ويو ۽ گهڻو وقت گذري وڃڻ جي باوجود واپس نه آيو. حضرت بايزيد رحمة الله عليه روزانه ان جي گهر جي در تي ضرورت جو سامان پهچائي ايندو هيو ۽ ڏيئي ۾ تيل وجهي ڏيئو روشن ڪري ايندو هيو. جڏهن يهودي واپس آيو ته گهروارن بزرگ جي اخلاق ۽ پاڙي جي سنيال لهڻ جون ڳالهيون ٻڌايون.

---

[1] حديث نمبر 152: قَالَ رَجُلٌ يَا رَسُولَ اللهِ إِنَّ فُلَانَةَ يُذْكَرُ مِنْ كَثْرَةِ صَلَاتِهَا وَصِيَامِهَا وَصَدَقَتِهَا غَيْرَ أَنَّهَا تُؤْذِي جِيرَانَهَا بِلِسَانِهَا قَالَ هِيَ فِي النَّارِ. صحيح الترغيب والترهيب (ج 2/ص 345۔الرقم: 2560)
مسند أحمد (ج 19/ص 341۔الرقم: 9298)

Scanned by CamScanner

يهودي تي ايترو اثر ٿيو جو چيائين ته اگر هن منهنجي گھر جي شمع روشن ڪئي آهي ته هاڻي وڃي پنهنجي ايمان واري شمع به بايزيد وٽان روشن ڪرائي اچان. پاڙي ۾ سڀني سلوڪ هلڻ سبب يهودي سڄي گھراڻي سميت ڪلمون پڙهي مسلمان ٿي ويو.

جهنم جو بارڻ:

حديث نمبر 153:

عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ عَمْرٍو، قَالَ: قَالَ رَسُولُ اللهِ ﷺ: سَبْعَةٌ لَا يَنْظُرُ اللهُ عَزَّ وَجَلَّ إِلَيْهِمْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ وَلَا يُزَكِّيهِمْ، وَيَقُولُ: ادْخُلُوا النَّارَ مَعَ الدَّاخِلِينَ: الْفَاعِلُ وَالْمَفْعُولُ بِهِ، وَالنَّاكِحُ يَدَهُ، وَنَاكِحُ الْبَهِيمَةِ، وَنَاكِحُ الْمَرْأَةِ فِي دُبُرِهَا، وَجَامِعٌ بَيْنَ الْمَرْأَةِ وَابْنَتِهَا، وَالزَّانِي بِحَلِيلَةِ جَارِهِ، وَالْمُؤْذِي لِجَارِهِ حَتَّى يَلْعَنَهُ.

سيدنا عبدالله بن عمر رضي الله عنه چيو ته حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن فرمايو ته ست ماڻهو اهڙا آهن جن تي قيامت جي ڏينهن الله پاڪ ڪرم جي نگاهه نه ڪندو، نه انهن کي گناهن کان پاڪ ڪندو، پر انهن کي حڪم ڏيندو ته دوزخ ۾ ويندڙن سان گڏ دوزخ ۾ وڃو. اُهي ست ماڻهو هي آهن:

1. هم جنس پرستي ڪندڙ.
2. پنهنجي هٿ سان برائي ڪندڙ (مشت زني ڪرڻ وارو).
3. جانورن سان بدفعلي ڪندڙ.
4. زال سان پوئين رستي ۾ جماع ڪندڙ.
5. گھرواري ۽ اُن جي پهرئين مڙس مان ٽيڻ واري ڏيءَ سان هڪ وقت نڪاح ڪندڙ.
6. پاڙيسرڻ عورت سان زنا ڪندڙ.
7. پاڙيوارن کي ايذائيندڙ ايستائين جو اُهي هن تي لعنت ڪرڻ لڳن. (تنبيه الغافلين) [1]

---

[1] حديث نمبر 153: تنبيه الغافلين۔ أمالي ابن بشران الجزء الأول (ص: 206) ذم اللواط للآجري (ص: 73)

Scanned by CamScanner

پاڙي جي حد :

حديث نمبر 154:

إِنَّ أَرْبَعِينَ دَارًا جَارٌ : بيشڪ چاليھ گھرن تائين پاڙو آھي. (طبراني)[1]

حديث نمبر 155:

حضرت امان عائشہ صديقہ رضي الله عنها عرض ڪيو تہ يا رسول الله منھنجا بہ پاڙيسري آھن، وڌيڪ حق ڪنھن جو آھي؟ فرمايائون :

بِأَدْنَاهُمَا بَابًا (ابوداؤد)[2]

جنھن جو دروازو تنھنجي دروازي جي وڌيڪ ويجھو آھي.

بزرگن ائين بہ فرمايو آھي تہ :

- ھڪ سفر جا بہ مسافر
- ھڪ اسڪول يا مدرسي جا بہ طالب
- ھڪ استاد وٽ پڙھندڙ شاگرد
- ھڪ مرشد جا سڀ مريد بہ پاڻ ۾ پاڙيسري جي حيثيت رکن ٿا، انھن کي ھڪ ٻئي جي سار سنڀال، خبر گيري ۽ ھمدردي رکڻ لازم آھي.

پاڙيسرين جا قسم :

1. **تن حقن وارو پاڙيسري :** هي اُھو پاڙيسري آھي جيڪو مائٽ بہ ھجي ۽ مسلمان بہ ھجي تہ ان جا ٽي حق آھن.

1. پاڙي جو حق 2. مائٽي جو حق 3. مسلماني جو حق

2. **بن حقن وارو پاڙيسري :** هي دراصل مسلمان پاڙيسري آھي. ھن جا بہ حق آھن.

---

[1] حديث نمبر 154: المعجم الكبير للطبراني ج 13/ص 417۔الرقم:15493)
كنز العمال ج 9/ص 55۔الرقم:24915) مجمع الزوائد ج 8/ص 169)

[2] حديث نمبر 155: عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهَا قَالَتْ قُلْتُ يَا رَسُولَ اللَّهِ إِنَّ لِي جَارَيْنِ بِأَيِّهِمَا أَبْدَأُ قَالَ بِأَدْنَاهُمَا بَابًا
سنن أبي داود باب في حق الجوار ج 13/ص 368۔الرقم:4488)

Scanned by CamScanner

1. پاڙي جو حق 2. مسلماني جو حق

3. **هڪڙي حق وارو پاڙيسري:** هي دراصل ڪافر پاڙيسري آهي. هن جو هڪ ئي حق آهي. اسلام ڪيترو پلو ۽ پاڪيزه مذهب آهي جنهن ڪافر پاڙيسري سان به سٺي برتاءَ ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي. انسان جي خوبين ۽ خامين جي خبر ئي پاڙي مان پوندي آهي.

حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنهما سڏي حبيب ڪريم ﷺ جن کي عرض ڪيو ته يا رسول الله آءٌ ڪيئن سمجهان ته مون کي حڪم پلو ڪيو آهي يا بُرو ڪيو؟ پاڻ فرمايائون پنهنجي پاڙيسرين کان پڇ جي چَوَن ته چڱو ڪيئي تہ چڱو ڪيئي جي چَوَن برو ڪيئي تہ برو ڪيئي.

پاڙي وارن جا حق :

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي ڏنل تعليمات مطابق جنهن گهر ۾ اوهان رهو ٿا ان گهر جي اردگرد چاليهه گهرن ۾ رهڻ وارا اوهان جا پاڙيسري آهن. انهن جا اوهان مٿان هي حق آهن :

1. ملاقات ٿئي تہ خوش اخلاقي، خنده پيشاني سان سلام ڪري مِلو.
2. ڏک سک جي وقت ۾ پاڙيسري جا هڏ ڏوکي ۽ مدد گار هجو.
3. بيمار ٿي پئي تہ عيادت ۽ خدمت ڪيو.
4. فوت ٿي وڃي تہ ان جي تڏي تي ويهو، ان جي غم ۾ شريڪ ٿيو.
5. پاڙيسري جو ڪو ماڻهو فوت ٿي وڃي تہ ٽن ڏينهن تائين پنهنجي گهر مان اُن ڏانهن ماني پچائي موڪليو.
6. ڪو جائز ڪم چوي تہ پورو ڪرڻ جي ڪوشش ڪيو.
7. قرض گهري تہ قرض ڏيو.
8. خوشيءَ ۾ مبارڪ ڏيوس غمي ۾ تعزيت ڪيو.
9. پاڙيسري جو نہ رستو بند ڪيو نہ سوڙهو ڪيو.
10. پنهنجي گهر جي پت ايتري وڏي نہ ٺاهيو جو پاڙيسري جي هوا بند ٿي وڃي.
11. پاڙيسري جي مال کي قبائڻ جي ڪوشش نہ ڪيو.

Scanned by CamScanner

12. پنھنجي گھر ۾ شور شرابو نہ ڪيو. زور سان گانا نہ وڄايو، ريڊيو، ٽي وي زور سان نہ هلايو متان پاڙيسري جو آرام خراب ٿئي.

13. پنھنجي گھر ۾ ٻوڑ ڇاڙھيو تہ شوربو گھٽو ڪيو تہ جيئن ڪجھ پاڙيوارن کي ڏياري موڪليو.

14. ميوات وغيره آڻيو تہ پاڙي ۾ بہ ڏياري موڪليو، پر جي ٿوري هجي تہ گھر ۾ کائي ڇڏيو متان پاڙيسري جا پار روئن.

15. پنھنجي گھر ۾ گھٽو دونھون نہ ڪيو متان پاڙيسري جي اکين مان ڳوڙھا نڪري پون.

16. گھر جي ڇت تي چڙھو تہ پاڙيسري کي اڳواٽ اطلاع ڪيو.

17. روشندان مان يا پٽ جي سوراخ مان پاڙيسري جي گھر نہ نھاريو.

18. ڊگھي گفتگو، اٽ کٽ ڪچھريون ڪري ان کي بيزار نہ ڪيو.

19. پاڙيسري جي عيبن جي پرده پوشي ڪيو ان کي ماٺھن ۾ خوار نہ ڪيو.

20. پاڙيسري سفر ۾ وڃي تہ ان جي گھر، مال ۽ عزت جي نگھباني ڪيو.

21. پاڙيسري جي نہ پاٽ گلا ڪيو نہ ٻئي کان ٻڌو.

22. پاڙيسري جي اولاد سان نرمي ۽ مھرباني ڪيو.

23. ديني يا دنياوي ڪم ۾ ناواقف هجي تہ ان جي رهبري ڪيو.

24. ٻئي زبان سان ان کي چگاڻي جو امر ڪيو برائي کان منع ڪيو.

25. مختلف کاڌن جي خوشبوءِ سان ان کي ايذاءُ نہ پھچايو، جو ڪجھ چگو چوکو رڌيو ان جي گھر ۾ ڏياري موڪليو.

26. توهان جي پٽ تي ڪاڻي رکي تہ منع نہ ڪيو.

27. کا امانت رکڻ چاهي تہ رکو ۽ سلامت واپس ڏيو.

28. عام استعمال جون شيون اُن کان نہ روکيو، جيئن ڪاتي، اُکري، مُھري، ٽڪٽي، ٽڪٽي، پاٽي، لوڻ، مرچ وغيره.

29. پاڙيسري جي گھر ۾ برائي جي نظر نہ رکو.

30. ان جي مال ملڪيت ۾ طمع جي نظر نہ رکو.

Scanned by CamScanner

31. پاڙيسري کي تحفا تحائف ڏيو ڇوتہ ان سان محبت وڌي ٿي.
32. پاڙيسري اگر ٿوهان سان برو سلوک ڪري تہ صبر ڪيو ان کان ويڙ نہ وٽو.
33. پاڙيسري جي باري ۾ ڪنهن ٻئي سان اهڙي ڳالهہ نہ ڪيو جو اهو پاڻ اچي وجي تہ چُپ ڪرٽي پوي، اگر اهو ٻڌي تہ شرمسار ٿئي.
34. پاڙيسري سان جهيڙو فساد نہ ڪيو.

حڪايت : حضرت ابن مقنع رحمة الله عليہ کي ڪنهن ٻڌايو تہ سندس پاڙيسري قرض جي سبب گھر وڪرو ڪري رهيو آهي. پاڻ ؒ جي پت جي پاڇي ۾ ڪڏهن ڪڏهن ويهندا هئا. فرمايائين جيڪڏهن پاڙيسري گھر وڪرو ڪري ڇڏيو تہ اسان ان جي ديوار جي پاڇي ۾ ويهڻ جو بہ حق ادا نہ ڪيو، پوءِ ان جو سپ قرض پاڻ ادا ڪري ڏنائون.

35. حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنہ جي پاڙي ۾ يهودي رهندو هيو. پاڻ ٻڪري ڪٽائين تہ اول پاڙيسري جي گھر گوشت موڪلياٸين.

گھر جو رستو :

گھر ڏانهن اچڻ جو رستو ڪشادو رکجي، گھٽن ماڻهن جي عادت هوندي آهي تہ گلي ۾ پنهنجو گھر وڌائڻ جي ڪوشش ڪندا آهن جنهن سان گليون سوڙهيون ٿي ويندين آهن، اچڻ وڃڻ وارا آزار ۾ هوندا آهن. پاڻ کي بہ تڪليف ٿيندي آهي تہ پاڙي وارا بہ عذاب ۾ هوندا آهن. ان ڪري رستو ڪشادو رکڻ گھرجي.

حديث نمبر 156 :

قَالَ رَسُولُ اللهِ ﷺ اجْعَلُوا الطَّرِيقَ سَبْعَةَ أَذْرُعٍ (ابن ماجه)[1]

رستو گھٽ ۾ گھٽ ست هٿ رکو.

---

[1] حديث نمبر 156 : سنن ابن ماجه بَاب إِذَا تَشَاجَرُوا فِي قَدْرِ الطَّرِيقِ ج 7/ ص 140۔ الرقم: 2329)
صحيح البخاري ج 8/ ص 366۔ الرقم: 2293)
سنن الترمذي ج 5/ ص 205۔ الرقم: 1275)

Scanned by CamScanner


ست هٿن جي ويڪر ان دور جي ڳالھ آهي جڏهن سواري اٽن ۾ گھوڙن جي هئي، هن وقت جيڪي سواريون آهن انهن جي حساب سان رستي جي ويڪر رکڻ گھرجي. گھٽين جاين ني ائين ڏٺو ويو آهي جو هرڪو ماڻھو پنهنجي ديوار ٻاهر گلي ۾ سوري ٿو، پوءِ جنازي کڻڻ جو به رستو باقي نه ٿو رهي، ائين کرڻ نه گھرجي.

ٻلا پاڙيچا:

سڀ کان ٻلا پاڙيسري اهي آهن، جيڪي پنهنجي پاڙيسرين سان سھڻو سلوڪ ڪن ٿا. سيدنا عبد الله بن عمرو رضي الله عنه چيو ته، رسولِ اڪرم هاديءِ عالم ﷺ ارشاد فرمايو ته:

خَيْرُ الْأَصْحَابِ عِنْدَ اللهِ خَيْرُهُمْ لِصَاحِبِهِ، وَخَيْرُ الْجِيرَانِ خَيْرُهُمْ لِجَارِهِ (سنن سعيد)[1]

الله جي نزديڪ ٻلا ساٿي اهي آهن جيڪي پنهنجي ساٿين سان ٻلا هلن ٿا ۽ ٻلا پاڙيچا اهي آهن جيڪي پنهنجي پاڙيچن سان ٻلو هلن ٿا.




[1] سنن سعيد بن منصور (2/184)

Scanned by CamScanner

پیون حصو

کفر قطي

Scanned by CamScanner



پھريون باب: گھر ڈٹي جون ذميواريون

ٻيو باب : حلال روزگار جي تلاش

ٽيون باب : گھر وارن تي خرچ ڪرڻ

چوٿون باب : سينگار ۽ سون بابت

پنجون باب : لباس جي بيان ۾

ڇهون باب : ڪاڏي پيتي جي بيان ۾

ستون باب : حلال ۽ حرام جي بيان ۾

اٺون باب : دوائون ۽ دعائون

نائون باب : زندگي گذارڻ جا اصول

Scanned by CamScanner

باب پھريون

گھر ڏٹي جون ذميواريون

هر اُهو ماڻهو جيڪو ڪنهن گھر جو وڏو آهي ان جي مڙس پنهنجي گھر، گھر وارن ۽ اهل اولاد جون گھٽيون ذميداريون لاڳو ٿين ٿيون. انهن ذميدارين کي نيائڻ ۽ سڻي طرح گھر هلائڻ ان جي شرعي ۽ اخلاقي ذميداري آهي. روز محشر گھر جي وڏي کان سندس اهل عيال بابت پڇاڻو ٿيندو.

حديث نمبر 157 :

كُلُّكُمْ رَاعٍ وَكُلُّكُمْ مَسْئُولٌ عَنْ رَعِيَّتِهِ[1]

توهان مان هر هڪ ڏنار آهي، هر هڪ کان سندس ڏنڻ بابت پڇا ٿيندي.

بادشاهه پنهنجي رعيت جو ڏنار آهي، ان کان ان جي رعيت بابت پڇاڻو ٿيندو. مرشد پنهنجي مريدن جو ڏنار آهي، ان کان مريدن بابت پڇا ٿيندي، گھر ڏٹي پنهنجي گھر جو ڏنار آهي، ان کان گھر وارن بابت پڇا ٿيندي. رب العالمين فرمايو ته :

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا قُوْٓا اَنْفُسَكُمْ وَاَهْلِيْكُمْ نَارًا ○ (التحريم:٦)

اي ايمان وارؤ! پنهنجي جانين کي ۽ پنهنجي گھر وارن کي جهنم جي باهه کان بچايو.

حديث نمبر 158:

حضرت علي رضي الله عنه عرض ڪيو ته يا رسول الله ﷺ پنهنجي جانين کي ته بچايون ٿا پر گھر وارن جي جانين کي ڪيئن جهنم جي باهه کان بچايون؟ پاڻ فرمايائون :

---

[1] حديث نمبر 157: صحيح البخاري بَاب الْجُمُعَةِ فِي الْقُرَى وَالْمُدُنِ و (ج 3/ص 414۔الرقم: 2232844)

صحيح مسلم (ج 9/ص 352۔الرقم: 3408)

سنن أبي داود (ج 8/ص 145۔الرقم: 2539)

سنن الترمذي (ج 6/ص 296۔الرقم: 1627)

Scanned by CamScanner

تَأْمُرُونَهُمْ وَتَنْهَونَهُمْ وَتُؤَدِّبُونَهُمْ [1]

پنهنجي گھروارن کي (نيڪين جو) امر ڪيو ۽ انهن کي (براين کان) منع ڪيو ۽ انهن کي سٺا ادب سيکاريو.

معلوم ٿيو ته گھر جي وڏي جي اِها ذميداري آهي ته پنهنجي گھروارن کي، اولاد کي سٺا آداب ۽ اخلاق سيکاري. هر چڱي ۽ نيڪ ڳالھ انهن جي ڪنن تائين پهچائي، هر بُري ڳالھ کان انهن کي منع ڪندو رهي.

زيد بن اسلم چوي ٿو ته جڏهن هيءَ آيت "قُوْٓا اَنْفُسَكُمْ وَ اَهْلِيْكُمْ نَارًا" رسول الله ﷺ تلاوت فرمائي ته اصحابي سڳورا عرض ڪرڻ لڳا يا رسول الله اسان پنهنجن اهل و عيال کي جهنم کان ڪهڙي طرح بچائيندا سين؟ ته پاڻ فرمايائون:

تَأْمُرُونَهُمْ بِمَا يُحِبَّهُ اللهُ وَتَنْهَونَهُمْ عَمَّا يَكْرَهُ اللهُ۔ [2]

انهن کي الله تعاليٰ جي پسنديده ڳالهين جو حڪم ڏيو ۽ الله تعاليٰ جي ناپسند شين کان منع ڪيو.

حضرت مولا علي ڪرم الله وجهه الڪريم ۽ حضرت قتاده رضي الله عنه جو چوڻ آهي ته:

قُوا أَنْفُسَكُمْ بِأَفْعَالِكُمْ. وَقُوْا أَهْلِيكُمْ بِوَصِيَّتِكُمْ. [3]

پنهنجي جانين کي چڱن عملن جي ذريعي جهنم کان بچايو ۽ پنهنجي گھروارن کي چڱي نصيحت جي ذريعي جهنم جي باهه کان بچايو.

حضرت بلال رضي الله عنه کي تاجدار دو عالم ﷺ فرمايو ته:

يَا بِلَالُ نَارٌ لَا يُطْفِئُهَا اِلَّا مَاءُ الْعَيْنِ

اي بلال جهنم جي باهه کي نه اجهائيندا مگر اکين جا ڳوڙها.

---

[1] حديث نمبر 158: عمدة القاري شرح صحيح البخاري (167/20)

[2] الدر المنثور في التفسير بالمأثور (225/8)

[3] فتح القدير للشوكاني (302/5)

Scanned by CamScanner

دوزخ جو نديڙو عذاب به اهو آهي جو ڪنهن کي دوزخ جي جُتي پارائي وجي ته ان جو ميڇالو ائين ٿهڪندو جيئن ڪُني ۾ چانور ٿهڪندا آهن.

الله پاڪ شال اسان کي ۽ اسان جي پڇڙن کي جهنم جي باهه کان بچائي.

نماز جو حڪم :

گهر جي وڏي کي لازم آهي ته اُهو پنهنجي گهر ۾ رهندڙ سڀني ياتين کي نماز جو حڪم ڪندو رهي. زال پٽ، نياڻي، ياءُ وغيره جيڪو به گهر ۾ رهي ٿو هر هڪ کي نماز لاءِ چوندو رهي. الله پاڪ فرمايو ته :

وَ اْمُرْ اَهْلَكَ بِالصَّلٰوةِ ○ (طٰه:۱۳۲) پنهنجي گهر وارن کي نماز جو امر ڪر.

حديث نمبر 159 :

صحيح مسلم ۾ حديث آهي ته جڏهن حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن رات جو وتر نماز پڙهندا هئا ته ان وقت امان عائشه صديقه رضي الله عنها کي فرمائيندا هئا ته :

قُومِي فَأَوْتِرِي يَا عَائِشَةُ (مسلم)[1] اي عائشه اٿي وتر نماز پڙهه.

جڏهن اِها آيت نازل ٿي ته "پنهنجي گهر وارن کي نماز جو امر ڪر" تڏهن حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن روزانه صبح جو سيده فاطمة الزاهراء (سلام الله عليها وعلي ابيها و علي بعلها) جي گهر جي دروازي تي بيهي فرمائيندا هئا:

الصلواة الصلواة نمازنماز[2]

حضرت عمر فاروق رضي الله عنه اول پنهنجي گهر وارن کي سجاڳ ڪري پوءِ پاڻ نماز پڙهندا هئا.

---

[1] حديث نمبر 159: صحيح مسلم بَاب صَلَاةِ اللَّيْلِ وَعَدَدِ رَكَعَاتِ النَّبِيِّ ﷺ (ج 4/ ص 98۔ الرقم: 1228)
تحفة الأشراف (ج 13/ ص 350۔ الرقم: 16333)

[2] حديث: عن أبي الحمراء . قال رابطت المدينة سبعة أشهر على عهد رسول الله صلى الله عليه وسلم فرأيت رسول الله صلى الله عليه وسلم إذا طلع الفجر . جاء إلى باب علي و فاطمة رضي الله عنهما . فقال الصلاة الصلاة معرفة الصحابة لأبي نعيم الأصبهاني أبو الحمراء خادم النبي ﷺ (ج 20/ ص 31۔ الرقم: 6144)

Scanned by CamScanner

اُٽي جاڳ جانب :

زال ستل آهي مڙس سجاڳ ٿيو ۽ زال کي نماز لاءِ جاڳائي ٿو، يا مڙس ستل آهي زال ان کي نماز لاءِ جاڳائي ٿي ته ان جو اجر ڇا آهي؟

حديث نمبر 160 :

سيدنا ابوهريره رضي الله عنه روايت ڪئي رسول الله ﷺ فرمايو ته:

«رَحِمَ اللَّهُ رَجُلًا قَامَ مِنَ اللَّيْلِ فَصَلَّى وَأَيْقَظَ امْرَأَتَهُ فَصَلَّتْ، فَإِنْ أَبَتْ رَشَّ فِي وَجْهِهَا الْمَاءَ، رَحِمَ اللَّهُ امْرَأَةً قَامَتْ مِنَ اللَّيْلِ فَصَلَّتْ وَأَيْقَظَتْ زَوْجَهَا فَصَلَّى، فَإِنْ أَبَى رَشَّتْ فِي وَجْهِهِ الْمَاءَ» (ابنِ ماجه، تفسير القرطبی) [1]

ان مڙس تي الله پاجهه ۽ رحم ڪري ٿو جيڪو رات جو جاڳيو ۽ پوءِ نماز پڙهيائين ۽ (عبادت لاءِ) پنهنجي گهر واريءَ کي جاڳايائين ان به نماز ادا ڪئي. پر جي انڪار ڪيائين (يعني نه جاڳي) ان جي منهن تي پاڻيءَ جا (سنها) ڇنڊا هنيائين. ۽ ان عورت تي الله پاجهه ۽ رحم ڪري ٿو جيڪا رات جو جاڳي ۽ پوءِ نماز ادا ڪيائين ۽ مڙس کي جاڳايائين ان به اٿي نماز پڙهي. پر جي انڪار ڪيائين پاڻيءَ جا (سنها) ڇنڊا ان جي منهن تي هنيائين.

هڪ روايت ۾ آهي ته جڏهن زال مڙس هڪ ٻئي کي جاڳائين ٿا ته الله پاڪ اهڙو خوش ٿئي ٿو جو ستن آسمانن جي ملائڪن کي ڏيڪاريندي فرمائي ٿو ته توهان شاهد رهجو انهن ٻنهين جا سڀ گناهه معاف ڪيا ويا.

حضرت مرشد ڪريم جو دستور :

حضرت مرشدي مربي قلبي و روحي فداه جن جو دستور هوندو هيو ته مغرب جو فرض نماز جماعت کي پڙهائي بقيه نماز گهر ۾ اچي پڙهندا هئا. پوءِ ڪجهه دير درود و استغفار پڙهي پوءِ سڀ گهروارن کي گڏ ڪري نصيحت فرمائيندا هئا. پوءِ نماز جون دعائون، درود، التحيات نماز ۽ روزي جا مسائل، اخلاقي تربيت ۽ روحاني رمزون سيکاريندا هئا.

---

[1] حديث نمبر 160 : سنن ابن ماجه (424/1) مسند أحمد (372/12)

Scanned by CamScanner

پوءِ سومھڻي جي نماز مسجد ۾ وڃي پڙھائيندا ھئا. رات جو تھجد نماز لاءِ سڀ گھر وارن کي سجاڳ ڪندا ھئا. صبح جو فجر جي اذان ايندي ھئي تہ ھر ھڪ پٽ ءِ نياڻي جو نالو ونڊي نماز لاءِ اٿارينداھئا. جيڪو سستي ڪندو ھيو تہ ڪڏھن سختيءَ سان بہ پيش ايندا ھئا. فرمائيندا ھئا تہ مرد ڪيترو بہ نيڪ صالح ھجي پر جيستائين گھر وارا نيڪ ناھن تيستائين ان مرد جي نيڪائي اڌوري آھي. فرمائيندا ھئا سڀني گھرن مان ستو گھر اُھو آھي جنھن جا سڀ گھر جا ڀاتي تھجد گذار ھجن.

گھروارن جي تربيت :

اڄ جا نام نھاد مبلغ تبليغ جي نالي، چار مھينا، اٺ مھينا، سال ۾ سال گھر کان ٻاھر ھليا وڃن ٿا. گھر وارن جي حقن جو ڪو خيال ناھي، گھر ۾ نياڻيون بالغ ويٺيون آھن انھن جي پرٽائڻ جو فڪر ناھي، گھر ۾ نماز ناھي، روزو ناھي، زال کي وضوءَ جي خبر ناھي، غسل ڪرڻ جو پتو ناھي. گھروارن جي تربيت نہ ٿي تہ ٻئي پاسي وڃي تبليغ ڪرڻ ڪھڙي؟ تبليغ جو پھريون حق تہ گھروارن جو آ ي. زال کي تبليغ ڪيو پُٽن کي تبليغ ڪيو، مائٽن کي تبليغ ڪيو. الله تعاليٰ پنھنجي حبيب ﷺ کي فرمايو:

وَاَنْذِرْ عَشِيْرَتَكَ الْاَقْرَبِيْنَ○ (الشعراء:۲۱۴)

ءِ اي حبيب! پنھنجي ويجھي مائٽن کي ڊيڄار.

سڀ کان پھرئين گھروارن کي نماز سيکاريو رمضان اچي تہ روزن رکڻ جي ترغيب ڏياريو، زال کي حيض و نفاس جا مسئلا سيکاريو. پٽن کي نياڻين کي نيڪي جو امر ءِ برائي کان منع ڪيو. تبليغ تہ دراصل آھي ئي اِھا، جڏھن پنھنجو گھر سڌري وڃي تہ پوءِ پاڙي وارن شھر وارن کي تبليغ ڪيو، پوءِ ٻاھر نڪرو.

رَحِمَ اللّٰهُ وَالِدًا اَعَانَ وَلَدَهٗ عَلٰى بِرِّهٖ [1]

اھڙي والد تي الله تعاليٰ رحم ڪري ٿو جيڪو پنھنجي اولاد جي نيڪي ۾ مدد ڪري ٿو.

---

[1] حديث: كنز العمال (ج 16/ص 457) مصنف ابن أبي شيبة (ج 6/ص 101) كشف الخفاء (ج 1/ص 427. الرقم: 1376)

Scanned by CamScanner

اولاد کي پڙهائڻ :

هر صاحبِ اولاد جو ڪم آهي تہ اولاد کي پڙهائي انهن کي سمٿي سکيا ۽ تربيت ڏئي. چوندا آهن تہ "پار ۽ مڇ جو وار جاڏي وراءِ تاڏي پيو وري." ان ڪري ٻڇڙن کي ننڍپڻ ۾ ئي سمٿي تعليم ۽ تربيت ڏيڻ گهرجي. علم بنا انسان جانورن جي مثال آهي.

والدين تي حق آهي تہ ڪڏهن پيار سان ۽ ڪڏهن مار سان ڪڏهن خرچي ڏئي ۽ ڪڏهن لپاٽ هٽي ٻارن کي تعليم پرائڻ لاءِ موڪلن. ننڍپڻ ۾ ٻارن جو ذهن صاف هوندو آهي. جابہ ڳالهہ انهن کي پڙهائي يا سيکاري ويندي آهي اُها انهن جي ذهنن ۾ ڇاپجي ويندي آهي.

حضرت ابنِ معمر رحمة الله عليہ فرمايو:

اَلْعِلْمُ فِي صِغْرٍ كَالنَّقْشِ فِي حَجَرٍ

ننڍپڻ ۾ علم ائين آهي جيئن پٿر تي ڇت ڇتجي وڃي.

حضرت حماد رحمة الله عليہ کي ماڻهن ڏٺو تہ پاڻ ٻارڙن جي وچ ۾ ويٺل آهن. ماڻهن کي عجب لڳو تہ هيڏو وڏو عالم ۽ امام ٻارن جي وچ ۾ ڪيئن ويٺو آهي!؟ پاڻ فرمايائين تہ اڄ رات مون خواب ڏٺو تہ ڇٽڪ ڪجيءَ جو ننڍڙو پوٽو آهي، آءٌ ان کي پاڻي ڏئي رهيو آهيان. مون ان جو تعبير اِهو ڪيو آهي تہ اِهي ٻارڙا آهن جن کي مان علم جي پاڻي سان سيراب ڪري رهيو آهيان. ان طرح

حضرت اعمش رحمة الله عليہ بہ ٻارن کي گڏ ڪري علم سيکاريندو هيو ۽ فرمائيندا هيا تہ ٻارن کي مون وٽ ڇڏيو تہ انهن جي تربيت ڪيان ڇوتہ سياڻي اِهي ئي توهان جي دين جي حفاظت ڪندا.

حضرت عُروه بن زبير رحمة الله عليہ پنهنجي ٻارن کي گڏ ڪري علم جون ڳالهيون سيکاريندو هيو، فرمائيندو هيو تہ اڄ جا ٻار سياڻي جا سالار ٿيندا. فرمايائين تہ مان جڏهن ننڍو هيس تہ مون ڏاڻهن ڪنهن ڏيان نہ ڏنو، جڏهن مان وڏو ٿيس تہ ماڻهو مون کان دين جي باري ۾ پڇڻ لڳا. ماڻهوءَ لاءِ اِها ڳالهہ وڏي شرمساريءَ جي آهي جو ان کان ڪا ڳالهہ پڇي وڃي ۽ اُهو ان کان بي خبر هجي.

Scanned by CamScanner

حضرت حسن بصري رحمة الله عليه جي مجلس ۾ اگر ڪو ٻار پري ويٺل هوندو هيو تہ ان کي پنهنجي ويجهو ويهاري سيکاريندو هيو.

اولاد کي قرآن جو حافظ بنائڻ:

حديث نمبر 161:

مَنْ قَرَأَ الْقُرْآنَ وَحَفِظَهُ أَدْخَلَهُ اللهُ الْجَنَّةَ وَشَفَّعَهُ فِي عَشَرَةٍ مِنْ أَهْلِ بَيْتِهِ كُلُّهُمْ قَدْ اسْتَوْجَبُوا النَّارَ (ابن ماجه) 1

جنهن ماڻهو قرآن پڙهيو ۽ ان کي ياد ڪيو تہ الله تعاليٰ ان کي تہ جنت ۾ داخل ڪندو، پر ان جي گهر وارن مان ڏهن جڻن جي شفاعت جي ان کي اجازت ڏيندو جن لاءِ دوزخ واجب ٿي چڪو هوندو.

حديث نمبر 162:

حضرت ابوذر رضي الله عنه کي محبوبن ڪريمن صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ "اي ابوذر صبح جي وقت قرآن پاڪ جي هڪ آيت سکڻ تو لاءِ سؤ رڪعت نماز نفل پڙهڻ کان بهتر آهي.

صبح جي وقت علم جو ڪو باب سکڻ پوءِ ان تي عمل ڪري سگهين يا نہ ڪري سگهين پر اُهو تو لاءِ هڪ هزار رڪعت نفل نماز پڙهڻ کان بهتر آهي." (ابن ماجہ) 2

حديث نمبر 163:

جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي گهر کان علم سکڻ لاءِ ٻاهر نڪرندو آهي تہ ملائڪ ان جي نيڪ ارادي جي سبب ان جي راهہ ۾ پنهنجا پر وڇائيندا آهن.

(ابن ماجه) 3

---

[1] حديث نمبر 161: سنن ابن ماجه بَاب فَضْلِ مَنْ تَعَلَّمَ الْقُرْآنَ وَعَلَّمَهُ (ج 1/ص 251۔الرقم:212)

[2] حديث نمبر 162: عَنْ أَبِي ذَرٍّ قَالَ قَالَ لِي رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَا أَبَا ذَرٍّ لَأَنْ تَغْدُوَ فَتَعَلَّمَ آيَةً مِنْ كِتَابِ اللهِ خَيْرٌ لَكَ مِنْ أَنْ تُصَلِّيَ مِائَةَ رَكْعَةٍ وَلَأَنْ تَغْدُوَ فَتَعَلَّمَ بَابًا مِنَ الْعِلْمِ عُمِلَ بِهِ أَوْ لَمْ يُعْمَلْ خَيْرٌ لَكَ مِنْ أَنْ تُصَلِّيَ أَلْفَ رَكْعَةٍ

سنن ابن ماجه (ج 1/ص 254۔الرقم: 215)

[3] حديث نمبر 163: قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَا مِنْ خَارِجٍ خَرَجَ مِنْ بَيْتِهِ فِي طَلَبِ الْعِلْمِ إِلَّا وَضَعَتْ لَهُ الْمَلَائِكَةُ أَجْنِحَتَهَا رِضًا بِمَا يَصْنَعُ

سنن ابن ماجه بَاب فَضْلِ الْعُلَمَاءِ وَالْحَثِّ عَلَى طَلَبِ الْعِلْمِ (ج 1/ص 262۔الرقم: 222)

Scanned by CamScanner

پيءُ ماءُ جي مٿي تي نوراني تاج :

حديث نمبر 164:

حضرت سهل بن معاذ رضي الله عنهما پنهنجي پيءُ کان روايت ڪئي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته :

مَنْ قَرَأَ الْقُرْآنَ وَعَمِلَ بِمَا فِيهِ أُلْبِسَ وَالِدَاهُ تَاجًا يَوْمَ الْقِيَامَةِ ضَوْءُهُ أَحْسَنُ مِنْ ضَوْءِ الشَّمْسِ فِي بُيُوتِ الدُّنْيَا لَوْ كَانَتْ فِيكُمْ فَمَا ظَنُّكُمْ بِالَّذِي عَمِلَ بِهَذَا (ابوداؤد)[1]

جنهن ماڻهو قرآن شريف پڙهيو ۽ جيڪي ان ۾ (لکيل) آهي ان تي عمل ڪيائين ته ان جي پيءُ کي قيامت واري ڏينهن اهڙو تاج پارايو ويندو جنهن جي روشني دنيا جي گهرن ۾ پوندڙ سج جي روشنيءَ کان بہ وڌيڪ هوندي اگر اوهان لاءِ ايترو شرف آهي ته پوءِ جيڪو ان تي عمل ڪري ته ان جي باري ۾ توهان ڇا ٿا گمان ڪيو.

پلي ڇايون مائرون سنديون صالحن،
حشر ويل انهن کي ڏاڍا ڏيج ملن،
پين ويچارين اوجاڳا اجايا ڪيا.

---

[1] حديث نمبر 164: سنن أبي داود بَاب فِي ثَوَابِ قِرَاءَةِ الْقُرْآنِ (ج 4/ص 1246) المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 5/ص 150.الرقم: 2041) المعجم الكبير للطبراني (ج 14/ص 475.الرقم: 16560) شعب الإيمان للبيهقي (ج 4/ص 460)

Scanned by CamScanner

باب ٻيون

حلال روزگار جي تلاش

گهر جي وڏي تي لازم آهي تہ پنهنجي ضرورتن ۽ پنهنجي ٻچڙن جي سار سنڀال لاءِ کونہ کو حلال وجهہ جو پورهيو، ڪم، ڪاروبار، واپار يا نوڪري وغيره ڪري. پاڻ بہ حلال کائي ٻچڙن کي بہ حلال کارائي.

حضرت ايوب سختياني رحمة الله عليہ فرمايو آهي تہ پنهنجي اولاد جي چگي طرح سار سنڀال لهو. انهن کي ائين نہ چڏيو جو اُهي ماڻهن جي هٿن ڏانهن طمع ۽ حسرت واري نظر سان نهارينداً رهن. حضرت ايوب رحمة الله عليہ جو دستور هوندو هيو جو روزانہ پاڻ ڇهي هٿ ۾ ڪٽي بازار ڏانهن ويندا هئا ۽ گهر وارن لاءِ ڀاڄي ميوات ۽ ضرورت جو سامان خود خريد ڪري ايندا هئا. (حلية الاولياء)

حضرت حسن رضي الله عنہ فرمايو تہ قيامت واري ڏينهن ڀانهي جي نيڪي جي پُڙ ۾ اُهو خرچو رکيو ويندو جيڪو حلال ڪمائي مان پنهنجي ٻچڙن جي سار سنڀال تي خرچ ڪيو هوندائين.

وَ جَعَلْنَا النَّهَارَ مَعَاشًا ○ (النباء: ۱۱)

۽ اسان ڏينهن کي روزگار واسطي مقرر ڪيوسين.

الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ فرمايو:

فَانْتَشِرُوْا فِي الْاَرْضِ وَ ابْتَغُوْا مِنْ فَضْلِ اللّٰهِ ○ (الجمعه: ۱۰)

(جمعہ نماز ادا ڪرڻ کان پوءِ) زمين ۾ پکڙجي وڃو ۽ الله جو فضل (روزگار) تلاش ڪريو.

شريعتِ اسلامي ۾ حلال روزگار کي فضلِ الاهي سڏيو ويو آهي. ۽ ان جي ڳولا ڪرڻ وارو جڻ الله جي راهہ ۾ آهي. حلال روزگار جي ڳولا جو حڪم آهي ۽ حرام ڪمائي کان بچڻ جو فرمان آهي.

Scanned by CamScanner

هي به الله جي راهه آهي:

حديث نمبر 165:

هڪ اصحابي فرمايو ته غزوه تبوڪ ۾ اسان رسول الله ﷺ سان گڏ هئاسين. سندن ڏاڇي گم ٿي وئي ان کي ڳولي رهيا هئاسين. هڪ اعرابي نوجوان پهلوان طاقتور ڪريون چاريندي اچي لنگهيو. اصحابن چيو ته هائو جي ان جي جواني ۽ طاقت الله جي راهه ۾ استعمال ٿئي ها! اِها ڳالهه رسول ڪريم ﷺ ٻڌي، پاڻ فرمايائون جيڪڏهن ان جا پيءُ ماءُ ڪراڙا هجن، محنت ڪري انهن کي ڪمائي کارائي ٿو ته اِهو به الله جي راهه ۾ آهي. جيڪڏهن اِهو پنهنجي سر جي سُکي رکڻ لاءِ ڪوشش ڪري رهيو آهي ته ماڻهن جو محتاج نه ٿئي ته اِهو به الله جي راهه ۾ آهي. جيڪڏهن ان جي ڪوشش ماڻهن جي ڏيک ويڪ لاءِ آهي ته پوءِ اِها ڪوشش شيطاني آهي. (كتاب العيال)[1]

ڪاروبار يا ڪو ڪم ڪرڻ:

حلال وجهه جو ڪوبه ڏنڏو ڪرڻ عيب نه آهي، الله جا نبيءَ ۽ وليءَ سڳورا به ڪم ڪاروبار ڪندا هئا.

حديث نمبر 166: "حضرت زڪريا عليه السلام وايڊو هيو." (ابن ماجه)[2]

حديث نمبر 167:

حضرت ابوهريره رضی اللہ عنہ چيو ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته:

مَا بَعَثَ اللّٰهُ نَبِيًّا إِلَّا رَاعِيَ غَنَمٍ (ابنِ ماجه)[3]

الله تعالي ڪوبه اهڙو نبي ڪونه موڪليو جنهن ڪريون نه چاريون هجن.

---

[1] حديث نمبر 166: سنن سعيد بن منصور (2/278)

[2] حديث نمبر 169: عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ أَنَّ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ كَانَ زَكَرِيَّا نَجَّارًا
سنن ابن ماجه بَاب الصِّنَاعَاتِ (ج 6/ص 371۔الرقم: 2141)
مسند أحمد (ج 18/ص 432۔الرقم: 8889) مسند أبي يعلى الموصلي (ج 13/ص 190۔الرقم: 6295)
المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 9/ص 417۔الرقم: 4110)

[3] حديث نمبر 170: صحيح البخاري بَاب رَعْيِ الْغَنَمِ عَلَى قَرَارِيطَ (ج 8/ص 21۔الرقم: 2102)
سنن ابن ماجه بَاب الصِّنَاعَاتِ (ج 6/ص 370۔الرقم: 2140)

Scanned by CamScanner

❖ حضرت آدم عليه السلام پني پاري جو ڪم ڪندو هيو.

❖ حضرت ابو حفص رحمة الله عليه لوهار هيو. لوهه جو ڪم ڪندو هيو.

❖ حضرت سيد امير ڪلال رحمة الله عليه ڪنپرن وارو ڪم ڪندو هيو.

❖ شمس الائمة رحمة الله عليه حلوائي هيو.

❖ امام ابو حنيفه رحمة الله عليه ڪپڙي جو ڪاروبار ڪندو هيو.

❖ حضرت سيدنا عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليه ڪپڙي جو ڪاروبار ڪندو هيو.

واپار:

سڀني ڏنڏن ۾ پلو ڪم واپار آهي جو ته سڀني نبي ڪريم ﷺ جن به واپار ڪيو هيو. هڪ حديث ۾ آهي ته برڪت جا ڪل ڏهه حصا آهن انهن مان نَوَ حصا واپار ۾ آهن باقي هڪ حصو سڀ ڪاروبارن ۾ ورهايل آهي. (احياء العلوم)

حديث نمبر168:

اَلتَّاجِرُ الصَّدُوقُ الْأَمِينُ مَعَ النَّبِيِّينَ وَالصِّدِّيقِينَ وَالشُّهَدَاءِ (ترمذي)[1]

واپاري جيڪو سچار ۽ امانتدار هجي اهو نبين ۽ صديقن ۽ شهيدن سان گڏ هوندو. يعني قيامت واري ڏينهن.

واپار ۾ شرط آهن: 1. سچائي 2. وفائي 3. ڪوڙا قسم نه ڪٽڻ 4. ماپ تور ۾ ڪوٽ نه ڪرڻ. 5. وياج نه وٺڻ 6. ناجائز شين جو واپار نه ڪرڻ جيئن نشو، پيڙيون، تماڪ وغيره.

حديث نمبر169:

قِيلَ يَا رَسُولَ اللهِ أَيُّ الْكَسْبِ أَطْيَبُ؟

پڇيو ويو ته يا رسول الله سڀ کان پلو ڪم (ڏنڏو) ڪهڙو آهي؟

قَالَ: كَسْبُ الرَّجُلِ بِيَدِهِ، وَكُلُّ بَيْعٍ مَبْرُورٍ (حاكم)[2]

---

[1] حديث نمبر 176: سنن الترمذي (ج 4/ ص 471) المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 5/ ص 244۔ الرقم: 2102) سنن الدارمي (ج 8/ ص 41۔ الرقم: 2594) سنن الدارقطني (ج 7/ ص 98۔ الرقم: 2850) كنز العمال (ج 4/ ص 7۔ الرقم: 9217)

[2] حديث نمبر 177: المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 5/ ص 263۔ الرقم: 2119) السنن الكبرى للبيهقي (ج 5/ ص 263) شعب الإيمان للبيهقي (ج 3/ ص 274۔ الرقم: 1225)

Scanned by CamScanner

پاڻ فرمايائون: پنهنجي هٿن جو پورهيو (سڀ کان پلو ڏنڏو آهي) ۽ هر هڪ نيڪي وارو واپار.

هٿ جي ڪمائي:

حديث نمبر170:

إِنَّ أَطْيَبَ مَا أَكَلَ الرَّجُلُ مِنْ كَسْبِهِ وَإِنَّ وَلَدَهُ مِنْ كَسْبِهِ (ابنِ ماجه)[1]

سڀ کان پلو پاڪيزه رزق اُهو آهي جيڪو ماڻهو پنهنجي هٿ جي ڪمائي مان کائي ۽ اولاد به ڪمائي مان آهي.

محنت و مزدوري:

حديث نمبر171:

أَعْطُوا الْأَجِيرَ أَجْرَهُ قَبْلَ أَنْ يَجِفَّ عَرَقُهُ (ابنِ ماجه)[2]

مزدور کي ان جي پگهر سڪڻ کان اڳ ۾ مزدوري ڏيو.

تصوير سازي:

تصوير سازي جو ڏنڏو نه ڪرڻ گهرجي. نه ئي ان کم کي ذريعه معاش بنائڻ گهرجي. ڇو ته ان ڏنڏي وارن مٿان لعنت وڌي وئي آهي ۽ انهن لاءِ عذابِ قبر جي وعيد وارد ٿيل آهي. بعض علماءَ چيو ته تصوير مان مراد تِمثال يا مُورتيون يا بت ناهڻ آهي. باقي جيڪو ڪيميرا سان ڦوٽو بنايو وڃي ٿو، بعض علماءَ ان جي جائز هجڻ جا قائل آهن ۽ بعض ان ڦوٽو سازي کي به حرام چيو آهي. (والله اعلم بالصواب)

حضرت حبيب عربي ﷺ ارشاد فرمايو ته:

---

[1] حديث نمبر 167: سنن ابن ماجه بَاب الْحَثِّ عَلَى الْمَكَاسِبِ ج 6 / ص 354. الرقم: 2128) سنن النسائي ج 13 / ص) مسند أحمد ج 49 / ص 60) المعجم الأوسط للطبراني ج 10 / ص 199) صحيح ابن حبان، ج 18 / ص: 4333)

[2] حديث نمبر 174: سنن ابن ماجه بَاب أَجْرِ الْأُجَرَاءِ ج 7 / ص 294. الرقم: 2434) السنن الكبرى للبيهقي ج 6 / ص 120) المعجم الصغير للطبراني ج 1 / ص 37. الرقم: 34) مسند أبي يعلى الموصلي ج 13 / ص 424. الرقم: 6541) مسند الشهاب القضاعي ج 3 / ص 153. الرقم: 694)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر172:

حضرت نبي کريم ﷺ فرمايو ته تصويرون کيڙ وارا قيامت واري ڏينهن عذاب ڏنا ويندا. انهن کي چيو ويندو ته جا شيءِ توهان ٺاهي ان ۾ ساهه ٻه وجهو. (يءِ اُهي ساهه وجهي نه سگهندا يءِ عذاب ۾ هوندا) (ابن ماجه)1

سونارا يءِ رنگريز:

حديث نمبر173:

حضرت حبيب کريم ﷺ فرمايو ته سڀ کان وڌيڪ کوڙا رنگريز يءِ صراف (سونارا) هوندا آهن. (ابنِ ماجه)2

پوپا يءِ نجومي:

حديث نمبر174:

حضرت عبدالله ابن مسعود رضي الله عنه فرمايو ته رسول الله ﷺ جن کُتي جي قيمت، رنڊي عورت جي کمائي يءِ نجومي يءِ پوپي جي اُجرت کان منع فرمائي. (ابن ماجه)3

---

[1] حديث نمبر 171: أَنَّ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ إِنَّ أَصْحَابَ الصُّوَرِ يُعَذَّبُونَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ يُقَالُ لَهُمْ أَحْيُوا مَا خَلَقْتُمْ

سنن ابن ماجه بَاب الصِّنَاعَاتِ (ج 6/ ص 372۔ الرقم: 2142)

صحيح البخاري (ج 18/ ص 327۔ الرقم: 5495)

صحيح مسلم (ج 11/ ص 22۔ الرقم: 3942)

موطأ مالك (ج 6/ ص 57۔ الرقم: 1525)

[2] حديث نمبر 172: عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَكْذَبُ النَّاسِ الصَّبَّاغُونَ وَالصَّوَّاغُونَ

سنن ابن ماجه باب الصناعات (ج 6/ ص 373۔ الرقم: 2143)

السنن الكبرى للبيهقي (ج 10/ ص 249)

[3] حديث نمبر 173: عَنْ أَبِي مَسْعُودٍ أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ نَهَى عَنْ ثَمَنِ الْكَلْبِ وَمَهْرِ الْبَغِيِّ وَحُلْوَانِ الْكَاهِنِ

صحيح البخاري بَاب ثَمَنِ الْكَلْبِ (ج 7/ ص 486۔ الرقم: 2083)

سنن ابن ماجه بَاب النَّهْيِ عَنْ ثَمَنِ الْكَلْبِ (ج 6/ ص 384۔ الرقم: 2150)

صحيح مسلم (ج 8/ ص 213۔ الرقم: 2930)

سنن أبي داود (ج 9/ ص 281۔ الرقم: 2974)

موطأ مالك (ج 4/ ص 383۔ الرقم: 1173)

Scanned by CamScanner

پنڌ:

حديث نمبر175:

پني کائڻ هرگز جائز نه آهي. پينو گداگري ڪندا آهن. مُلان مسجد ۾ مدرسي جي چندي جي نالي پني پنهنجو پيٽ پريندا آهن. حالانڪ اصحابي سڳورا ۾ اهل بيت خشڪي ۾ تري ۾ واپار ڪندا هئا، ڪي باغ لڳائيندا هئا، ڪي زراعت ڪندا هئا، ڪي صنعت ۾ تجارت ڪندا هئا مگر انهن پنهنجي ذات لاءِ ڪنهن کان ڪجهه نه گهريو. حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو:

مَنْ فَتَحَ عَلٰى نَفْسِهٖ بَابًا مِّنَ السُّؤَالِ فَتَحَ اللّٰهُ عَلَيْهِ سَبْعِيْنَ بَابًا مِّنَ الْفَقْرِ (احياء العلوم)[1]

جنهن ماڻهو پنهنجي جان تي سوال (گهرڻ) جو هڪ دروازو کوليو ته الله تعالي ان تي مسڪيني جا ستر دروازا کولينڊو آهي.

حضرت معاذ بن جبل رضي الله عنه فرمايو ته "قيامت واري ڏينهن سڌ ٿيندو ته اُهي ماڻهو ڪٽي آهن جن سان روءِ زمين ۾ رهندڙ بي فرمانن کان وڌيڪ رب بغض رکي ٿو. پوءِ مسجدن ۾ سوال ڪندڙن کي اڌاريو ويندو. (احياءُ العلوم)

بي همت انسان:

همت وارو انسان اُهو آهي جيڪو حلال وارو ڪم ڪار ڪري، ڪونه ڪو ڏنڊو ڪري. بلڪل بي همت انسان اُهو آهي جيڪو ڪوبه ڪم نه ڪري بلڪه پين جي مٿان بار بنجي پوي. اهڙا ماڻهو معاشري تي بوجهه هوندا آهن. اُهي پنهنجا عمل ضايع ڪندا آهن. اهڙا ماڻهو فڪرن ۾ ڳرندا رهندا آهن، اهڙا ئي ماڻهو خودڪشيون ڪندا آهن ۽ پنهنجو پاڻ کي دوزخ جو پارڻ بنائيندا آهن.

گهٽو اولاد گهٽا فڪر:

اولاد جيترو گهٽو هوندو ان کي ايتري گهٽي محنت جي ضرورت پوندي. اگر اولاد گهٹو هجي ۽ کو ڪم به نه ڪري ته پنهنجو پاڻ کي ۽ پنهنجن پارن کي تباهه ڪري ٿو.

---

[1] حديث نمبر 175: تخريج أحاديث الإحياء (ج 4/ص 80۔ الرقم: 1580) واخرجه الترمذي بلفظ في باب مَا جَاءَ مَثَلُ الدُّنْيَا مَثَلُ أَرْبَعَةِ نَفَرٍ: لَا فَتَحَ عَبْدٌ بَابَ مَسْأَلَةٍ إِلَّا فَتَحَ اللّٰهُ عَلَيْهِ بَابَ فَقْرٍ (ج 8/ص 308۔ الرقم: 2247)

Scanned by CamScanner

حضرت عمر رضی اللہ عنہ فرمايو تہ :

"گھٹو عيال، ٹورو مال وڏي مصيبت آهي."

اولاد جي گھٹائي بہ آزمائش آهي، جيترو اولاد گھٹو، اوترا فڪرات گھٹا تہ اوترو ثواب ۽ اجر انعام بہ گھٹو آهي. هڪ ماڻهو کي زال ۽ار خرچ گھرندا هئا تہ چوندو هيو :

"زال زحمت ۽ار ڳڙو، چگو پڇي تہ رهہ چڙهو."

جيئن جيئن اولاد وڌندو ويندو آهي تيئن تيئن ضرورتون بہ وڌنديون ويندیون آهن.

حضرت سفيان ثوري رحمة الله عليہ فرمايوتہ اسان جي گھر ۾ هڪ ۽لي رهندي هئي، ڪڏهن بہ ڪُني جو ڏڪ نہ لاهيندي هئي، نہ ڪا چوري ڪندي هئي، نہ پاڙيوارن کي نقصان پهچائيندي هئي. جڏهن ان ۽ليءَ کي ٻچا ڄاوا تہ پوءِ ڪُني جو ڏڪ بہ لاهڻ لڳي، پاڙي وارن کي بہ نقصان پهچائڻ لڳي.

حضرت سفيان بن عينيہ فرمايو تہ گھٹو عيال نيڪيون برباد ڪري ٿو.

حضرت ايوب سختياني فرمايو تہ گھٹو عيال هلاڪت ۾ وجهندڙ آهي.

حضرت سفيان ثوري رحمة الله عليہ فرمايو تہ هڪ شخص قيامت واري ڏينهن آندو ويندو. چيو ويندو تہ هي اُهو شخص آهي جنهن جون نيڪيون اولاد برباد ڪري ڇڏيون. هي سڀ ڳالهيون تڏهن آهن جڏهن ماڻهو جو الله مٿان ڀروسو نہ هجي. پر جڏهن الله مٿان ڀروسو رکي تہ ڪيترو بہ اولاد هجي پر الله ڪريم ان کي ڏکيو ڏينهن نہ ڏيکارينڊو.

ضروري تنبيہ :

بزرگانِ دين جي انهن قولن جو هرگز هي مطلب ناهي جو اولاد جي گھٹائي نہ هجڻ گھرجي بلڪہ مقصود هي آهي تہ شرعي طريقي سان انهن لاءِ روزي جو اهتمام ڪرڻ گھرجي. پوءِ هي حلال روزگار لاءِ محنت ڪرڻ بہ عبادت آهي ۽ حلال روزگار جو فڪر رکڻ بہ گناهن جو ڪفارو آهي.

دنياوي فڪرات :

حضرت علي المرتضيٰ شيرِ خدا رضی اللہ عنہ فرمايو تہ "الله جي مخلوق ۾ ڪجهہ شيون ڏاڍيون سخت آهن.

Scanned by CamScanner

1. جبل ۽ پهاڙ سخت آهن.
2. لوهہ انهن کان سخت آهي جو جبلن کي پڄي پوري ڇڏيندو آهي.
3. باهہ، لوهہ کان سخت آهي جو لوهہ کي بہ پگهاري ڇڏيندي آهي.
4. پاڻي، باهہ کان بہ سخت آهي جو باهہ کي اجهائي ڇڏيندو آهي.
5. ککر زمين ۽ آسمان جي وچ ۾ پاڻي کڻي هلندا آهن.
6. هوا پاڻيءَ کان بہ سخت آهي جو انهن کي هلائيندي آهي.
7. انسان، هوا کان سخت آهي جو هوا کي پنهنجي مرضيءَ سان کڻي هلندو آهي.
8. نندڙ ۽ نشو انسان کي سمهاري ڇڏيندا آهن.
9. فڪرات ان کان بہ سخت آهن جو اِهي نندڙ ڦٽائي ڇڏيندا آهن.

تہ الله جي مخلوق ۾ فڪرات سڀ کان وڌيڪ سخت آهن. (طبراني اوسط)[1]

بيشڪ دانائن سچ چيو آهي تہ:

"خوشي جهڙي خوراڪ ناهي، ڳٽتيءَ جهڙو مرض ناهي."

خوشي ٻار کي جوان بنائي ٿي، ڳٽتي جوان کي ڪاڙو بنائي ڇڏي ٿي.

الله رزاق آهي:

حقيقت هيءَ آهي تہ رزاق الله آهي جيڪو رب العالمين آهي. اهو جيترو اولاد ڏئي ٿو اوترو ان جو رزق بہ ڏئي ٿو. پر ان لاءِ ڪوشش ڪرڻ حلال روزي تلاش ڪرڻ مومن تي لازم آهي. اولاد جي ضرورتن کي پوري ڪرڻ لاءِ تمام گهڻي محنت مشقت جي ضرورت هوندي آهي. ڪجهہ ماڻهو جائز وسيلن سان رزقِ حلال حاصل ڪندا آهن ۽ ڪجهہ ناجائز طريقن سان حرام رزق حاصل ڪندا آهن.

۽ پي اهم ڳالهہ هيءَ آهي تہ ماڻهو کي پريشانيون تڏهن ٿيندیون آهن جڏهن اُهو

---

[1] حديث: عن علي قال أشد خلق ربك عشرة: الجبال. والحديد ينحت الجبال. والنار تأكل الحديد. والماء يطفئ النار. والسحاب المسخر بين السماء والأرض يحمل الماء. والريح تقل السحاب. والإنسان يتقي الريح بيده. ويذهب فيها لحاجته. والسكر يغلب الإنسان. والنوم يغلب السكر. والهم يمنع النوم. فأشد خلق ربك الهم

المعجم الأوسط للطبراني (ج 2/ص 412. الرقم: 913)

Scanned by CamScanner

الله تي پروسو نہ ٿو ڪري. پر جڏهن پانهو الله ڪريم تي پروسو ڪري تہ پوءِ ڪٽي ڪيترو بہ اولاد ڇونہ هجي، الله ان کي ڪڏهن بہ ڏکيو ڏينهن نہ ٿو ڏيکاري. الله پاڪ تي توڪل ۽ پروسو رکڻ گهرجي، معاش جي معاملي ۾ ساري مخلوق جو الله پاڪ ذمو ڪٽي ڇڏيو آهي. جيئن رب پاڪ فرمايو تہ :

وَمَا مِنْ دَآبَّةٍ فِي الْاَرْضِ اِلَّا عَلَى اللّٰهِ رِزْقُهَا○ (هود:٦)

زمين مٿان جا بہ چرندڙ چيز آهي ان جو رزق الله مٿان آهي.

ڪوشش پانهي کي ڪرڻي آهي، اڳيان رزق روزي رب تي آهي. گهٽا ماڻهو مالي فڪر اتن کان مجبور ٿي زندگيءَ کان بيزار بنجي ويندا آهن ۽ خودڪشي ڪري ويهندا آهن.

خودڪُشي حرام آهي :

گهٽا ماڻهو طبيعت جا ڏاڍا حساس هوندا آهن، ٿوري خوشي ملي تہ آپي کان ٻاهر نڪري ويندا آهن يا وري ٿورو غم مليو تہ يڪدم مايوس ۽ مغموم بنجي ويندا آهن ۽ جلد بازيءَ ۾ ڪو غلط قدم کڻي ويهندا آهن، جنهن ۾ يا تہ پنهنجي زندگي وڃائي ويهندا آهن، يا وري ساري زندگي پنهنجي پرڪارن تي پڇتائيندا رهندا آهن. ۽ سڄي عمر پنهنجي ڪئي جا ڪيتا ڏيندا رهندا آهن.

ڪڏهن ائين بہ ٿيندو آهي تہ سياڻا سيبتا ماڻهو گهرو پريشانين يا مالي مشڪلاتن يا ڪاروبارن جي مونجهارن يا پسند جي شادي نہ ٿيڻ، يا امتحان ۾ پاس نہ ٿيڻ ياعشق ۾ ناڪاميءَ سبب مايوس ٿي "خودڪُشي" ڪري ڇڏيندا آهن. خودڪشي نهايت بزدلي ۽ بي عقلي جو ڪم آهي. مردَ حالتن سان مقابلو ڪندا آهن. ڏک سک برداشت ڪندا آهن. پريشانين سان مردانہ وار مقابلو ڪندا آهن. نيٺ نيٺ وڃي پنهنجو مقصد ماڻيندا آهن. الله تعاليٰ جي مدد بہ انهن سان شاملِ حال هوندي آهي. الله جي رحمت مان هرگز مايوس نہ ٿيڻ گهرجي. رب فرمايو تہ :

وَلَا تَقْتُلُوْٓا اَنْفُسَكُمْ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ بِكُمْ رَحِيْمًا○ (النساء:٢٩)

۽ پنهنجو پاڻ کي نہ ماريو، بيشڪ الله تعاليٰ توهان سان نهايت رحم ڪرڻ وارو آهي.

Scanned by CamScanner

حديث نمبر176:

مَنْ تَرَدَّى مِنْ جَبَلٍ فَقَتَلَ نَفْسَهُ فَهُوَ فِي نَارِ جَهَنَّمَ يَتَرَدَّى فِيهِ خَالِدًا مُخَلَّدًا فِيهَا أَبَدًا

جنهن شخص جبل تان پاڻ کي کيرائي خودکشي ڪئي سو دوزخ جي باهه ۾ هوندو، هميشه هميشه ۽ هميشه لاءِ پنهنجو پاڻ کي کيرائيندو رهندو.

وَمَنْ تَحَسَّى سُمًّا فَقَتَلَ نَفْسَهُ فَسُمُّهُ فِي يَدِهِ يَتَحَسَّاهُ فِي نَارِ جَهَنَّمَ خَالِدًا مُخَلَّدًا فِيهَا أَبَدًا

۽ جنهن ماڻهو زهر کائي پاڻ ماريو اهو جهنم ۾ ان حال ۾ هوندو جو سندس هٿ ۾ زهر هوندو ۽ کيس کارايو پيو ويندو هميشه هميشه ۽ هميشه لاءِ ان عذاب ۾ هوندو.

وَمَنْ قَتَلَ نَفْسَهُ بِحَدِيدَةٍ فَحَدِيدَتُهُ فِي يَدِهِ يَجَأُ بِهَا فِي بَطْنِهِ فِي نَارِ جَهَنَّمَ خَالِدًا مُخَلَّدًا فِيهَا أَبَدًا (مسلم)[1]

۽ جنهن شخص ڪنهن لوهي اوزار (جئن چاقو، خنجر بندوق، رائيفل، پستل وغيره) سان آبگهات ڪيو. پوءِ اوزار ان جي هٿ ۾ هوندو جهنم جي باهه ۾ ان اوزار سان پنهنجو پيٽ چيريندو رهندو هميشه ابد تائين ان عذاب ۾ هوندو.

الغرض جو ماڻهو جهڙي طرح سان پنهنجو انت آڻيندو ان کي جهنم جي باهه ۾ هميشه هميشه لاءِ ان طرح جو عذاب ٿيندو رهندو. هڪ ته اُهو هٿيار، اوزار يا قاهي جنهن سان پنهنجو پاڻ کي ماري ڇڏيائين پيو عذاب جهنم جي باهه جو سوبه اڻ کٽ، هميشه هميشه لاءِ، شال ڏڻي پناهه ۾ رکي.

معاش جو فکر:

پنهنجي پارن پچن جي رزق روزيني جو فکر رکڻ اها خود عبادت آهي ۽ گناهن جو ڪفارو آهي. جيئن حديث شريف ۾ آيو آهي ته:

حديث نمبر177:

حضرت ابوهريره رضي الله عنه چيو ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته:

---

[1] حديث نمبر 168: البخاري بَاب شُرْبِ السُّمِّ وَالدَّوَاءِ بِهِ وَبِمَا يُخَافُ مِنْهُ وَالْخَبِيثِ (ج 18/ص 74) صحيح مسلم باب غِلَظِ تَحْرِيمِ قَتْلِ الْإِنْسَانِ نَفْسَهُ (ج 1/ص 282) سنن النسائي (ج 7/ص 57) السنن الكبرى للنسائي (ج 1/ص 638. الرقم: 2092)

Scanned by CamScanner

إِنَّ مِنَ الذُّنُوبِ ذُنُوبًا لا تُكَفِّرُهَا الصَّلاةُ وَلا الصِّيَامُ وَلا الْحَجُّ وَلا الْعُمْرَةُ قَالُوا فَمَا يُكَفِّرُهَا يَا رَسُولَ اللَّهِ قَالَ الْهُمُومُ فِي طَلَبِ الْمَعِيشَةِ (اخرجه الطبراني في الاوسط)[1]

گناهن مان کي اهڙا گناهه آهن جن کي نماز روزا حج عُمرا نه ٿا ميٽن. اصحابن عرض کيو ته يا رسول الله پلا انهن گناهن کي کهڙي شيءِ ميٽيندي؟ پاڻ فرمايائون: "روزگار جا فکرات"

[1] حديث نمبر 165: المعجم الكبير للطبراني مسند أبي هريرة (ج 19 / ص 104 ـ الرقم: 233) المعجم الأوسط للطبراني (ج 1 / ص 105) كنز العمال (ج 6 / ص 471 ـ الرقم: 16600) مجمع الزوائد (ج 4 / ص 63)

Scanned by CamScanner

باب ٽيون

گھر وارن تي خرچ ڪرڻ

پنھنجي حال، طاقت ۽ توفيق مطابق پنھنجي ذاتي ضرورتن، پنھنجي اھل عيال ۽ ٻچڙن تي خرچ ڪرڻ اِھو به صدقو آھي جنھن جو الله جي بارگاھ ڪان اجر ملندو آھي.

حديث نمبر 178 :

نَفَقَةُ الرَّجُلِ عَلَى أَهْلِهِ صَدَقَةٌ (مسلم، احمد) [1]

ماڻھوءَ جو پنھنجي گھروارن تي خرچ ڪرڻ صدقو (خيرات) آھي.

ست سَوَ ڀيرا وڌيڪ اجر :

حديث نمبر 179:

إِنَّ مِنَ النَّفَقَةِ الَّتِي تُضَاعَفُ بِسَبْعِمِئَةِ ضِعْفٍ نَفَقَةِ الرَّجُلِ عَلَى نَفْسِهِ وَأَهْلِ بَيْتِهِ۔ [2]

بيشڪ اھو خرچ جيڪو ثواب ۾ وڌايو وڃي ٿو ھڪ جي بدلي ست سو تائين ڪيو وڃي ٿو. اھو خرچ آھي جيڪو ماڻھو پنھنجو پاڻ تي ۽ پنھنجي گھروارن تي ڪري ٿو.

سبحان الله! پنھنجي ضرورتن تي خرچ ڪرڻ، پنھنجي گھروارن جي ضرورتن تي خرچ ڪرڻ اھڙو عمل آھي جنھن جو ست سو گنا وڌيڪ اجر انعام ۽ ثواب ڏنو وڃي ٿو. اسان جي ذھن ۾ اِھا ڳالھ ھوندي آھي ته خيرات صرف اِھا آھي جيڪا مسڪينن غريبن کي ڏني سين، مسجدون ٺھرايون سين، مدرسن ۾ طالبن جي مٿان خرچ ڪيوسين. پر

---

[1] حديث نمبر 178: صحيح البخاري بَاب شُهُودِ الْمَلَائِكَةِ بَدْرًا (ج 12 / ص 400۔ الرقم: 3705) صحيح مسلم (ج 5 / ص 170۔ الرقم: 1669) مسند أحمد (ج 45 / ص 330۔ الرقم: 21316) سنن الترمذي (ج 7 / ص 228۔ الرقم: 1888) المعجم الكبير للطبراني (ج 20 / ص 78۔ الرقم: 1387) المعجم الأوسط للطبراني (ج 9 / ص 111۔ الرقم: 4058)

[2] حديث نمبر 179: مصنف ابن أبي شيبة باب في نفقة الرجل على أهله ونفسه (ج 6 / ص 258)

Scanned by CamScanner

حقيقت هيءَ آهي تہ پنهنجي ٻچڙن تي خرچ ڪرڻ خيرات آهي، پنهنجي زال تي خرچ ڪرڻ بہ خيرات آهي، پنهنجي نوڪرن تي خرچ ڪرڻ خيرات آهي ۽ پنهنجي جان تي خرچ ڪرڻ بہ خيرات آهي. بلڪ افضل خيرات ۽ افضل عبادت اِها آهي جو پنهنجي سر ۽ اهل وعيال تي خرچ ڪيووڃي. ان جو اجر ست سوپيرا وڌيڪ ڏنو وڃي ٿو.

حديث نمبر 180:

إِذَا أَعْطَى اللهُ أَحَدَكُمْ خَيْرًا فَلْيَبْدَأْ بِنَفْسِهِ وَأَهْلِ بَيْتِه (مسلم)[1]

جنهن کي الله تعاليٰ مال دولت ڏئي تہ (خرچ ڪرڻ) جي ابتدا پنهنجي سِرَ کان ۽ پنهنجي گهر وارن کان ڪري.

خَيْرُكُمْ اَنْفَعُكُمْ لِاَهْلِهِ[2]

توهان ۾ سڀني کان پلو ماڻهو اُهو آهي جيڪو پنهنجي گهروارن لاءِ وڌيڪ نفعو پهچائيندر آهي.

حديث نمبر 181:

مَا أَطْعَمْتَ نَفْسَكَ فَهُوَ لَكَ صَدَقَةٌ وَمَا أَطْعَمْتَ وَلَدَكَ فَهُوَ لَكَ صَدَقَةٌ وَمَا أَطْعَمْتَ زَوْجَكَ فَهُوَ لَكَ صَدَقَةٌ وَمَا أَطْعَمْتَ خَادِمَكَ فَهُوَ لَكَ صَدَقَةٌ

(مسند احمد، سنن الكبرىٰ نسائی)[3]

- جيڪو تو پنهنجو پاڻ کي کارايو اهو تو لاءِ صدقو آهي.
- جيڪو تو پنهنجي اولاد کي کارايو اهو بہ تو لاءِ صدقو آهي.
- جيڪو تو پنهنجي زال کي کارايو اهو بہ تو لاءِ صدقو آهي.
- جيڪو تو پنهنجي نوڪر کي کارايو اهو بہ تو لاءِ صدقو آهي.

---

[1] حديث نمبر 180: صحيح مسلم بَاب النَّاسُ تَبَعٌ لِقُرَيْشٍ (ج 9 / ص 338۔ الرقم: 3398) المعجم الكبير للطبراني (ج 2 / ص 277۔ الرقم: 1777) مستخرج أبي عوانة (ج 14 / ص 13۔ الرقم: 5648) مسند أبي يعلى الموصلي (ج 15 / ص 274)

[2] حديث: شعب الإيمان للبيهقي (ج 17 / ص 246۔ الرقم: 7981)

[3] حديث نمبر 181: مسند أحمد حَدِيثُ الْمِقْدَامِ بْنِ مَعْدِي كَرِبَ رضي الله عنه (ج 35 / ص 41۔ الرقم: 16550) السنن الكبرى للنسائي (ج 5 / ص 376۔ الرقم: 9185) المعجم الكبير للطبراني (ج 15 / ص 204۔ الرقم: 17022) كنز العمال (ج 6 / ص 415۔ الرقم: 16321)

Scanned by CamScanner

پلي خيرات ڪهڙي آهي؟

حديث نمبر 182:

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ هڪڙو دينار آهي جيڪو تو الله جي راهہ ۾ خرچ ڪيو. (مسجد، مدرسہ، خانقاهہ غريب مسڪين يتيم وغيره تي خرچ ڪيئي) ٻيو دينار آهي جيڪو ٻانهو آزاد ڪرڻ ۾ خرچ ڪيئي. ٽيون دينار آهي جيڪو تو صدقو ڪيو. چوٿون دينار آهي جيڪو تو پنهنجي گهروارن تي خرچ ڪيو، سڀني کان پلو دينار اُهو آهي جيڪو تو پنهنجي گهروارن جي مٿان خرچ ڪيو. (مسلم، مسندِ احمد) [1]

حديث نمبر 183:

خَيْرُ الصَّدَقَةِ عَنْ ظَهْرِ غِنًى وَالْيَدُ الْعُلْيَا خَيْرٌ مِنَ الْيَدِ السُّفْلَى وَابْدَأْ بِمَنْ تَعُولُ

(بخاری، مسلم، ابوداؤد) [2]

[1] حديث نمبر 182: عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّ... وَدِينَارٌ تَصَدَّقْتَ بِهِ عَلَى مِسْكِينٍ وَدِينَارٌ أَنْفَقْتَهُ عَلَى أَهْلِكَ أَعْظَمُهَا أَجْرًا الَّذِي أَنْفَ... صحيح مسلم بَاب فَضْلِ النَّفَقَةِ عَلَى الْعِيَالِ ج 5/ص 160۔ الرقم: 1661) مسند أحمد ج 20/ص 279۔ الرقم: 9736)

[2] حديث نمبر 183: صحيح مسلم بَاب بَيَانِ أَنَّ الْيَدَ الْعُلْيَا خَيْرٌ مِنَ الْيَدِ ال... ج 4/ص 491۔ الرقم: 1427) سنن النسائي ج 8/ص 298۔ الرقم: 487 المعجم الكبير للطبراني ج 3/ص 330۔ الرقم: 3049) شعب الإيمان للبيه...

Scanned by CamScanner

اها خيرات قبول ناهي:

پنهنجا حال بچڑا هجن، پنهنجا بچڑا پار ڏتڑيل هجن انهن جي سار سنڀال نہ لڌي وجي ۽ پي جاءِ تي خيرات ڪئي وجي تہ اها خيرات الله وٽ قبول ئي ناهي.

حديث نمبر 184:

كَفَى بِالْمَرْءِ إِثْمًا أَنْ يُضَيِّعَ مَنْ يَقُوتُ (طبراني بيهقي)[1]

مرد لاءِ اهو بہ ڪافي گناهہ آهي جو انهن کي خرچ نہ ڏئي جن جو قوت سندس ذمي آهي.

حضرت ابراهيم نخعي رحمة الله عليہ فرمايو تہ اڳيان مسلمان (سلف صالحين) جيڪي سخي گھراٽن وارا هئا، سٺو لباس پهريندا هئا. جڏهن خيرات ڪرڻ چاهيندا هئا تہ اول گھر جو دروازو بند ڪري پنهنجي گھروارن جو پورائو ڪندا هئا، پوءِ واڌو هوندو هين تہ مائٽن جي ضرورتن کي پورو ڪندا هئا ۽ اجا بہ واڌو هوندو هين تہ پاڙيسرين کي ڏيندا هئا. جيڪڏهن اجا بہ واڌو هوندو هين تہ پوءِ هيڏانهن هوڏانهن خرچ ڪندا هئا. ۽ انهن جي گھرن ۾ ڪتل (کجور) ضرور هوندي هئي جنهن سان مهمانن لاءِ ۽ سائلن جي ضرورت کي پورو ڪندا هئا. (حليلة الاولياء)

مائٽن کي خيرات ڏيڻ:

پنهنجي ضرورتن ۽ پنهنجي بچڙن جي ضرورتن جي پورائي بعد وڌيڪ مال هجي تہ ان مان مائٽن عزيزن قريبن ۾ کي غريب هجن تہ اول انهن کي خيرات ڏني وجي پوءِ ڏارين مسڪينن محتاجن کي.

حديث نمبر 185:

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ

مسڪين کي صدقو ڏيڻ هڪُوڙ آهي ۽ مائٽ کي صدقو ڏيڻ ٻيڙ آهي:

---

[1] حديث نمبر 184: سنن أبي داود بَاب فِي صِلَةِ الرَّحِمِ (ج 5/ ص 12۔ الرقم: 1442) المعجم الكبير للطبراني (ج 11/ ص 14۔ الرقم: 13233) مسند أحمد (ج 13/ ص 245۔ الرقم: 6207) المستدرك على الصحيحين للحاكم ق (ج 4/ ص 44۔ الرقم: 1462) شعب الإيمان للبيهقي (ج 18/ ص 221۔ الرقم: 8452)

Scanned by CamScanner

1. صدقو 2. ڳانڍاپو. (نسائی ترمذی)[1]

حديث نمبر 186:

هڪ شخص رسول ڪريم ﷺ جن کان پڇا ڪئي ته سڀ کان پهلي خيرات ڪهڑي آهي؟ پاڻ فرمايائون ان مائٽ کي خيرات ڏيڻ جيڪو ڇنندڙ ۽ دل ۾ دشمني رکندڙ هجي. (احمد، طبرانی)[2]

حديث نمبر 187:

حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته

أَيُّمَا رَجُلٍ أَتَاهُ ابْنُ عَمِّهِ فَسَأَلَهُ مِنْ فَضْلِهِ، فَمَنَعَهُ، مَنَعَهُ اللَّهُ فَضْلَهُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ[3]

ڪنهن ماڻهو وٽ سندس سوٽ ڪا خيرات گهرڻ اچي ٿو ۽ هي نه ٿو ڏئي ته الله تبارڪ و تعالي قيامت واري ڏينهن ان کي پنهنجي فضل کان محروم رکندو. (طبرانی اوسط)[4]

---

[1] حديث نمبر 185: عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ إِنَّ الصَّدَقَةَ عَلَى الْمِسْكِينِ صَدَقَةٌ وَعَلَى ذِي الرَّحِمِ اثْنَتَانِ صَدَقَةٌ وَصِلَةٌ
سنن النسائي الصَّدَقَةُ عَلَى الْأَقَارِبِ (ح 8/ص 375۔الرقم: 2535) سنن الترمذي (ج 3/ص 65۔الرقم: 594)
سنن ابن ماجه (ج 5/ص 435۔الرقم: 1834)

[2] حديث نمبر 186: أَنَّ رَجُلًا سَأَلَ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عَنِ الصَّدَقَاتِ أَيُّهَا أَفْضَلُ قَالَ عَلَى ذِي الرَّحِمِ الْكَاشِحِ
مسند أحمد (ج 30/ص 334۔الرقم: 14781)
المعجم الكبير للطبراني (ج 4/ص 188۔الرقم: 3826)
المعجم الأوسط للطبراني (ج 7/ص 377۔الرقم: 3407)
المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 4/ص 9۔الرقم: 1427)
شعب الإيمان للبيهقي (ج 7/ص 431۔الرقم: 3274)
سنن الدارمي (ج 5/ص 162۔الرقم: 1732)
صحيح ابن خزيمة (ج 8/ص 448۔الرقم: 2194)
مسند الحميدي (ج 1/ص 240۔الرقم: 347)

[3] حديث نمبر 187: المعجم الأوسط (2/45)

[4] حديث نمبر 187:

Scanned by CamScanner

مري ويل مائٽن عزيزن لاءِ خيرات ڪرڻ:

زنده عزيزن قريبن کي ته خيرات سان ياد ڪيو پر جيڪي فوت ٿي ويا آهن انهن کي به خيرات وقت نه وساريو. جيڪو توهان خيرات ڪري انهن جي روحن کي ايصالِ ثواب ڪيو ٿا، ان جو فائدو انهن کي ملي ٿو، ان خيرات جي سبب کان اُهي خوش ٿيندا آهن. اگر اُهي عذاب ۾ هئا ته انهن جو عذاب هلڪو ڪيو ويندو آهي، اگر اُهي بخشيل هئا ته انهن جا درجا بلند ڪيا ويندا آهن.

حديث نمبر 188:

حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنه کان روايت آهي چيائين مون پاڻ پنهنجي ڪنن سان ٻڌو ته حضرت حبيب ڪريم صلي الله عليه وسلم جن فرمايو ته:

مَا مِنْ أَهْلِ بَيْتٍ يَمُوتُ مِنْهُمْ مَيِّتٌ فَيَتَصَدَّقُونَ عَنْهُ بَعْدَ مَوْتِهِ، إِلَّا أَهْدَاهَا إِلَيْهِ جِبْرِيلُ عَلَيْهِ السَّلَامُ عَلَى طَبَقٍ مِنْ نُورٍ،

ڪوبه گھراٽو اهڙو نه آهي جنهن جو ڪو ماڻهو مري وڃي ۽ گھروارا ان جي پاران صدقو (خيرات) ڪن ان جي مري وڃڻ کان پوءِ ته اها خيرات حضرت جبرائيل عليه السلام نور جي طبق ۾ وجهي تحفو ڪري ان عزيز يا مائٽ ڏانهن ڪٽي وڃي ٿو.

ثُمَّ يَقِفُ عَلَى شَفِيرِ الْقَبْرِ، فَيَقُولُ: يَا صَاحِبَ الْقَبْرِ الْعَمِيقِ، هَذِهِ هَدِيَّةٌ أَهْدَاهَا إِلَيْكَ أَهْلُكَ فَاقْبَلْهَا، فَيَدْخُلُ عَلَيْهِ، فَيَفْرَحُ بِهَا وَيَسْتَبْشِرُ، وَيَحْزَنُ جِيرَانُهُ الَّذِينَ لَا يُهْدَى إِلَيْهِمْ بِشَيْءٍ[1]

پوءِ حضرت جبرائيل عليه السلام ان قبر جي ڪناري ٻيهي چوندو آهي ته "اي اونهي قبر ۾ رهڻ وارا هي تحفو آهي جيڪو تنهنجي گھروارن تو ڏانهن موڪليو آهي. هي قبول ڪر."

پوءِ ان خيرات سبب ان قبر واري کي فرحت ملندي آهي ۽ اُهو خوش ٿيندو آهي ۽ ان قبر جا پاڙي وارا جن ڏانهن تحفو نه موڪليو ويو هجي اُهي غمگين ٿيندا آهن.

---

[1] حديث نمبر 188: المعجم الأوسط (315/6)

Scanned by CamScanner

خرچ ۾ ڪشادگي ڪرڻ :

پنهنجي گهر ۽ ٻڍڙن تي خرچ ۾ ڪشادگي ڪرڻ گهرجي، ان طرح سان جو نه بخل هجي نه اسراف هجي بلڪ اعتدال ۽ ميانه روي هجي. جيڪڏهن ڪو پنهنجي اهل و عيال تي خرچ ڪرڻ ۾ تنگي ڪري ٿو ته الله تعاليٰ به ان تي تنگي ڪندو آهي. جيڪڏهن ڪو ڪُلي دل ۽ ڪشادگي سان خرچ ڪري ٿو ته الله تعاليٰ به ان تي ڪشادگي ۽ آساني فرمائيندو آهي.

حديث نمبر 189 :

حضرت امان عائشه صديقه رضي الله عنها فرمايو ته حضرت نبي پاڪ ﷺ جن فرمايو ته :

إِذَا أَرَادَ اللَّهُ عَزَّ وَجَلَّ بِأَهْلِ بَيْتٍ خَيْرًا أَدْخَلَ عَلَيْهِمُ الرِّفْقَ فِي الْمَعَاشِ (بيهقي)[1]

الله تعاليٰ جڏهن ڪنهن گهر وارن سان پلائي جو ارادو ڪندو آهي ته انهن جي رزق ۾ ڪشادگي عطا فرمائيندو آهي.

ڪاڏي پيتي ۾ ڪشادگي :

جيڪڏهن الله پاڪ توهان کي ڪشادو رزق ڏنو آهي ته پلي چگو چوکو رڌي کائو، روزانه بصر سان يا ٿوم سان ماني کائي الله جي نعمتن جي ناشڪري نه ڪيو.

كُلُوا وَاشْرَبُوا وَلَا تُسْرِفُوا ۚ (الاعراف:٣١)

کائو ۽ پيئو ۽ اجايو خرچ نه ڪيو.

حديث نمبر 190 :

إِنَّ اللَّهَ يُحِبُّ أَنْ تُرَى آثَارُ نِعْمَتِهِ عَلَى عَبْدِهِ فِي مَأْكَلِهِ وَمَشْرَبِهِ (احمد)[2]

بيشڪ الله تعاليٰ پنهنجي بانهي تي ڪيل نعمت جو اثر ان جي ڪاڏي پيتي ۾ ڏسڻ چاهي ٿو.

---

[1] حديث نمبر 189: شعب الإيمان للبيهقي (ج 14 / ص 78 ـ الرقم:6289) مسند أحمد (ج 49 / ص 446 ـ الرقم:23290) الأسماء والصفات للبيهقي (ج 1 / ص 344 ـ الرقم: 318) كنز العمال (ج 3 / ص 52 ـ الرقم: 5450) مجمع الزوائد (ج 8 / ص 19) المقاصد الحسنة (ج 1 / ص 64)

[2] حديث نمبر 190: مسند أحمد (ج 13 / ص 459 ـ الرقم: 6421)

Scanned by CamScanner

يعني الله پاڪ پاڻهي کي نعمت عطا ڪرڻ بعد چاهي ٿو ته پاڻهو ان کي استعمال ڪري ۽ نعمتن جو اثر جڏهن پاڻهي تي ظاهر ٿئي ٿو ته الله خوش ٿئي ٿو.

حضرت امام حسن بصري رحمة الله عليه روزانو پنهنجي گهر ۾ اڏ درهم جو گوشت وٺي ايندا هئا. (كتاب العيال)

لباس ۾ ڪشادگي :

جهڙي طرح گهر ستو ۽ خوبصورت هجي. خوراڪ سٹي هجي ته رب چاهي ٿو ته منهنجي پاڻهي جي پوشاڪ (لباس) به سٹ هجي. غلام اگر چنڊيل ڦوڪيل صاف ستڙو هجي ته اها ان جي مالڪ (آقا) جي تعريف آهي. ان طرح پاڻهو سٹي حالت ۾ هجي ته ان جو خالق مالڪ رب خوش ٿئي ٿو.

لباس جي معاملي ۾ ٻه ڳالهيون اهم آهن.

1. **ساتر هجي :** يعني اگهڙ ڊڪيندڙ هجي.
2. **ممنوع نه هجي:** جيئن مرد کي ريشم، ڳاڙهو ڪپڙو وغيره ان کان علاوه جيترو به لباس قيمتي ۽ سهڻو پهريو وڃي ته منع نه آهي بلڪ الله خوش ٿئي ٿو. لباس جي باب ۾ ان جو تفصيل سان بيان انشاءالله بيش ڪيو ويندو.

حديث نمبر 191 :

حضرت امام حسن بن علي رضي الله عنهما فرمايو ته :

أَمَرَنَا رَسُولُ اللَّهِ ﷺ أَنْ نَلْبِسَ أَجْوَدَ مَا نَجِدُ وَأَنْ نُضَحِّيَ بِأَسْمَنِ مَا نَجِدُ (مستدرک حاڪم)[1]

اسان کي رسول الله ﷺ جن حڪم فرمايو ته جيترو ٿي سگهي ته سٹو ۽ خوبصورت لباس پهريندا ڪيو ۽ جيترو ٿي سگهي ته متاري جانور جي اضحيٰ ڪندا ڪيو.

حضرت نافع رضي الله عنه ڪان روايت آهي ته حضرت عمر فاروق رضي الله عنه پنهنجي گهر واريءَ کي ابريشم (پٽ) جو رئو پارائيندو هيو.

---

[1] حديث نمبر 191: المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 17/ ص 419۔ الرقم: 7667)
المعجم الكبير للطبراني (ج 3/ ص 152۔ الرقم: 2690)

Scanned by CamScanner

خوشبوءِ جو استعمال :

خوشبوءِ الله جي نعمت مان هڪ نعمت آهي، دماغ کي فرحت ۽ سکون ڏياري ٿي طبيعت ۾ ڪشادگي ۽ سرور پيدا ڪري ٿي جنهن سان عبادت ۾ اطمينان نصيب ٿئي ٿو. ان لاءِ سڀني حبيب ﷺ خوشبو کي تمام گھٽو پسند فرمايو آهي.

حضرت حسن رضي الله عنه پنهنجي گھرواريءَ لاءِ 20 ويهه درهمن جو عطر خريد ڪري ايندو هيو. هڪ شخص پڇيو ته اهو اسراف ته نه آهي؟ چيائون ته اهو اسراف نه آهي بلڪه پنهنجي گھرن ۾ خوشبو گھٽي استعمال ڪندا ڪيو. (كتاب العيال)

پنهنجي بدن ۽ ڪپڙن کي پنهنجي گھروارن کي خوشبوءِدار رکو. حضرت ابو محمد تمار رحمة الله عليه فرمايو ته اسان جڏهن به حضرت ايوب سختياني رحمة الله عليه جي ٻارن کي ڪٽندا هئاسين ته انهن مان مشڪ ۽ عطر جي سرهاڻ پئي ايندي هئي. (كتاب العيال)

اڄڪلهه خوشبوءِ لاءِ سينٽ پرفيوم وغيره گھٽو استعمال ٿي رهيا آهن، جن ۾ گھٽو ڪري (Alcohol) استعمال ٿئي ٿو جيڪو شراب جو هڪ قسم آهي ۽ شراب نجس ۽ پليت آهي. جسم يا ڪپڙي تي اگر لڳي پوي ته جسم ۽ ڪپڙو پليد ٿي پوي ٿو. اُن سان نماز ۾ خلل پوي ٿو. انڪري الڪوحل وارين سينٽ ۽ پرفيوم کان پرهيز ڪرڻ گھرجي. بلڪه عطر لڳائڻ گھرجي جو جو اها سنتِ مصطفيٰ ﷺ به آهي ۽ ان ۾ پاڪيزگي به آهي.

گھروارن جي فرمائش کي پورو ڪرڻ:

حضرت حسن رضي الله عنه فرمايو ته الله تعالىٰ پنهنجي ٻانهي کي ڪنهن به عبادت جو ايترو ثواب نه ڏيندو آهي جيترو هن ڳالهه تي ڏيندو آهي جڏهن ٻانهو پنهنجي گھروارن ۽ اولاد کي اها (جائز) شيءِ وٺي ڏيندو آهي جنهن تي اُهي خوش ٿيندا هجن. (كتاب العيال)

گھروارن جي ڪا جائز فرمائش پوري ڪرڻ جنهن تي اُهي خوش ٿي وڃن، الله وٽان سڀ کان وڏيڪ اجر ۽ انعام ملندو آهي.

سال جو اناج گڏ ڪري رکڻ :

جيڪڏهن ڪو ماڻهو سڄي سال جو اناج پنهنجي ڇوڪرن لاءِ رکائي ڇڏي ته اها به نبي ڪريم ﷺ جن جي سنت آهي. جو ته بنو نضير کان جيڪي فيءَ جا مال ايندا هئا ته ان مان

Scanned by CamScanner

رسول الله ﷺ جن پنهنجي گھروارن لاءِ سڄي سال جو اناج رکائي ڇڏيندا هئا. (سنن الکبریٰ، نسائی)

اناج توري رکڻ :

جڏهن کاڌي پيتي لاءِ اناج رکو ته بهتر آهي ته ان کي توري رکو ان ۾ برکت نازل ٿيندي. جنهن پانڊي ۾ اناج رکايو ته ان جي هيٺان پلاسٽڪ وغيره ضرور وڇايو ته جيئن ان خراب نه ٿئي. گُندي پَليءَ ۾ اناج رکڻ بهتر آهي چو ته اُن ۾ حفاظت آهي.

حديث نمبر 192 :

كِيلُوا طَعَامَكُمْ يُبَارَكْ لَكُمْ فِيهِ (بخاری)[1]

پنهنجو کاڌو توريو توهان کي ان ۾ برکت ڏني ويندي.

عيدن تي احتمام :

هونئن ته سارو سال پنهنجي اهل عيال تي کشادگي سان خرچ ڪرڻو آهي پر عيدن جي ڏينهن تي جڏهن هرڪو سٺا لباس پهريندو آهي ۽ هرڪو گهر ۾ سٺو طعام پچائيندو آهي ان ڏينهن پنهنجي گھروارن کي سٺو لباس ڏيڪائڻ، سٺو کاڌو کارائڻ نهايت پسنديده عمل آهي.

حديث نمبر 193 :

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن فرمايو ته جيڪو ماڻهو پنهنجو پاڻ کي صاف رکڻ لاءِ پنهنجو پاڻ تي خرچ ڪري ٿو ته اُهو صدقو آهي ۽ جيڪو ماڻهو پنهنجي زال، ٻارن ۽ گھروارن تي خرچ ڪري ٿو ته اهو به صدقو آهي. (طبرانی اوسط)[2]

---

[1] حديث نمبر 192: صحيح البخاري بَاب مَا يُسْتَحَبُّ مِنَ الْكَيْلِ (ج 7/ص 326۔الرقم: 1984) سنن ابن ماجه (ج 6/ص 486۔ الرقم: 2222) مسند أحمد (ج 35/ص 39۔الرقم: 16548) السنن الكبرى للبيهقي (ج 6/ص 31) المعجم الكبير للطبراني (ج 4/ص 165۔الرقم: 3766) صحيح ابن حبان (ج 20/ص 360۔الرقم: 5008)

[2] حديث نمبر 193: قَالَ النَّبِيُّ ﷺ مَا أَنْفَقَ الرَّجُلُ فِي بَيْتِهِ وَأَهْلِهِ وَوَلَدِهِ وَخَدَمِهِ فَهُوَ لَهُ صَدَقَةٌ المعجم الكبير للطبراني (ج 7/ص 100۔الرقم: 7349) المعجم الأوسط للطبراني (ج 15/ص 166۔الرقم: 7088) كنز العمال (ج 6/ص 415۔الرقم: 16323)

Scanned by CamScanner

عاشوري واري ڏينهن تي:

حديث نمبر 194 :

مَنْ وَسَّعَ عَلَى أَهْلِهِ يَومَ عَاشُورَاء وَسَّعَ اللهُ عَلَيْهِ سَائِرَ سَنَتِهِ (بيهقي) [1]

جو شخص عاشوري واري ڏينهن (ڏهين محرم) تي پنهنجي گھروارن تي ڪشادگي ڪري الله پاڪ ان تي سارو سال ڪشادگي ڪري ٿو.

حضرت سفيان ثوري رحمة الله عليه فرمايو تہ اسان 50 پنجاھ سال ان ڳالھ جو تجربو ڪيو بيشڪ سارو سال ڪشادگي ڏٺي سين.



[1] حديث نمبر 193: شعب الإيمان للبيهقي (ج 8/ص 310) الدرر المنتثرة في الأحاديث المشتهرة (ج 1/ص 18)

Scanned by CamScanner

باب چوٿون
سينگار ۽ سون بابت

پنهنجي بدن کي صاف ستڙو رکڻ، سٿو لباس پهرڻ، خوشبوءِ مکڻ، زيب ۽ زينت کرڻ الله ۽ ان جي رسول ﷺ وٽ پسنديده عمل آهن.

حديث نمبر 195 :

إِنَّ اللَّهَ جَمِيلٌ يُحِبُّ الْجَمَالَ (طبراني)[1]

الله پاڻ به سهڻو آهي ۽ سونهن کي پسند کندو آهي.

قُلْ مَنْ حَرَّمَ زِيْنَةَ اللّٰهِ الَّتِيْٓ اَخْرَجَ لِعِبَادِهٖ ○ (الاعراف:٣٢)

اي محبوب تون فرماءِ ته کنهن حرام ڪئي الله جي اها زينت جيڪا ان پنهنجي بانهي جي واسطي ڪيي.

زيب زينت جون شيون ته الله پاڪ توهان بانهن لاءِ پيدا ڪيون آهن، انهن کي کنهن حرام ڪيو آهي؟ ته زينت وارين شين کي استعمال کرڻ جائز آهي، پر اُها شيءِ جنهن کان شريعت پاڪ منع فرمائي هجي ان کان بچڻ لازم آهي. زيب زينت الله جي رضا خاطر ۽ نبي ڪريم ﷺ جي سنت سمجهي ڪيو ته پوءِ اهو به صالح عمل ٿيندو.

خوشبو جو استعمال :

عطر خوشبوءِ مکڻ سهڻي نبي ڪريم ﷺ جي سنت آهي ۽ دنياوي زينت، طبيعت جي فرحت ۽ محفل جي رونق آهي. سيدنا انس رضی اللہ عنہ روايت ڪري ٿو محبوب ڪريم ﷺ جن فرمايو ته :

---

[1] حديث نمبر 195: صحيح مسلم بَاب تَحْرِيمِ الْكِبْرِ وَبَيَانِهِ ج 1/ص 247۔الرقم: 131) المعجم الكبير للطبراني ج 7/ص 226۔الرقم: 7728) مسند أحمد ج 8/ص 135۔الرقم: 3600) المستدرك على الصحيحين للحاكم ج 1/ص 74۔الرقم: 69) شعب الإيمان للبيهقي ج 13/ص 183۔الرقم: 5922)

Scanned by CamScanner

حُبِّبَ إِلَيَّ مِنَ الدُّنْيَا النِّسَاءُ، وَالطِّيبُ وَجُعِلَتْ قُرَّةُ عَيْنِي فِي الصَّلَاةِ۔[1]

مون کي دنيا مان ٽي شيون پسند آيون.

1. عطر 2. (منڪوحہ) زالون 3. منهنجي اکين جي ٺڏاڻ نماز ۾ آهي.

حديث نمبر 196:

حضرت بي بي عائشہ صديقہ رضي الله عنها روايت ڪري ٿي سهڻي حبيب ڪريم ﷺ هڪ اهڙي عمدي خوشبوءِ لڳائي هئي تہ مون ڏٺو تہ ان جي چمڪ سندن پيشاني مبارڪ ۾ ڏاڙهي مبارڪ ۾ ڏسڻ ۾ ٿمايان هئي. (مسلم)

حديث نمبر 197:

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله تعالي عنهما ڪڏهن خالص عود ۽ ڪڏهن ڪافوري عود جو واس ونندا هئا ۽ فرمايائون تہ حضور نبي ڪريم ﷺ به ائين ڪندا هئا. (مسلم)[2]

حديث نمبر 198:

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ چار شيون نبين جي سنتن مان آهن:

1. ختنو 2. عطر 3. ڏندڙ 4. نڪاح (ترمذي)[3]

حديث نمبر 199:

حضرت بي بي عائشہ صديقہ رضي الله عنها فرمايو تہ مون کي جيترو به عطر ميسر ايندو هيو اهو مان حضور نبي ڪريم ﷺ کي لڳائيندي هيس. جو ان جو اثر سندن ڏاڙهي ۽ مٿي مبارڪ ۾ ڏٺو ويندو هيو. (بخاري)[4]

---

[1] مستخرج أبي عوانة (14/3)

[2] حديث نمبر 197: كَانَ ابْنُ عُمَرَ إِذَا اسْتَجْمَرَ اسْتَجْمَرَ بِالْأَلُوَّةِ غَيْرَ مُطَرَّاةٍ وَبِكَافُورٍ يَطْرَحُهُ مَعَ الْأَلُوَّةِ ثُمَّ قَالَ هَكَذَا كَانَ يَسْتَجْمِرُ رَسُولُ اللَّهِ ﷺ سنن النسائي الْبَخُورُ (ج 15/ ص 382۔ الرقم: 5045)

[3] حديث نمبر 198: عَنْ أَبِي أَيُّوبَ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ ﷺ أَرْبَعٌ مِنْ سُنَنِ الْمُرْسَلِينَ الْحَيَاءُ وَالتَّعَطُّرُ وَالسِّوَاكُ وَالنِّكَاحُ سنن الترمذي (ج 4/ ص 254۔ الرقم: 1000) مسند أحمد (ج 48/ ص 73۔ الرقم: 22478)

[4] حديث نمبر 199: عَنْ عَائِشَةَ قَالَتْ كُنْتُ أُطَيِّبُ النَّبِيَّ ﷺ بِأَطْيَبِ مَا يَجِدُ حَتَّى أَجِدَ وَبِيصَ الطِّيبِ فِي رَأْسِهِ وَلِحْيَتِهِ. صحيح البخاري (ج 18/ ص 285۔ الرقم: 5468) واخرجه النسائي في السنن في باب مَوْضِعُ الطِّيبِ بلفظ: كُنْتُ أُطَيِّبُ رَسُولَ اللَّهِ ﷺ بِأَطْيَبِ مَا كُنْتُ أَجِدُ مِنَ الطِّيبِ حَتَّى أَرَى وَبِيصَ الطِّيبِ فِي رَأْسِهِ وَلِحْيَتِهِ قَبْلَ أَنْ يُحْرِمَ. (ج 9/ ص 54۔ الرقم: 2653)

Scanned by CamScanner

سرمون پائڻ :

سرمون پائڻ نبي ڪريم ﷺ جي سنت، اکين جي زينت، نظر ۾ برڪت آهي. سرمي پائڻ لاءِ حڪم آهي تہ :

وَمَنِ اكْتَحَلَ فَلْيُوْتِرْ

جوبہ سرمون پنهنجن اکين ۾ پائي اهي (سرايون) اکي ۾ پائي.

ساڄي اک ۾ ٽي سرايون ۽ کاپيءَ ۾ بہ ٽي سرايون پائي يا تہ ساڄيءَ ۾ ٽي ۽ کاپيءَ ۾ بہ پائي. اهڙي طرح ڪل پنج سرايون ٿيندیون جيڪي اِکي آهن.

سرمي پائڻ جو افضل وقت :

سرمون رات جو پائي سمهڻ سنت آهي.

حضرت شمس الاولياء خواجہ محمد الاهي بخش رحمة الله عليہ فرمائيندا هئا تہ :

"سرمون رات جو پائڻ سنت، صبح جو زينت، منجهند جو زحمت آهي."

۽ ڏنوبہ ائين ئي ويو آهي تہ منجهند جو سرمون پائڻ سان اکيون خراب ٿين ٿيون.

حديث نمبر 200:

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ "اثمد" جو سرمون لڳايو. اهو نگاهہ تيز ڪري ٿو پِنبِٹِيُن (چنيُرن) جا وار جمائي ٿو. (ترمذی)[1]

حضور انور ﷺ جن وٽ هڪ سرميداڻي هئي جنهن کي سفر ۽ حضر ۾ ساڻ رکندا هئا.

ڏنڊ جي بيان ۾ :

ڏنڊ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جي پسنديده سنتن مان آهي. پاڻ ڪريمن ڏنڊ ڏيڻ جو تمام گهڻو تاڪيد فرمايو آهي.

حديث نمبر 201:

سيدنا ابو امامہ رضی الله عنہ روايت ڪري ٿو رسول الله ﷺ فرمايو :

---

[1] حديث نمبر 200: قَالَ رَسُولُ اللّٰهِ ﷺ اكْتَحِلُوْا بِالْإِثْمِدِ فَإِنَّهُ يَجْلُو الْبَصَرَ وَيُنْبِتُ الشَّعَرَ
سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي السَّعُوطِ وَغَيْرِهِ (ج 7/ ص 366. الرقم: 1971)
كنز العمال (ج 10/ ص 19. الرقم: 28162)

Scanned by CamScanner

تَسَوَّكُوا؛ فَإِنَّ السِّوَاكَ مَطْهَرَةٌ لِلْفَمِ، مَرْضَاةٌ لِلرَّبِّ (احمد) [1]

ڏندڙ ڏيو چوته ڏندڙ وات جي صفائي ۽ رب جي رضامندي آهي.

حديث نمبر 202:

لَوْلَا أَنْ أَشُقَّ عَلَى أُمَّتِي لَأَمَرْتُهُمْ بِتَأْخِيرِ الْعِشَاءِ وَبِالسِّوَاكِ عِنْدَ كُلِّ صَلَاةٍ (بخاری) [2]

جيڪڏهن مان پنهنجي امت تي اها ڳالهه ڏکي نه سمجهان ها ته انهن کي سومهٽي جي نماز دير سان پڙهڻ ۽ هر نماز تي ڏندڙ ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيان ها.

حديث نمبر 203:

سيدِ ڪائنات حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن فرمايو ته جبرائيل جڏهن به مون وٽ ايندو آهي ته ڏندڙ ڏيڻ لاءِ چوندو آهي. مون کي خوف ٿي پيو آهي ته گهٽو ڏندڙ ڏيڻ سبب منهنجون مهارون اکڙي نه وڃن. (احمد) [3]

ڏندڙ ڏيڻ جا وقت :

حضرت نبي ڪريم ﷺ گهر ۾ داخل ٿيندا هئا ته سڀ کان اول ڏندڙ ڏيندا هئا. (بخاري) [4]

❖ جڏهن پاڻ ﷺ تهجد نماز لاءِ اٿندا هئا ته ڏندڙ ڪندا هئا. (بخاري) [5]

❖ رات جويا ڏينهن جو سمهڻ کان اڳ ڏندڙ ڪندا هئا. (احمد) [6]

---

[1] حديث نمبر 201: سنن ابن ماجه (106/1) مسند أحمد (ج 1/ص 10. الرقم: 7) سنن النسائي (ج 1/ص 11. الرقم: 5)

[2] حديث نمبر 202: سنن أبي داود بَاب السِّوَاكِ (ج 1/ص 68. الرقم: 42) سنن النسائي (ج 2/ص 356. الرقم: 531) مسند أحمد (ج 15/ص 81. الرقم: 7040) السنن الكبرى للبيهقي (ج 1/ص 35) شعب الإيمان للبيهقي (ج 3/ص 485)

[3] حديث نمبر 203: أَنَّ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ مَا جَاءَنِي جِبْرِيلُ عَلَيْهِ السَّلَام قَطُّ إِلَّا أَمَرَنِي بِالسِّوَاكِ لَقَدْ خَشِيتُ أَنْ أُحْفِيَ مُقَدَّمَ فِيَّ مسند أحمد حَدِيثُ أَبِي أُمَامَةَ الْبَاهِلِيِّ (ج 45/ص 234. الرقم: 21239)

[4] حديث: عَنْ عَائِشَةَ أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ إِذَا دَخَلَ بَيْتَهُ بَدَأَ بِالسِّوَاكِ صحيح مسلم باب السواك (ج 2/ص 61)

[5] حديث: عَنْ حُذَيْفَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ أَنَّ النَّبِيَّ ﷺ كَانَ إِذَا قَامَ لِلتَّهَجُّدِ مِنَ اللَّيْلِ يَشُوصُ فَاهُ بِالسِّوَاكِ صحيح البخاري بَاب طُولِ الْقِيَامِ فِي صَلَاةِ اللَّيْلِ (ج 4/ص 301. الرقم: 1068)

[6] حديث: أَنَّ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَانَ لَا يَنَامُ إِلَّا وَالسِّوَاكُ عِنْدَهُ فَإِذَا اسْتَيْقَظَ بَدَأَ بِالسِّوَاكِ مسند أحمد مسند عبد الله بن عمر بن الخطاب رضي الله عنهما (ج 12/ص 244. الرقم: 5707)

Scanned by CamScanner

صحابہ ڪرام کي هر وقت ڏندڻ ساڻ هوندو هيو. ڪنن مٿان ائين هينون وتندا هئا جيئن ڪاتب قلم هٽندا آهن. (ترمذي)[1]

❖ هر وضوءَ کان اڳ ڏندڻ ڪجي. (احمد)[2]

❖ هر ننڊ مان اٿڻ بعد ڏندڻ ڪجي.

❖ مسجد ۾ يا ڪنهن پنهنجي محفل ۾ اچڻ کان اڳ ڏندڻ ڪجي.

❖ مرشد جي محفل ۾ وڃڻ کان اڳ ڏندڻ ڪجي.

ڏندڻ جا فائدا :

1) ڏندڻ سنت نبوي آهي. جنهن جي ادا ڪرڻ سان هڪ سؤ شهيدن جو ثواب ملي ٿو.

2) ڏندڻ وات کي صاف رکي ٿو.

3) ڏندڻ ڏيڻ سان الله راضي ٿئي ٿو.

4) گڏ هلڻ وارا فرشتا خوش ٿين ٿا.

5) اکين جي روشني وڌي ٿي.

6) ڏندڻ ڏندن کي روشنءِ صاف رکي ٿو.

7) ڏندن جي بيمارين کان حفاظت ٿئي ٿي.

8) مهارون مضبوط ٿين ٿيون.

9) کاڌو هضم ٿئي ٿو. بلغم ختم ٿئي ٿو.

10) وات جي بدبوءِ ختم ٿئي ٿي.

11) وات ۾ خوشبوءِ پيدا ٿئي ٿي.

12) ڏندڻ ڏيڻ سان شيطان کي تڪليف پهچي ٿي.

13) ڏندڻ سان هڪ نماز جي بدلي ستر نمازن جو ثواب ملي ٿو.

14) ڏندڻ پابنديءَ سان ڪرڻ واري جو موت ڪلمي ۽ ايمان سان ٿئي ٿو.

---

[1] حديث: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي السِّوَاك (ج 1/ص 42. الرقم: 23)

[2] حديث: لَوْلَا أَنْ أَشُقَّ عَلَى أُمَّتِي لَأَمَرْتُهُمْ بِالسِّوَاكِ مَعَ الْوُضُوءِ مسند أحمد مسند ابي هريرة (ج 18/ص 370. الرقم: 8827)

Scanned by CamScanner

ڏندڻ جا مسائل :

1) ڏندڻ ٽلهائي ۾ چئن آڱرين مان ڪنهن هڪ جي برابر هجي.
2) گرانٽ کان وڏو نه هجي.
3) ڏندڻ کبڙ جي پاڙ جو هجي، اهو نه هجي ته ڪنهن ڪوڙي ڪاٽي جو هجي.
4) ڏندڻ ڪرڻ کان اڳ پُسائي پوءِ ڪجي.
5) ڏندڻ ڏيڻ بعد ڏوئي رکجي.
6) ڏندڻ جو برش وارو پاسو ڪيسي ۾ مٿان اُپور ڪجي.
7) اڄڪلهه جيڪو برش ۽ ٿوٿ پيسٽ (Tooth Paste) استعمال ٿين ٿا انهن ڏيڻ سان ڏندن جي صفائي ته ٿي وڃي ٿي پر ڏندڻ جو مقصد ان سان حل نه ٿو ٿئي. ان ڪري افضل هي آهي جو کبڙ جي پاڙ جو ڏندڻ ڏنو وڃي.

مٽي جا وار رکڻ ۽ سنوارڻ :

حج يا عمري کان سواءِ مٿو ڪوڙائڻ نه گهرجي، ڇو ته مٽي جا وار رکڻ ۾ پنج سنتون آهن.

1. ڪنگو ڏيڻ 2. تيل مکڻ 3. وچان سينڊ ڪيڻ 4. وارن کي ڪنن جي پاڙين تائين 5. يا ڪلهن برابر رکڻ.

حديث نمبر 204:

كَانَ شَعْرُ رَسُولِ اللّٰهِ ﷺ إِلَى أَنْصَافِ أُذُنَيْهِ (ابوداؤد)[1]

رسول الله ﷺ جا وار مبارڪ ڪنن جي اڌ تائين هئا.

حديث نمبر 205 :

كَانَ شَعْرُ رَسُولِ اللّٰهِ ﷺ إِلَى شَحْمَةِ أُذُنَيْهِ (ابو داؤد)[2]

---

[1] حديث نمبر 204: صحيح مسلم بَاب صِفَةِ شَعَرِ النَّبِيِّ ﷺ ج 11 / ص 497۔ الرقم: 4313)
سنن أبي داود بَاب مَا جَاءَ فِي الشَّعَرِ ج 11 / ص 243۔ الرقم: 3654) سنن النسائي ج 15 / ص 283۔ الرقم: 4975)
مسند أحمد ج 25 / ص 278۔ الرقم: 12232)

[2] حديث نمبر 205: سنن أبي داود بَاب مَا جَاءَ فِي الشَّعَرِ ج 11 / ص 242) الشمائل المحمدية للترمذي ج 1 / ص 29۔ الرقم: 26)

Scanned by CamScanner

رسول الله ﷺ جا وار ڪنن جي پاڻين جي برابر هئا.

حديث نمبر 206 :

كَانَ شَعْرُ رَسُولِ اللَّهِ ﷺ فَوْقَ الْوَفْرَةِ وَدُونَ الْجُمَّةِ (ابو داؤد)[1]

رسول الله ﷺ جن جا وار مبارڪ ڪنن جي پاڻين کان هيٺ ڪنڌن جي ڦٽين کان مٿي هئا، يعني ڪلهن برابر.

هنن ٽنهين حديثن جو مطلب اهو آهي ته پاڻ ﷺ ڪنن جي اڌ برابر وار ڪٽائيندا هئا. پوءِ سفر ۾ وڏي ڪنن جي پاڻين تي ته ڪڌهن ڪلهن برابر به ٿي ويندا هئا.

حضرت امام حسين رضي الله عنه جڏهن پٽڪو پڌندا هئا ته سندن وار مبارڪ پٽڪي کان هيٺ لڙڪندڙ نظر ايندا هئا. (طبراني، مجمع الزوائد)[2]

حديث نمبر 207 :

مَنْ كَانَ لَهُ شَعْرٌ فَلْيُكْرِمْهُ (ابوداؤد)[3]

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن فرمايو ته جنهن کي وار هجن ان کي گهرجي ته انهن جي عزت ڪري.

---

[1] حديث نمبر 206: سنن أبي داود بَاب مَا جَاءَ فِي الشَّعَرِ (ج 11/ ص 244۔ الرقم: 3655)

[2] حديث: عَنِ السُّدِّيِّ قَالَ رَأَيْتُ الْحُسَيْنَ بن عَلِيٍّ وَعَلَيْهِ عِمَامَةُ خَزٍّ قَدْ خَرَجَ شَعْرُهُ مِنْ تَحْتِ الْعِمَامَةِ

المعجم الكبير للطبراني (ج 3/ ص 168۔ الرقم: 2729)

مجمع الزوائد (ج 5/ ص 145)

[3] حديث نمبر 207: سنن أبي داود بَاب فِي إِصْلَاحِ الشَّعَرِ (ج 11/ ص 215۔ الرقم: 3632)

المعجم الكبير للطبراني (ج 20/ ص 59۔ الرقم: 1341)

المعجم الأوسط للطبراني (ج 18/ ص 299۔ الرقم: 8720)

شعب الإيمان للبيهقي (ج 13/ ص 464۔ الرقم: 6182)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 208 :

حضرت جابر رضي الله عنه فرمايو ته هڪ ڏينهن سهڻا حبيب ڪريم ﷺ جن اسان وٽ آيا. هڪ ماڻهو کي ڏاڙهون جنهن جا وار گهنڊڙيل هئا. پاڻ فرمايائون ڇا هن وٽ اهو به ڪونهي جو پنهنجي وارن کي درست ڪري. (نسائي) [1]

اڇا وار چوندڙ :

ڪن ماڻهن جي عادت هوندي آهي ته اڇا وار عيب سمجهي انهن کي اکيڙي ڇڏيندا آهن ائين ڪرڻ درست نه آهي.

حديث نمبر 209 :

نَهَى رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عَنْ نَتْفِ الشَّيْبِ وَقَالَ هُوَ نُورُ الْمُؤْمِنِ (ابن ماجه) [2]

حضرت رسول الله ﷺ جن اڇا وار چوندڙ کان منع فرمائي ۽ فرمايائون اهو مومن جو نور آهي.

ڪارو خضاب جائز نه آهي :

وارن کي ڪارو خضاب ڪرڻ جائز نه آهي، ان جي شروعات فرعون ڪئي هئي.

حديث نمبر 210 :

حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنهما فرمايو ته فتح مڪي واري ڏينهن حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جو والد ابو قحافه رضي الله عنه کي حضور عليه الصلواة والسلام جي خدمت ۾ آندو ويو سندس وار بلڪل سفيد هئا پاڻ فرمايائون :

غَيِّرُوا هَذَا بِشَيْءٍ وَاجْتَنِبُوا السَّوَادَ (مسلم) [3]

هن (اڇي رنگ) کي تبديل ڪيو پر ڪاراڻ کان بچو.

---

[1] حديث نمبر 208: عَنْ جَابِرِ بْنِ عَبْدِ اللَّهِ أَنَّهُ قَالَ أَتَانَا النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَرَأَى رَجُلًا ثَائِرَ الرَّأْسِ فَقَالَ أَمَا يَجِدُ هَذَا مَا يُسَكِّنُ بِهِ شَعْرَهُ. سنن النسائي تَسْكِينُ الشَّعْرِ (ج 15 / ص 500۔ الرقم: 5141)

[2] حديث نمبر 209: سنن ابن ماجه بَاب نَتْفِ الشَّيْبِ (ج 11 / ص 136۔ الرقم: 3711) سنن النسائي (ج 15 / ص 294۔ الرقم: 4982) سنن الترمذي (ج 10 / ص 25۔ الرقم: 2746) مسند أحمد (ج 14 / ص 232۔ الرقم: 6694)

[3] حديث نمبر 210: صحيح مسلم بَاب اسْتِحْبَابِ خِضَابِ الشَّيْبِ بِصُفْرَةٍ أَوْ حُمْرَةٍ وَتَحْرِيمِهِ بِالسَّوَادِ (ج 11 / ص 3۔ الرقم: 3925) سنن أبي داود بَاب فِي الْخِضَابِ (ج 11 / ص 270) سنن النسائي (ج 15 / ص 303) مستخرج أبي عوانة (ج 3 / ص 385)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 211 :

پاڻ فرمايائون آخري زماني ۾ ڪجھ ماڻھو اھڙا ٿيندا جيڪي ڪبوترن جي پڇ وانگر ڪارو خضاب ڪندا انھن کي جنت جي خوشبوءِ به نصيب نه ٿيندي. (ابوداؤد، نسائي)[1]

تيل مکڻ ۽ ڪنگو ڏيڻ :

مٿي جي وارن يا ڏاڙھي کي تيل مکڻ ۽ ڪنگو ڏيڻ سنت آھي.

حديث نمبر 212:

كَانَ رَسُولُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يُكْثِرُ دَهْنَ رَأْسِهِ، وَتَسْرِيحَ لِحْيَتِهِ

حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ڪثرت سان مٿي کي تيل ھڻندا ھئا ۽ ڏاڙھيءَ کي ڪنگو ڪندا ھئا. (شرح السنة[2])

ھڪ حديث ۾ ائين به آھي ته حضور عليه الصلواة والسلام جن وارن کي گھٽو تيل ھڻندا ھئا. پنھنجي مٿي مبارڪ تي پتڪي ھيٺان ھڪ ڪپڙو رکندا ھئا جيڪو تيل ۾ ھر وقت سٽيو رھندو ھيو. (ترمذي)

مسائل :

1. ڪنگو روزانه نه ڏيڻ گھرجي.
2. سُڪل وارن کي ڪنگو نه ڏيڻ گھرجي.
3. پرائو ڪنگو استعمال نه ڪرڻ گھرجي ان سان دلين ۾ جدائي پيدا ٿئي ٿي.
4. مسجد ۾ ڪنگو نه ڏيڻ گھرجي، ڇو ته مسجد ۾ وار چڙڻ جو امڪان آھي.
5. ڪنگو ويھي ڏيڻ گھرجي، بيھي نه ڏجي.

---

[1] حديث نمبر 211: عَنْ ابْنِ عَبَّاسٍ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَكُونُ قَوْمٌ يَخْضِبُونَ فِي آخِرِ الزَّمَانِ بِالسَّوَادِ كَحَوَاصِلِ الْحَمَامِ لَا يَرِيحُونَ رَائِحَةَ الْجَنَّةِ

سنن أبي داود بَاب مَا جَاءَ فِي خِضَابِ السَّوَادِ (ج 11 / ص 279۔ الرقم: 3679)

سنن النسائي النَّهْيُ عَنِ الْخِضَابِ بِالسَّوَادِ (ج 15 / ص 302۔ الرقم: 4988)

[2] حديث نمبر 212: شرح السنة للبغوي (82/12)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 213 :

حضرت بي بي عائشه صديقه رضي الله عنها فرمايو ته آءٌ حيض جي حالت ۾ رسول الله ﷺ کي ڪنگو ڏيندي هيس. (بخاري، مسلم[1])

ان مان معلوم ٿيو ته گهرواري پنهنجي مڙس کي ڪنگو ڏئي سگهي ٿي.

ڏاڙهيءَ جي بيان ۾ :

ڏاڙهي رکڻ سڀ نبين جي خصوصاً امام الانبياء حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي سنت آهي، اسلام جو شعار آهي، مردن جو سينگار آهي، مڇون رکڻ ڏاڙهي کوڙڻ مجوسين جو طريقو آهي.

ڏاڙهي ۽ مڇون ٻئي کوڙڻ عورتن سان مشابهت آهي. ڏاڙهي ڪٽائڻ نصارن ۽ مشرڪن جو طريقو آهي. ڏاڙهي مٺ برابر رکڻ مڇون ڪٽڻ اسان جي سهڻي حبيب ﷺ جن جي سنت آهي.

حديث نمبر 214:

انْهَكُوا الشَّوَارِبَ وَأَعْفُوا اللِّحَى (بخاری)[2]

مڇون ڪٽايو ۽ ڏاڙهي کي ڇڏي ڏيو.

حديث نمبر 215:

خَالِفُوا الْمُشْرِكِينَ وَفِّرُوا اللِّحَى وَأَحْفُوا الشَّوَارِبَ (بخاري)[3]

مشرڪن جي مخالفت ڪيو، ڏاڙهي وڌايو ۽ مڇيون گهٽايو.

---

[1] حديث نمبر 213: عن عائشة رضي الله عنها قالت : كنت أرجل رأس رسول الله صلى الله عليه وسلم وأنا حائض مشكاة المصابيح (ج 2/ ص 503)

[2] حديث نمبر 214: صحيح البخاري بَاب إِعْفَاءِ اللِّحَى (ج 18/ ص 251۔ الرقم: 5443) مصنف ابن أبي شيبة (ج 6/ ص 110) شعب الإيمان للبيهقي (ج 13/ ص 442۔ الرقم: 6161)

[3] حديث نمبر 215: صحيح البخاري بَاب تَقْلِيمِ الْأَظْفَارِ (ج 18/ ص 249۔ الرقم: 5442) صحيح مسلم بَاب خِصَالِ الْفِطْرَةِ (ج 2/ ص 72۔ الرقم: 382) السنن الكبرى للبيهقي (ج 1/ ص 150) شعب الإيمان للبيهقي (ج 13/ ص 443۔ الرقم: 6162) كنز العمال (ج 6/ ص 653۔ الرقم: 17224)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 216:

جُزُّوا الشَّوَارِبَ وَأَرْخُوا اللِّحَى خَالِفُوا الْمَجُوسَ[1]

مڇون ڪٽايو ۽ ڏاڙهي رکايو، مجوسين جي مخالفت ڪيو.

آتش پرست ائين ڪندا هئا جو مڇون وڌيون رکائيندا هئا ۽ ڏاڙهيون ڪوڙائيندا هئا، رسول ڪريم ﷺ جن پنهنجي امت کي مجوسين جي خلاف ڪرڻ جو حڪم فرمايو.

حديث نمبر 217:

ايران جي بادشاهه خُسرو جو هڪ وفد حضور نبي ڪريم ﷺ جن جي مجلس ۾ آيو. انهن جون ڏاڙهيون ڪوڙيل ۽ مڇون وڌيون هيون، پاڻ انهن کي ڏسي فرمايائون ته "توهان هلاڪ ٿي وجو اهڙي صورت بنائڻ جو توهان کي ڪنهن حڪم ڪيو آهي؟" چيائون اسان جي بادشاهه ڪسريٰ حڪم ڪيو آهي. پاڻ فرمايائون ته "مون کي منهنجي رب حڪم ڪيو آهي ته مان مڇون ڪپايان ڏاڙهي رکايان." (طبريٰ[2])

ڏاڙهيءَ جي حد :

ڏاڙهيءَ جي حد ڪاڏيءَ کان هيٺ مُٺ برابر آهي ان کان وڌيڪ ٿي وڃي ته ڪوبه گناهه نه آهي پر گهٽ هڪ آڱر به نه هجي.

كَانَ ابْنُ عُمَرَ إِذَا حَجَّ أَوْ اعْتَمَرَ قَبَضَ عَلَى لِحْيَتِهِ فَمَا فَضَلَ أَخَذَهُ (بخاری)[3]

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما جڏهن حج يا عمرو ڪندو هئا ته ڏاڙهيءَ کي مٺ ۾ جهلي وڌيل ڪٽي ڇڏيندا هئا.

---

[1] حديث نمبر 216: صحيح مسلم بَاب خِصَالِ الْفِطْرَةِ (ج 2 / ص 73 ـ الرقم: 383) مستخرج أبي عوانة (ج 1 / ص 392 ـ الرقم: 348ـ351) كنز العمال (ج 6 / ص 653 ـ الرقم: 17223) مجمع الزوائد (ج 5 / ص 166)

[2] حديث نمبر 217: واخرج البيهقي في السنن عَنْ عَبْدِ اللهِ بْنِ عُمَرَ، بلفظ قَالَ: ذَكَرَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ الْمَجُوسَ، فَقَالَ: "إِنَّهُمْ يُوَفِّرُونَ سِبَالَهُمْ، وَيَحْلِقُونَ لِحَاهُمْ فَخَالِفُوهُمْ.

السنن الكبرى للبيهقي (1/234)

[3] حديث: صحيح البخاري بَاب تَقْلِيمِ الْأَظْفَارِ (ج 18 / ص 249)

شعب الإيمان للبيهقي (ج 13 / ص 443 ـ الرقم: 6162)

Scanned by CamScanner

حضرت سعيد بن مسيب رضي الله عنهما فرمايو تہ :

كَانَ إِبْرَاهِيمُ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَوَّلَ النَّاسِ أَضَافَ الضَّيْفَ، وَأَوَّلَ النَّاسِ قَصَّ شَارِبَهُ، وَقَلَّمَ أَظْفَارَهُ وَاسْتَحَدَّ، وَأَوَّلَ النَّاسِ اخْتَتَنَ، وَأَوَّلَ النَّاسِ رَأَى الشَّيْبَ، فَقَالَ: يَا رَبِّ مَا هَذَا؟، فَقَالَ: الْوَقَارُ. قَالَ: رَبِّ زِدْنِي وَقَارًا۔ [1]

حضرت ابراهيم عليہ السلام ئي هيو جنهن سڀ کان اول مهمان جي ميزباني ڪئي ۽ سيني انسانن کان اول مڇون ان ڪتايون ۽ ننهن لاٿائين ۽ زير ناف وار ڪوڙيائين. سڀ کان اول ختنو به ان ڪيو ۽ ماٿهن ۾ سڀ کان اول ضعيفي جي علامت (اڇا وار) به ان ئي ڏٺا. عرض ڪيائين تہ اي منهنجا رب هي ڇا آهي؟ الله تعالي فرمايو تہ هي وقار آهي. عرض ڪيائين تہ اي رب! منهنجو وقار وڌاءِ. (مؤطا مالک)

فطرت جون نشانيون :

اسلام دينِ فطرت آهي. فطرت دراصل پيدائشي عادت يا طبعي عادت يا گذريل نبين سڳورن جي سنت کي چئبو آهي. هي نشانيون فطرتي آهن، انهن جي خلاف نہ ڪرڻ گهرجي. 1. ڏاڙهي رکڻ 2. مڇون ڪٽائڻ 3. ختنو ڪرڻ 4. ننهڙ لاهڻ 5. ڏندڙ ڏيڻ 6. بغلن جا وار ڪوڙڻ 7. زيرِ ناف جا وار ڪوڙڻ 8. ڪنگو ڪرڻ.

حديث نمبر 218:

قَالَ رَسُولَ اللَّهِ ﷺ مِنَ الْفِطْرَةِ حَلْقُ الْعَانَةِ وَتَقْلِيمُ الْأَظْفَارِ وَقَصُّ الشَّارِبِ (بخاری) [2]

رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ زير ناف جا وار ڪوڙڻ، ننهن لاهڻ ۽ مڇون ڪٽائڻ فطرت جي علامتن کان آهي.

---

[1] الأدب لابن أبي شيبة (ص: 223) مؤطا مالک

[2] حديث نمبر 218: صحيح البخاري بَاب تَقْلِيمِ الْأَظْفَارِ ج 18 / ص 247۔ الرقم: 5440) مسند أحمد ج 12 / ص 253۔ الرقم: 5716) كنز العمال ج 6/ ص 653۔ الرقم: 17230۔17254)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 219:

حضرت عائشہ صديقہ رضي الله عنها فرمايو تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ 10ڏهہ ڪم فطرت ڪان آهن: 1. مڇون ڪٽائڻ 2. ننهن لاهڻ 3. آڱرين جا وچيان پور ڌوئڻ 4. ڏاڙهي رکڻ 5. زير ناف جا وار ڪوڙڻ 6. ڏندڻ ڏيڻ 7. نک صاف ڪرڻ 8. بغلن جا وار ونڻ 9. پاڻي سان استنجا ڪرڻ.

حضرت مصعب رضي الله عنه فرمايو تہ ڏهين شيءِ مون ڪان وسري وئي پر سمجهان ٿو تہ گرڙي ڪرڻ فرمايائون.[1]

حديث نمبر 220 :

حضرت انس رضي الله عنه فرمايو تہ رسول الله ﷺ جن اسان کي وقت مقرر ڪري ڏنو تہ "زير ناف جا وار ڪوڙڻ، ننهن لاهڻ، مڇون ڪٽائڻ، بغلن جا وار ونڻ (وڌ ۾ وڌ) 40 چاليهہ ڏينهن آهي يعني 40 ڏينهن ۾ هڪ پيرو اهو ڪم لازم ڪيو. (ابو دائود)[2]

چاليهہ ڏينهن جي مدت وڌ ۾ وڌ آهي. افضل تہ هي آهي تہ هر هفتي سنوارت ڪئي وڃي.

مڇون ڪٽڻ :

حديث نمبر 221:

حضرت زيد بن ارقم رضي الله عنه فرمايو تہ مون رسول الله ﷺ کان ٻڌو پاڻ فرمايائون تہ:

مَنْ لَمْ يَأْخُذْ شَارِبَهُ فَلَيْسَ مِنَّا (نسائی)[3]

---

[1] حديث نمبر 219: عَنْ عَائِشَةَ قَالَتْ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عَشْرٌ مِنَ الْفِطْرَةِ قَصُّ الشَّارِبِ وَإِعْفَاءُ اللِّحْيَةِ وَالسِّوَاكُ وَاسْتِنْشَاقُ الْمَاءِ وَقَصُّ الْأَظْفَارِ وَغَسْلُ الْبَرَاجِمِ وَنَتْفُ الْإِبِطِ وَحَلْقُ الْعَانَةِ وَانْتِقَاصُ الْمَاءِ قَالَ زَكَرِيَّاءُ قَالَ مُصْعَبٌ وَنَسِيتُ الْعَاشِرَةَ إِلَّا أَنْ تَكُونَ الْمَضْمَضَةَ. صحيح مسلم بَاب خِصَالِ الْفِطْرَةِ (ج 2/ ص 74۔ الرقم: 384) سنن أبي داود بَاب السِّوَاكِ مِنَ الْفِطْرَةِ (ج 1/ ص 79۔ الرقم: 49) سنن الترمذي (ج 9/ ص 420۔ الرقم: 2681) سنن النسائي (ج 15/ ص 254۔ الرقم: 4954) سنن ابن ماجه (ج 1/ ص 346۔ الرقم: 289)

[2] حديث نمبر 220: عَنْ أَنَسِ بْنِ مَالِكٍ قَالَ وَقَّتَ لَنَا رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ حَلْقَ الْعَانَةِ وَتَقْلِيمَ الْأَظْفَارِ وَقَصَّ الشَّارِبِ وَنَتْفَ الْإِبِطِ أَرْبَعِينَ يَوْمًا مَرَّةً سنن أبي داود بَاب فِي أَخْذِ الشَّارِبِ (ج 11/ ص 264۔ الرقم: 3668) مسند أحمد (ج 24/ ص 331۔ الرقم: 11785)

[3] حديث نمبر 221: سنن النسائي (ج 1/ ص 27۔ الرقم: 13۔ 4961) سنن الترمذي (ج 9/ ص 426۔ الرقم: 2685)

Scanned by CamScanner

جيڪو شخص مڇون نه ڪٽائي اهو اسان مان نه آهي.

حديث نمبر 222:

حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو ته نبي ڪريم ﷺ پنهنجون مڇون مبارڪ ڪٽيندا هئا ءِ حضرت ابراهيم خليل عليه السلام به ائين ڪندو هيو. (ترمذي)[1]

حديث نمبر 223 :

حضرت ابوهريره رضي الله عنه روايت ڪئي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته پنج شيون فطرت کان آهن: 1. مڇون ڪٽڻ 2. بغل جا وار ونڻ 3. ننهن لاهڻ 4. ڪنگو ڪرڻ 5. ختنو ڪرائڻ (نسائي)[2]

ميندي جي بيان ۾ :

حديث نمبر 224 :

حضرت ابن عباس رضي الله عنه فرمايو ته هڪ شخص رسول الله ﷺ وٽان لنگهيو، جنهن جي (ڏاڙهيءَ) کي ميندي لڳل هئي، پاڻ فرمايائون ڪهڙو سهڻو (رنگ) آهي؟ وري پيو شخص لنگهيو جنهن ميندي ۾ ڪتم ملائي ڏاڙهيءَ کي رنگ ڪيو هيو. پاڻ ڏسي فرمايائون ته هُن کان هي اڇا پلو آهي. وري ٽيون شخص لنگهيو جنهن ڪو رنگ ڪيو هيو. پاڻ فرمايائون هي سينڱي کان پلو آهي. (ابو دائود)[3]

ڪتم هڪ گاهه آهي جيڪو ميندي ۾ ملائبو آهي ته ميندي ڪاراڻ مائل نظر ايندي آهي.

---

[1] حديث نمبر 222: عَنْ ابْنِ عَبَّاسٍ قَالَ كَانَ النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُصُّ أَوْ يَأْخُذُ مِنْ شَارِبِهِ وَكَانَ إِبْرَاهِيمُ خَلِيلُ الرَّحْمَنِ يَفْعَلُهُ
سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي قَصِّ الشَّارِبِ (ج 9/ ص 425. الرقم: 2684)

[2] حديث نمبر 223: عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ يَبْلُغُ بِهِ النَّبِيَّ ﷺ الْفِطْرَةُ خَمْسٌ أَوْ خَمْسٌ مِنَ الْفِطْرَةِ الْخِتَانُ وَالِاسْتِحْدَادُ وَنَتْفُ الْإِبِطِ وَتَقْلِيمُ الْأَظْفَارِ وَقَصُّ الشَّارِبِ سنن أبي داود بَاب فِي أَخْذِ الشَّارِبِ (ج 11/ ص 262. الرقم: 3666)
صحيح مسلم بَاب خِصَالِ الْفِطْرَةِ (ج 2/ ص 67. الرقم: 377)

[3] حديث نمبر 224: عَنْ ابْنِ عَبَّاسٍ قَالَ مَرَّ عَلَى النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ رَجُلٌ قَدْ خَضَّبَ بِالْحِنَّاءِ فَقَالَ مَا أَحْسَنَ هَذَا قَالَ فَمَرَّ آخَرُ قَدْ خَضَّبَ بِالْحِنَّاءِ وَالْكَتَمِ فَقَالَ هَذَا أَحْسَنُ مِنْ هَذَا قَالَ فَمَرَّ آخَرُ قَدْ خَضَّبَ بِالصُّفْرَةِ فَقَالَ هَذَا أَحْسَنُ مِنْ هَذَا كُلِّهِ
سنن أبي داود بَاب مَا جَاءَ فِي خِضَابِ الصُّفْرَةِ (ج 11/ ص 277. الرقم: 3678)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 225 :

إِنَّ أَحْسَنَ مَا غَيَّرْتُمْ بِهِ الشَّيْبَ الْحِنَّاءُ وَالْكَتَمُ (ابنِ ماجه)[1]

سپني کان زور سھٹو رنگ جنھن سان اوھان پنھنجن اڇن وارن کي مٹايو اھا ميندي ۽ ڪتم آھي.

حديث نمبر 226:

حضرت هنده بنت عتبہ رضي الله عنها عرض ڪيو تہ يا رسول الله مون کي بيعت فرمايو. پاڻ فرمايائون تيستائين بيعت نہ ڪندس جيستائين پنھنجي ترين جو رنگ (ميندي۽ سان) متائي نہ ايندين۽، تنھنجا ھٿ ڪنھن ڦاڙيندڙ جانور وانگر ٿا لڳن. (ابو دائود)[2]

عورتن کي سرخي، پائوڈر لڳائڻ جائز آھي پر مِسي يا ناخن پالش (Nail Polish) لڳائڻ جائز نہ آھي ڇو تہ ان جو تھ جمي وجي ٿو پوءِ نہ وضو ٿيندو نہ غسل.

سينگار جا اھڙا سامان جن ۾ ناپاڪ شيون مليل ھجن اُھي استعمال ڪرڻ نہ گھرجن. جيئن پرفيوم ۾ الڪوحل وجھن ٿا جيڪو شراب جو ھڪ قسم آھي. ڪن صابڻ ۾ حرام جانور جي چربي وجھن ٿا، جنھن ڪري جي خبر پوي تہ ان ۾ ناپاڪ شيءِ مليل آھي اُھا استعمال ڪرڻ نہ گھرجي.



---

[1] حديث نمبر 225: سنن ابن ماجه بَاب الْخِضَابِ بِالْحِنَّاءِ (ج 10 / ص 496. الرقم: 3612) سنن أبي داود بَاب فِي الْخِضَابِ (ج 11 / ص 271. الرقم: 3673) سنن الترمذي (ج 6 / ص 376. الرقم: 1675) سنن النسائي (ج 15 / ص 308. الرقم: 4993)

[2] حديث نمبر 226: عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهَا أَنَّ هِنْدَ بِنْتَ عُتْبَةَ قَالَتْ يَا نَبِيَّ اللَّهِ بَايِعْنِي قَالَ لَا أُبَايِعُكِ حَتَّى تُغَيِّرِي كَفَّيْكِ كَأَنَّهُمَا كَفَّا سَبُعٍ. سنن أبي داود بَاب فِي الْخِضَابِ لِلنِّسَاءِ (ج 11 / ص 218) السنن الكبرى للبيهقي (ج 7 / ص 86)

Scanned by CamScanner

آدابِ فطرت

1. پنهنجي بدنءِ ڪپڙن کي صاف پاڪ رکو، صورت هيئت سٽي رکو.
2. هميشہ بدن کي خوشبودارءِ معطر رکو، پر هميشہ نہ ٿي سگهي تہ مسجد ڏانهن وڃڻ مهل يا ديني مجلس ۾ وڃڻ وقت ضرور عطر مکيو.
3. سرمون رات جو پائي سمهو. ٿي سرايون هر هڪ اک ۾ وجهو.
4. ڏندڻ سان پيار ڪيو. ديس پرديس ۾ ان کي ساڻ رکو هر وضوءَ کان اڳ ۾ ڏندڻ ضرور ڪيو.
5. مٿي جا وار ڪوڙائڻ کان بچو، سڄي مٿي جا وار ڪنن جي اڌ تائين يا ڪنن جي پاپڙين جي برابر رکو.
6. اڇا وار نہ چوندڙيو نہ ئي اڇن وارن کي خضاب سان ڪارو ڪيو.
7. مٿي جي وارن کي ءِ ڏاڙهيءَ کي روزانو نہ بلڪہ ڀئين ٽئين ڏينهن ڪنگو ڏيو.
8. مٿي جي وارن ءِ ڏاڙهي کي تيل مکيندا ڪريو.
9. ڏاڙهي مٺ جي برابر رکو ان کان زياده کي ڪٽڻ ۾ حرج ناهي.
10. هر خميس جي شام يا جمعہ جي صبح تي ننهن لاهيو.
11. ننهن ناخن گير(Nail Cutter)، چاقو يا قينچيءَ سان لاهيو، ڏندن سان نہ ڇنو.
12. لاڙل ننهن يا سنوارت جا ڪتيل وار حفاظت سان زمين ۾ دفن ڪري ڇڏيو. جيئن ماڻهن جي لتاڙ ۾ نہ اچن.
13. ننهن لاهڻ جي ترتيب اِها بهتر آهي جيڪا پاڻ ڪريمن ﷺ بي بي عائشہ رضي الله عنها کي سيکاري هئي جنهن سان غربت ختم ٿئي ٿي. پهريائين وچين پوءِ ڇيڇ پوءِ آڱوٺو پوءِ ڀاڄ آخر ۾ اشهد آڱرين جا ننهن لاهيو. پيرن جا ننهن بہ ان ترتيب سان لاهيو، اول ساڄي پير جا پوءِ کاٻي پير جا. ان طرح هٿ بہ پهرئين ساڄي پوءِ کاٻي هٿ جا ننهن لاهيو.
14. مڃون هر هفتي نڪ جي هيڻان چار آڱرين جيتري ويڪر ۾ ڪٽيو.

Scanned by CamScanner

15. قينچيءَ سان ڪٽيو، اُستري سان نہ ڪوڙيو.

16. هر هفتي هڪ پيرو بغلن ۽ زير ناف جا وار ڪٽيو، چاليهہ ڏينهن کان وڌيڪ وقت نہ لڳايو. زير ناف جي وارن ڪوڙڻ مهل مقعد جا وار بہ ڪوڙي ڇڏيو.

17. ڏاڙهي، مُڇن يا متي جي وارن کي ڪاري رنگ جو خضاب نہ لڳايو بلڪہ مينديءَ لڳائڻ ۾ ڪوبہ حرج ناهي.

18. مڇون مٿيئين چپ جي مٿان نڪ جي هيٺان وارا وار چار آڱرين جي برابر ڪٽڻ کان پوءِ باقي پاسن وارا وار بيشڪ ڇڏي ڏيو ڇو تہ حضرت عمر فاروق رضی اللہ عنہ ۽ ٻين وڏن اصحابن جو اهو ئي وطيرو هيو تہ اُهي پاسن وارا وار ڇڏي ڏيندا هئا ڇو تہ انهن مان ڪو نقصان ناهي نہ اهي ڪاڏي کي لڳن ٿا ۽ نہ ئي وات کي ڏکن ٿا.

19. اهو حجام جيڪو ماڻهن جون ڏاڙهيون ڪوڙي روزي ڪمائي ٿو اها ڪمائي ناجائز آهي.

20. ڏاڙهي ڪوڙڻ مجوسين ۽ مشرڪن جي علامت آهي ۽ انهن سان پوري پوري مشابهت آهي. ڏاڙهي رکڻ سنتِ مصطفيٰ صلی اللہ علیہ وسلم آهي. قيامت واري ڏينهن ماڻهو ان قوم سان گڏ اٿاريو ويندو جيڪو جنهن سان مشابهت رکندڙ هوندو.

21. ڏاڙهي ڇڊي هجي يا ٻُچي هجي ان کي رکڻ سان ٻٽو ثواب آهي.

1. ڏاڙهي رکڻ جو ثواب 2. ماڻهن جي ٽوڪن ۽ ڪِلن تي صبر ڪرڻ جو ثواب

22. ڪو ماڻهو اگر توهان کي عطر تحفي ۾ ڏئي تہ واپس نہ ڪيو پسنديده عطر مشڪ، عنبر ۽ گلاب آهي.

23. وارن جي چوٽي نہ رکايو ڇو تہ اِها هندن جي ريت آهي.

24. تڙواري حالت ۾ سنوارت نہ ڪيو، بلڪہ پاڪائي جي وقت سنوارت ڪيو.

Scanned by CamScanner

سونا زيور

سون جا زيور مردن کي پائڻ حرام آهن جيئن گھٽا ماڻھو سونيون منڊيون، سونا لاکيٽ، سونا پيڙا، سوني زنجير، سونا ڪڙا، هار، سونيون واليون وغيره پائيندا آهن. اهي مردن کي هرگز جائز نه آهي.

حديث نمبر 227 :

إِنَّ نَبِيَّ اللهِ ﷺ أَخَذَ حَرِيرًا فَجَعَلَهُ فِي يَمِينِهِ وَأَخَذَ ذَهَبًا فَجَعَلَهُ فِي شِمَالِهِ ثُمَّ قَالَ إِنَّ هَذَيْنِ حَرَامٌ عَلَى ذُكُورِ أُمَّتِي (نسائی)[1]

حضرت نبي ڪريم ﷺ جن پَٽ پنهنجي ساڄي هٿ ۾ جهليائون ۽ سون پنهنجي کاپي هٿ ۾ جهليائون پوءِ فرمايائون هي ٻئي شيون منهنجي امت جي مردن تي حرام آهن.

سوني منڊي :

حديث نمبر 228 :

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما روايت ڪئي ته رسول الله ﷺ جن هڪ ماڻھو جي هٿ ۾ سوني منڊي ڏني، پاڻ اها منڊي لهرائي اڇلايائون ۽ فرمايائون ته: "ڇا توهان مان ڪو ماڻھو چاهي ٿو ته باهه جو ٽانڊو پنهنجي هٿ ۾ جهلي؟" پاڻ ڪريمن ﷺ جي وڃڻ کان پوءِ ڪٿهن ماڻھو ان شخص کي چيو ته پنهنجي منڊي کڻ ۽ ان مان نفعو وٺ. ان جواب ڏنو ته : الله جو قسم اِها منڊي هاڻي آءٌ هرگز نه کڻندس جنهن کي رسول الله ﷺ پنهنجي هٿن سان اڇلائي ويا آهن. (مسلم)[2]

---

[1] حديث نمبر 227: سنن النسائي (ج 15/ص 392) سنن أبي داود (ج 11/ص 80۔الرقم: 3535) مسند أحمد (ج 2/ص 397۔ الرقم: 891) شعب الإيمان للبيهقي (ج 13/ص 75۔الرقم: 5817) صحيح ابن حبان (ج 22/ص 401۔الرقم: 5525)

[2] حديث نمبر 228: صحيح مسلم بَاب تَحْرِيمِ خَاتَمِ الذَّهَبِ عَلَى الرِّجَالِ (ج 10/ص 462۔الرقم: 3897) السنن الكبرى للبيهقي (ج 2/ص 424) المعجم الكبير للطبراني (ج 10/ص 106۔الرقم: 12009) مستخرج أبي عوانة (ج 16/ص 482۔الرقم: 6972) صحيح ابن حبان (ج 1/ص 30۔الرقم: 15)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 229 :

نجران کان هڪ شخص حضرت نبي ڪريم ﷺ جي خدمت ۾ آيو ان کي سوني منڊي پاتل هئي. جڏهن سامهون آيو تہ رسول الله ﷺ جن ان کان مُنهن ڦيرائي چڏيو ءِ فرمايائون:

إِنَّكَ جِئْتَنِي وَفِي يَدِكَ جَمْرَةٌ مِنْ نَارٍ (نسائي)[1]

تون مون وٽ ان حال ۾ آيو آهين جو تنهنجي هٿ ۾ باهہ جو ٽانڊو آهي.

حديث نمبر 230:

حضرت ابو امامہ فرمايو تہ مون رسول الله ﷺ کان ٻڌو پاڻ فرمايائون :

مَنْ كَانَ يُؤْمِنُ بِاللَّهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ فَلَا يَلْبَسْ حَرِيرًا وَلَا ذَهَبًا

جو شخص الله ءِ آخرت واري ڏينهن تي ايمان رکي ٿو ان کي گهرجي تہ پٽ ءِ سون نہ پهري.

حديث نمبر 231:

نَهَى رَسُولُ اللَّهِ ﷺ عَنْ التَّخَتُّمِ بِالذَّهَبِ (ابن ماجه)[2]

سون جي منڊي پائڻ کان رسول الله ﷺ جن منع فرمائي.

حديث نمبر 232:

أُحِلَّ الذَّهَبُ وَالْحَرِيرُ لِإِنَاثِ أُمَّتِي وَحُرِّمَ عَلَى ذُكُورِهَا (نسائي)[3]

---

[1] حديث نمبر 229: سنن النسائي خَاتَمُ الذَّهَبِ (ج 15 / ص 440 ـ الرقم:5096) مسند أحمد (ج 22 / ص 231 ـ الرقم: 10686) السنن الكبرى للنسائي (ج 5/ص448ـ الرقم: 9501) صحيح ابن حبان (ج 23/ص3ـ الرقم: 5581)

[2] حديث نمبر 231: سنن ابن ماجه بَاب النَّهْيِ عَنْ خَاتَمِ الذَّهَبِ (ج 11 / ص 24) مسلم بَاب النَّهْيِ عَنْ لُبْسِ الرَّجُلِ الثَّوْبَ الْمُعَصْفَرَ (ج 10 / ص 434) سنن الترمذي (ج 6/ص 353ـ الرقم: 1659) سنن النسائي (ج 15/ص429ـ الرقم: 5087)

[3] حديث نمبر 232: سنن النسائي تَحْرِيمُ الذَّهَبِ عَلَى الرِّجَالِ (ج 15 / ص 396ـ الرقم: 5057) مسند أحمد (ج 39/ص 499ـ الرقم: 18682) السنن الكبرى للبيهقي (ج 2/ص425) مصنف عبد الرزاق (ج 11/ص68ـ الرقم: 19930) السنن الكبرى للنسائي (ج 5/ص437ـ الرقم: 9450) كنز العمال (ج 6/ص675ـ الرقم: 17360) نصب الراية في تخريج أحاديث الهداية فصل في اللبس (ج 11/ص470)

Scanned by CamScanner

منهنجي امت جي عورتن تي سون ءِ پٽ حلال ڪيا ويا آهن ءِ مردن تي حرام ڪيا ويا آهن.

گھٽا ماڻھو ڏندن مٿان سون چاڙھائيندا آهن اهو به جائز نه آهي. ٻيڙا بٽڻ سون جا به جائز نه آهن. البته عورتن کي هر قسم جا سونا زيور جائز آهن. جيئن دُھري، ڳل پٽو، بولو بينسر، چلا، مندين، ليلم، جھومڪ، هس، هار، ٽاپس، پاسو، چوڙا، ٻيڙا، ڪنگڻ، والا، واليون، نٿ، ٽڪو، ڦلي، ڪوڪو اِهي سڀ زيور عورت کي پائڻ جائز آهن پر شرط اُهو آهي ته ان جي زڪوات ادا ڪندي رهي.

حديث نمبر 233:

حضرت عبدالله رضي الله عنه جي گھرواري بي بي زينب رضي الله عنها فرمايو ته رسول الله ﷺ جن اسان کي خطبو ڏنو فرمايائون ته:

يَا مَعْشَرَ النِّسَاءِ تَصَدَّقْنَ وَلَوْ مِنْ حُلِيِّكُنَّ (ترمذی)[1]

اي عورتن جي جماعت صدقا ڪيو، توڙي پنهنجي زيورن مان ڪيو.....آخر تائين.

سون چانديءَ جي زڪوات:

جيڪا عورت سون جا زيور پائي ان کي انهن جي هر سال زڪوات ادا ڪرڻ لازم آهي، ورنه ته اهو سون ان لاءِ جهنم جي باهه جو ٻُٽ بنايو ويندو.

حديث نمبر 234:

هڪ عورت رسول الله ﷺ جن وٽ آئي، ان سان گڏ سندس نياڻي هئي، جنهن جي هٿ ۾ سون جا ٻه ٽلها ڪنگڻ پاتل هئا. پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو ته ڇا تون هن سون جي ڪنگڻن جي زڪوات ڏيندي آهين؟ چيائين نه. پاڻ فرمايائون ڇا تو کي اها گھاله وٺي ٿي ته قيامت واري ڏينهن الله تعالىٰ تو کي جهنم جي باهه جا ڪنگڻ پارائي؟ ان عورت اُهي ٻئي ڪنگڻ لاهي رسول الله ﷺ جي اڳيان پيش ڪيا ءِ عرض ڪيائين ته:

---

[1] حديث نمبر 233: عَنْ زَيْنَبَ امْرَأَةِ عَبْدِ اللَّهِ بْنِ مَسْعُودٍ قَالَتْخَطَبَنَا رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَقَالَ يَا مَعْشَرَ النِّسَاءِ تَصَدَّقْنَ وَلَوْ مِنْ حُلِيِّكُنَّ فَإِنَّكُنَّ أَكْثَرُ أَهْلِ جَهَنَّمَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ. صحيح مسلم بَاب فَضْلِ النَّفَقَةِ وَالصَّدَقَةِ عَلَى الْأَقْرَبِينَ ج 5/ص 168۔ الرقم: 1667) سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي زَكَاةِ الْحُلِيِّ ج 3/ص 32۔ الرقم: 575) السنن الكبرى للنسائي ج 5/ص 380۔ الرقم: 9200) المستدرك على الصحيحين للحاكم ج 20/ص 198۔ الرقم: 8937)

Scanned by CamScanner

اُهي الله ءِ ان جي رسول ﷺ جي نالي تي (خيرات) کيان ٿي. (ابو دائود)[1]

الله پاڪ فرمايو آهي تہ:

وَالَّذِيْنَ يَكْنِزُوْنَ الذَّهَبَ وَالْفِضَّةَ وَلَا يُنْفِقُوْنَهَا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ فَبَشِّرْهُمْ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ ○ يَّوْمَ يُحْمٰى عَلَيْهَا فِيْ نَارِ جَهَنَّمَ فَتُكْوٰى بِهَا جِبَاهُهُمْ وَ جُنُوْبُهُمْ وَ ظُهُوْرُهُمْ هٰذَا مَا كَنَزْتُمْ لِاَنْفُسِكُمْ فَذُوْقُوْا مَا كُنْتُمْ تَكْنِزُوْنَ ○ (التوبه: ۳۴-۳۵)

ءِ اُهي ماڻهو جيکي سون ءِ چاندي گڏ ڪري رکن ٿا ءِ ان کي الله جي راهہ ۾ خرچ نہ ٿا ڪن تہ انهن کي دردناڪ عذاب جي خبر ٻڌاءِ. ان ڏينهن ان سون چانديءَ کي جهنم جي باهہ ۾ تپايو ويندو پوءِ ان سان انهن جي پيشانين ءِ پاسن ءِ پُٺين کي ڏنيو ويندو. (ءِ چيو ويندو) هي آهي اُهو مال! جيکو توهان پنهنجي لاءِ جمع ڪيو هيو، پوءِ هاڻي پنهنجي گڏ ڪيل مال جو مزو چکو.

سون ءِ چانديءَ جو نصاب:

20 ويهہ مثقال يعني ساڍا ست تولا يا ان کان وڌيڪ ڪنهن وٽ سون هجي تہ ان تي زڪوات ادا ڪرڻ فرض آهي اگر ان کان گهٽ هجي تہ ان تي زڪوات فرض ناهي. ساڍا ست تولا سون هجي ءِ ان تي سال ڦري اچي تہ ان جي قيمت ڪرائبي پوءِ ان قيمت جي چاليهين پٽي زڪوات ادا ڪئي ويندي. مثال:

هڪ ماڻهو وٽ اٺ تولا سون آهي ءِ سندس ملڪيت تي سال ڦري آيو تہ بازار ۾ پڇبو تہ هينئر سون جو تولو ڪيتري ۾ آهي؟ مثال طور هڪ تولو 5,000 پنج هزار روپيہ ۾ آهي تہ اٺ تولا سون جي رقم ٿيندي 40,000 چاليهہ هزار ان جي چاليهين پٽي هڪ هزار روپيہ زڪوات ٿيندي جيڪا ادا ڪرڻي پوندي.

---

[1] حديث نمبر 234: أَنَّ امْرَأَةً أَتَتْ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَمَعَهَا ابْنَةٌ لَهَا وَفِي يَدِ ابْنَتِهَا مَسْكَتَانِ غَلِيظَتَانِ مِنْ ذَهَبٍ فَقَالَ لَهَا أَتُعْطِينَ زَكَاةَ هَذَا قَالَتْ لَا قَالَ أَيَسُرُّكِ أَنْ يُسَوِّرَكِ اللَّهُ بِهِمَا يَوْمَ الْقِيَامَةِ سِوَارَيْنِ مِنْ نَارٍ قَالَ فَخَلَعَتْهُمَا فَأَلْقَتْهُمَا إِلَى النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَقَالَتْ هُمَا لِلَّهِ عَزَّ وَجَلَّ وَلِرَسُولِهِ. سنن أبي داود بَاب الْكَنْزِ مَا هُوَ وَزَكَاةِ الْحُلِيِّ ج 4/ص 364۔ الرقم: 1336)
سنن النسائي بَاب زَكَاةِ الْحُلِيِّ ج 8/ص 211۔ الرقم: 2434)

Scanned by CamScanner

چانديءَ جو نصاب :

اگر ڪنهن ماڻهو وٽ 52 ½ ساڍا ٻاونجاهه تولا يعني 618 گرام چاندي هجي ۽ ان تي هڪ سال گذري وڃي تہ پوءِ ان جي قيمت جي چاليهين پتي زڪوات ڏيڻ فرض آهي. مثلاً هڪ وقت بازار ۾ چانديءَ جي هڪ تولي جي قيمت 100 روپيہ آهي. هڪ ماڻهو وٽ 60 ست تولا چاندي آهي تہ ان جي رقم ٽيندي 6000 ڇهہ هزار روپيہ ان جي چاليهين پتي ٽيندي 150 روپيہ جيڪا ادا ڪرڻي پوندي. جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو وٽ ڪجهہ سون آهي ڪجهہ چاندي آهي. نہ سون جو نصاب پورو آهي نہ چانديءَ جو تہ انهن ٻنهين جي قيمت ڪرائبي. جيڪڏهن ساڍا ٻاونجاهہ تولا چاندي جي رقم جيترا پئسا ٿي ويا تہ ان جي زڪوات ادا ڪرڻ فرض ٽيندي ۽ جيڪڏهن ان کان گهٽ ٿئي تہ ان تي زڪوات فرض نہ ٽيندي.

جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو وٽ ساڍا ست تولا سون موجود آهي پر زڪوات ادا ڪرڻ جيتري رقم موجود نہ آهي تہ بہ ان تي زڪوات ادا ڪرڻ معاف نہ آهي بلڪ اهو سون جو چاليهون حصو ڪٽي زڪوات ۾ ادا ڪندو. ڪنوار کي جيڪو سون ڏاجي ۾ ملندو آهي اُهو دراصل ان جي ملڪيت آهي ۽ اگر ساهرن طرفان بہ سون ملي ۽ اُهو سندس ملڪيت ۾ ڏنو وڃي تہ ڏنو وڃي تہ سڀ سون ساڍا ست تولا ٿيو يا نہ؟ اگر ٿي وڃي تہ ان جي زڪوات ادا ڪرڻ عورت تي فرض آهي.

رسول الله ﷺ جي منڊي جو بيان :

حضرت حبيب عربي ﷺ جن عجم جي بادشاهن کي تبليغي خط لکيا. چيو ويو تہ بادشاهہ مُهر (Stamp) کان سواءِ خط قبول نہ ڪندا هئا. پوءِ پاڻ ﷺ چانديءَ جي منڊي ٺهرايائون جنهن تي لکرايائون:

محمد رسول الله

حديث نمبر 235 :

حضرت ابن عمر رضی اللہ عنہ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ چانديءَ جي منڊي ٺهرائي جيڪا سندن هٿ ۾ هوندي هئي. پوءِ حضرت ابوبکر رضی اللہ عنہ جي هٿ ۾ هئي،

Scanned by CamScanner

پوءِ حضرت عمر فاروق رضی اللہ عنہ جي هٿ ۾ هئي پوءِ حضرت امير عثمان رضی اللہ عنہ جي هٿ ۾ هئي تان جو اُها اريس نالي کوهه ۾ کري پئي ان جو نقش هي هيو.

مُحَمَّدٌ رَسُوْلُ اللّٰهِ (بخاری)[1]

پاڻ کريم منڊي ساڃي هٿ ۾ پائيندا هئا. آڱوٺي، اشهد ۽ وچين آڱر ۾ منڊي نه پائيندا هئا بلڪ چيچ يا پاڇ ۾ پائيندا هئا. (نسائي)2

حديث نمبر236 :

كَانَ رَسُولُ اللّٰهِ ﷺ إِذَا دَخَلَ الْخَلَاءَ نَزَعَ خَاتَمَهُ (ترمذی)3

جڏهن رسول الله ﷺ جن بيت الخلا ۾ ويندا هئا ته مُنڊي لاهي ڇڏيندا هئا.

ان ۾ ادب جي تعليم آهي ته منڊيءَ تي "محمد رسول الله" لکيل هيو ان کري ان کي بيت الخلا ۾ ساڻ کڻي نه ويندا هئا.

هڪ بزرگ جي عادت هئي ته بيت الخلا ۾ ويندو هيوته کيسي مان سپ کاغذ کڏي ويندو هيو پر نوٽ هوندا هئا ته اُهي به کڏي ويندو هيو چو ته انهن تي پلارا نالا لکيل هوندا آهن.

---

[1] حديث نمبر 235: عَنْ ابْنِ عُمَرَ قَالَ اتَّخَذَ رَسُولُ اللّٰهِ ﷺ خَاتَمًا مِنْ وَرِقٍ وَكَانَ فِي يَدِهِ ثُمَّ كَانَ بَعْدُ فِي يَدِ أَبِي بَكْرٍ ثُمَّ كَانَ بَعْدُ فِي يَدِ عُمَرَ ثُمَّ كَانَ بَعْدُ فِي يَدِ عُثْمَانَ حَتَّى وَقَعَ بَعْدُ فِي بِئْرِ أَرِيسَ نَقْشُهُ مُحَمَّدٌ رَسُولُ اللّٰهِ. صحيح البخاري بَاب نَقْشِ الْخَاتَمِ (ج 18 / ص 217۔الرقم: 5424) صحيح مسلم بَاب لُبْسِ النَّبِيِّ ﷺ خَاتَمًا مِنْ وَرِقٍ (ج 10 / ص 465۔الرقم: 3899)
سنن أبي داود (ج 11 / ص 287۔الرقم: 3684) السنن الكبرى للبيهقي (ج 4 / ص 142)
الشمائل المحمدية للترمذي (ج 1 / ص 106۔الرقم: 94)

[2] حديث: عن عَلِيٌّ قال قَالَ لِي رَسُولُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَا عَلِيُّ سَلْ اللّٰهَ الْهُدَى وَالسَّدَادَ وَنَهَانِي أَنْ أَجْعَلَ الْخَاتَمَ فِي هَذِهِ وَهَذِهِ وَأَشَارَ يَعْنِي بِالسَّبَّابَةِ وَالْوُسْطَى سنن النسائي النَّهْيُ عَنْ الْخَاتَمِ فِي السَّبَّابَةِ (ج 15 / ص 466۔الرقم: 5115)

[3] حديث نمبر 236: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي لُبْسِ الْخَاتَمِ فِي الْيَمِينِ (ج 6 / ص 365۔الرقم: 1668)
سنن النسائي باب نَزْعُ الْخَاتَمِ عِنْدَ دُخُولِ الْخَلَاءِ (ج 15 / ص 470۔الرقم: 5118)
السنن الكبرى للنسائي (ج 5 / ص 456۔الرقم: 9542)

Scanned by CamScanner

آئينو ڏسڻ جي بيان ۾:

آئيني ۾ پنهنجي صورت ڏسي الله جا شڪرانہ ادا ڪرڻ گهرجن جنهن سهڻي صورت سان نوازيو آهي. پنهنجي صورت تي ناز يا آڪڙ نہ ڪجي، حديث پاڪ ۾ آهي تہ پنهنجي صورت آئيني ۾ ڏسي هيءَ دعا پڙهو.

اَللّٰهُمَّ اَحْسِنْ خُلُقِيْ كَمَا اَحْسَنْتَ خَلْقِيْ

اي الله جيئن تو منهنجي صورت سهڻي ٺاهي آهي تيئن منهنجي سيرت بہ سهڻي بناءِ.



Scanned by CamScanner

باب پنجون

لباس جي بيان ۾

لباس الله جي نعمت آهي جنهن سان بدن جي اگهڙ ۽ عيب ڍڪجي وڃن ٿا، جسم سهڻو لڳي ٿو، الله تعالىٰ فرمايو:

يٰبَنِيْٓ اٰدَمَ قَدْ اَنْزَلْنَا عَلَيْكُمْ لِبَاسًا يُّوَارِيْ سَوْاٰتِكُمْ وَرِيْشًا ۭ وَلِبَاسُ التَّقْوٰى ۙ ذٰلِكَ خَيْرٌ ۭ ذٰلِكَ مِنْ اٰيٰتِ اللّٰهِ لَعَلَّهُمْ يَذَّكَّرُوْنَ ○ (الاعراف:٢٦)

اي آدم جا اولاد بيشڪ اسان توهان تي پوشاڪ لاٿي، جا توهان جي شرمگاهن کي ڍڪي ٿي ۽ سينگار آهي ۽ پرهيزگاري جي پوشاڪ اها (سڀ کان) پلي آهي، هي الله جي نشانين مان آهي جو مَنَ اُهي نصيحت پرائن.

جسماني ۽ روحاني لباس :

جاٽڻ گهرجي تہ انسان بن شين جو مجموعو آهي هڪ جسم ٻيو روح. روح اصل آهي ۽ جسم ان جي سواري آهي. جسم جون ضرورتون پنهنجون آهن، روح جون ضرورتون پنهنجون آهن.

مٿين آيت ڪريمہ ۾ بن لباسن جو ذڪر آهي.

1. **جسماني لباس :**

اهڙو لباس جيڪو ستر ڍڪي سگهي، شرمگاهن جي پرده پوشي ڪري، جنهن سان انسان جا عيب ڍڪي وڃن ٿا ۽ ان ۾ سونهن بہ آهي. معلوم ٿيو تہ سهڻو لباس ڍڪڻ بہ الله جي نعمت آهي. اهو جسماني لباس آهي، ان کي ظاهري لباس بہ چئبو آهي.

2. **تقويٰ وارو لباس :** اهو روحاني لباس آهي جيڪو باطن جو لباس آهي. ان ۾ ايمان، شرم و حياءِ، سهڻا اخلاق، نيڪ خصلتون، صبر و شڪر، تسليم و رضا، قناعت وغيره اِهي سڀ اعمال دراصل لباسِ تقويٰ آهن جنهن لاءِ رب پاڪ فرمائي ٿو:

Scanned by CamScanner

وَلِبَاسُ التَّقْوٰى ذٰلِكَ خَيْرٌ ؕ (الاعراف: 26)

پرهيزگاري جو لباس سڀ کان بهتر آهي.

هن باب ۾ جسم جي لباس جو ذڪر ڪيو وڃي ٿو.

لباس ۾ احتياط :

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن فرمايو ته :

حديث نمبر 237 :

كُلْ مَا شِئْتَ وَالْبَسْ مَا شِئْتَ مَا أَخْطَأَتْكَ اثْنَتَانِ سَرَفٌ أَوْ مَخِيلَةٌ (بخاری)[1]

جيڪو وٽئي سو کاءِ، جيڪو وٽئي سو پاءِ، پر به خطائون نه ڪجانءِ هڪ اجايو خرچ پيو وڌائي.

کاڌي پيتي ۾ لٽي ڪپڑي ۾ هنن ٻن ڳالهين جو خيال رکجي، اجايو خرچ ۽ وڌائي نه ٿئي باقي سڀ ڪجهه جائز آهي. سواءِ انهن ڳالهين جي جن کان الله ۽ ان جي حبيب ﷺ جن منع فرمائي آهي.

لباس جا قسم :

لباس ڇهن قسمن جو آهي.

1. **واجب :** جيڪو اگهڙ ڏيکيندڙ هجي، ان کان سواءِ هلڻ گناهه آهي.
2. **مستحب :** صاف سُٿرو لباس، يا عيدن ۽ جمعي تي نئون لباس.
3. **مڪروهه:** جيئن ميرو گدلو ڪپڑو.
4. **حرام :** جيئن مرد کي پٽُ يا ريشم جو لباس يا هر اُهو لباس جنهن کي شريعت حرام قرار ڏنو هجي، يهودين، نصارن، ڪافرن مشرڪن جو لباس مومنن کي نه پهرڻ گهرجي، ڇو ته جو ماڻهو جنهن قوم سان مشابهت رکندو، اهو ان قوم سان اٿاريو ويندو. حضرت موسيٰ ڪليم الله جهڙو لباس سامري پهريو هيو ته الله جي عذاب کان بچي ويو. اسان کي گهرجي ته اسان مٿي محمد ڪريم ﷺ جن جي سنت مطابق لباس پهريون.

---

[1] حديث نمبر 237: صحيح البخاري بَاب قَوْلِ اللَّهِ تَعَالَى قُلْ مَنْ حَرَّمَ زِينَةَ اللَّهِ الَّتِي أَخْرَجَ لِعِبَادِهِ (ج 18/ص 81)
مصنف ابن أبي شيبة (ج 6/ص 35)

Scanned by CamScanner

ان ۾ اسان لاءِ دنيا جي عزت ۽ آخرت جو چوٽڪارو آهي.

پَٽَ جو لباس :

حديث نمبر 238:

مَنْ لَبِسَ الْحَرِيرَ فِي الدُّنْيَا لَمْ يَلْبَسْهُ فِي الْآخِرَةِ (مسلم)[1]

جيڪو ماڻهو دنيا ۾ پَٽَ جو لباس پهريندو آهي آخرت ۾ محروم هوندو.

شُهرت جو لباس :

اهڙو لباس جنهن کي پائي سيني ماڻهن کان نرالو، منفرد ۽ ممتاز نظر اچي، اهڙي لباس کي شهرت جو لباس چئبو آهي يا اهڙو چلکي ۽ چمکي وارو لباس پائڻ جو هر ماڻهو جي نظر ان ڏانهن کچي وڃي.

حديث نمبر 239:

مَنْ لَبِسَ ثَوْبَ شُهْرَةٍ فِي الدُّنْيَا أَلْبَسَهُ اللَّهُ ثَوْبَ مَذَلَّةٍ يَوْمَ الْقِيَامَةِ ثُمَّ أَلْهَبَ فِيهِ نَارًا (ابن ماجه)[2]

جنهن ماڻهو دنيا ۾ شهرت وارو لباس پهريو تہ قيامت واري ڏينهن، الله تعاليٰ ان کي ذلت وارو لباس پهرائيندو پوءِ ان کي دوزخ جي باهه ۾ ڇيين ۾ وڌو ويندو.

اللّٰهم احفظنا من النار : اي الله! اسان کي جهنم جي باهه کان بچاءِ.

پٽڪي جو بيان :

مٿي تي پٽڪو پڌرُ تاجدار دو عالم حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن جي سنت آهي.

---

[1] حديث نمبر 238: صحيح البخاري بَاب لُبْسِ الْحَرِيرِ وَافْتِرَاشِهِ لِلرِّجَالِ (ج 18 / ص 154 ـ الرقم: 5385) صحيح مسلم بَاب تَحْرِيمِ اسْتِعْمَالِ إِنَاءِ الذَّهَبِ وَالْفِضَّةِ عَلَى الرِّجَالِ (ج 10 / ص 422 ـ الرقم: 3866) سنن الترمذي (ج 10 / ص 18 ـ الرقم: 2742) سنن النسائي (ج 16 / ص 98 ـ الرقم: 5209) سنن ابن ماجه (ج 10 / ص 446 ـ الرقم: 3578)

[2] حديث نمبر 239: سنن ابن ماجه بَاب مَنْ لَبِسَ شُهْرَةً مِنَ الثِّيَابِ (ج 10 / ص 473 ـ الرقم: 3597) سنن أبي داود بَاب فِي لُبْسِ الشُّهْرَةِ (ج 11 / ص 47 ـ الرقم: 3511) مسند أحمد (ج 11 / ص 443 ـ الرقم: 5406) شعب الإيمان للبيهقي (ج 13 / ص 219 ـ الرقم: 5956) مسند أبي يعلى الموصلي (ج 11 / ص 454 ـ الرقم: 5567)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 240 :

اِعْتَمُّوا تَزْدَادُوا حِلْمًا (طبراني مجمع الزوائد)[1]

پتڪو پڌو ۽ بردباري وڌايو.

حديث نمبر 241:

عَلَيْكُمْ بِالْعَمَائِمِ فَإِنَّهَا سِيمَاءُ الْمَلَائِكَةِ وَأَرْخُوا لَهَا خَلْفَ ظُهُورِكُمْ (بيهقي طبراني)[2]

توهان کي پڪا پڌڻ لازم آهن ڇو ته اُها ملائڪن جي نشاني آهي ۽ طُرا پويان لڙڪايو.

حديث نمبر 242:

حضرت بي بي عائشہ صديقہ رضي الله عنها فرمايو ته رسول الله ﷺ جن عبدالرحمن بن عوف رضي الله عنهما کي پنهنجي هٿن سان پڪو پڌايو ۽ چار آڱر طُرو لڙڪايائون ۽ فرمايائون ته :

إِنِّي لَمَّا صَعَدْتُ إِلَى السَّمَاءِ رَأَيْتُ أَكْثَرَ الْمَلَائِكَةِ مُعْتَمِّينَ (طبراني)3

جڏهن آءٌ (معراج واري سفر) ۾ آسمانن ڏانهن ويس ته مون اڪثر ملائڪن کي پڪو پڌل ڏٺو.

حديث نمبر 243:

كَانَ رَسُولُ اللَّهِ ﷺ لا يُوَلِّي وَالِيًا حَتَّى يُعَمِّمَهُ، وَيُرْخِيَ لَهَا عَذَبَةً مِنْ جَانِبِ الأَيْمَنِ نَحْوَ الأُذُنِ (طبراني)4

---

[1] حديث نمبر 240: المعجم الكبير للطبراني بَابُ مَا جَاءَ فِي لِبْسِ الْعَمَائِمِ (ج 1 / ص 218۔ الرقم: 518)
مجمع الزوائد باب ما جاء في العمائم (ج 5 / ص 119) شعب الإيمان للبيهقي فصل في العمائم (ج 13 / ص 257۔ الرقم: 5992)
المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 17 / ص 261۔ الرقم: 7517)

[2] حديث نمبر 241: شعب الإيمان للبيهقي فصل في العمائم (ج 13 / ص 259۔ الرقم: 5994)
المعجم الكبير للطبراني (ج 11 / ص 15۔ الرقم: 13237) كنز العمال (ج 15 / ص 306۔ الرقم: 41140)
مجمع الزوائد (ج 5 / ص 120) كشف الخفاء (ج 2 / ص 72) المقاصد الحسنة (ج 1 / ص 156)
مجمع الزوائد ومنبع الفوائد (ج 2 / ص 302)

[3] حديث نمبر 242: المعجم الأوسط للطبراني من اسمه مقدام (ج 19 / ص 232۔ الرقم: 9149)
كنز العمال (ج 12 / ص 39۔ الرقم: 33893) مجمع الزوائد (ج 5 / ص 120)

[4] حديث نمبر 243: المعجم الكبير للطبراني عَنْ أَبِي أُمَامَةَ (ج 7 / ص 156۔ الرقم: 7525) كنز العمال (ج 7 / ص 95)

Scanned by CamScanner

رسول الله ﷺ جن کنهن کي به ڪٽان جو حاڪم (گورنر) نه بنائيندا هئا جيستائين ان کي پٽڪو نه پڌائيندا هئا ۽ پٽڪي جو ٻُڌو ساڄي طرف کن کان لڙڪائيندا هئا.

حديث نمبر 244:

عَنْ أَبِي الدَّرْدَاءِ قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ إِنَّ اللهَ وَمَلَائِكَتَهُ يُصَلُّوْنَ عَلَى أَصْحَابِ الْعَمَائِمِ يَوْمَ الْجُمُعَةِ (مجمع الزوائد) [1]

حضرت ابودرداء رضي الله عنه کان روايت آهي ڇيائين رسول الله ﷺ فرمايو بيشڪ الله تعالي ۽ ان جا ملائڪ جمعي جي ڏينهن پٽڪو پڌندڙن تي صلواة پڙهندا آهن.

پٽڪو ٽوپيءَ مٿان پڌو :

گهٽا ماڻهو پٽڪو بغير ٽوپيءَ جي پڌندا آهن پر اسلامي طريقو هي آهي ته اول ٽوپي پايو، ان مٿان پٽڪو پڌو.

حديث نمبر 245:

حضرت رڪانه رضي الله عنه فرمايو ته مون رسول الله ﷺ کان پڌو پاڻ فرمايائون ته اسان جي ۽ مشرڪن جي وچ ۾ فرق هي آهي ته اسان پٽڪو ٽوپيءَ مٿان پڌندا آهيون. (ترمذي)

يعني مشرڪ رڳو ٽوپيون پائيندا آهن، پر مؤمن ٽوپين مٿان پٽڪو پڌندا آهن، يا وري مشرڪ بغير ٽوپي جي پٽڪو پڌندا آهن ۽ مؤمن ٽوپيءَ مٿان پٽڪو پڌندا آهن.

ڪارو پٽڪو :

حيرت جهڙي ڳالهه آهي جو ڪي ماڻهو ڪاري رنگ جي پٽڪي کي ناجائز سمجهن ٿا ۽ ڪارو پٽڪو پڌڻ کان منع ڪن ٿا. حالانڪه نبي ڪريم ﷺ خود ڪارو پٽڪو پڌو آهي ۽ بعض صحابن ڪرامن کي پاڻ پنهنجي پاڪ هٿن سان ڪاري رنگ جو پٽڪو پڌايو آهي. صحابه ڪرام ۽ تابعين و تبع تابعين مان مان اڪثر شخصيات کان ڪاري رنگ جو پٽڪو پڌڻ ثابت آهي. امت جي اڪابرين ۽ مسلم سلاطين کان ڪاري رنگ جي پڳ پڌڻ جا ڪوڙ سارا شواهد موجود آهن.

---

[1] حديث نمبر 244: مجمع الزوائد باب اللباس للجمعة (ج 2/ ص 176) كنز العمال (ج 7/ ص 735. الرقم: 21166)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 246:

أَنَّ النَّبِيَّ ﷺ دَخَلَ يَوْمَ فَتْحِ مَكَّةَ وَعَلَيْهِ عِمَامَةٌ سَوْدَاءُ

(ابن ماجه ، ابوداؤد، نسائی، ترمذی)[1]

تحقيق نبي كريم ﷺ جن مكي پاڪ جي فتح واري ڏينهن جڏهن مكي ۾ داخل ٿيا تہ سندن مٿي مبارڪ تي كارو پٽكو پڌل هيو.

كي ماڻهو چوندا آهن تہ كو وڏو ماڻهو يعني چوڌري، رئيس يا كو وڏيرو مري تہ ان جا نوكر چاكر، هاري ناري كارو پٽكو پڌن چو تہ كارو پٽكو غم جي علامت آهي. حالانكہ حضرت حبيب كريم ﷺ جن 10000 ڏهہ هزار صحابہ جي جماعت سميت فاتح جي حيثيت سان مكي پاك ۾ داخل ٿيا هئا جڏهن تہ اهو انتهائي خوشيءَ جو ڏينهن هيو نہ كہ غم ءِ ڏك جو پر ان وقت كريمن كي كارو پٽكو پڌل هيو.

حديث نمبر 247:

حضرت جعفر بن عمر رضي الله عنهما فرمايو تہ :

رَأَيْتُ النَّبِيَّ ﷺ يَخْطُبُ عَلَى الْمِنْبَرِ وَعَلَيْهِ عِمَامَةٌ سَوْدَاءُ (ابن ماجه)[2]

مون رسول الله ﷺ كي منبر تي خطبو ڏيندي ڏٺو ءِ سندن مٿي مبارڪ تي كارو پٽكو پڌل هيو.

---

[1] حديث نمبر 246: صحيح مسلم كِتَاب الْحَجِّ بَاب جَوَازِ دُخُولِ مَكَّةَ بِغَيْرِ إِحْرَامٍ (ج 7/ ص 92۔ الرقم: 2419) سنن أبي داود بَاب فِي الْعَمَائِمِ (ج 11/ ص 109۔ الرقم: 3554) سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي الْعِمَامَةِ السَّوْدَاءِ (ج 6/ ص 349۔ الرقم: 1657) قَالَ أَبُو عِيسَى حَدِيثُ جَابِرٍ حَدِيثٌ حَسَنٌ صَحِيحٌ سنن النسائي باب دُخُولُ مَكَّةَ بِغَيْرِ إِحْرَامٍ (ج 9/ ص 286۔ الرقم: 2820۔ وباب لُبْسُ الْعَمَائِمِ السُّودِ (ج 16/ ص 157۔ الرقم: 5249) سنن ابن ماجه بَاب الْعِمَامَةِ السَّوْدَاءِ (ج 10/ ص 442۔ الرقم: 3576) مسند أحمد مسند جابر بن عبدالله (ج 29/ ص 424۔ الرقم: 14375) السنن الكبرى للبيهقي عن جابر (ج 5/ ص 177) اخرجه الطبراني في المعجم الأوسط (ج 10/ ص 172۔ الرقم: 4618) والمعجم الصغير (ج 2/ ص 197۔ الرقم: 593) دلائل النبوة للبيهقي (ج 5/ ص 94۔ الرقم: 1801) شعب الإيمان للبيهقي فصل في العمائم (ج 13/ ص 243۔ الرقم: 5978)

[2] حديث نمبر 247: سنن ابن ماجه بَاب مَا جَاءَ فِي الْخُطْبَةِ يَوْمَ الْجُمُعَةِ (ج 3/ ص 411۔ الرقم: 1094) الشمائل المحمدية للترمذي (ج 1/ ص 131۔ الرقم: 116)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 248:

رَأَيْتُ النَّبِيَّ ﷺ عَلَى الْمِنْبَرِ وَعَلَيْهِ عِمَامَةٌ سَوْدَاءُ قَدْ أَرْخَى طَرَفَهَا بَيْنَ كَتِفَيْهِ (ابوداؤد)[1]

حضرت جعفر رضي الله عنه فرمايو ته مون رسول الله ﷺ کي منبر تي خطبو ڏيندي ڏٺو، سندن مٿي مبارڪ تي ڪارو پٽڪو پڌل هيو، جنهن جو ڇيڙو (طرو) ٻن ڪلهن جي وچ ۾ لڙڪيل هيو.

جبرائيل عليه السلام کي ڪارو پٽڪو:

حديث نمبر 249:

أَنَّ جِبْرِيْلَ نَزَلَ عَلَى النَّبِيِّ ﷺ وَعَلَيْهِ عَمَامَةٌ سَوْدَاءُ قَدْ أَرْخَى ذَوَائِبَهُ مِنْ وَّرَآئِهِ (طبراني)[2]

بيشڪ جبرائيل امين عليه السلام نبي ڪريم ﷺ تي نازل ٿيو ۽ جبرائيل کي ڪارو پٽڪو پڌل هيو جنهن جا ڇيڙا پويان لڙڪايل هئا.

حديث نمبر 250:

حضرت ابورزين رضي الله عنهما فرمايو ته حضرت حسين رضي الله عنه اسان کي جمعي جي ڏينهن خطبو ڏنو ۽ کين ڪارو پٽڪو پڌل هيو. (مكارم الاخلاق)[3]

عزت جو راز:

حديث نمبر 251:

اَلْعَمَائِمُ تِيْجَانُ الْعَرَبِ فَإِذَا وَضَعُوْا الْعَمَائِمَ وَضَعَ اللهُ عِزَّهُمْ (مسند الفردوس ديلمي)[4]

پٽڪا عرب جو تاج آهن (منهنجا امتي) جڏهن پٽڪا پڌڻ ڇڏي ڏيندا ته الله تعالي انهن جي عزت کڻائي وٺندو.

---

[1] حديث نمبر 248: صحيح مسلم كتاب الحج بَاب جَوَازِ دُخُولِ مَكَّةَ بِغَيْرِ إِحْرَامٍ (ج 7/ ص 94۔ الرقم: 2421) سنن أبي داود بَاب فِي الْعَمَائِمِ (ج 11/ ص 110۔ الرقم: 3555) سنن النسائي إِرْخَاءُ طَرَفِ الْعِمَامَةِ بَيْنَ الْكَتِفَيْنِ (ج 16/ ص 160۔ الرقم: 5251) السنن الكبرى للبيهقي (ج 3/ ص 246) شعب الإيمان للبيهقي (ج 13/ ص 245۔ الرقم: 5980)

[2] حديث نمبر 249: مجمع الزوائد ومنبع الفوائد (ج 2/ ص 302)

[3] حديث نمبر 250: عن أبي رزين قال: خطبنا الحسين بن علي يوم الجمعة وعليه عمامة سوداء. مصنف ابن أبي شيبة (ج 6/ ص 46)

[4] حديث نمبر 251: شعب الإيمان للبيهقي فصل في العمائم (ج 13/ ص 260)

Scanned by CamScanner

ٽوپي :

حديث نمبر 252:

كَانَتْ كِمَامُ أَصْحَابِ رَسُولِ اللّٰهِ ﷺ بُطْحًا (ترمذی)[1]

صحابہ کرام جون ٽوپيون ڪشاديون هونديون هيون.

"بطحا" اهڙي ٽوپيءَ کي چئبو آهي جيڪا مٿي جي چوٽي کان وٺي پيشاني تائين چنبڙيل هجي، مٿي اپريل نہ هجي جيئن "ڪُلاهُ" اپريل هوندو آهي.

سفيد ٽوپي :

حديث نمبر 253:

كَانَ رَسُولُ اللّٰهِ ﷺ يَلْبَسُ قُلَنْسُوَةً بَيْضَاءَ (طبرانی)[2]

حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن سفيد ٽوپي پائيندا هئا.

هي اُها سفيد ٽوپي هئي جنهن متان حضور ﷺ پٽڪو مبارڪ ٻڌندا هئا.

پٽڪي جي ڊيگهہ :

حضرت امام نووي رحمة الله عليہ فرمايو تہ حضور عليہ الصلواة والسلام جو هڪ پٽڪو ننڍو هيو جنهن جي ڊيگهہ پارهن هٿ هئي. (مرقات المفاتيح)

پٽڪي ٻڌڻ جي ڪيفيت :

حديث نمبر 254 :

حضرت عبدالرحمن بن عوف رضي الله عنهما فرمايو تہ مون کي رسول الله ﷺ پاڻ پٽڪو ٻڌايو جنهن جا ڇيڙا سامهون ۽ پويان لڙڪايائون (ابوداؤد) 3

هن حديث مان ڪنهن جي دستار بندي ڪرڻ جو ثبوت ملي ٿو.

---

[1] حديث نمبر 252: سنن الترمذي بَاب كَيْفَ كَانَ كِمَامُ الصَّحَابَةِ (ج 6/ص 425۔الرقم: 1704)

[2] حديث نمبر 253: المعجم الكبير للطبراني عَنِ ابْنِ عُمَرَ (ج 11/ص 309۔الرقم: 671) المعجم الأوسط للطبراني (ج 13/ص 441۔الرقم: 6363) مجمع الزوائد باب في القلنسوة (ج 5/ص 121) كنز العمال (ج 7/ص 121۔الرقم: 18284)

[3] حديث نمبر 254: عن عَبْدِ الرَّحْمَنِ بْنِ عَوْفٍ قال عَمَّمَنِي رَسُولُ اللّٰهِ ﷺ فَسَدَلَهَا بَيْنَ يَدَيَّ وَمِنْ خَلْفِي سنن أبي داود باب في العمائم (ج 11/ص 112۔الرقم: 3557)

Scanned by CamScanner

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما فرمايو ته جڏهن پاڻ ڪريم ﷺ پٽڪو ٻڌندا هئا ته چيڙو (طرو) ٻن ڪنڌين (ڪلهن) جي وچ ۾ لڙڪائيندا هئا. (ترمذی)[1]

هنن حديثن مان ثابت ٿيو ته پٽڪي جا ٻه طرا چڏڻ گهرجن هڪ پويان ڪلهن جي وچ ۾ يا وري سامهون سيني جي ساڄي طرف يا کاٻي طرف يا وري ڪن کان. ۽ ٻيو چيڙو پويان يا مٿي اپريل.

نماز پٽڪي سان پڙهو :

اڄڪلهه پٽڪي جو اهتمام نه ٻيو ڪيو وڃي، حد ته اِها ٿي وئي جو نماز جي وقت به پٽڪي ٻڌڻ کي ڪا اهميت نه ٿا ڏين حالانڪه قرآن پاڪ ۾ الله تعالي فرمايو ته :

خُذُوْا زِيْنَتَكُمْ عِنْدَ كُلِّ مَسْجِدٍ ○ (الاعراف:۳۱)

پنهنجي سينگار کي وٺو وٽ هر مسجد جي.

يعني جڏهن ڪنهن به مسجد ۾ داخل ٿيو ته سينگار ڪري پوءِ وڃو، اِن آيت جي تفسير ۾ "تفسير بيضاوي" لکيو ته ڪو شڪ نه آهي ته مردن جي لاءِ خوبصورت سينگار پٽڪي ۾ آهي بخلاف ٽوپيءَ جي، پوءِ مناسب آهي ته فرضي نماز يا جمعي لاءِ پٽڪو ٻڌي پوءِ مسجد ۾ وڃجي. (تفسير بيضاوي)

حديث نمبر 255 :

اَلصَّلٰوةُ مَعَ الْعَمَامَةِ خَيْرٌ مِّنْ سَبْعِيْنَ صَلٰوةً بِغَيْرِ عَمَامَةٍ (جامع الرموز)[2]

پٽڪي سان هڪ نماز پڙهڻ بغير پٽڪي جي ستر نماز کان پلي آهي.

حديث نمبر 256 :

جُمُعَةٌ بِعِمَامَةٍ أَفْضَلُ مِنْ سَبْعِينَ بِلَا عَمَامَةٍ۔

جُمُعَةٌ بِعِمَامَةٍ تَعْدِلُ سَبْعِينَ جُمُعَةً بِلَا عَمَامَةٍ۔ (ابنِ عساکر)[3]

---

[1] حديث: عَنْ ابْنِ عُمَرَ قَالَ كَانَ النَّبِيُّ ﷺ إِذَا اعْتَمَّ سَدَلَ عِمَامَتَهُ بَيْنَ كَتِفَيْهِ سنن الترمذي (ج 6/ ص 351۔ الرقم: 1658)

[2] حديث نمبر 255: و اخرج عجلونی فی كشف الخفاء (2/ 72) بلفظ جمعة بعمامة أفضل من سبعين بلا عمامة

[3] حديث نمبر 256: المقاصد الحسنة (ص: 466)

Scanned by CamScanner

جمعي جي نماز جيڪا پٽڪي سان ادا ڪئي وڃي بغير پٽڪي جي ستر جمعن جي برابر آهي.

سفيد پٽڪو :

حديث نمبر 257 :

اَلْبَسُوا الثِّيَابَ الْبِيضَ فَإِنَّهَا أَطْهَرُ وَأَطْيَبُ وَكَفِّنُوا فِيهَا مَوْتَاكُمْ

(احمد، ترمذي)[1]

سفيد ڪپڑا پهريو ڇو ته اهو رنگ زياده پاڪيزه ۽ خوشگوار آهي پنهنجي ميتن کي به اڇو ڪفن ڏيڪايو.

سائو پٽڪو :

حافظ ابوبڪر عبدالله بن محمد بن شيبه سلمان بن عبدالله کان روايت ڪئي فرمايائين ته مان اولين مهاجرن سان مليس اهي ڪارا ۽ سفيد ۽ ڳاڙها ۽ ساوا ۽ ڦڪا پٽڪا پڏندا هئا.

(مصنف ابنِ ابی شيبه)[2]

بوسڪي جو پٽڪو:

خالص بوسڪي جيڪا ريشم يا پَتَ مان ٺهيل هوندي آهي، ان جو پٽڪو پڏڻ نه گهرجي. ڇو ته ريشم جو ڪپڙو مرد کي پائڻ حرام آهي.

حديث نمبر 258 :

پٽ ۽ سون پهرڻ کان رسول الله ﷺ جن منع فرمائي ۽ فرمايائون اُهي دنيا ۾ ڪافرن لاءِ آهن ۽ اسان لاءِ آخرت ۾ آهن. (مشڪواة)[3]

---

[1] حديث نمبر 257: سنن الترمذي بَاب مَا يُسْتَحَبُّ مِنَ الْأَكْفَانِ (ج 4 / ص 110) مسند أحمد من حديث سَمُرَةَ بْنِ جُنْدُبٍ عن النبي ﷺ (ج 41 / ص 125) السنن الكبرى للبيهقي (ج 3 / ص 402) المعجم الأوسط للطبراني (ج 9 / ص 119)

[2] حديث: عن سليمان بن أبي عبد الله قال: أدركت المهاجرين الاولين يعتمون بعمائم كرابيس سود وبيض وحمر وخضر وصفر. مصنف ابن أبي شيبة باب من كان يعتم بكور واحد (ج 6 / ص 48)

[3] حديث نمبر : 258: نَهَى رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عَنْ لُبْسِ الْحَرِيرِ وَالذَّهَبِ وَقَالَ هُوَ لَهُمْ فِي الدُّنْيَا وَلَنَا فِي الْآخِرَةِ سنن ابن ماجه بَاب كَرَاهِيَةِ لُبْسِ الْحَرِيرِ (ج 10 / ص 448. الرقم: 3580)

Scanned by CamScanner

چادر جو بيان :

چادر پائڻ حضرت حبيب ڪريم ﷺ جي سنت آهي. پاڻ ڪريم چادر پائيندا هئا ۽ صحابہ ڪرام کي پنهنجي مبارڪ هٿن سان چادر پهرائيندا هئا. سفر ۾ ويندا هئا تہ چادر ساڻ کڻندا هئا. سمهندا هئا تہ چادر مٿان اوڍيندا هئا.

حديث نمبر 259 :

حضرت انس بن مالڪ رضي الله عنهما فرمايو تہ :

كُنْتُ مَعَ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَعَلَيْهِ رِدَاءٌ نَجْرَانِيٌّ غَلِيظٌ ، الْحَاشِيَةِ (ابن ماجه) [1]

آءٌ نبي ڪريم ﷺ جن سان گڏ هيس کين نجراني چادر ٽلهي وٽ واري پاتل هئي. نجران يمن ۾ هڪ شهر آهي جتي هي چادرون ٺهنديون هيون.

حديث نمبر 260 :

بي بي اُمِ شهاب رضي الله عنها چوي ٿي تہ :

أَتَيْتُ رَسُولَ اللَّهِ ﷺ فَأَمَرَ لِي بِسَوِيقٍ مِنْ شَعِيرٍ وَكَسَانِي كِسَاءً (طبراني) [2]

آءٌ رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ آيس تہ پاڻ منهنجي لاءِ جَوَن مان ٺهيل ستو ڪٽي اڇط جو حڪم فرمايو ۽ پاڻ ڪريمن مون کي چادر پهرائي.

حديث نمبر 261 :

حضرت ابو سعيد خدري رضي الله عنه روايت ڪئي تہ رسول الله ﷺ جڏهن بہ ڪو نئون ڪپڙو پائيندا هئا تہ ان جو نالو رکندا هئا، پٽڪو يا قميص يا چادر پوءِ هيءَ دعا پڙهندا هئا.

اللَّهُمَّ لَكَ الْحَمْدُ أَنْتَ كَسَوْتَنِيهِ أَسْأَلُكَ مِنْ خَيْرِهِ وَخَيْرِ مَا صُنِعَ لَهُ وَأَعُوذُ بِكَ مِنْ شَرِّهِ وَشَرِّ مَا صُنِعَ لَهُ (ترمذی، ابوداؤد) [3]

---

[1] حديث نمبر 259: سنن ابن ماجه بَاب لِبَاسِ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ (ج 10 / ص 396۔ الرقم: 3543)

[2] حديث نمبر 260: المعجم الكبير للطبراني المعجم عن أُمِّ شِهَابٍ الْغَنَوِيَّةِ (ج 18 / ص 344۔ الرقم: 20920)

[3] حديث نمبر 261: سنن أبي داود كِتَاب اللِّبَاسِ باب (ج 11 / ص 36۔ الرقم: 3504) سنن الترمذي بَاب مَا يَقُولُ إِذَا لَبِسَ ثَوْبًا جَدِيدًا (ج 6 / ص 399۔ الرقم: 1689) مسند أحمد مسند أَبِي سَعِيدٍ الْخُدْرِيِّ (ج 22 / ص 363۔ الرقم: 10818)

Scanned by CamScanner

ڪاري چادر :

حديث نمبر 262 : سيده عائشه صديقه رضي الله عنها فرمائي ٿي ته :

صَنَعْتُ لِرَسُولِ اللّٰهِ ﷺ بُرْدَةً سَوْدَاءَ فَلَبِسَهَا فَلَمَّا عَرَقَ فِيهَا وَجَدَ رِيحَ الصُّوفِ فَقَذَفَهَا قَالَ وَكَانَ تُعْجِبُهُ الرِّيحُ الطَّيِّبَةُ (ابوداؤد)[1]

مون رسول الله ﷺ جي لاءِ ڪاري رنگ جي چادر ٺاهي ته پاڻ اها پهريائون، جڏهن ان ۾ پگهر آيو ته ان مان اُن جي بوءِ آئي ته پوءِ پاڻ اها لاهي ڇڏيائون ڇو ته ڪين سڀني خوشبوءِ پسند ايندي هئي.

آقا ڪريم ﷺ جي پسيني مان ته مشڪ کان بہ وڌيڪ سڀني خوشبو ايندي هئي، هي ريح الصوف ان اُن جي بوءِ هئي جا سرور عالم ﷺ کي پسند ڪونہ آئي.

سائي چادر :

اسان جي سهڻي محبوب رحمة للعالمين، شفيع المذنبين حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جي پياري سنت سائي چادر پائڻ آهي. ڪين سائو رنگ پسند هيو. سائي رنگ کي پاڻ جنتي قرار ڏنائون. پاڻ سائي رنگ جي چادر پائي هلندا هئا، رات جو آرام ڪندا هئا ته سائي رنگ جي حضرمي چادر مبارڪ اوڍي آرامي ٿيندا هئا.

حديث نمبر 263 :

عَنْ أَبِي رِمْثَةَ رضي الله عنه قَالَ رَأَيْتُ رَسُولَ اللّٰهِ ﷺ وَعَلَيْهِ بُرْدَانِ أَخْضَرَانِ (شمائل ترمذی)[2]

---

[1] حديث نمبر 262: سنن أبي داود بَاب فِي السَّوَادِ (ج 11 / ص 105 ـ الرقم: 3552)

ايڪ شبہ: حديث نمبر ۲۶۲ ۾ آيا ہے: آپ ﷺ نے جب چادر مبارڪ پهني تو آپ ڪو پسينہ آنے سے اون ڪي بوء آئي تو آپ ﷺ نے وہ چادر اتار دي. جس طرح پچهلے باب ۾ بيان ہوا ڪہ سرور ڪائنات ﷺ ڪو خوشبو سے محبت تهي۔ جيسے حضرت انس رضي الله عنہ فرماتے ہيں: إن النبي صلى الله عليه وسلم كان لا يرد الطيب (الشمائل المحمدية للترمذي: ج 1 / ص 247 ـ الرقم: 216) بُرْدَة ڪهتے ہيں دهاري دار چادر ڪو جو اون سے بنائي گئي ہو۔ عمومي طور پر اون ۾ مخصوص قسم ڪي بوء ہوتي ہے جب آپ ﷺ نے اون سے بني چادر پهني تو اس ۾ سے آپ ڪو بو محسوس ہوئي جس ڪي وجہ سے آپ ﷺ نے وہ چادر اتار دي۔ اس سے يہ مطلب ہرگز نہيں نڪالا جاسڪتا ڪہ آپ نے پسينہ اطهر آنے ڪي وجہ سے يہ چادر اتار ناڇڙي۔ آپ ڪے پسينہ مبارڪ ۾ تو ايسي خوشبو تهي ڪہ آپ جس گلي سے گذر جاتے تهے وہ گلي تين دن تڪ معطر و مطيب رہتي تهي۔ اور صحابہ ڪا تو يہ عقيدہ تها ڪہ وہ آپ ڪا پسينہ مبارڪ بطور عطر استعمال ڪرتے تهے۔ يہ اس اون ڪي بو تهي جس ڪو رسول الله ﷺ نے ناپسند فرمايا تها۔

[2] حديث نمبر 263: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي الثَّوْبِ الْأَخْضَرِ (ج 10 / ص 9 ـ الرقم: 2737)

Scanned by CamScanner

حضرت ابو رمثہ رضی اللہ عنہ فرمايو تہ مون سھڻي مدني ڪريم ﷺ کي ڏٺو تہ مٿن ۾ سائي رنگ جون چادرون هيون. (شمائل ترمذی)[1]

حديث نمبر 264:

عَنْ اِبْنِ يَعْلَى عَنْ اَبِيْهِ قَالَ رَأَيْتُ النَّبِيَّ ﷺ يَطُوْفُ بِالْبَيْتِ مُضْطَبِعًا بِبُرْدٍ أَخْضَرَ

حضرت يعلي رضی اللہ عنہ فرمايو تہ مون محبوبن ڪريمن کي ڏٺو پاڻ بيت الله جي طواف ڪري رهيا هئا ۽ سندن ڪلهن تي سائي رنگ جي چادر هئي جنهن کي ساڄي ڪلهي جي هيٺان ورائي کاڌي ڪلهي تي ورائي ڇڏيو هئائون. (طبقاتِ ابن سعد: ج ۲ ص ۴۵۳)[2]

اهڙي طرح چادر پائڻ کي "اضطباعُ" چئبو آهي جيڪو طواف دوران ڪيو ويندو آهي.

حديث نمبر 265:

خَرَجَ عَلَيْنَا رَسُولُ اللّٰهِ ﷺ وَعَلَيْهِ ثَوْبَانِ أَخْضَرَانِ (نسائی)[3]

هڪ اصحابي فرمايو تہ رسول الله ﷺ جن اسان ڏانهن نڪتا تہ اسان ڏٺوسين تہ مٿن سائي رنگ جا ٻہ ڪپڑا هئا.

سائي رنگ سان پيار:

حديث نمبر 266:

عَن أَنَس؛ أَن النَّبِيّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيه وَسَلَّم كَانَ يُحِبُّ الْخُضْرَةَ. أَوْ قَالَ كَانَ أَحَبَّ الأَلْوَانِ إِلَى رَسُولِ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيه وَسَلَّم الْخُضْرَةَ. (البزار، طبرانی)[4]

حضرت انس رضی اللہ عنہ فرمايو تہ بيشڪ رسول الله ﷺ ساوڪ کي پسند ڪندا هئا.

---

[1] حديث نمبر 263: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي الثَّوْبِ الْأَخْضَرِ ج 10/ ص 9۔ الرقم: 2737)

[2] حديث نمبر 264: سنن أبي داود بَاب الِاضْطِبَاعِ فِي الطَّوَافِ ج 5/ ص 230۔ الرقم: 1607) الطبقات الكبرى لابن سعد ج 1/ ص 453) السنن الكبرى للبيهقي ج 5/ ص 79)

[3] حديث نمبر 265: سنن النسائي باب لُبْسُ الْخُضْرِ مِنَ الثِّيَابِ ج 16/ ص 119۔ الرقم: 5224) مسند أحمد عَنْ أَبِي رِمْثَةَ ج 14/ ص 360۔ الرقم: 6821) السنن الكبرى للنسائي ج 5/ ص 480۔ الرقم: 9657)

[4] حديث نمبر 266: المعجم الأوسط للطبراني باب الميم من اسمه محمد ج 12/ ص 470۔ الرقم: 5892) مجمع الزوائد باب ما جاء في الصباغ ج 5/ ص 129) كنز العمال ج 7/ ص 118۔ الرقم: 18263) مسند البزار = البحر الزخار (458/13)

Scanned by CamScanner

يا فرمايائون ته رسول الله ﷺ کي سيني رنگن کان وڌيڪ پياروررنگ، سائو رنگ هيو.

سبحان الله! اُن پسند جو اثر اهو آهي جو اڄ به سندن روضءِ انور جو رنگ سائو آهي ۽ تصوف ۽ سلوڪ وارا چون ٿا ته لطيفه اخفيٰ جيڪو محبوب عربي ﷺ جن جي زيرِ قدم آهي ان جي نور جو رنگ به سائو آهي جو ته سائو رنگ فطري رنگ آهي ۽ طبيعت کي خودبخود سائو رنگ وٺندو آهي. جنتين جو لباس به سائو هوندو. بدر و حُنين ۾ جيڪي ملائڪ مومنن جي مدد لاءِ آيا هئا انهن کي به ساوا پٽڪا پاتل هئا. چون ٿا ته سائو رنگ اکين جو نور وڌائي ٿو. انڪري ڊاڪٽر جڏهن ڪنهن جي اک جو آپريشن ڪندا آهن ته مٿان سائي پٽي پڌندا آهن. ڊاڪٽر چون ٿا ته سائو رنگ اکين جو نور وڌائي ٿو. اسان چئون ٿا ته سائي چادر پائڻ سان دل جو نور وڌي ٿو.

محبوب ڪريم ﷺ سائي چادر ڏيکي آرام فرمائيندا هئا.

حديث نمبر 267:

قَالَ لِعَلِيِّ بْنِ أَبِي طَالِبٍ: نَمْ عَلَى فِرَاشِي وَتَسَجَّ[1] بِبُرْدِي هَذَا الْحَضْرَمِيِّ الْأَخْضَرِ، فَنَمْ فِيهِ، فَإِنَّهُ لَنْ يَخْلُصَ إِلَيْكَ شَيْءٌ تَكْرَهُهُ مِنْهُمْ. وَكَانَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَنَامُ فِي بُرْدِهِ ذَلِكَ إِذَا نَامَ. (ابن هشام: ج۱ص۹۵)[2]

هجرت واري رات سهڻي حبيب ڪريم ﷺ حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنه کي فرمايو ته اي علي! منهنجي بستري تي سمهه منهنجي هيءَ سائي رنگ واري حضرمي چادر مٿان ڏيکي سمهي رهه. بيشڪ انهن ڪافرن مان کا برائي جنهن کي تون ناپسند سمجهين، تو وٽ ڪونه ايندي ۽ اُها اِها ئي سائي چادر هئي جنهن کي مٿان وجهي رسول الله ﷺ آرام فرمائيندا هئا.

الاخضر : گهري سائي رنگ کي چوندا آهن.

---

[1] تسجى بِالثَّوبِ: غطى بِهِ جسده وَوَجهه. سيرة ابن هشام (482/1)

[2] سيرة ابن هشام (483/1) شرح البخاري للسفيري = المجالس الوعظية في شرح أحاديث خير البرية (138/1)

Scanned by CamScanner

الحضرمی : ان شهر ڏانهن نسبت آهي جتي اِهي چادرون ٺهنديون آهن.

حديث نمبر 268:

مٿئين حديث سان ملندڙ جلندڙ هڪ روايت تاريخ ڪامل ۾ به اچي ٿي ته هجرت جي رات پاڻ ﷺ حضرت علي المرتضيٰ رضی اللہ عنہ کي فرمايو ته :

نم علیٰ فراشی واتشح ببردی الاخضر فنم فیه (تاريخ ڪامل: ج ۲ص۳۸)

منهنجي بستري تي منهنجي سائي چادر تاڻي سمهه.

حديث نمبر 269:

اي علي منهنجي سائي رنگ واري حضرمي چادر ويڑهي سمهي پوءِ دشمن تو کي ڪجهه به ڪري نه سگهندا. (تاريخ طبري : ج ۲ ص: ۹۹)

پسنديده ڪپڑو :

حديث نمبر 270:

حضرت انس بن مالڪ رضی اللہ عنہ فرمايو ته :

كَانَ أَحَبُّ الثِّيَابِ إِلَى النَّبِيِّ ﷺ أَنْ يَلْبَسَهَا الْحِبَرَةَ (بخاری شمائل ،ترمذی) [1]

سرور ڪائنات حضرت نبي ڪريم ﷺ جن کي سڀ ڪپڑن ۾ پائڻ لاءِ "حبرة" پسند هئي.

حبرة :سائي رنگ جي يمني چادر کي چئبو آهي.

شمائل ترمذي جي شرح انوار غوثيه شرح شمائل النبويه ص :96 ۾ آهي ته :

"مدني تاجدار ﷺ جن کي پهرڻ ۾ سڀ کان وڌيڪ پسنديده ڪپڑا يمن جي تيار ٿيل سائي چادر کين تمام گهڻو پسند هئي. اها چادر اُنَ مان نهيل هوندي هئي. اهو ڪپڑو عربن وٽ اشرف ۽ اعليٰ ڪپڑن ۾ شمار ٿيندو آهي."

شارح شمائل علامه عاقل فرمايو ته :

---

[1] حديث نمبر 270: صحيح البخاري بَاب الْبُرُودِ وَالْحِبَرَةِ وَالشَّمْلَةِ(ج 18 / ص 128 ۔الرقم: 5366) سنن الترمذي بَاب كَرَاهِيَةِ التَّخَتُّمِ فِي أُصْبُعَيْنِ (ج 6/ص 435۔الرقم: 1709) مسند أحمد (ج 28/ص 142۔الرقم: 13594)

Scanned by CamScanner

حبرة (سائي چادر) سائي رنگ جي سبب کين پسند هئي. سبيل کڻڻ ۾ کين پهرياڻ پسند هيو، ۽ اڃ سبيل کڻڻ ۾ سائي رنگ جي يمني چادر کين پسند هئي.

حديث نمبر 271:

جڏهن پاڻ ﷺ وصال فرمايائون تہ:

سُجِّيَ رَسُولُ اللهِ ﷺ بِبُرْدٍ حَبِرَةَ (شرح شمائل: ص ۹۷)[1]

هڪ سائي رنگ جي يمني چادر ۾ رسول الله ﷺ کي ڍڪيو ويو.

سفيد کپڑا:

حديث نمبر 272:

خَيْرُ ثِيَابِكُمُ الْبَيَاضُ فَالْبَسُوهَا وَكَفِّنُوا فِيهَا مَوْتَاكُمْ (ابن ماجه)2

توهان جي کڻڻ مان پلا کپڑا سفيد آهن، پوءِ اُهي پايو ۽ پنهنجي ميتن کي به سفيد کفن ڏيو.

حديث نمبر 273:

الْبَسُوا ثِيَابَ الْبَيَاضِ فَإِنَّهَا أَطْهَرُ وَأَطْيَبُ (ابن ماجه)3

سفيد کپڑا پهريو چو تہ اهو رنگ زياده پاکيزه ۽ خوشگوار آهي.

ميرا کپڑا:

الله ۽ ان جي رسول الله ﷺ کي صفائي ستراڻي پسند آهي.

اگر کپڑا ميرا ٿين تہ انهن کي جلدي ڌئارڻ گهرجي.

---

[1] حديث نمبر 271: اخرجه البخاري في صحيح بلفظ: أَنَّ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ حِينَ تُوُفِّيَ سُجِّيَ بِبُرْدٍ حِبَرَةٍ (ج 18/ ص 129 ـ الرقم:)

[2] حديث نمبر 272: سنن ابن ماجه بَاب الْبَيَاضِ مِنَ الثِّيَابِ (ج 10/ ص 413 ـ الرقم: 3556) السنن الكبرى للبيهقي (ج 5/ ص 33) المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 3/ ص 334 ـ الرقم: 1255)

[3] حديث نمبر 273: سنن ابن ماجه بَاب الْبَيَاضِ مِنَ الثِّيَابِ (ج 10/ ص 414 ـ الرقم: 3557) سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي لُبْسِ الْبَيَاضِ (ج 10/ ص 4 ـ الرقم: 2734) وزاد الترمذي: وَكَفِّنُوا فِيهَا مَوْتَاكُمْ سنن النسائي (ج 6/ ص 458 ـ الرقم: 1870) مسند أحمد (ج 41/ ص 155 ـ الرقم: 19325)

Scanned by CamScanner

ميرا ڪپڑا بدن تي ڏکڻ نعمت جي ناشڪري آهي.

مسجد ۾ اچو يا ڪنهن مجلس ۾ وڃو، رات هجي يا ڏينهن ڪپڑا ستا صاف پهريو.

حديث نمبر 274:

حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي محفل ۾ هڪ شخص ميرن ڪپڙن وارو آيو. پاڻ ڪيس فرمايائون ڇا تو وٽ ڪو مال آهي؟ عرض ڪيائين هائو، الله تعاليٰ هر قسم جو مال ڏنو آهي. پاڻ فرمايائون :

فَإِذَا آتَاكَ اللَّهُ مَالًا فَلْيُرَ أَثَرُهُ عَلَيْكَ (نسائی)[1]

پوءِ جيڪڏهن توکي الله تعاليٰ مال ڏنو آهي تہ پوءِ پلي ان جو اثر تو تي ڏنو وڃي.

3. قميص جو بيان :

بدن جي مٿئين حصي کي جنهن ڪپڑي سان ڍڪيو ويندو آهي ان کي قميص يا پهراڻ چئبو آهي. بعض قومون قميص جي جاءِ تي جُبو يا عبا ڍڪيندیون آهن.

حديث نمبر 275:

كَانَ أَحَبُّ الثِّيَابِ إِلَى رَسُولِ اللَّهِ ﷺ الْقَمِيصَ (ترمذی)[2]

محبوب ڪريم ﷺ جو پيارو ڪپڑو قميص هئي.

پاڻ ڪريمن رُومي جبو به پهريو آهي.

حديث نمبر 276:

حضرت مغيره بن شعبه رضی الله عنه فرمايو تہ :

أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَبِسَ جُبَّةً رُومِيَّةً ضَيِّقَةَ الْكُمَّيْنِ (ترمذي)[3]

---

[1] حديث نمبر 274: سنن النسائي باب الْجَلَاجِلُ (ج 15 / ص 481، الرقم: 5128) سنن أبي داود بَاب فِي غَسْلِ الثَّوْبِ وَفِي الْخُلْقَانِ (ج 11/ ص 89، الرقم: 3541) مسند أحمد (ج 35/ ص 94، الرقم: 16595)

[2] حديث نمبر 275: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي الْقُمُصِ (ج 6 / ص 393، الرقم: 1684) سنن أبي داود بَاب مَا جَاءَ فِي الْقَمِيصِ (ج 11/ ص 41، الرقم: 3507) السنن الكبرى للنسائي (ج 5/ ص 482، الرقم: 9668)

[3] حديث نمبر 276: اخرجه الترمذي في السنن وقال هَذَا حَدِيثٌ حَسَنٌ صَحِيحٌ (سنن الترمذي (4/ 240) سنن ابن ماجه (2/ 1180) مسند أحمد (30/ 174)

Scanned by CamScanner

بيشڪ نبي ڪريم ﷺ رومي جبو سوڙهين پانهن وارو پاتو.

هن حديث ۾ سوڙهين پانهن واري جُبي مبارڪ پائڻ جو ثبوت ملي ٿو. جيئن اڇڪلهه قميص جا ڪف ناهيا ويندا آهن. هڪ حديث ۾ آهي ته "محبوبن ڪريمن جي قميص جون پانهون ڪاراين تائين هونديون هيون."

ڪيسو ناهڻ:

قميص يا پهراڻ کي ڪيسو رکائڻ محبوبن ڪريمن جي سنت آهي. ڪيسو سيني کان رکائڻ محبوبن جي سنت آهي، پاسن کان رکائڻ بہ جائز آهي.

سنها ڪپڙا :

مرد کي هيٺين حصي تي ۽ عورت کي ساري بدن تي اهڙا سنها ڪپڙا نہ ڏيکڻ گهرجن جن منجهان اگهڙ ظاهر ٿئي. سنها ڪپڙا ڏيکڻ وارو ماڻهو اگهاڙو آهي.

حديث نمبر 277:

إِنَّ الرَّجُلَ لَيَكْتَسِي وَهُوَ عَارٍ، يَعْنِي الثِّيَابَ الرِّقَاقَ (طبراني)[1]

بيشڪ ماڻهو ڪپڙا پهري ٿو پوءِ بہ اهو اگهاڙو آهي، يعني سنها ڪپڙا پائڻ وارو.

ڳاڙهو رنگ جا ڪپڙا :

مرد کي ڀُلواڻ جهڙي ڳاڙهي رنگ جا ڪپڙا ڏيکڻ منع آهن. البتہ ڳاڙهي رنگ جو پٽڪو پائڻ نبي ڪريم ﷺ کان ثابت آهي.

حديث نمبر 278:

هڪ شخص کي بہ ڳاڙهو ڪپڙا پهريل هئا، اُهو رسول الله ﷺ وٽان لنگهيو ۽ سلام ڪيائين. پاڻ ﷺ ان کي سلام جو جواب نہ ڏنائون. (ابوداؤد)[2]

سلام جو جواب عنايت نہ ڪرڻ ان جي لباس جي رنگ جي ناپسنديدگي هئي. الله ڪريم شال هر مسلمان کي الله ۽ انجي رسول ﷺ جي ناراضگي کان پناهہ ۾ رکي.

---

[1] حديث نمبر 277: شعب الإيمان للبيهقي (ج 13/ ص 225) المعجم الكبير للطبراني (ج 2/ ص 423)

[2] حديث نمبر 278: عَنْ عَبْدِ اللَّهِ بْنِ عَمْرٍو قَالَ مَرَّ عَلَى النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ رَجُلٌ عَلَيْهِ ثَوْبَانِ أَحْمَرَانِ فَسَلَّمَ عَلَيْهِ فَلَمْ يَرُدَّ عَلَيْهِ النَّبِيُّ ﷺ سنن أبي داود بَاب فِي الْحُمْرَةِ (ج 11/ ص 98۔ الرقم: 3547) سنن الترمذي (ج 9/ ص 500۔ الرقم: 2731)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 279:

رسول الله ﷺ جن (مَرد کي) فرمايو تہ شيطان ڳاڙهي رنگ کي پسند ڪري ٿو. انڪري ڳاڙهي ڪپڙي پائڻ کان بچو، شهرت واري لباس پائڻ کان بچو. (طبراني) 1

ڪجهہ روايتن ۾ مردن کي ڳاڙهي ڪپڙي پائڻ جي اجازت بہ ڏني وئي آهي، ان تي علماء گهٽو ڪلام ڪيو آهي. (من شاء فليرجع الي المراجع)

گوڏ ۽ ڪائنچ جو بيان:

حضرت حبيب ڪريم ﷺ گوڏ بہ پاتي آهي ۽ ڪائنچ بہ پاتي آهي.

حديث نمبر 280:

عن أبي هريرة رضي الله عنه أن رسول الله صلى الله عليه وسلّم اشترى سراويل بأربعة دراهم، فقلت: يا رسول الله إنّك لتلبس السراويل، فقال: «نعم في السفر والحضر، وبالليل والنّهار، فإني أمرت بالسّتر، فلم أجد شيئاً أستر منه». (سبل الهدى والرشاد، مجمع الزوائد، ابو يعلىٰ، طبراني اوسط) 2

سيدنا ابوهريره رضي الله عنه ڪان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ چار درهمن ۾ ڪائنچ خريد ڪيائون. مون عرض ڪيو يا رسول الله چا توهان بہ شلوار پهريو ٿا؟ پاڻ فرمايائون: جي ها. سفر و حضر ۾ ۽ رات ۽ ڏينهن ۾ (شلوار پائيندو آهيان) چو تہ مون کي ستر جو حڪم ڏنو ويو آهي ۽ ستر ڍڪڻ لاءِ شلوار کان وڌيڪ بهتر ٻيو ڪو ڪپڙو نہ ٿو ڏسان.

سهڻا حبيب ڪريم ﷺ جن گهٽو ڪري گوڏ ٻڌندا هئا. سندن گوڏ چار هٿ ۽ هڪ گرانٽ ڊگهي ۽ بہ هٿ ويڪري هئي.

---

1 حديث نمبر 279: أن النبي صلى الله عليه وسلم قال إن الشيطان يحب الحمرة، فإياكم والحمرة، وكل ذي ثوب شهرة. المعجم الأوسط للطبراني (ج 16 / ص 499)

2 حديث نمبر 280: مسند أبي يعلى الموصلي تابع مسند أبي هريرة رضي الله عنه (ج 12 / ص 418 ـ الرقم: 6029) مجمع الزوائد باب في السراويل (ج 5 / ص 122) المعجم الأوسط للطبراني باب الميم من اسمه محمد (ج 14 / ص 360 ـ الرقم: 6782) سبل الهدى والرشاد في سيرة خير العباد (7/ 308)

Scanned by CamScanner

گوڏ ٻڌڻ جي جاءِ :

حديث نمبر 281:

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما فرمايو ته مون نبي ڪريم ﷺ ڏٺو ته :

يَأْتَزِرُ تَحْتَ سُرَّتِهِ وَتَبْدُوْا سُرَّتُهُ[1]

پاڻ ڏُن جي هيٺان گوڏ ٻڌندا هئا ۽ ڏُن ظاهر رکندا هئا.

احتياط :

وَلَا تَحْتَبِ فِي إِزَارٍ وَاحِدٍ (مسلم)[2]

هڪ گوڏ ۾ اوکڑو نه ويهه.

1. هڪ گوڏ ۾ اوکڑو ٿي نه ويهڻ گهرجي ڇوته ان سان اگهڙ ظاهر ٿيڻ جو خطرو هوندو آهي.

2. ان طرح گوڏ ۾ ٽنگ ٽنگ تي رکي سمهڻ نه گهرجي ان سان به اگهڙ ظاهر ٿيڻ جو خدشو آهي.

3. حضرت ابراهيم نخعي رحمة الله عليه فرمايو ته جنهن کي ڪائنچ يا گوڏ پاتل هجي ان تي سلام ڪيو ۽ جنهن نه پاتي هجي ته ان کي سلام به نه ڪيو. (ان مان مان مراد اها به ٿي سگهي ٿي ته جنهن ماڻهو کي جُبي جي هيٺان ڪائنچ سراويل يا گوڏ پاتل نه هجي. جيئن اڄ به عرب ۾ کي ماڻهو رڳو پيرن تائين ڊگهو جبو پائن ٿا، هيٺان کو ڪپڙو نه ٿا پهرن)

4. پاجامو يا ڪائنچ پايو ته اول ساڄو پير ۽ پوءِ کاپو پير داخل ڪيو ۽ لاهيو ته ان جي ابتڙ يعني پهرئين کاپو پير ڪيو ۽ پوءِ ساڄو پير ڪيو.

5. کاڌي پيتي ۽ لٽي ڪپڙي ۾ پاڻ کان گهٽ حيثيت وارن کي ڏسو ۽ پنهنجي رب جا شڪرانه ادا ڪيو. پاڻ کان وڌيڪ حيثيت وارن کي ڏسي رب جا ناشڪرا نه بنجو.

---

[1] حديث نمبر 281: المواهب اللدنية بالمنح المحمدية (2/199)

[2] حديث: صحيح مسلم بَاب فِي مَنْعِ الِاسْتِلْقَاءِ عَلَى الظَّهْرِ (ج 10 / ص 494 ـ الرقم: 3919) مسند أحمد مسند جابر بن عبدالله (ج 28 / ص 479 ـ الرقم: 13930)

Scanned by CamScanner

حضرت عون بن عبدالله رضي الله عنه فرمايو ته وڏيرن ۾ اميرن جي سنگت ۾ دوستي کان وڌيڪ ٻيو کوبه غم نه آهي ڇو ته انهن جي ٻلي سواري ٻلا کپڙا ڏسي ماڻهو الله تعالي جو بي شکر ٿي وجي ٿو ۾ وڌيڪ فرمايائون ته فقيرن ۾ غريبن جي سنگت جهڙي کا راحت نه آهي ڇو ته انهن کي ڏسي ماڻهو الله تعالي جو شکر گذار ٿي پوي ٿو.

هڪ عظيم غلطي جنهن جي اصلاح ضروري آهي :

تاجدار دو عالم، رحمت عرب و عجم، حضرت محمد صلى الله عليه وسلم جي اتباع ۾ سنت جي تابعداري ۾ دنيا آخرت جون ٻلايون آهن. جنهن ڳالهه کي پاڻ ناپسند کيائون يا جنهن کم کان منع کيائون ان ۾ ضرور کو نه کو نقصان هوندو ۾ جنهن کم جي کرڻ لاءِ فرمايائون يا جنهن کم کي پسند فرمايائون ته ان ۾ ضرور انساني فائدا آهن.

انکري حضور صلى الله عليه وسلم جي منع کيل کمن کان بچڻ گهرجي ڇو ته عشاقِ مصطفي صلى الله عليه وسلم کي محبوب جي هر ادا ۾ هر حکم جان کان به پيارو لڳندو آهي. اهو عاشق ئي کهڙو جيکو محبوب جو حکم نه مڃي! عاشقِ رسول ۾ سچو مومن ته اُهو آهي جيکو پنهنجي نشست و برخاست کي حضور صلى الله عليه وسلم جي حکم جي تابع کري.

ڏنو ويو آهي ته گوڏ يا کائنچ ٻيڏين کان هيٺ لڙکائڻ جو مرض عام ٿي ويو آهي جنهن کان حضور انور، شافع محشر، حضرت مٽي محمد کريم صلى الله عليه وسلم جن سختيءَ سان منع فرمايو آهي. پاڻ فرمائن ٿا :

حديث نمبر 282:

مَا أَسْفَلَ مِنَ الْكَعْبَيْنِ مِنَ الْإِزَارِ فَفِي النَّارِ (بخاری)[1]

جا گوڏ ٻيڏين کان هيٺ لڙکيل آهي ته اهو گوڏ ٻهريندڙ دوزخ ۾ آهي يا اها جاءِ دوزخ ۾ سڙندي.

---

[1] حديث نمبر 282: صحيح البخاري بَاب مَا أَسْفَلَ مِنَ الْكَعْبَيْنِ فَهُوَ فِي النَّارِ ج 18 / ص 89 ـ الرقم: 5341) سنن النسائي مَا تَحْتَ الْكَعْبَيْنِ مِنَ الْإِزَارِ ج 16 / ص 138 ـ الرقم: 5236) مسند أحمد مسند أبي هريرة ج 18 / ص 494 ـ الرقم: 8951)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 283:

لَا يَنْظُرُ اللّٰهُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ إِلَى مَنْ جَرَّ إِزَارَهُ بَطَرًا (بخاری و مسلم)[1]

قيامت واري ڏينهن الله تعالي اهڙي ماڻهوءَ کي (رحمت جي) نظر نہ ڪندو جيڪو تڪبر سان پنهنجي گوڏ يا ڪائنچ ڇيڏين کان هيٺ لڙڪائي.

حديث نمبر 284:

لَا يَنْظُرُ اللّٰهُ إِلَى مَنْ جَرَّ ثَوْبَهُ خُيَلَاءَ (مسلم)[2]

قيامت واري ڏينهن الله پاڪ ان ماڻهو ڏانهن نگاهِ رحمت نہ ڪندو جيڪو تڪبر سان پنهنجو ڪپڙو لڙڪائيندو.

حديث نمبر 285:

بَيْنَمَا رَجُلٌ يَجُرُّ إِزَارَهُ مِنَ الْخُيَلَاءِ خُسِفَ بِهِ فَهُوَ يَتَجَلْجَلُ فِي الْأَرْضِ إِلَى يَوْمِ الْقِيَامَةِ (بخاری)[3]

هڪ شخص پنهنجي گوڏ لڙڪائي وڃي رهيو هيو، تہ الله پاڪ ان کي زمين ۾ غرق ڪيو، اهو اڃا تائين زمين ۾ ڏبجي رهيو آهي ۽ قيامت تائين ڏبندو رهندو.

حديث نمبر 286:

مَنْ جَرَّ ثَوْبَهُ خُيَلَاءَ لَمْ يَنْظُرِ اللّٰهُ إِلَيْهِ يَوْمَ الْقِيَامَةِ (بخاری)[4]

---

[1] حديث نمبر 283: صحيح البخاري بَاب مَنْ جَرَّ ثَوْبَهُ مِنَ الْخُيَلَاءِ ج 18 / ص 91۔ الرقم: 5342) صحيح مسلم بَاب تَحْرِيمِ جَرِّ الثَّوْبِ خُيَلَاءَ ج 10 / ص 451۔ الرقم: 3888) موطأ مالك ج 5 / ص 416۔ الرقم: 1426)

[2] حديث نمبر 284: صحيح البخاري بَاب قَوْلِ اللّٰهِ تَعَالَى قُلْ مَنْ حَرَّمَ زِينَةَ اللّٰهِ الَّتِي أَخْرَجَ لِعِبَادِهِ ج 18 / ص 82۔ الرقم: 5337) صحيح مسلم بَاب تَحْرِيمِ جَرِّ الثَّوْبِ خُيَلَاءَ ج 10 / ص 450۔ الرقم: 3887) سنن أبي داود ج 11 / ص 122۔ الرقم: 3563) سنن الترمذي ج 6 / ص 341۔ الرقم: 1652)

[3] حديث نمبر 285: صحيح البخاري بَاب حَدِيثُ الْغَارِ ج 11 / ص 304۔ الرقم: 3226) سنن النسائي باب التَّغْلِيظِ فِي جَرِّ الْإِزَارِ ج 16 / ص 131۔ الرقم: 5231) مسند أحمد ج 11 / ص 124۔ الرقم: 5088)

[4] حديث نمبر 286: صحيح البخاري بَاب قَوْلِ النَّبِيِّ ﷺ لَوْ كُنْتُ مُتَّخِذًا خَلِيلًا ج 11 / ص 500۔ الرقم: 3392) سنن أبي داود بَاب مَا جَاءَ فِي إِسْبَالِ الْإِزَارِ ج 11 / ص 122۔ الرقم: 3563) سنن الترمذي ج 6 / ص 343۔ الرقم: 1653)

Scanned by CamScanner

جنهن ماڻهو تکبر سان پنهنجو کپڑو زمين تي لڙکايو تہ الله پاڪ قيامت واري ڏينهن ان ڏانهن نهاريندو به کونہ.

حضرت ابوبکر صديق رضي الله عنه عرض کيو تہ يا رسول الله منهنجي تہ گوڏ لڙکندي رهندي آهي. پاڻ فرمايائون:

لَسْتَ مِمَّنْ يَصْنَعُهُ خُيَلَاءَ (بخاری)[1]

تون انهن مان نہ آهين جيکي تکبر سبب ائين کندا آهن.

حديث نمبر 287:

حضرت عبيد بن خالد رضي الله عنه فرمايو تہ آءٌ پيدل پي آيس ۽ منهنجي گوڏ پيڈين کان هيٺ لڙکيل هئي. جڏهن رسول الله صلي الله عليه وسلم مون کي ڏٺو تہ فرمايائون:

اِرْفَعْ ثَوْبَكَ فَإِنَّهُ أَنْقَىٰ وَأَبْقَىٰ

پنهنجي کپڑي کي مٿي کر چو تہ اُهو ان جي صفائي ۽ حفاظت جو ذريعو آهي. چا توکي مون ۾ بهترين طريقو نہ ٿو نظر اچي؟

فَنَظَرْتُ فَإِذَا إِزَارُهُ إِلَىٰ أَنْصَافِ سَاقَيْهِ (فتح الباری)[2]

پوءِ جڏهن مون ڏٺو تہ حضور صلي الله عليه وسلم جي گوڏ مبارڪ اڌ پنيءَ تي هئي.

حديث نمبر 288:

حضرت ابوذر رضي الله عنه روايت ڪئي تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم فرمايو تہ ٽن ماڻهن سان قيامت واري ڏينهن الله تعاليٰ نہ ڳالهائيندو، نہ ئي انهن ڏانهن نظر ڪندو ۽ نہ ئي انهن کي پاڪ ڪندو پر انهن لاءِ دردناڪ عذاب هوندو. اِها ڳالهہ پاڻ ٽي ڀيرا فرمايائون. حضرت ابوذر رضي الله عنه عرض کيو تہ اُهي برباد ٿي ويا، خساري ۾ پئجي ويا، يا رسول الله اُهي ٽي ماڻهو ڪير آهن؟ پاڻ صلي الله عليه وسلم فرمايائون:

1. پنهنجي گوڏ (يا ڪائنچ) لڙکائڻ وارو.

---

[1] حديث: صحيح البخاري بَاب مَنْ جَرَّ إِزَارَهُ مِنْ غَيْرِ خُيَلَاءَ (ج 18/ ص 84. الرقم: 5338)

[2] حديث نمبر 287: فتح الباري لابن حجر بَاب مَنْ جَرَّ ثَوْبَه مِنَ الْخُيَلَاء (ج 16/ ص 336. الرقم: 5345)

Scanned by CamScanner

2. ڪنهن سان احسان ڪري وري جتائڻ وارو.

3. ڪوڙا قسم کٽي پنهنجون شيون وڪڻڻ وارو. (مسلم)[1]

حديث نمبر 289:

حضرت ابو اُمامہ رضی اللہ عنہ کان هڪ دڳهي حديث مروي آهي ته محبوبن ڪريمن حضرت عمرو بن ضراره رضی اللہ عنہ کي ڏٺو ته گوڏ لڙڪايل هيس. پاڻ ان جي ڪپڙي کي مٿي ڪري دعا ڪيائون. عمرو عرض ڪيو ته : يا رسول الله منهنجون پنيون سُڪيون ۽ ڪوجهيون آهن پاڻ فرمايائون : اي عمرو :

إِنَّ اللَّهَ عَزَّ وَجَلَّ قَدْ أَحْسَنَ كُلَّ خَلْقِهِ، يَا عَمْرَو بن زُرَارَةَ،

إِنَّ اللَّهَ لا يُحِبُّ الْمُسْبِلِينَ (مسند احمد، طبراني)[2]

بيشڪ الله تعاليٰ هر شيءِ جي تخليق کي حسين بنايو آهي. اي عمرو بيشڪ الله تعاليٰ ٽيٽڻ کان هيٺ ڪپڙو لڙڪائڻ واري کي پسند نه ٿو ڪري. حديث دڳهي آهي. (ڏسو مسند احمد، طبراني).

شارح بخاري حافظ ابن حجر عسقلاني رحمة الله عليه هِن حديث تحت لکيو آهي ته ظاهر آهي ته حضرت عمرو رضی اللہ عنہ اصحابي هيو. ان جو گوڏ لڙڪائڻ منجهان تڪبر جو ارادو نه ٿو ٿي سگهي. پاڻ ڪريمن تڪبر جي گمان کان به منع فرمائي.

---

[1] حديث نمبر 288: عَنْ أَبِي ذَرٍّ عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ ثَلَاثَةٌ لَا يُكَلِّمُهُمُ اللَّهُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ وَلَا يَنْظُرُ إِلَيْهِمْ وَلَا يُزَكِّيهِمْ وَلَهُمْ عَذَابٌ أَلِيمٌ قَالَ فَقَرَأَهَا رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ثَلَاثَ مِرَارًا قَالَ أَبُو ذَرٍّ خَابُوا وَخَسِرُوا مَنْ هُمْ يَا رَسُولَ اللَّهِ قَالَ الْمُسْبِلُ وَالْمَنَّانُ وَالْمُنْفِقُ سِلْعَتَهُ بِالْحَلِفِ الْكَاذِبِ صحيح مسلم بَاب بَيَانِ غِلَظِ تَحْرِيمِ إِسْبَالِ الْإِزَارِ وَالْمَنِّ بِالْعَطِيَّةِ وَتَنْفِيقِ السِّلْعَةِ بِالْحَلِفِ (ج 1/ص 277. الرقم: 154)

[2] حديث نمبر 289: عَنْ أَبِي أُمَامَةَ قَالَ بَيْنَمَا نَحْنُ مَعَ رَسُولِ اللَّهِ ﷺ إِذْ لَحِقَنَا عَمْرُو بن زُرَارَةَ الْأَنْصَارِيُّ فِي حُلَّةٍ إِزَارٍ وَرِدَاءٍ قَدْ أَسْبَلَ فَجَعَلَ النَّبِيُّ ﷺ يَأْخُذُ بِنَاحِيَةِ ثَوْبِهِ وَيَتَوَاضَعُ لِلَّهِ وَيَقُولُ اللَّهُمَّ عَبْدُكَ وَابْنُ عَبْدِكَ وَابْنُ أَمَتِكَ حَتَّى سَمِعَهَا عَمْرُو بن زُرَارَةَ فَالْتَفَتَ إِلَى النَّبِيِّ ﷺ فَقَالَ يَا رَسُولَ اللَّهِ إِنِّي أَحْمَسُ السَّاقَيْنِ فَقَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَا عَمْرَو بن زُرَارَةَ إِنَّ اللَّهَ عَزَّ وَجَلَّ قَدْ أَحْسَنَ كُلَّ خَلْقِهِ يَا عَمْرَو بن زُرَارَةَ إِنَّ اللَّهَ لا يُحِبُّ الْمُسْبِلِينَ ثُمَّ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بِكَفِّهِ تَحْتَ رُكْبَةِ نَفْسِهِ فَقَالَ يَا عَمْرَو بن زُرَارَةَ هَذَا مَوْضِعُ الْإِزَارِ ثُمَّ رَفَعَهَا ثُمَّ وَضَعَهَا تَحْتَ ذَلِكَ فَقَالَ يَا عَمْرَو بن زُرَارَةَ هَذَا مَوْضِعُ الْإِزَارِ. المعجم الكبير للطبراني عَنْ أَبِي أُمَامَةَ (ج 7/ص 265. الرقم: 7834)

Scanned by CamScanner

يعني اهڙو لباس جو اگر اُن ۾ تکبر نہ ٻه هجي تہ ٻه متکبرن جي عادت ۽ علامت هجڻ سبب منع فرمايائون. پوءِ علامہ ابن حجر فرمايو تہ :

وَاَمَّا الْاِسْبَالُ لِغَيرِ الْخُيَلَاءِ فَظَاهِرُ الْاَحَادِيْثِ تَحْرِيْمُهُ

تہ گوڏ کي بغير تکبر جي لڙکائڻ ٻه ظاهر حديثن سان حرام آهي.

خبردار!

بعض ماڻهو حضرات سيدنا صديق اکبر رضی اللہ عنہ واري حديث مان دليل ونڊي گوڏ لڙکائڻ کي جائز سمجهندا آهن. جڏهن کو انهن کي منع ڪندو آهي تہ يڪدم حضرت ابوبکر صديق رضی اللہ عنہ واري حديث پيش ڪري پنهنجي غلطيءَ کي پردو وجهڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. حالانڪہ حضرت ابوبکر رضی اللہ عنہ جو هڪ خاص حال هيو. سندن ۾ ايتري تہ تواضع هئي جو نبين بعد ٻيو ڪوبہ ماڻهو ان مقام کي ڇُهي نہ ٿو سگهي ۽ ڪيس اجازت ٻه شارع اسلام حضرت نبي ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم عطا فرمائي هئي.

حديث نمبر 290 :

إِنَّ اللَّهَ لَا يَقْبَلُ صَلَاةَ رَجُلٍ مُسْبِلٍ (ابوداؤد)[1]

بيشڪ الله تعاليٰ اهڙي مرد جي نماز قبول نہ ٿو ڪري جيڪو گوڏ ڏيڏين کان هيٺ لڙکائيندو آهي.

ابنِ عربيءَ جو قول :

پاڻ فرمايائون ڪنهن ماڻهو کي جائز نہ آهي جو پنهنجي ڪپڙي کي ڏيڏين کان هيٺ لڙکائي يا اها دعويٰ ڪري تہ مان تکبر کان نہ ٿو لڙکايان، اِها ان جي دعويٰ باطل آهي، بلڪہ اِها دعويٰ خود تکبر جي نشاني آهي. (فتح الباري)

---

[1] حديث نمبر 290: سنن أبي داود بَاب مَا جَاءَ فِي إِسْبَالِ الْإِزَارِ (ج 11/ص 123۔الرقم: 3564)
وبَاب الْإِسْبَالِ فِي الصَّلَاةِ (ج 2/ص 270۔الرقم: 543)
شعب الإيمان للبيهقي (ج 13/ص 121۔الرقم: 5862)

Scanned by CamScanner

لباس پائڻ جي دعا :

کوبہ کپڑو پايو تہ ان کي الله جي نعمت سمجھوءِ ان تي الله تعاليٰ جو شکر ادا کيو. ضرورت کان وڌيڪ کپڑا هجن تہ اُهي خيرات کري ڇڏيو. جيکو پنهنجا کپڑا خيرات کندو تہ الله تعاليٰ آخرت ۾ ان کي جنت جا لباس پهرائيندوءِ دنيا ۾ ان جي رزق ۾ کشادگي فرمائيندو.

حديث نمبر 291:

حضرت عمر فاروق رضی اللہ عنہ نوان کپڑا پهريا. پوءِ هيءَ دعا پڑهيائين:

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِي كَسَانِي مَا أُوَارِي بِهٖ عَوْرَتِي وَأَتَجَمَّلُ بِهٖ فِي حَيَاتِي (ابنِ ماجه)[1]

پوءِ فرمايائون تہ مون رسول الله ﷺ کان ٻڌو پاڻ فرمايائون تہ جيکو ماڻهو نئون لباس پهري ءِ اِها دعا پڑهي ءِ پراڻو لباس خيرات کري ڇڏي تہ اهو ماڻهو الله جي پناهہ، الله جي حفاظت ءِ جيئري مُئي الله جي ڏک ۾ اچي وڃي ٿو. اِها ڳالهہ پاڻ تي پيرا فرمايائون.

پراڻا کپڑا :

پراڻا کپڑا پائڻ پر صاف ءِ ڏوتل هجن اها ٻہ نبي کريم ﷺ جي سنت آهي. هر وقت نوان ءِ عاليشان کپڑا پائي طبيعت کي اهڙو مغرور نہ بنائجي جو پراڻو کپڑو پائڻ دل ئي نہ چوي يا نفرت سان ڏنو وڃي چو تہ محبوب کريم ﷺ فرمايو آهي تہ :

ٻڌو! ٻڌو! پراڻا کپڑا پائڻ ايمان کان آهي. پراڻا کپڑا پائڻ ايمان کان آهي. (ابو دائود)[2]

جُتي جو بيان :

جُتي يا چپل پائڻ ۾ پيرن جي حفاظت آهي، گرمي ءِ سرديءَ کان بچاءُ آهي، پاکائي صفائي جو ذريعو آهي ءِ سٹي نبيٰ کريم ﷺ جي سنت آهي.

---

[1] حديث نمبر 291: سنن ابن ماجه بَاب مَا يَقُولُ الرَّجُلُ إِذَا لَبِسَ ثَوْبًا جَدِيدًا (ج 10/ص 401۔الرقم: 3547)
سنن الترمذي بَاب فِي دُعَاءِ النَّبِيِّ ﷺ (ج 11/ص 472۔الرقم: 3483)
المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 17/ص 260۔الرقم: 7516)

[2] حديث: قَالَ رَسُولُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَلَا تَسْمَعُونَ أَلَا تَسْمَعُونَ إِنَّ الْبَذَاذَةَ مِنَ الْإِيمَانِ إِنَّ الْبَذَاذَةَ مِنَ الْإِيمَان
سنن أبي داود كِتَاب التَّرَجُّلِ: باب (ج 11/ص 211۔الرقم: 3630)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 292:

حضرت جابر رضي الله عنه فرمايو ته هڪ جنگ ۾ اسان سهڻي نبي ڪريم ﷺ سان گڏ هياسين. پاڻ فرمايائون ته جُتي گهٽو ڪري پائيندا ڪريو، چو ته جيستائين ڪنهن کي جتي پاتل آهي اهو سوار آهي. (مسلم)[1]

حديث نمبر : 293

حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنهما فرمايو ته صحابه ڪرام رسول الله ﷺ کي عرض ڪيو ته يا رسول الله! مشرڪ ڪائنچ پائن ٿا گوڏ نه ٿا پڏن. پاڻ فرمايائون ته پوءِ توهان انهن جي مخالفت ڪيو يعني ڪائنچ به پايو ۽ گوڏ به پائيندا ڪريو. عرض ڪيو ويو ته يا رسول الله! مشرڪ پيرن اگهاڙا هلن ٿا جتي نه ٿا پائن. پاڻ فرمايائون ته پوءِ توهان انهن جي مخالفت ڪيو يعني پيرن اگهاڙا به هلو ۽ جتي پائيندا ڪريو ۽ جيترو ٿي سگهي ته شيطان جي دوستن جي مخالفت ڪندا ڪريو. (طبراني، اوسط)[2]

نعلين پاک :

اگر سر پہ رکھنے کو مل جائے نقش نعلِ پاک حضور،
پھر کہیں گے کہ ہاں تاجدار ہم بھی ہیں۔

حديث نمبر 294 :

أَنَّ نَعْلَ النَّبِيِّ ﷺ كَانَ لَهَا قِبَالَانِ (بخاری)[3]

---

[1] حديث نمبر 292: عَنْ جَابِرٍ قَالَ سَمِعْتُ النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُولُ فِي غَزْوَةٍ غَزَوْنَاهَا اسْتَكْثِرُوا مِنَ النِّعَالِ فَإِنَّ الرَّجُلَ لَا يَزَالُ رَاكِبًا مَا انْتَعَلَ
صحيح مسلم بَاب اسْتِحْبَابِ لُبْسِ النِّعَالِ وَمَا فِي مَعْنَاهَا ج 10 / ص 484۔ الرقم: 3912)

[2] حديث نمبر 293: عن جابر بن عبد الله قال قالوا يا رسول الله إن المشركين يتسربلون ولا يتزرون قال تسربلوا أنتم واتزروا قالوا يا رسول الله فإن المشركين يحتفون ولا ينتعلون قال فاحتفوا أنتم وانتعلوا خالفوا أولياء الشيطان كلما استطعتم
المعجم الأوسط للطبراني: من اسمه علي، عن جابر بن عبدالله رضي الله عنهما ج 9 / ص 325۔ الرقم: 4272)

[3] حديث نمبر 294: صحيح البخاري بَاب قِبَالَانِ فِي نَعْلٍ وَمَنْ رَأَى قِبَالًا وَاحِدًا وَاسِعًا ج 18 / ص 194۔ الرقم: 5409)
سنن أبي داود بَاب فِي الِانْتِعَالِ ج 11 / ص 180۔ الرقم: 3605)

Scanned by CamScanner

بيشڪ نبي ڪريم ﷺ جن جي جُتي مبارڪ کي ۾ ڪهيون هيون. (جيئن چپل کي ڪهيون هونديون آهن تيئن محبوبن جي جُتي مبارڪ ۾ن ڪهين واري هئي.)

حديث نمبر 295 :

حضرت ابن عمر رضي الله عنه فرمايو ته مون رسول الله ﷺ کي اهڙي جُتي پائيندي ڏٺو جنهن کي وارَ نه هئا. (بخاری)[1]

بوٽ يا چپل اول ساڄي پير ۾ پايو :

حديث نمبر 296:

حضرت ابوهريره رضي الله عنه روايت ڪئي ته رسول الله ﷺ فرمايو ته :

إِذَا انْتَعَلَ أَحَدُكُمْ فَلْيَبْدَأْ بِالْيَمِينِ وَإِذَا نَزَعَ فَلْيَبْدَأْ بِالشِّمَالِ لِيَكُنِ الْيُمْنَى أَوَّلَهُمَا تُنْعَلُ وَآخِرَهُمَا تُنْزَعُ. (بخاری)[2]

جڏهن توهان مان کو جُتي پائي ته ساڄي پير کان شروعات ڪري ۽ جڏهن جُتي لاهي ته کاپي پير کان شروعات ڪري ته جيئن چپل يا بوٽ پائڻ ۾ سڄو پير اول هجي ۽ لاهڻ ۾ ساڄو پير آخري هجي.

بوٽ يا چپل چندي پايو :

حديث نمبر 297 :

حضرت نبي ڪريم ﷺ پائڻ لاءِ موزا گهرايا. هڪ موزو پاتائون ته هڪ ڪانؤ آيو پيو موزو کڻي مٿي ڪري هيٺ اڇلايائين ته ان مان نانگ نڪتو.

---

[1] حديث نمبر 295: عن ابن عمر رَأَيْتُ رَسُولَ اللَّهِ ﷺ يَلْبَسُ النِّعَالَ الَّتِي لَيْسَ فِيهَا شَعَرٌ
صحيح البخاري بَاب النِّعَالِ السِّبْتِيَّةِ وَغَيْرِهَا ج 18 / ص 184 ـ الرقم: 5403) صحيح مسلم بَاب الْإِهْلَالِ مِنْ حَيْثُ تَنْبَعِثُ الرَّاحِلَةُ ج 6 / ص 129 ـ الرقم: 2035) سنن أبي داود بَاب فِي وَقْتِ الْإِحْرَامِ ج 5 / ص 103 ـ الرقم: 1509)

[2] حديث نمبر 296: صحيح البخاري بَاب يَنْزِعُ نَعْلَهُ الْيُسْرَى ج 18 / ص 190 ـ الرقم: 5407)
سنن أبي داود بَاب فِي الِانْتِعَالِ ج 11 / ص 185 ـ الرقم: 3610)
سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ بِأَيِّ رِجْلٍ يَبْدَأُ إِذَا انْتَعَلَ ج 6 / ص 419 ـ الرقم: 1701)
موطأ مالك بَاب مَا جَاءَ فِي الِانْتِعَالِ ج 5 / ص 421 ـ الرقم: 1429)

Scanned by CamScanner

پوءِ حضور ﷺ فرمايو ته جو شخص الله تي ۽ آخرت واري ڏينهن تي ايمان رکي ٿو ان کي گهرجي ته چنبڙ کان سواءِ موزا نه پائي. (طبراني)[1]

بوٽ يا چپل چنبي پائڻ ۾ حڪمت اِها آهي ته متان ان ۾ کو جيت يا ايذائيندڙ شيءِ ويٺي هجي ان کي کڻي پوءِ جُتي پائجي.

هڪ پادر پائي نه هلو:

حديث نمبر 298:

حضرت ابو هريره رضي الله عنه روايت ڪئي ته رسول الله ﷺ فرمايو ته توهان مان کو ماڻهو هڪ جُتي پائي نه هلي، يا ته ٻئي پير اگهاڙا ڪري هلي يا ته ٻنهين پيرن ۾ جُتي پائي هلي.

(بخاري و مسلم)[2]

حديث نمبر 299:

حضرت رزين فرمايو ته مون حضرت ابو هريره رضي الله عنه کي ڏٺو ته پنهنجي پيشانيءَ تي هٿ هڻي فرمايائين اي عراق وارؤ! توهان سمجهو ٿا ته مان رسول الله ﷺ تي بهتان هڻندس، نه نه. مان شاهدي ڏيان ٿو ته مون حضور ﷺ کان ٻڌو پاڻ فرمايائون ته جڏهن توهان مان ڪنهن جي جُتي ڳري ڇڇي پوي ته تيستائين هڪ پير ۾ جتي پائي نه هلي جيستائين ٽٽل کي درست ڪري. (نسائي)[3]

---

[1] حديث نمبر 297: عَنْ أَبِي أُمَامَةَ، قَالَ: دَعَا رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ بِخُفَّيْهِ يَلْبَسُهُمَا، فَلَبِسَ أَحَدَهُمَا، ثُمَّ جَاءَ غُرَابٌ فَاحْتَمَلَ الآخَرَ، فَرَمَى بِهِ، فَخَرَجَتْ مِنْهُ حَيَّةٌ، فَقَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: "مَنْ كَانَ يُؤْمِنُ بِاللَّهِ وَالْيَوْمِ الآخِرِ، فَلا يَلْبَسْ خُفَّيْهِ حَتَّى يَنْفُضَهُمَا. المعجم الكبير للطبراني عَنْ أَبِي أُمَامَةَ (ج 7/ ص 148۔ الرقم: 7503) مجمع الزوائد باب خلع النعل إذا جلس (ج 5/ ص 140) مسند الشاميين للطبراني (ج 2/ ص 232۔ الرقم: 531) تخريج أحاديث الإحياء (ج 5/ ص 152)

[2] حديث نمبر 298: عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ أَنَّ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ لَا يَمْشِي أَحَدُكُمْ فِي نَعْلٍ وَاحِدَةٍ لِيُحْفِهِمَا جَمِيعًا أَوْ لِيُنْعِلْهُمَا جَمِيعًا. صحيح البخاري بَاب لَا يَمْشِي فِي نَعْلٍ وَاحِدَةٍ (ج 18/ ص 192۔ الرقم: 5408) صحيح مسلم بَاب اسْتِحْبَابِ لُبْسِ النَّعْلِ فِي الْيُمْنَى أَوَّلًا (ج 10/ ص 487۔ الرقم: 3914) سنن الترمذي (ج 6/ ص 411) سنن النسائي (ج 16/ ص 190)

[3] حديث نمبر 299: عَنْ أَبِي رَزِينٍ قَالَ رَأَيْتُ أَبَا هُرَيْرَةَ يَضْرِبُ بِيَدِهِ عَلَى جَبْهَتِهِ يَقُولُ يَا أَهْلَ الْعِرَاقِ تَزْعُمُونَ أَنِّي أَكْذِبُ عَلَى رَسُولِ اللَّهِ ﷺ أَشْهَدُ لَسَمِعْتُ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَقُولُ إِذَا انْقَطَعَ شِسْعُ نَعْلِ أَحَدِكُمْ فَلَا يَمْشِ فِي الْأُخْرَى حَتَّى يُصْلِحَهَا سنن النسائي (ج 16/ ص 191۔ الرقم: 5275)

Scanned by CamScanner

ويهو تہ جُتي لاهي چڏيو :

حديث نمبر 300:

اِذَا جَلَسْتُمْ فَاخْلَعُوْا نِعَالَكُمْ (مجمع الزوائد)[1]

جڏهن ويهو تہ جُتي لاهي چڏيو.

راوي چوي ٿو تہ پاڻ ڪريم ﷺ فرمايائون تہ جيئن توهان جا پير فرحت حاصل ڪن.

اگهڙ جو بيان :

مرد جو بدن دُن کان گوڏن تائين ۽ عورت جو سارو بدن سواءِ هٿن پيرن ۽ منهن جي اگهڙ آهي، پر هٿ پير ۽ منهن بہ صرف محرم ماڻهن اڳيان ظاهر ڪري سگهي ٿي. ۽ محرم اُهي آهن جن سان نڪاح ڪرڻ حرام آهي، جيئن پيءُ ڀاءُ، چاچو، سهرو وغيره.

حديث نمبر 301:

حضرت رسول ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ اگهاڙا نہ ٿيو جو تہ توهان سان اهڙي مخلوق (ملائڪ) ساڻ آهي جيڪي توهان کان جدا نہ ٿا ٿين. مگر ڪاڪوس ۽ وڇڻ مهل يا زال سان ملڻ مهل. انهن جو حياءُ ڪيو ۽ انهن جي عزت ڪيو. (ترمذی)[2]

حديث نمبر 302:

حضور عليہ الصلواة والسلام جن هڪ ماڻهو کي ڏٺو جنهن جي ران ظاهر هئي. پاڻ فرمايائون :

غَطِّ فَخِذَكَ فَإِنَّهَا مِنَ الْعَوْرَةِ (ترمذی)[3]

پنهنجي ران ڍڪ جوتہ اُها بہ اگهڙ آهي.

---

[1] حديث نمبر 300: مجمع الزوائد باب خلع النعل إذا جلس (ج 5/ص 140) كنز العمال (ج 9/ص 139۔الرقم: 25395)

[2] حديث نمبر 301: عَنْ نَافِعٍ عَنِ ابْنِ عُمَرَ أَنَّ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ إِيَّاكُمْ وَالتَّعَرِّيَ فَإِنَّ مَعَكُمْ مَنْ لَا يُفَارِقُكُمْ إِلَّا عِنْدَ الْغَائِطِ وَحِينَ يُفْضِي الرَّجُلُ إِلَى أَهْلِهِ فَاسْتَحْيُوهُمْ وَأَكْرِمُوهُمْ سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي الِاسْتِتَارِ عِنْدَ الْجِمَاعِ (ج 9/ص 490۔الرقم: 2724) كنز العمال (ج 9/ص 391۔الرقم: 26632)

[3] حديث نمبر 302: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ أَنَّ الْفَخِذَ عَوْرَةٌ (ج 9/ص 484۔الرقم: 2720) مصنف عبد الرزاق (ج 11/ص 27۔الرقم: 19808) معرفة الصحابة لأبي نعيم الأصبهاني (ج 2/ص 170۔الرقم: 605)

Scanned by CamScanner

سنن ابو دائود ۾ هڪ حديث مبارڪ هنن لفظن سان آئي آهي.

حديث نمبر 303:

حضرت بهزبن حڪيم پنهنجي پيءُ کان ان پنهنجي ڏاڏي کان روايت ڪئي ان رسول الله ﷺ کي عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ بدن مان چا ظاهر ڪجي چا نہ ڪجي؟ پاڻ فرمايائون پنهنجي زال ۽ پنهنجي ٻانهيءَ کان سواءِ پنهنجي اگهڙ ڪنهن تي ظاهر نہ ڪر. مون عرض ڪيو يا رسول الله قوم هڪ ٻئي کان؟ پاڻ فرمايائون جيترو ٿي سگهي تنهنجي اگهڙ ڪوبہ نہ ڏسي تہ بهتر. (ابو داؤد)[1]



[1] حديث نمبر 303: عَنْ بَهْزِ بْنِ حَكِيمٍ عَنْ أَبِيهِ عَنْ جَدِّهِ قَالَ قُلْتُ يَا رَسُولَ اللَّهِ عَوْرَاتُنَا مَا نَأْتِي مِنْهَا وَمَا نَذَرُ قَالَ احْفَظْ عَوْرَتَكَ إِلَّا مِنْ زَوْجَتِكَ أَوْ مَا مَلَكَتْ يَمِينُكَ قَالَ قُلْتُ يَا رَسُولَ اللَّهِ إِذَا كَانَ الْقَوْمُ بَعْضُهُمْ فِي بَعْضٍ قَالَ إِنْ اسْتَطَعْتَ أَنْ لَا يَرَيَنَّهَا أَحَدٌ فَلَا يَرَيَنَّهَا . سنن أبي داود بَاب مَا جَاءَ فِي التَّعَرِّي (ج 11 / ص 31) سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي حِفْظِ الْعَوْرَةِ (ج 9 / ص 440)

Scanned by CamScanner

باب ڇهون

کاڏي پيتي جي بيان ۾

انسان جي زندگيءَ جو جياپو رب ڪريم ماني ۽ پاڻيءَ تي رکايو آهي طبيعت ۾ بک ۽ اڃ رکائي وئي آهي. بک کاڏو طلب ڪندي آهي. اڃ پاڻي طلب ڪندي آهي. اِهي ٻ شيون نہ هجن تہ ماڻهو تڙپي تڙپي مري وڃي. الله ڪريم جا ڪروڙين احسان جو انسان لاءِ کائڻ لاءِ زمين مان قسمين قسمين اناج پيدا ڪيائين ۽ طرح طرح جا پاڻي پيدا فرمايائين ۽ پوءِ عام اجازت فرمايائين تہ :

كُلُوْا وَاشْرَبُوْا وَلَا تُسْرِفُوْا ۚ (الاعراف:٣١)

کائو ۽ پيئو ۽ اجايو خرچ نہ ڪيو.

قابلِ توجهہ ڳالهہ:

الله تعالىٰ کاڏي پيتي جون سڀ شيون انسان لاءِ پيدا ڪيون آهن پر انسان کاڏي لاءِ پيدا نہ ڪيو ويو آهي. تہ پوءِ اها ڳالهہ ياد رکڻ گهرجي تہ :

"کائو جيئڻ لاءِ نڪ جيئو کائڻ لاءِ"

اُهو کائو جيڪو رب حلال ڪيو آهي ۽ ايترو کائو جيترو جيئڻ لاءِ ضروري آهي ۽ عبادت لاءِ توانو رکي. الله جو رزق کائي، الله جي بي فرماني نہ ڪيو پر الله جو رزق کائي الله جي عبادت ڪيو تہ الله جي نعمت جو شڪر ادا ٿئي.

مانيءَ جو بيان :

حضرت بي بي عائشہ صديقہ رضي الله عنها کان روايت آهي تہ مانيءَ جي عزت ڪيو، ان مان مراد هي آهي تہ ماني دسترخوان تي اچي تہ پوڙ جو انتظار نہ ڪيو. (بيهقي)[1]

---

[1] حديث: عن عائشة أن النبي صلى الله عليه وسلم قال أكرموا الخبز قال ومن كرامته أن لا ينتظر الأدم . شعب الإيمان للبيهقي فصل لا يعيب طعاما قدم إليه (ج 12 / ص 357۔ الرقم: 5619)

Scanned by CamScanner

مانيءَ جا قسم :

➢ پهلي مانيءَ اُها آهي جيڪا هڏ سان جنڊ ۾ پيهي اُن اڏي مان ٽڪر جي دانگيءَ تي پچائي وڃي.

➢ تنور جي مانيءَ کي مزيدار ٿئي ٿي.

➢ چانورن جي مانيءَ کان ڪڪڙ جي مانيءَ وڌيڪ نفعي واري آهي. اها زود هضم ۽ وٽندڙ آهي.

➢ چانورن جي مانيءَ قبضي ڪري ٿي، پيٽ وڌائي ٿي.

➢ گوشت جي هوڙ جي شوربي ۾ مانيءَ کي پوريو وڃي تہ ان کي "ڪُٽي" چئبو آهي. اسان جي سڌي نبي ڪريم ﷺ جن جو اهو پسنديده کاڌو هيو.

➢ گيهہ يا مکڙ مانيءَ ۾ اندر وجهي ۽ متاڙ ۾ ان ۾ داخل ڪري پچايو وڃي تہ ان کي "ٻُسري" چوندا آهن اها ڪمر کي سڏورکي ٿي، جسم کي طاقت پهچائي ٿي.

➢ سڏي مانيءَ سيني جي بيمارين وارن لاءِ نقصانڪار آهي.

➢ اسان جا حبيب سڌا محبوب محمد ڪريم ﷺ اڪثر جَوَن جي اڙ چڙيل اڏي جي مانيءَ کائيندا هئا.

➢ جنهن مانيءَ کي باهہ جو گهڙو سيڪُ ايندو آهي تہ اُها مانيءَ ڪاري ٿي پوندي آهي، اهڙي مانيءَ کائڙ سان معدي جون بيماريون پيدا ٿيڙ جو امڪان هوندو آهي.

➢ مانيءَ کائو تہ هڪ پاسي کان لاڳيتي کائو.

➢ مانيءَ جو وچ کائڙ ۽ ڪَنا بچائي چڏڙ سڏي عادت نہ آهي.

حديث :

برڪت مانيءَ جي وچ ۾ نازل ٿيندي آهي. انڪري مانيءَ پاسن کان کائو، وچ کان نہ کائو يعني صرف وچ کائي پاسا بچائي نہ چڏبو. (ابوداؤد، ترمذی)[1]

---

[1] حديث: عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ الْبَرَكَةُ تَنْزِلُ وَسَطَ الطَّعَامِ فَكُلُوا مِنْ حَافَتَيْهِ وَلَا تَأْكُلُوا مِنْ وَسَطِهِ سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي كَرَاهِيَةِ الْأَكْلِ مِنْ وَسَطِ الطَّعَامِ (ج 6/ص 466۔ الرقم: 1727)

Scanned by CamScanner

بسم الله پڑهي کائو:

جڏهن کاڌو کائڻ شروع کيو تہ اول سڀي طرح هٿ ڏوئو ۽ هٿن کي ٽوال سان نہ اگهو نہ سکايو، آلن هٿن سان کائو ۽ الله جي نعمت سمجهي کائو، ماني کائڻ وقت نيت اها هجي تہ کائي الله تعالیٰ جي عبادت جي قوت حاصل کيان.

حديث نمبر 304 :

حضرت عمرو بن ابي سلمہ رضی اللہ عنہ فرمايو تہ مان رسول الله ﷺ وٽ آيس ان مهل سندن سامهون طعام موجود هيو. پاڻ ڪريمن ﷺ مون کي فرمايو:

ادْنُ يَا بُنَيَّ وَسَمِّ اللَّهَ وَكُلْ بِيَمِينِكَ وَكُلْ مِمَّا يَلِيكَ (ترمذی)[1]

اي منهنجا پٽڙا! ويجهو ٿي، پوءِ الله جو نالو وٺ ۽ ساڄي هٿ سان کاءِ ۽ پنهنجي ويجهي طرف کان کاءِ.

هنن چند لفظن ۾ سهڻي سردار ﷺ ڪيترين ئي ڳالهيون سمجهائي ڇڏيون.

- جڏهن طعام موجود هجي ۽ پاهران کو ماڻهو اچي وڃي تہ ان کي طعام کائڻ ۾ شريڪ ڪرڻ.
- پيار ۽ محبت سان "منهنجا پٽڙا" چئي سڏڻ.
- غلام جو آقا سان گڏ کائڻ.
- طعام کائڻ مهل ويجهو ٿي ويهڻ.
- پنهنجي پاسي کان کائڻ.
- پرائي پاسي کان کائي ڪنهن جي حق تلفي نہ ڪرڻ.
- کائڻ کان اڳ کاڌي جا آداب سيکارڻ.
- کائڻ وقت ناصحانہ ڪلام ڪرڻ.
- کائڻ کان پهرئين الله جو نالو وٺڻ. (بسم الله الرحمن الرحيم پڙهڻ)

---

[1] حديث نمبر 304: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي التَّسْمِيَةِ عَلَى الطَّعَامِ ج 7 / ص 54. الرقم: 1780) مسند أحمد حديث عَنْ عُمَرَ بْنِ أَبِي سَلَمَةَ ج 33 / ص 77. الرقم: 15747) مصنف عبد الرزاق ج 10 / ص 415. الرقم: 19544) المعجم الكبير للطبراني ج 7/ ص 406. الرقم: 8221)

Scanned by CamScanner

کاڏي کائڻ کان بعد جي دعا :

حديث نمبر 305:

حضرت ابو سعيد خُدري رضي الله عنه روايت ڪئي ته رسول الله ﷺ جن کاڏي کائڻ کان پوءِ هيءَ دعا پڙهندا هئا:

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِي أَطْعَمَنَا وَسَقَانَا وَجَعَلَنَا مُسْلِمِينَ (ابو داؤد)[1]

هڪ روايت ۾ هيءَ دعا به آئي آهي:

اَللّٰهُمَّ بَارِكْ لَنَا فِيْ مَارَزَقْتَنَا وَزِدْ عَلَيْنَا وَارْزُقْنَا خَيْرًا مِّنْهُ

حديث نمبر 306:

حضرت معاذ بن انس رضي الله عنهما چيو ته رسول الله ﷺ فرمايو جيڪو ماڻهو ماني کائي پوءِ هيءَ دعا پڙهي ته ان جي گذريل زندگي جا سڀ گناهه بخشجي وڃن ٿا.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِي أَطْعَمَنِي هَذَا الطَّعَامَ وَرَزَقَنِيهِ مِنْ غَيْرِ حَوْلٍ مِنِّي وَلَا قُوَّةٍ[2]

کاڏو کائي نعمت جو شڪر ڪيو :

کاڏو کائي ضرور رب ڪريم جو شڪرانو ادا ڪيو ڇو ته شڪر ادا ڪندڙ ماڻهوءَ جي رزق ۾ برڪت نازل ڪئي وڃي ٿي. کاڏو کائي شڪر ڪندڙ کي روزيدار جي روزي جيترو ثواب ملي ٿو.

حديث نمبر 307 :

اَلطَّاعِمُ الشَّاكِرُ كَالصَّائِمِ الصَّابِرِ (ترمذي)[3]

کائيندڙ شڪر گذار، صابر روزيدار وانگر آهي(اجر ۽ ثواب ۾).

---

[1] حديث نمبر 305: سنن أبي داود بَاب مَا يَقُولُ الرَّجُلُ إِذَا طَعِمَ (ج 10 / ص 333۔ الرقم: 3352) سنن الترمذي بَاب مَا يَقُولُ إِذَا فَرَغَ مِنَ الطَّعَامِ (ج 11 / ص 358۔ الرقم: 3379) سنن ابن ماجه (ج 10 / ص 5۔ الرقم: 3274) مسند أحمد (ج 22 / ص 391۔ الرقم: 10846) شعب الإيمان للبيهقي (ج 13 / ص 31۔ الرقم: 5778)

[2] حديث نمبر 306: سنن أبي داود كِتَاب اللِّبَاسِ باب(ج 11 / ص 37۔ الرقم: 3505) سنن الترمذي بَاب مَا يَقُولُ إِذَا فَرَغَ مِنَ الطَّعَامِ (ج 11 / ص 359۔ الرقم: 3380) سنن ابن ماجه (ج 10 / ص 7۔ الرقم: 3276) مسند أحمد (ج 31 / ص 231)

[3] جامع معمر بن راشد (424/10)

Scanned by CamScanner

ساڄي هٿ سان کائو پيئو :

حديث نمبر 308:

جڏهن توهان مان ڪو کائي ته ان کي گهرجي ته ساڄي هٿ سان کائي، جڏهن ڪو پيئي ته ان کي گهرجي ته ساڄي هٿ سان پيئي ڇو ته شيطان کاڀي هٿ سان کائيندو آهي ۽ کاڀي هٿ سان پيئندو آهي. (مسلم)[1]

ان طرح جيڪڏهن کا به شيءِ کنهن کي ڏيو يا وٺو ته ساڄي هٿ سان وٺو ۽ ڏيو ڇو ته کاڀي هٿ سان کائڻ پيئڻ، ڏيڻ وٺڻ شيطان جو طريقو آهي.

ڪاڏي مان عيب نه ڪڍو :

بخور هرچه آيدز دستِ حبيب : دوست جي هٿان جيڪو ڪجهه ملي کائو.

عجيب قصو :

حضرت خواجه پير الاهي بخش "محبوب الاهي" رحمة الله عليه کي هڪ دفعي دورانِ سفر رات جي اوندهه ۾ بي خبري ۾ ڪير ۽ پت ۾ ڪنڊ بجاءِ لوڻ وجهي ڏنو ويو. پاڻ بسم الله پڙهي ضرورت مطابق کاڌائون چهري ۾ گهنج به نه وڌائون. جڏهن پاڻ فارغ ٿيا ته بچيل کاڌي مان مريد تبرڪاً کائڻ لڳا. جنهن هڪ گرهه کاڌو اهو ڏاڍو پريشان ٿيو. پڇڻ تي معلوم ٿيو ته اوندهه واري رات ۾ بي خبري ۾ ڪنڊ جي بجاءِ لوڻ وڌو ويو آهي. پوءِ ته اُهي ڏاڍا پشيمان ٿي حضرت کان معافي گهرڻ لڳا. پاڻ فرمايائون "اسان ته کارائڻ واري حقيقي هٿ کي ڏسندا آهيون، سڄي عمر ملو کارايو اٿس اڄ اگر ڪڙو کارايائين ته اسان ان مان به راضي آهيون."

گهٽن ماڻهن جي عادت هوندي آهي ته ٻوڙ ۾ لوڻ مرچ وڌيڪ پئجي ويندا آهن ته ماني اڇلائي ڇڏيندا آهن. ائين هرگز درست نه آهي جيڪڏهن کاڌو پسند نه اچي ته نه کائو. عيب نه ڪيو.

---

[1] حديث نمبر 308: أَنَّ رَسُولَ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ إِذَا أَكَلَ أَحَدُكُمْ فَلْيَأْكُلْ بِيَمِينِهِ وَإِذَا شَرِبَ فَلْيَشْرَبْ بِيَمِينِهِ فَإِنَّ الشَّيْطَانَ يَأْكُلُ بِشِمَالِهِ وَيَشْرَبُ بِشِمَالِهِ. صحيح مسلم بَاب آدَابِ الطَّعَامِ وَالشَّرَابِ وَأَحْكَامِهِمَا ج 10 / ص 295۔ الرقم: 3764)
سنن أبي داود بَاب الْأَكْلِ بِالْيَمِينِ (ج 10 / ص 231۔ الرقم: 3283) مسند أحمد (ج 9 / ص 345۔ الرقم: 4309)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 309:

حضرت ابوهريره رضي الله عنه فرمايو ته رسول الله صلي الله عليه وسلم جن ڪڏهن به ڪاڏي مان عيب ڪونه ڪڍيائون. جڏهن پسند ڪندا هئا ته ڪائيندا هئا، ناپسند ڪندا هئا ته نه ڪائيندا هئا پر عيب ڪونه ڪڍندا هئا. (بخاري ومسلم)[1]

پيٽ پري نه ڪائو:

جڏهن تمام گهٽي بک لڳي ته ماني ڪائجي ۽ اڃا ڪجهه گرهن جي بک باقي هجي ته مانيءَ مان هٿ ڪڍڻ گهرجي. فقيري ۽ تصوف جي اصولن مان هي به آهن ته ماڻهو گهٽ ڪائي، گهٽ سمهي، گهٽ ڳالهائي ۽ ماڻهن سان ميل جول گهٽ رکي. گهٽي ڪائڻ وارا اڪثر بيمارين ۾ مبتلا رهندا آهن. گهٽو ڪائڻ طبيعت ۾ غفلت، سستي ۽ بي همتي پيدا ڪري ٿو.

اندرون از طعام خالی دار ❊ تا دروں نورِ معرفت بینی

پيٽ طعام کان خالي رک ته ان ۾ معرفت جو نور ڏسين.

حديث نمبر 310:

حضور عليه الصلواة والسلام جي دؤر ۾ هڪ شخص تمام گهٽو ڪائيندو هيو، پوءِ اهو مسلمان ٿيو ته ماني گهٽ ڪائڻ لڳو. اُها ڳالهه نبي ڪريم صلي الله عليه وسلم سان ڪيائون پاڻ فرمايائون:

إِنَّ الْمُؤْمِنَ يَأْكُلُ فِي مِعًى وَاحِدٍ وَالْكَافِرَ يَأْكُلُ فِي سَبْعَةِ أَمْعَاءٍ (بخاری)[2]

بيشڪ مومن هڪ آنڊي ۾ ڪائيندو آهي ۽ ڪافر ستن آنڊن ۾ ڪائيندو آهي.

يعني مومن گهٽ ڪائيندو آهي، ڪافر گهٹو ڪائيندو آهي.

---

[1] حديث نمبر 309: عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ قَالَ مَا عَابَ رَسُولُ اللهِ صلي الله عليه وسلم طَعَامًا قَطُّ كَانَ إِذَا اشْتَهَى شَيْئًا أَكَلَهُ وَإِنْ كَرِهَهُ تَرَكَهُ

صحيح البخاري بَاب مَا عَابَ النَّبِيُّ صلي الله عليه وسلم طَعَامًا (ج 17 / ص 21۔ الرقم: 4989)

صحيح مسلم بَاب لَا يَعِيبُ الطَّعَامَ (ج 10 / ص 397۔ الرقم: 3844)

[2] حديث نمبر 310: صحيح البخاري بَاب الْمُؤْمِنُ يَأْكُلُ فِي مِعًى وَاحِدٍ (ج 17 / ص 1۔ الرقم: 4978)

شعب الإيمان للبيهقي الفصل الثاني في ذم كثرة الأكل (ج 12 / ص 118۔ الرقم: 5392)

Scanned by CamScanner

جيکڏهن گهٽو کائجي ته به پيٽ کي ٽن حصن ۾ ورهائجي. هک حصو کاڏي لاءِ ٻيو حصو پاڻيءَ لاءِ ٽيون حصو ساهه کڻڻ لاءِ.

حديث نمبر 311:

حضرت جابر رضي الله عنه فرمائي ٿو ته مون رسول الله ﷺ کان ٻڌو پاڻ فرمايائون ته هک ماڻهو جو طعام ٻن کي کفايت کندو آهي ۽ ٻن جو طعام چئن کي کفايت کندو آهي ۽ چئن جو طعام اٺن کي کفايت کندو آهي. (مسلم)[1]

حديث نمبر 312:

حضرت بيبي عائشه صديقه رضي الله عنها کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ هک ٻانهي خريد ڪرڻ جو ارادو ڪيو، ان جي اڳيان ڪتل رکي وئي ته تمام گهٽي ڪتل کائي ويو. پاڻ فرمايائون ته گهٽو کائڻ "نحوست" آهي. پوءِ ان غلام جي واپس جو حڪم ڏنائون.

(بيهقي، شعب الايمان)[2]

حديث نمبر 313:

مقدام بن معديڪرب رضي الله عنه کان روايت آهي رسول الله ﷺ فرمايو:

مَا مَلَأَ آدَمِيٌّ وِعَاءً شَرًّا مِنْ بَطْنٍ، حَسْبُ الْآدَمِيِّ، لُقَيْمَاتٌ يُقِمْنَ صُلْبَهُ، فَإِنْ غَلَبَتِ الْآدَمِيَّ نَفْسُهُ، فَثُلُثٌ لِلطَّعَامِ، وَثُلُثٌ لِلشَّرَابِ، وَثُلُثٌ لِلنَّفَسِ۔

نه پريو ماڻهو ڪو ٿانوُ پيٽ کان بيڻو. انسان لاءِ اُهي لقما فائديمند آهن جيڪي ان جي چيلهه کي سڌو رکن پر جيڪڏهن هرويرو گهٽو کائڻو آهي ته هک حصو طعام لاءِ، هک حصو پاڻيءَ لاءِ، هک حصو ساهه کڻڻ لاءِ رکو. (ابن ماجه، احمد، ترمذي)[3]

---

[1] حديث نمبر 311: عن جَابِرِ بْنَ عَبْدِ اللهِ قَالَ سَمِعْتُ رَسُولَ اللهِ ﷺ يَقُولُ طَعَامُ الْوَاحِدِ يَكْفِي الِاثْنَيْنِ وَطَعَامُ الِاثْنَيْنِ يَكْفِي الْأَرْبَعَةَ وَطَعَامُ الْأَرْبَعَةِ يَكْفِي الثَّمَانِيَةَ. صحيح مسلم بَاب فَضِيلَةِ الْمُوَاسَاةِ فِي الطَّعَامِ الْقَلِيلِ (ج10 / ص387)

[2] حديث نمبر 312: عن عائشة أن رسول الله صلى الله عليه وسلم أراد أن يشتري غلاما فألقى بين يديه تمرا فأكل الغلام فأكثر فقال رسول الله ﷺ إن كثرة الأكل شؤم وأمر برده. شعب الإيمان للبيهقي الفصل الثاني في ذم كثرة الأكل (ج12 / ص148)

[3] حديث نمبر 313: سنن الترمذي (ج8 / ص387۔ الرقم: 2302) مسند أحمد (ج35 / ص47۔ الرقم: 16556) سنن ابن ماجه (ج10 / ص105۔ الرقم: 3340) المعجم الكبير للطبراني (ج15 / ص208۔ الرقم: 17035)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 314:

حضرت ابو جُحيفه رضي الله عنه فرمايو ته آءٌ هڪ ڏينهن گوشت ۾ ماني جي کُٽي کائي رسول الله جي خدمت ۾ وبس مون گهٽيون اوڳرايون پي ڏنيون. پاڻ فرمايائون اسان وٽان پنهنجون اوڳرايون بند ڪر، دنيا ۾ گهٽو کائڻ وارا قيامت واري ڏينهن بکيا هوندا. (الترغيب والترهيب)[1]

گوشت جو بيان :

گوشت بهترين غذا آهي. حضرت علي رضي الله عنه فرمايو ته گوشت کائو اهو رنگ صاف ڪري ٿو، سٺا اخلاق پيدا ڪري ٿو. پاڻ رضي الله عنه فرمايائون جيڪو چاليهه ڏينهن گوشت نه ٿو کائي ته ان جا اخلاق حسنه باقي نه ٿا بچن.

حضرت زهري فرمايو ته گوشت ستر قوتون وڌائي ٿو، انهن مان نظر به آهي.

نافع فرمايو ته حضرت ابن عمر رضي الله عنه رمضان المبارڪ ۾ ۽ سفر ۾ ڪڏهن به گوشت کائڻ ۾ ناغو نه ڪندو هيو.

حديث نمبر : 315

سَيِّدُ طَعَامِ أَهْلِ الدُّنْيَا وَأَهْلِ الْجَنَّةِ اللَّحْمُ (ابن ماجه)[2]

دنيا ۽ جنت وارن جي سمورن طعامن جو سردار گوشت آهي.

☜ ريڍ جو گوشت ذهن ۽ حافظو وڌائي ٿو.

☜ ٻڪري جو گوشت لذيذ ۽ گهٽن نفعن وارو آهي.

☜ پٺيءَ جو گوشت غذا سان ڀرپور صاف رت پيدا ڪندڙ آهي.

---

[1] حديث نمبر 314: عَنْ أَبِي جُحَيْفَةَ. قَالَ: أَكَلْتُ ثَرِيدَةً مِنْ خُبْزِ بُرٍّ بِلَحْمٍ سَمِينٍ فَأَتَيْتُ فَأَتَيْتُ النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَجَعَلْتُ أَتَجَشَّأُ. فَقَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ: اكْفُفْ مِنْ جَشَائِكَ. فَإِنَّ أَكْثَرَ النَّاسِ فِي الدُّنْيَا شِبَعًا أَكْثَرُهُمْ فِي الآخِرَةِ جُوعًا . المعجم الكبير للطبراني عَنْ أَبِي جُحَيْفَةَ (ج 16/ ص 6. الرقم: 17807)

المعجم الأوسط للطبراني (ج 19/ ص 260. الرقم: 9177)

[2] حديث نمبر 315: سنن ابن ماجه بَاب اللَّحْمِ (ج 10/ ص 38. الرقم: 3296)

Scanned by CamScanner

☜ ڪئون جو گوشت توڙي جو حلال آهي ان جو کائڻ به جائز پر ان گوشت ۾ بيماري آهي، هاضمي ۾ اهنجو، رت کي کارو ڪندڙ آهي، وسوسا ۽ وهم پيدا ڪري ٿو.

☜ اٺ جو گوشت کائڻ سنتِ مصطفيٰ ﷺ آهي، فائدن سان ڀرپور آهي.

☜ گوشت سُڪائي کائڻ سنت آهي.

☜ اوجهري کائڻ حلال آهي پر ڪجهه طبيعتن کي مڪروهه لڳندي آهي.

حضرت ثوبان رضی اللہ عنہ فرمايو ته اسان رسول الله ﷺ سان گڏ سفر ۾ هئاسين، پڪري ڪُني (اضحيٰ ڪئي) وئي. پاڻ ﷺ فرمايائون گوشت سنڀالي رکو، پوءِ اُهو گوشت ساري سفر ۾ مديني تائين کائيندا آياسين. (ابوداؤد)[1]

منع ٿيل گوشت :

حلال جانورن جي گوشت مان به هي شيون نه کائڻ گهرجن:

1. سير جورت چوته اِهو حرام آهي. 2. سگ 3. ڪُر 4. ڏند 5. وار 6. عضوو تناسل 7. ڪپور 8. جانور جو پيشاب يا پاخانه واري جاءِ 9. مثانه

پکين جو گوشت :

حلال پکين جو گوشت مزيدار به آهي، نفع بخش به آهي ۽ جنتي کاڌو آهي. تتر جو گوشت هلکو، جلد هضم ٿيندڙ ۽ لذيذ آهي. بدڪ جو گوشت دير هضم ۽ معدي لاءِ ناموافق آهي. جهرڪيءَ جو گوشت قوتِ باهه وڌائي ٿو، سنڊن جي سور کي فائدو ڏئي ٿو. ڪبوتر جو گوشت بدن لاءِ بهترين غذا آهي. نر ڪبوتر جو گوشت اڏ رنگ، ڏڪٽي وغيره کي فائدو ڏئي ٿو.

ڪنهن به جانور جو گوشت حد کان وڌيڪ گهٽو کائڻ نقصانڪار آهي.

بقراط جو قول : پنهنجي پيٽ ۾ جانورن جو مقبرو نه بنايو.

---

[1] حديث: عَنْ ثَوْبَانَ قَالَ ضَحَّى رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ثُمَّ قَالَ يَا ثَوْبَانُ أَصْلِحْ لَنَا لَحْمَ هَذِهِ الشَّاةِ قَالَ فَمَا زِلْتُ أُطْعِمُهُ مِنْهَا حَتَّى قَدِمْنَا الْمَدِينَةَ. سنن أبي داود بَاب فِي الْمُسَافِرِ يُضَحِّي (ج 7/ص 483. الرقم: 2431)

Scanned by CamScanner

پاڇين جي بيان ۾ :

پاڇيون الله جي نعمتن مان عظيم نعمت آهي. جن ۾ زندگي لاءِ غذائون، صحت لاءِ دوائون، هيٺن لاءِ توانايون آهن. سبزيون کائڻ نبين جي سنت آهي.

مڇيءَ جو بيان :

حديث نمبر 316:

حضرت رسول الله ﷺ فرمايو ته اسان لاءِ ٻه مئل شيون ۽ ٻه رتَ حلال کيا ويا آهن :

1. مڇي ۽ ماکڙ 2. جيرو ۽ تري (احمد، ابن ماجه) 1

ميت مان مراد آهي بنا کُهڻ ۽ سير وجهڻ جي مڇي ۽ ماکڙ حلال آهن.

- ✓ مڇي بهترين طاقتور غذا آهي.
- ✓ سڀ کان پلي مڇي وهندڙ پاڻيءَ جي آهي جيئن پلو، کُرڙو وغيره.
- ✓ سامونڊي مڇي ٻ لذيذ هوندي آهي پر ان جو گهٽو کائڻ معدي کي کمزور کندو آهي.
- ✓ مڇي کائڻ مهل کنڊن کان بچڻ جو احتياط کرڻ لازمي آهي.

انڊا يا بيضا :

بيهقي شعب الايمان ۾ حديث آيل آهي ته نبين مان هڪ نبيءَ سڳوري الله تعاليٰ کي ضعيفي جي شڪايت ڪئي ته الله تعاليٰ ان کي بيدا کائڻ جو امر ڪيو.

- ❖ صبح جو ناشتي ۾ بيدا سڀي غذا آهي.
- ❖ سڀ کان پلا آنا گهريلو ڪڪڙ جا آهن پر خراب ٿيل نه هجن ۽ وائي نه هجن.

---

[1] حديث نمبر 316: عَنِ ابْنِ عُمَرَ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أُحِلَّتْ لَنَا مَيْتَتَانِ وَدَمَانِ فَأَمَّا الْمَيْتَتَانِ فَالْحُوتُ وَالْجَرَادُ وَأَمَّا الدَّمَانِ فَالْكَبِدُ وَالطِّحَالُ. مسند أحمد: مسند عبدالله بن عمر بن الخطاب رضي الله عنهما ج 12/ص 2۔ الرقم: 5465)

سنن ابن ماجه بَاب الْكَبِدِ وَالطِّحَالِ (ج 10/ص 51۔ الرقم: 3305)

السنن الكبرى للبيهقي (ج 1/ص 254)

سنن الدارقطني (ج 11/ص 30۔ الرقم: 4794)

Scanned by CamScanner

دال :

دال نيڪ ماڻهن جي خوراڪ آهي. ستر نبين دال جي تعريف ڪئي آهي. دال پرپور غذا آهي. راقم الحروف جا ڏاڏا سائين حضرت قاضي خدا بخش رحمة الله عليه فرمائيندا هئا ته :

پوڙ جي وڏي گوڙ ڪان اسان کي دال پلي آ.
جيڪو به سائين ڏيندو سادي چال پلي آ.

پاڻي پاڻي پاڻي :

پاڻي انسان جي جيءَ جو جياپو آهي، ملي وڃي ته پاڻيءَ جهڙي سستي پي ڪا چيز نه آهي، نه ملي ان جهڙي مهانگي پي ڪا شيءِ ناهي. ڪائنات جي هر شيءِ پاڻيءَ مان پيدا ڪئي وئي آهي.

وَ جَعَلْنَا مِنَ الْمَآءِ كُلَّ شَيْءٍ حَيٍّ ؕ (الانبياء:٣٠)

۽ اسان پاڻيءَ مان هر شيءِ کي زندگي عطا ڪئي آهي.

زمينون ۽ آسمان پاڻيءَ مان پيدا ڪيا ويا، وٺ پاڻيءَ سان، پوکون پاڻيءَ تي، جانور پاڻيءَ تي، انسان پاڻي تي، جايون ڏهن پاڻيءَ سان، مشينون هلن پاڻيءَ تي، مطلب ته ڪائنات جو اصل پاڻي آهي. پاڻي انساني جسم جي رطوبتن جي ڏاهڻ ۾ اهم ڪردار ادا ڪري ٿو. غذائون هضم ڪرڻ ۾ مدد ڏئي ٿو، جسم کي نرم رکي ٿو.

جنت جون نهرون :

حديث نمبر 317 :

حضرت نبي ڪريم ﷺ فرمايو ته چار نهرون جنت مان آهن، سيحون، جيحون، نيل ۽ فرات. (مسلم)[1]

پاڻي ڪيترن ئي قسمن جو پاڻي آهي جيئن بارش جو پاڻي، نهرن جو، چشمن جو، نلڪن جو، ڪوهن جو پاڻي وغيره.

---

[1] حديث نمبر 317: عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ ﷺ سَيْحَانُ وَجَيْحَانُ وَالْفُرَاتُ وَالنِّيلُ كُلٌّ مِنْ أَنْهَارِ الْجَنَّةِ.
صحيح مسلم بَاب مَا فِي الدُّنْيَا مِنْ أَنْهَارِ الْجَنَّةِ (ج 13 / ص 482. الرقم: 5073)
مسند أحمد: مسند ابي هريرة (ج 16 / ص 88. الرقم: 7547)

Scanned by CamScanner

سپ کان پلو پاڻي اُهو آهي جيڪو چشمي مان ٻنپ ڏئي نڪرندو آهي. تازو پاڻي اُهو آهي جنهن جو رنگ نہ بدليو هجي، نہ بوءِ کيو هجي، ذائقو به نہ بدليو هجي، وزن ۾ هلکو هجي، وهڻ ۾ آسان هجي، سج جي روشني ۽ هوا کان فيض يافتہ هجي. اُهو بدن لاءِ سود مند آهي.

پاڻي جا فائدا :

1. پاڻي اڃ لاهي ٿو.
2. بيمار هجي توڙي صحتمند پاڻي ٻنهين جي ضرورت آهي.
3. ٺڏو پاڻي وڌيڪ لذيذ ۽ نفعو ڏيندڙ آهي.
4. زور گرم پاڻي نہ پيئو، اهو صحت کي نقصان پهچائي ٿو.
5. گهرواريءَ سان صحبت ڪرڻ کان پوءِ يڪدم پاڻي نہ پيئو جو تہ قوت گهٽائي ٿو.
6. ننڊ مان اٿي يڪدم پاڻي نہ پيئو.
7. ميون کائڻ بعد يڪدم پاڻي نہ پيئو.
8. مانيءَ جي وچ ۾ پاڻي پيئڻ بهتر آهي.
9. پاڻيءَ کي وڏا ڏڪ ڀري نہ پيئو، بلڪہ چُوسي پيئو تہ ان سان معدو طاقت ورَ ٿو، قوت وڌي ٿي ۽ اڃ لهي ٿي، خشڪي ختم ٿئي ٿي.
10. برف يا ڪَڙن وارو ٺڏو پاڻي، کنگهہ، سيني جو سور، جگر جو ضعف پيدا ڪري ٿو.
11. ڏکيل کوهن جو پاڻي يا زمين ۾ ناهيل ٽانڪين جو پاڻي ڪيڏ بعد يڪدم استعمال نہ ڪرڻ گهرجي جيستائين ٻاهرئين هوا نہ وڃي، جو تہ اهڙو پاڻي گهٽو نفعو بخش نہ هوندو آهي.

سپ کان بهترين ۽ افضل پاڻي ڪهڙو آهي؟

سپ کان پلو پاڻي اُهو هيو جيڪو سهڻي محبوب ڪريم ﷺ جن معجزو ڪري پنج آڱرين مان پنج نهرون جاري ڪيون هيون. ان کان پوءِ زم زم جو پاڻي سپ کان پلو آهي جيڪا حضرت اسماعيل عليہ السلام ۽ ٻيبي هاجره سلام الله عليها جي سبيل آهي. اُجاري جي اُڃ لاهي ٿو، ٻُکاري جي ٻُک لاهي ٿو، غمگينن جا غم درد لاهي ٿو. بيمارن لاءِ شفا آهي. ان پاڻي ۾ سهڻي حبيب ڪريم ﷺ جن جي "لعاب دهن" پِڪَ مبارڪ پيل آهي. آبِ زم زم ڪعبہ شريف ڏانهن مُنهن ڪري بيهي پيئڻ گهرجي.

Scanned by CamScanner

زمزم پيئڻ مهل جيڪا به دعا گهري ويندي آهي سا الله وٽ قبول پوندي آهي.

پاڻي پيئڻ جي دعا :

حديث نمبر318 :

مُعلم انسانيت حضرت حبيب عربي ﷺ جن فرمايو ته جنهن ماڻهو پيٽ ڀري ماني ڪاڏي ۽ پاڻي پي اڄ اُجهائي ۽ هيءَ دعا پڙهيائين :

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِيْ أَطْعَمَنِيْ وَأَشْبَعَنِيْ وَسَقَانِيْ وَأَرْوَانِيْ (مسند ابی یعلیٰ)[1]

اُهو گناهن کان ائين پاڪ ٿي وڃي ٿو جيئن ان ڏينهن هيو جنهن ڏينهن کيس ماءُ ڄڻيو هيو.

حديث نمبر 319:

حضرت ابن عباس رضي الله عنهما فرمايو ته مون رسول الله ﷺ کي زم زم جي پاڻيءَ جو ڏول ڏنو. پاڻ بيهي پيتائون. (مسلم)2

پاڻي پيئڻ جا آداب :

1. پاڻيءَ جو ٽائو ساڄي هٿ ۾ جهلڻ گهرجي.
2. پاڻي ٽن ساهين ۾ پيئو.
3. پاڻيءَ ۾ ڦوڪ نه ڏيو ۽ اگر ساهه کٽڻو هجي ته پاڻي کان منهن پري ڪري ساهه کڻڻ گهرجي.
4. بنا عذر ڪَلي، دلي، مٽ، نادي، نلڪي، ٽونٽيءَ ۾ منهن وجهي پاڻي نه پيئو.
5. پاڻي ويهي پيئڻ گهرجي، بوقتِ ضرورت بيهي پيئڻ به جائز آهي.
6. پاڻي پيئڻ کان اڳ ۾ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم پڙهڻ گهرجي.
7. پاڻي پيئڻ کان پوءِ الحمد لله پڙهڻ گهرجي.
8. پيالو يا ٽائو اگر پاسن کان ٽٽل هجي ته ان ۾ پاڻي پيئڻ نه گهرجي.

---

[1] حديث نمبر 318: مسند أبي يعلى الموصلي: حديث أبي موسى الأشعري (ج 15 / ص 56. الرقم: 7087)
مجمع الزوائد باب مايقول بعد الطعام (ج 5 / ص 29)
كنز العمال (ج 15 / ص 247. الرقم: 40786)

[2] حديث نمبر 319: عَنْ ابْنِ عَبَّاسٍ أَنَّ النَّبِيَّ ﷺ شَرِبَ مِنْ زَمْزَمَ مِنْ دَلْوٍ مِنْهَا وَهُوَ قَائِمٌ. صحيح مسلم بَاب فِي الشُّرْبِ مِنْ زَمْزَمَ قَائِمًا (ج 10 / ص 310. الرقم: 3777)

Scanned by CamScanner

9. پاڻي پيئڻ کان اڳ ان کي ڏسڻ گهرجي ته ان ۾ ڪا تڪليف ده شيءِ ته ناهي.

10. پاڻي صحيح صاف ٽيل ٽانوَ ۾ پيئڻ گهرجي.

بچيل پاڻي ڪيئن ڏيڻ گهرجي :

هڪ ڀيري سهڻي نبي ڪريم ﷺ کي پاڻيءَ جو پيالو ڏنو ويو پاڻ ان مان ڪجهه پيتائون سندن ساڄي طرف ننڍڙو ٻار ٻيٺل هيو ۽ وڏا ڪاهي طرف هئا. پاڻ فرمايائون ته "اي پٽ ڇا تون اجازت ڏين ٿو ته بچيل پاڻي (ڪاهي طرف ٻيٺل) تنهنجي قوم جي ڪراڙن کي ڏيان." عرض ڪيائين يا رسول الله! آءٌ توهان جي اوبر ڪنهن ٻئي کي ڏيڻ نه ٿو چاهيان. پاڻ اها اوبر ان ڇوڪري کي ڏنائون. (مسلم)[1]

معلوم ٿيو ته محفل ۾ جڏهن به ڪا شيءِ ڏني وڃي ته اُها ساڄي طرف کان شروع ڪرڻ گهرجي ڇو ته اُهي وڌيڪ حقدار آهن.

پاڻي ٻيهي پيئڻ جي بيان ۾ :

پاڻي ويهي پيئڻ سنت آهي. پر ضرورت وقت يا مجبوري ۾ ٻيهي پيئڻ به جائز آهي.

حديث نمبر 320 :

حضرت عمرو بن شعيب پنهنجي والد ۽ ڏاڏي کان روايت فرمائي ٿو ته :

رَأَيْتُ رَسُولَ اللَّهِ ﷺ يَشْرَبُ قَائِمًا وَقَاعِدًا (ترمذی)[2]

مون رسول الله ﷺ کي ويهي ۽ ٻيهي پاڻي پيئندي ڏٺو.

---

[1] حديث: عَنْ سَهْلِ بْنِ سَعْدٍ السَّاعِدِيِّ أَنَّ رَسُولَ اللَّهِ ﷺ أُتِيَ بِشَرَابٍ فَشَرِبَ مِنْهُ وَعَنْ يَمِينِهِ غُلَامٌ وَعَنْ يَسَارِهِ أَشْيَاخٌ فَقَالَ لِلْغُلَامِ أَتَأْذَنُ لِي أَنْ أُعْطِيَ هَؤُلَاءِ فَقَالَ الْغُلَامُ لَا وَاللَّهِ لَا أُوثِرُ بِنَصِيبِي مِنْكَ أَحَدًا قَالَ فَتَلَّهُ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي يَدِهِ. صحيح مسلم بَاب اسْتِحْبَابِ إِدَارَةِ الْمَاءِ وَاللَّبَنِ وَنَحْوِهِمَا عَنْ يَمِينِ الْمُبْتَدِئِ. (ج 10/ص 321۔الرقم: 3786)

[2] حديث نمبر 320: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي الرُّخْصَةِ فِي الشُّرْبِ قَائِمًا : وقال الترمذي هَذَا حَدِيثٌ حَسَنٌ صَحِيحٌ (ج 7/ص 92۔الرقم: 1804) سنن النسائي بَاب الِانْصِرَافِ مِنَ الصَّلَاةِ (ج 5/ص 184۔الرقم: 1344) مسند أحمد: (ج 14/ص 171۔ الرقم: 6633) مصنف عبد الرزاق (ج 2/ص 568) الشمائل المحمدية للترمذي باب يشرب قائما وقاعدا (ج 1/ص 236۔ الرقم: 206) المعجم الأوسط للطبراني (ج 3/ص 228۔الرقم: 1267)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 321 :

حضرت نزال بن سبره رضي الله عنه فرمايو ته حضرت مولا علي شيرِ خدا کي پاڻي ڏنو ويو، پاڻ بيهي پيتائون. پوءِ فرمايائون ته ماڻهو بيهي پاڻي پيئڻ کي خراب سمجهن ٿا پر :

إِنِّي رَأَيْتُ رَسُوْلَ اللهِ ﷺ يَشْرَبُ قَائِمًا (مسند ابو يعلىٰ)[1]

مون پاڻ رسول الله ﷺ کي بيٺڙ پاڻي پيئندي ڏٺو.

حديث نمبر 322 :

حضرت بي بي کبشہ رضي الله عنها چوي ٿي ته رسول الله ﷺ جن مون وٽ آيا، پاڻيءَ جي مشڪ لڙڪيل هئي. پاڻ ان جي منهن مان بيني پاڻي پيتائون. مون ان مشڪ جو منهن جتان پاڻ پاڻي پيتو هئائون (تبرکاً) کٽي پاڻ وٽ رکي ڇڏيو. (ترمذی، ابن ماجه)[2]

لوڻ جو بيان :

حديث نمبر 323:

سَيِّدُ إِدَامِكُمُ الْمِلْحُ (ابن ماجه)[3] توهان جي سيني پوڙن جو سردار لوڻ آهي.

ماني کائڻ کان اڳ ۽ پوءِ لوڻ کڻڻ ڇڻڻ ستر بيمارين جو علاج آهي.

کير جو بيان :

کير مڪمل غذا آهي. انساني جسم کي جيڪي به توانايون گهرجن ٿيون اُهي سڀ کير ۾ کجور ۾ شامل آهن. تازو کير جنهن مهل ڏڏو وجي وڏيڪ مزيدار، طاقت وارو ۽ فائدي وارو آهي. پوءِ جيئن جيئن وقت گذري ٿو ته ان جي توانائي ۾ ڪمي اچي ٿي.

---

[1] حديث نمبر 321: مسند أبي يعلى الموصلي: مسند علي بن أبي طالب (ج 1 / ص 297۔ الرقم: 293) السنن الكبرى للبيهقي باب ما جاء في الاكل والشرب قائما (ج 7/ ص 282)

[2] حديث نمبر 322: عَنْ عَبْدِ الرَّحْمَنِ بْنِ أَبِي عَمْرَةَ عَنْ جَدَّتِهِ كَبْشَةَ قَالَتْ دَخَلَ عَلَيَّ رَسُولُ اللهِ ﷺ فَشَرِبَ مِنْ فِي قِرْبَةٍ مُعَلَّقَةٍ قَائِمًا فَقُمْتُ إِلَى فِيهَا فَقَطَعْتُهُ. سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي الرُّخْصَةِ فِي ذَلِكَ (ج 7/ص 108۔ الرقم: 1814) سنن ابن ماجه (ج 10 / ص 213)

[3] حديث نمبر 323: سنن ابن ماجه بَاب الْمِلْحِ (ج 10 / ص 53۔ الرقم: 3306)

المعجم الأوسط للطبراني: من اسمه مقدام (ج 19 / ص 183۔ الرقم: 9100)

شعب الإيمان للبيهقي (ج 12 / ص 434۔ الرقم: 5694) مسند أبي يعلى الموصلي (ج 8 / ص 240۔ الرقم: 3614)

Scanned by CamScanner

تازو کير رت وڏائي ٿو ۽ بدن جي خشکي دور ڪري ٿو. وسوسا، غم ۽ سوداء گھٽائي ٿو. ماکي ملائي پيئڻ سان اندروني ڦٽن لاءِ مرهم جو ڪم ڪري ٿو. ڪنڊ وجهي پيئڻ سان چهري جو رنگ سهٽو ٿئي ٿو. تمام گھٽو پيئڻ ڏندن کي نقصان رسائي ٿو.

حضور نبي ڪريم ﷺ کير پيئڻ بعد پاڻي گھرائي ان سان گرڙي ڪري چڏيندا هئا. فرمائيندا هئا ته ان ۾ سٽيپ آهي. (مسلم)

پلو کير ڳئون جو آهي، مينهن ۽ ٻکريءَ جو کير به فائديمند آهي. حديث پاڪ ۾ آهي ته جيڪو به طعام کائو ته پوءِ دعا گھرو ته الله تعاليٰ ان کاڌي ۾ برڪت وجهي ڏي ۽ ان کان پلو رزق ڏي. پر جنهن کي الله تعاليٰ کير پياري ته هن طرح گھري ته :

يا الله ان ۾ برڪت وجهي ڏي اهو وڏائي ڏي.

پاڻ فرمايائون ته مان نه ٿو چاڻان کير کان وڌيڪ ٻي ڪا اهڙي شيءِ هجي جيڪا مانيءَ پاڻي جو ڪم ڏئي.

بصر ۽ ٿوم جو بيان :

بصر ۽ ٿوم ياڇي جي ضرورت آهي. ياڇيءَ ۾ وجهي کائڻ سنت به آهي، پر ان کي ڪچو کائڻ ٺيڪ نه آهي. خصوصاً ڪچو بصر يا ڪچي ٿوم کائي مسجد ۾ وڃڻ هرگز درست نه آهي.

حديث نمبر 324: حضرت علي رضي الله عنه فرمايو ته :

نُهِيَ عَنْ أَكْلِ الثُّومِ إِلَّا مَطْبُوخًا (ترمذی)[1]

ڪچي ٿوم کائڻ کان منع ڪيو ويو.

حديث نمبر 325 :

حضرت ابوزياد رضي الله عنه چيو ته مون بي بي عائشه رضي الله عنها کان بصر بابت پڇا ڪئي. پاڻ رضي الله عنها فرمايائين ته آخري طعام جيڪو رسول الله ﷺ کاڌو هيو ان طعام ۾ بصر پيل هيو. (ابوداؤد)[2]

---

[1] حديث نمبر 324: عَنْ عَلِيٍّ أَنَّهُ قَالَ نُهِيَ عَنْ أَكْلِ الثُّومِ إِلَّا مَطْبُوخًا. سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي الرُّخْصَةِ فِي أَكْلِ الثُّومِ مَطْبُوخًا (ج 6/ص 471۔الرقم: 1730) سنن أبي داود بَاب فِي أَكْلِ الثُّومِ (ج 10/ص 301۔الرقم: 3332)

[2] حديث نمبر 325: عَنْ أَبِي زِيَادٍ خِيَارِ بْنِ سَلَمَةَ أَنَّهُ سَأَلَ عَائِشَةَ عَنِ الْبَصَلِ فَقَالَتْ إِنَّ آخِرَ طَعَامٍ أَكَلَهُ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ طَعَامٌ فِيهِ بَصَلٌ. سنن أبي داود بَاب فِي أَكْلِ الثُّومِ (ج 10/ص 302۔الرقم: 3333) مسند أحمد (ج 50/ص 100۔الرقم: 23444)

Scanned by CamScanner

بصر جا فائدا ۽ نقصان :

بصر معدي کي قوت بخشي ٿو، مردانہ قوت وڌائي ٿو، بلغم گھٽائي ٿو، رنگ نکاري ٿو. ان جو گھٽو ڪائڻ ويسر پيدا ڪري ٿو، عقل گھٽائي ٿو، وات جي بوءِ مٽائي ٿو. پاسي ۾ ويٺلن کي ايذائي ٿو.

ٿوم جا فائدا ۽ نقصان :

ٿوم دراصل بصر جي ٻيٽ آهي. طعام کي هضم ڪري ٿي، اڇ لاهي ٿي، پيشاب وڌائي ٿي، گھٽو ڪائڻ سان نظر ۽ باهہ کي گھٽائي ٿي، وات جي بوءِ گندي ڪري ٿي.

حضرت علي رضی اللہ عنہ فرمايو تہ رسول الله صلی اللہ علیہ وسلم جن فرمايو تہ ٿوم ڪائو ۽ ٿوم سان علاج ڪيو چوتہ ان ۾ ستر بيمارين کان شفا رکائي وئي آهي. (مسند الفردوس)

سُرڪو پلو پوڙ آهي:

حديث نمبر 326 :

حضرت جابر رضی اللہ عنہ فرمايو تہ نبي ڪريم صلی اللہ علیہ وسلم گھر وارن کان پوڙ گھريو، انهن عرض ڪيو تہ اسان وٽ سُرڪي کان سواءِ ٻيو ڪجهہ بہ نہ آهي. پاڻ اُهو گھرائي ڪاڏائون ۽ فرمايائون تہ: "سُرڪو پلو سالن (پوڙ) آهي. سرڪو پلو سالن آهي." (مسلم) [1]

زيتون جو تيل :

زيتون جو وڻ وڏين برڪتن وارو وڻ آهي. ان جو تيل مٿي ۾ لڳائڻ گھرجي ۽ اهو تيل گھٽين بيمارين لاءِ دوا آهي. پوڙ جو ڪم بہ ڏيندو آهي، دل ۽ دماغ کي طاقت عطا ڪندو آهي. جيڪو زيتون اسان جي ملڪ ۾ ٿئي ٿو اهو زيتون ٻيو آهي. حديث پاڪ ۾ جنهن زيتون جو ذڪر آهي سو فلسطين جي بابرڪت زمين ۾ ٿيندو آهي، ان جو تيل بازار ۾ ملي سگھي ٿو.

---

[1] حديث نمبر 326: عَنْ جَابِرِ بْنِ عَبْدِ اللَّهِ أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ سَأَلَ أَهْلَهُ الْأُدُمَ فَقَالُوا مَا عِنْدَنَا إِلَّا خَلٌّ فَدَعَا بِهِ فَجَعَلَ يَأْكُلُ بِهِ وَيَقُولُ نِعْمَ الْأُدُمُ الْخَلُّ نِعْمَ الْأُدُمُ الْخَلُّ. صحيح مسلم بَاب فَضِيلَةِ الْخَلِّ وَالتَّأَدُّمِ بِهِ ج 10 / ص 372۔ الرقم: 3824) مسند أحمد: مسند جابر بن عبدالله رضي الله عنهما ج 29 / ص 446۔ الرقم: 14397)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 327 :

حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو ته زيتون جو تيل ڪائو ۽ مٿي ۾ لڳايو به ڇو ته اهو برڪت واري وڻ مان آهي. (ترمذی)[1]

زيتون جو تيل ڪائڻ يا ان جو استعمال ڪرڻ بواسير کي ختم ڪري ٿو، ڪوڙهه کي ختم ٿو، ڪراڙپ جون ڪمزوريون وڃائي ٿو، اکين ۾ لڳائڻ سان موتيو پاڻي ختم ڪري ٿو، اعصابن کي مضبوط ڪري ٿو، وڏي ڳالهه هي ته زيتون جو تيل لڳائيندڙ کان شيطان پري پيڃي ٿو. (طب نبوي)

ڪڪڙ جو گوشت :

ڪڪڙ جو گوشت ڪائڻ سنتِ مصطفيٰ ﷺ آهي.

حديث نمبر 328 :

عَنْ أَبِي مُوسَى قَالَ رَأَيْتُ رَسُولَ اللهِ ﷺ يَأْكُلُ لَحْمَ دَجَاجٍ (ترمذی)[2]

حضرت ابو موسيٰ رضی اللہ عنہ فرمايو ته مون رسول الله ﷺ کي ڪڪڙ جو گوشت کائيندي ڏٺو.

حلوو ۽ ماکي ڪائڻ :

حديث نمبر 329 :

عَنْ عَائِشَةَ رَضِيَ اللهُ عَنْهَا قَالَتْ كَانَ رَسُولُ اللهِ ﷺ يُحِبُّ الْحَلْوَاءَ وَالْعَسَلَ

(ترمذی، بخاری)[3]

عائشه صديقه رضي الله عنها فرمايو ته رسول الله ﷺ جن حلوي ۽ ماکيءَ سان محبت رکندا هئا.

---

[1] حديث نمبر 327: عَنْ أَبِي أَسِيدٍ قَالَ قَالَ النَّبِيُّ ﷺ كُلُوا الزَّيْتَ وَادَّهِنُوا بِهِ فَإِنَّهُ مِنْ شَجَرَةٍ مُبَارَكَةٍ . سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي أَكْلِ الزَّيْتِ (ج 7/ص 45۔الرقم: 1775) سنن ابن ماجه بَاب الزَّيْتِ (ج 10/ص 59۔الرقم: 3310) مسند أحمد (ج 32/ص 264۔الرقم: 15474)

[2] حديث نمبر 328: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي أَكْلِ الدَّجَاجِ (ج 7/ص 2۔الرقم: 1750) سنن الدارمي (ج 6/ص 243۔الرقم: 2107)

[3] حديث نمبر 329: صحيح البخاري بَاب الْحَلْوَاءِ وَالْعَسَلِ (ج 17/ص 54) صحيح مسلم بَاب وُجُوبِ الْكَفَّارَةِ عَلَى مَنْ حَرَّمَ امْرَأَتَهُ وَلَمْ يَنْوِ الطَّلَاقَ (ج 7/ص 430۔الرقم: 2695) سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي حُبِّ النَّبِيِّ ﷺ الْحَلْوَاءَ وَالْعَسَلَ (ج 7/ص 10۔الرقم: 1754)

Scanned by CamScanner

رات جي ماني ضرور کائو :

حديث نمبر 330 :

تَعَشَّوا وَلَوْ بِكَفٍّ مِنْ حَشَفٍ فَإِنَّ تَرْكَ الْعَشَاءِ مَهْرَمَةٌ (ترمذی)[1]

رات جي ماني کائڻ جي عادت رکو، پلي کٽي هڪ مٺ کجور جي هجي جو تہ رات جو کاڏو چڏي ڏيڻ کراڙپ جو سبب آهي. (يعني جيڪو رات جو کاڏو نہ کائيندو اهو جلد کراڙو ٿي ويندو).

طعام گڏجي کائو :

گهر ۾ طعام گڏجي کائڻ وڏيڪ برڪت جو باعث آهي. ان سان رزق ۾ ڪشادگي ٿئي ٿي ۽ پاڻ ۾ محبت وڌي ٿي، هڪ ٻئي جي خوبين ۽ خامين جي خبر پوي ٿي ۽ خامين جو اصلاح ٿئي ٿو.

حديث نمبر 331:

رسول الله ﷺ کي اصحابن عرض ڪيو تہ يا رسول الله اسان کائون ٿا پر ڍوُ نہ ٿو ٿئي. پاڻ فرمايائون شايد توهان جدا جدا ٿا کائو. چيائون هائو. پاڻ فرمايائون :

فَاجْتَمِعُوا عَلَى طَعَامِكُمْ وَاذْكُرُوا اسْمَ اللَّهِ عَلَيْهِ يُبَارَكْ لَكُمْ فِيهِ (ابوداؤد)[2]

پنهنجي کاڏي تي گڏجي وجو (گڏجي کائو) ۽ الله جو نالو ياد ڪيو، (بسم الله الرحمن الرحيم پڙهو) توهان لاءِ ان (طعام) ۾ برڪت ڪئي ويندي.

گڏجي کائڻ جا آداب به ذهن ۾ رکو ۽ انهن تي عمل به ڪيو.

آداب :

1. پنهنجي پاسي کان کائو. 2. پاڻ کي ڍوُ ٿي وجي تہ به پين جو خيال رکو. جڏهن سڀ کائي ڍوُ ڪن تڏهن طعام مان هٿ ڪڍو.

---

[1] حديث نمبر 330: سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي فَضْلِ الْعَشَاءِ ج 7/ ص 52. الرقم: 1779)

[2] حديث نمبر 331: سنن أبي داود بَاب فِي الِاجْتِمَاعِ عَلَى الطَّعَامِ ج 10/ ص 215. الرقم: 3272) سنن ابن ماجه بَاب الِاجْتِمَاعِ عَلَى الطَّعَامِ ج 10/ ص 9. الرقم: 3277)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 332 :

رسول الله ﷺ جن فرمايو ته گڏجي ڪائو، جدا جدا نه ٿيو ڇو ته جماعت ۾ برڪت آهي.

(ابن ماجه)[1]

بيمارن سان گڏ ڪائڻ جي بيان ۾:

ڪن ماڻهن کي وڇڙندڙ بيماريون هونديون آهن هڪ جو اثر يڪدم ٻئي تي ٿيندو آهي. اهڙن بيمارن سان گڏجي ڪائڻ نه گهرجي، جيئن ٽي بي، ايڊز، وبا، ليس، زڪام، خارش، ڪوڙهه وغيره جا مريض.

حديث نمبر 333:

فِرَّ مِنَ الْمَجْذُومِ كَمَا تَفِرُّ مِنَ الْأَسَدِ (بخاری، تعليقا عن ابی هريره)[2]

ڪوڙهه واري کان ائين پڇ جيئن شينهن کان پڇبو آهي.

حديث نمبر 334:

لَا تُدِيمُوا النَّظَرَ إِلَى الْمَجْذُومِينَ (ابن ماجه)[3] ڪوڙهين کي گهٽو چتائي نه ڏسو.

هڪ روايت ۾ ائين به آيو آهي ته ڪوڙهه وارن سان گالهايو ته وچ ۾ ٻن نيزن جيتري وٿي رکو.

هڪ روايت آهي ته پاڻ ڪريم ﷺ فرمايو ته بيمار اڻن وارا تندرست اڻن وارن وٽ نه اچي رهن.

ڪوڙهه جو علاج :

حديث نمبر 335:

غُبَارُ الْمَدِينَةِ شِفَاءٌ مِّنَ الْجِذَامِ (مشكواة المصابيح)[4]

مدينه پاڪ جو غبار (ڏوڙ) ڪوڙهين لاءِ شفا آهي.

---

[1] حديث نمبر 332: عن عُمَرَ بنِ الخَطَّابِ قال قَالَ رَسُولُ اللهِ ﷺ كُلُوا جَمِيعًا وَلَا تَفَرَّقُوا فَإِنَّ الْبَرَكَةَ مَعَ الْجَمَاعَةِ. سنن ابن ماجه بَاب الِاجْتِمَاعِ عَلَى الطَّعَامِ ج 10 / ص 10. الرقم: 3278) المعجم الكبير للطبراني ج 11 / ص 276. الرقم: 582)

[2] حديث نمبر 333: البخاري بَاب الْجُذَامِ ج 17 / ص 176) مسند أحمد ج 19 / ص 388. الرقم: 9345)

[3] حديث نمبر 334: سنن ابن ماجه بَاب الْجُذَامِ ج 10 / ص 382. الرقم: 3533) المعجم الكبير للطبراني عن الْحُسَيْنِ بن عَلِيّ رضي الله عنهما ج 3 / ص 215. الرقم: 2829) مسند أحمد ج 5 / ص 3. الرقم: 1971)

[4] حديث نمبر 335: كنز العمال ج 12 / ص 236. الرقم: 34828) كشف الخفاء ج 2 / ص 78. الرقم: 1801)

Scanned by CamScanner

آڱريون چٽڻ جي بيان ۾ :

حديث نمبر 336 :

إِذَا أَكَلَ أَحَدُكُمْ فَلْيَلْعَقْ أَصَابِعَهُ فَإِنَّهُ لَا يَدْرِي فِي أَيَّتِهِنَّ الْبَرَكَةُ (ترمذي)[1]

جڏهن توهان مان کو ماني کائي تہ ان کي گهرجي تہ پنهنجون آڱريون چٽي چو تہ ان کي خبر ناهي تہ کهڙي (آڱر) ۾ برکت آهي.

دسترخوان تي کريل گرهہ کٽي کائو :

حديث نمبر 337:

رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ جڏهن توهان مان کنهن کان کائيندي گرهہ دسترخوان تي کري پوي تہ جنهن ۾ شک آهي اُهو حصو جدا کري باقي کائي چڏي. ان کي شيطان لاءِ چڏي نہ ڏئي. (ترمذي)[2]

بيمارن کي کائڻ لاءِ مجبور نہ کيو :

جڏهن کو ماڻهو بيماري ٿي پوي تہ ان کي جَوَن جي ڪش يا کچڙي وغيره هلکي غذا کارايو، اگر کنهن طعام کائڻ جي خواهش کري تہ اهو طعام کيس کارايو. پر جيکڏهن ان جي طبيعت کاڏي ڏانهن مائل نہ هجي تہ ان کي کائڻ لاءِ مجبور نہ کيو.

حديث نمبر 338:

لَا تُكْرِهُوا مَرْضَاكُمْ عَلَى الطَّعَامِ فَإِنَّ اللهَ يُطْعِمُهُمْ وَيَسْقِيهِمْ. (ترمذي-ابن ماجه)[3]

پنهنجي مريضن کي کاڏي کائڻ لاءِ مجبور نہ کيو چو تہ الله تعاليٰ انهن کي کارائيندو به آهي پيارينڊو به آهي.

---

[1] حديث نمبر 336: صحيح مسلم بَاب اسْتِحْبَابِ لَعْقِ الْأَصَابِعِ وَالْقَصْعَةِ (ج 10/ص 332-الرقم: 3796)
سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي لَعْقِ الْأَصَابِعِ بَعْدَ الْأَكْلِ (ج 6/ص 460-الرقم: 1723)

[2] حديث نمبر 337: عَنْ جَابِرٍ أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ إِذَا أَكَلَ أَحَدُكُمْ طَعَامًا فَسَقَطَتْ لُقْمَةٌ فَلْيُمِطْ مَا رَابَهُ مِنْهَا ثُمَّ لِيَطْعَمْهَا وَلَا يَدَعْهَا لِلشَّيْطَانِ. سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي اللُّقْمَةِ تَسْقُطُ (ج 6/ص 462-الرقم: 1724)

[3] حديث نمبر 338: قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَا تُكْرِهُوا مَرْضَاكُمْ عَلَى الطَّعَامِ فَإِنَّ اللهَ يُطْعِمُهُمْ وَيَسْقِيهِمْ. سنن الترمذي (ج 7/ص 353-الرقم: 1963) سنن ابن ماجه بَاب لَا تُكْرِهُوا الْمَرِيضَ عَلَى الطَّعَامِ (ج 10/ص 245-الرقم: 3435)

Scanned by CamScanner

کاڏي پيتي جا شرعي آداب

1. کاڏي کي الله جي نعمت سمجھو.
2. جيڪو به حلال کاڏو ملي شڪر ڪري کائو.
3. کاڏي مان عيب نہ ڪڍو.
4. کاڏي کائڻ اڳ ۽ کائڻ کان پوءِ ڪارائين تائين هٿ ڌوئو.
5. کاڏي کان اڳ هٿ ڌوئڻ کان پوءِ هٿن کي ٽوال سان نہ اگھو۽ کائڻ کان پوءِ هٿ ڌوئي اگھو.
6. هٿن کي صرف ٽشو پيپر سان صاف ڪرڻ ڪافي ناهي.
7. کاڏو ڪڇي وڇڻ کان اڳ دسترخوان تان نہ اٿو.
8. ماني ويهي کائو.
9. کاپو پير وڃائي ان تي ويهو ساڃو گوڏو مٿي اپو رکو.
10. يا اوکڙو ويهي کائو.
11. جُتي لاهي ماني کائو.
12. کائڻ مهل بنا عذر جي کاپو هٿ زمين تي ٽيڪي نہ ويهو.
13. اگر ڪرسي تي ويهو تہ هڪ ران تي پير رکي نہ کائو.
14. ستل يا ٽيڪ لڳايل صورت ۾ کاڏو نہ کائو.
15. ٻيٽي يا هلندي هلندي ماني نہ کائو.
16. مانيءَ جا ٽڪرا هيٺ نہ ڪيرايو.
17. کاڏي جي ڪابہ شيءِ پيرن ۾ نہ لتاڙيو.
18. سون چانديءَ جي ٽانوڻ ۾ نہ کائو.

Scanned by CamScanner

19. کاڏي کان اڳ ۾ "بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ" پڙهو پر جيڪڏهن پڙهڻ وسري وئي ته وچ کاڏي ۾ ياد اچي ته پوءِ چئو: "بِسْمِ اللّٰهِ اَوَّلَهُ وَ آخِرَهُ"

20. بسم الله ڏاڍيان پڙهو ته دسترخوان تي ويٺل پين کي به ياد اچي.

21. کاڏي جي کاب شيءِ کنهن کي ڏيو ته ساڃي هٿ سان ڏيو. وٺو ته ساڃي هٿ سان وٺو.

22. ساڃي هٿ جي ٽن آڱرين اشهد، وچين ۽ آڱوٺي سان کائو. ضرورت جي وقت چوٽين آڱر به ملائي سگهجي ٿي. پنجن آڱرين سان کائڻ حريص (لالچي) ماڻهن جو ڪم آهي.

23. کاڏي کان اڳ ۾ ۽ پوءِ لوڻ ڪٽان چٽيو اهو ستر بيمارين جو علاج آهي.

24. لوڻ چٽڻ ۾ ڪوڙهه، چرپائي، پيٽ جو سور وغيره جو به علاج آهي.

25. کاڏي ۾ اول ڇهرو کاڏو کائو آخر ۾ مٺو.

26. پاڻي مانيءَ جي مٽان نه پيئو بلڪه کاڏي جي وچ ۾ پاڻي پيو.

27. مٺائي، ميوات مثلاً گدرو، چانهي، صوف، انگور يا تيل ۾ تريل شيون جيئن پکوڙا سموسا وغيره کائي مٽان پاڻي نه پيئو ان سان بيمارين جا خطرات آهن.

28. کاڏي کائڻ ۾ ڪا ٻ شريڪ هجن ته پنهنجي پاسي کان کائو. پرائي پاسي کان نه کائو. توهان جي پاسي کا پوتي هجي ته ان مان ڪجهه حصو ورهائي پاسي واري کي به ڏيو اِهو به ايثار آهي.

29. جيڪڏهن هڪ برتن ۾ مختلف قسمن جون شيون هجن ته هيڏانهن هوڏانهن کائڻ جائز آهي.

30. کاڏي جي شين کي ڦوڪ نه ڏيو جيئن گرم چانهن ٺارڻ لاءِ ماڻهو ڦوڪ ڏيندا آهن.

31. گرم کاڏو هرگز نه کائو، طعام ٺاري کائو چو ته گرم کاڏي ۾ برڪت ناهي، گرم چانهن پيئندڙن تي ڪنهن طنز ڪندي چيو آهي ته:

يا رب لبِ مسلم کو وہ چائے کا پیالہ دے
جو دانت کو گرما دے جو آنت کو تڑپا دے

32. کاڏي وقت ڪجهه نه ڪجهه گفتگو ڪندا رهو، بلڪل خاموش ٿي کائڻ مجوسين جو طريقو آهي. پر گفتگو ۾ شائستگي هجي، ڪنهن جي دل آزاري نه هجي.

Scanned by CamScanner

33. ڪاڏي وقت گندين شين جا نالا نہ ونو. ڪنهن ماڻهو جي عادت هئي تہ ڪاڏي جي وقت پيشاب پاڻ خاني جي ڀڳالھ ضرور ڪندو هيو. هڪ دعوت ۾ ماڻهن ان کي منع ڪيو تہ هيءُ بيت پڙهيائين :

دوست کو کھانا کھلایا میں نے اپنے دست سے
پیاس جب اُس کو لگی پیشاب میں نے کردیا

34. ڪاڏي کان فارغ ٿيڻ بعد ٽي سگهي تہ ڏندڻ ڪيو.

35. ڪاڏي کان اڳ وضو ڪرڻ هڪ نيڪي آهي ۽ ڪاڏي بعد وضو ڪرڻ به نيڪيون آهن.

36. ڪاڏي کان بعد ڏندن مان جيڪي ڪاڏي جا ذرا زبان سان نڪرن اُهي ڪائي ڇڏيو جيڪي ڪنهن پي شيءِ سان ڪڍيا وڃن تہ اُهي ٻاهر ڪڍي اڇلايو.

37. ڏندن جي حفاظت بدن جي صحت چاهيو تہ ڪاڏي بعد ڏندن مان مانيءَ جا ذرڙا ڪائيءَ سان ڪوٽي ڪيو. ڪائي ڪوڙي هجي تہ بهتر ڪنهن ميوبدار وڻ جي ڪائي نہ هجي. سون، چاندي، پتل، ٽامو انهن ٽنهين ڌاتن سان ڏند صاف نہ ڪيو، ان طرح ڪوڪو يا سُئي يا پن وغيره سان به ڏند نہ ڪوٽيو.

38. گهر ۾ ڪائو تہ گهروارن سان گڏجي ڪائو، اگر مهمان هجي تہ گهر ڌڻيءَ کي گهرجي تہ مهمان سان گڏجي ڪائي.

39. بي مروت ماڻهن وٽ مهمان بنجي نہ وجو.

40. ننڍا گرهہ ڪائو ۽ خوب چٻاڙي ڪائو.

41. سڙيل مانيءَ نہ ڪائو.

42. ڪتل ۽ ڪشمش گڏ نہ ڪائو، ان سان بيمارين پيدا ٿيڻ جو امڪان آهن.

43. ميوا ڪاڏي ڪائڻ کان اڳ ڪائو.

44. ڪاڏي ڪائڻ کان پوءِ آڱريون چٽيو.

45. ڪاڏي کي الله جي عطا سمجهي ان جو شڪر ادا ڪيو.

Scanned by CamScanner

مهمان جا آداب

خوشبخت آهي اُهو گهر جنهن ۾ مهمان ايندا آهن. سرور عالم ﷺ فرمايو ته :

مَنْ كَانَ يُؤْمِنُ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْآخِرِ، فَلْيُكْرِمْ ضَيْفَهُ (ابن ماجه)[1]

جيڪو الله ۽ آخرت جي ڏينهن تي ايمان رکي ٿو ان کي گهرجي ته پنهنجي مهمان جي عزت و احترام ڪري.

1. مهمان جو اچڻ پنهنجي لاءِ غنيمت سمجهو.
2. مهمان اچي ته کلندڙ چهري سان سندس آجيان ڪيو.
3. مهمان موٽي ته چند قدم اڳتي ان سان هلي رخصت ڪيو.

تواضع کا طریقہ میزبان سیکھے صُراحی سے کہ جاری فیض بھی ہے اور جھکی جاتی ہے گردن بھی

4. مهمان کي ڪنهن ڪم ڪرڻ جو حڪم نه ڪيو.
5. مهمان کي ان جي خواهش جو ڪاڏو ڪارائڻ واري تي دوزخ جي باهه حرام ڪئي وڃي ٿي. (بيهقي، شعب الايمان)
6. مهمان کي حلال پاڪيزه مال مان دعوت کارايو.
7. مهمانن جي اڳيان جيڪي ٿانو اڳيان آڻيو اُهي صاف ۽ چٽي طرح ڌوتل هجن.
8. ميوات کائو يا مهمان کي کارايو ته اول ڌوئي صاف ڪري پوءِ کائو.
9. محفل ۾ ڪا شيءِ ورهايو ته ساڄي طرف کان شروع ڪيو.
10. مهمانِ جي ڪاڏي پيتي جو ڪم چوڪرن يا نوڪرن جي حوالي ڪري نه ڇڏيو بلڪ خود نگراني ڪيو. 11. بنا دعوت جي پرائي پت ۾ نه وڃو. جيڪو بنا دعوت جي ويو اهو چور بنجي ويو، ڏاڙيل بنجي موٽيو. 12. ماني کائڻ واري کي چتائي نه ڏسو ۽ مهماني جو حق ٽن ڏينهن تائين آهي.

---

[1] سنن ابن ماجه (2/ 1211)

Scanned by CamScanner

باب ستون

حلال ۽ حرام جي باري ۾

هر مسلمان کي حلال ۽ حرام جي تميز رکڻ لازم آهي. ان کي ايتري ته چاڻ لازمي هجڻ گهرجي ته کهڙيون شيون حلال آهن؟ کهڙيون شيون حرام آهن؟ کهڙا کم حلال آهن کهڙا کم حرام آهن؟ چو ته عبادت جو حڪم پوءِ آهي، اول حلال کائڻ جو حڪم آهي. جيئن قرآن پاڪ ۾ رب ڪريم فرمايو آهي ته:

كُلُوْا مِنَ الطَّيِّبٰتِ وَاعْمَلُوْا صَالِحًا ۝ (المومنون: ۵۱)

کائو پاکيزه شيون ۽ عمل ڪيو چڱا.

صالح عمل ڪرڻ جي حڪم کان اڳ پاکيزه کاڌي کائڻ جو حڪم ڏئي رب پاڪ کاڌي جي اهميت ٻڌائي ته اول رزق حلال آهي ان کان پوءِ عبادت آهي. هڪ ٻي جاءِ تي رب پاڪ فرمايو ته:

لَا تَاْكُلُوْٓا اَمْوَالَكُمْ بَيْنَكُمْ بِالْبَاطِلِ ۝ (البقرة:۱۸۸)

پاڻ ۾ هڪ ٻئي جو ناحق مال نه کائو.

ناحق مال کائڻ، پراوا حق ڦٻائڻ، ظلم سان مسڪينن جون ملڪيتون ضبط ڪرڻ ۽ يتيمن جا مال ڦڙڪائڻ جهنم جا ٽانڊا پنهنجي پيٽ ۾ وجهڻ جي برابر آهي. ملاحظه فرمايو رب پاڪ فرمايو ته:

اِنَّ الَّذِيْنَ يَاْكُلُوْنَ اَمْوَالَ الْيَتٰمٰى ظُلْمًا اِنَّمَا يَاْكُلُوْنَ فِيْ بُطُوْنِهِمْ نَارًا ؕ

وَسَيَصْلَوْنَ سَعِيْرًا ۝ (النساء: ۱۰)

بيشڪ اُهي ماڻهو جيڪي يتيمن جو مال ناحق کائن ٿا. اُهي پنهنجي پيٽ ۾ (جهنم جي) باهه ٿا پرن ۽ جلد ڇيين واري باهه ۾ پهچندا.

Scanned by CamScanner

حديث پاڪ ۾ اچي ٿو تہ الله پاڪ قبرن مان هڪ قوم کي اٿاريندو تہ جهنم جي باهہ جا ٽانڊا انهن جي پيٽن مان نڪرندا ۽ باهہ جا شعلا انهن جي واتن مان پيا نڪرندا، ماڻهن پڇيو تہ يا رسول الله اُهي ڪير ماڻهو هوندا؟ پاڻ فرمايائون يتيمن جو مال ظلم سان کائڻ وارا. (ابن ڪثير)

حديث نمبر 339:

سيد المعصومين امام المرسلين سيدنا محمدعربي ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ :

طَلَبُ الْحَلَالِ وَاجِبٌ عَلٰى كُلِّ مُسْلِمٍ (الترغيب والترهيب)[1]

حلال جي طلب ڪرڻ هر مسلمان تي فرض آهي.

حديث نمبر 340:

حضرت سالم حذيفہ رضی اللہ عنہ جو آزاد ڪيل غلام روايت ڪري ٿو، تاجدارِ مدينہ ﷺ جن فرمايو تہ قيامت واري ڏينهن هڪڙا اهڙا ماڻهو آندا ويندا جن وٽ تهامہ جي جبلن جيترا عمل هوندا، جڏهن اُهي رب اڳيان ايندا تہ انهن جا عمل سپ ختم ٿي ويندا ۽ انهن کي جهنم ۾ اڇلايو ويندو. سالم عرض ڪيو يا رسول الله منهنجا ماءُ پيءُ توهان تي قربان! اسان کي ان قوم جي متعلق ڪولي ٻڌايو تہ جيئن اسان ان کي چگي طرح سڃاڻي سگهون. ان ذات جو قسم جنهن توهان کي حق سان موڪليو آهي مان ڊڄان ٿو، ڪٽي منهنجو شمار انهن ماڻهن مان نہ ٿئي. تہ پاڻ فرمايائون اُهي نمازون پڙهندڙ، روزا رکندڙ ۽ رات جو جاڳڻ وارا بہ هوندا پر انهن کي جڏهن کا حرام شيءِ ڏني ويندي هئي تہ اُهي وٺندا هئا. بس ان سبب جي ڪري انهن جا سپ عمل چٽ ٿي ويندا. (طبراني)[2] حلال حرام جي تميز نہ ڪرڻ جي سبب، حرام کاڌا کائڻ جي سبب انهن جون سپ عبادتون بيڪار ٿي ويندين ۽ اُهي جهنم ۾ اڇلايا ويندا. الله تعالىٰ شال اسان کي جهنم جي باهہ کان بچائي.

---

[1] حديث نمبر 339: واخرجه الطبراني في المعجم الكبير بلفظ: طَلَبُ الْحَلَالِ فَرِيضَةٌ بَعْدَ الْفَرِيضَةِ.
المعجم الكبير للطبراني: عَنْ عَبْدِ اللَّهِ (ج 8 / ص 400 ـ الرقم: 9851) ضعيف الترغيب والترهيب للألباني (ج 1 / ص 267 ـ الرقم: 1066) كنز العمال (ج 4 / ص 5 ـ الرقم: 9204) تخريج أحاديث الإحياء (ج 4 / ص 137 ـ الرقم: 1637)

[2] حديث نمبر 340: معرفة الصحابة لأبي نعيم الأصبهاني :سالم بن عبيد الأشجعي من أهل الصفة. (ج 9 / ص 415)

Scanned by CamScanner

هر مسلمان کي لازم آهي تہ اُهي ڳالهيون سکي ۽ سموري معلومات حاصل ڪري تہ ان تي ڪهڙيون شيون حرام ۽ ڪهڙيون شيون حلال آهن. ڪهڙا ڪم حلال ۽ ڪهڙا حرام آهن؟ ڪهڙا رشتا حلال آهن، ڪهڙا حرام آهن؟ ڪهڙا لباس حلال آهن، ڪهڙا حرام آهن؟ ڪهڙا کاڌا حلال آهن ڪهڙا حرام آهن؟ هاڻي احاديثِ نبويہ جي روشني ۾ ملاحظہ فرمايو:

حديث نمبر 341:

صحيح مسلم ۾ هڪ حديث آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ هڪ ماڻهو ڊگهي سفر ۾ آهي. ان جا ڪپڑا سيرڙا وار غبار آلود ٿي وڃن ٿا. پنهنجا هٿ مٿي ڪري (ان هيڻي حال ۾) الله کي سڏي ٿو يا رب يا رب جون صدائون لڳائي ٿو. حالانڪہ ان جو کاڌو حرام جو آهي، پيتو حرام جو آهي، لباس حرام جو آهي ۽ غذا حرام جي اٽس تہ پوءِ ڪيئن الله ان جي دعا قبول ڪندو. (مسلم)[1]

دعائن جي قبوليت پوءِ آهي، عبادتن جو اڳهاڻ پوءِ آهي. اول رزق حلال آهي. جنهن کي حلال حرام جي تميز نہ آهي، ان کي عبادتن مان صرف ٿڪاوٽ نصيب ٿيندي آهي.

شيون حلال ڇو ۽ حرام ڇو؟

الله ۽ ان جي حبيب ﷺ ڪن شين کي حرام قرار ڏنو آهي ۽ انهن جي کائڻ واپرائڻ کان منع فرمائي آهي ۽ ڪن شين کي حلال بنايو آهي ۽ انهن جي کائڻ جو امر ڪيو آهي. ان ۾ حڪمت ڪهڙي آهي؟

جاڻڻ گهرجي تہ جيڪي شيون انسان جي عقل، تندرستي يا حياتي کي ختم ڪن ٿيون انهن کي رب پاڪ حرام ڪيو آهي. مثلاً سوئر کي حرام ڪيو ويو آهي ڇو تہ ان کي اُهي سڀ بيماريون لڳن ٿيون جيڪي انسانن کي لڳن ٿيون، ان کي دل جو دورو پوي ٿو هيضو ٿئي ٿو، ان جو گوشت کائڻ واروبہ انهن بيمارين ۾ مبتلا ٿي سگهي ٿو.

---

[1] حديث نمبر 341: قال رسول الله ﷺ: الرَّجُلُ يُطِيلُ السَّفَرَ أَشْعَثَ أَغْبَرَ يَمُدُّ يَدَيْهِ إِلَى السَّمَاءِ يَا رَبِّ يَا رَبِّ وَمَطْعَمُهُ حَرَامٌ وَمَشْرَبُهُ حَرَامٌ وَمَلْبَسُهُ حَرَامٌ وَغُذِيَ بِالْحَرَامِ فَأَنَّى يُسْتَجَابُ لِذَلِكَ. صحيح مسلم بَاب قَبُولِ الصَّدَقَةِ مِنْ الْكَسْبِ الطَّيِّبِ وَتَرْبِيَتِهَا (ج 5 / ص 192۔ الرقم: 1686) سنن الترمذي بَاب وَمِنْ سُورَةِ الْبَقَرَةِ (ج 10 / ص 249۔ الرقم: 2915)
مسند أحمد: مسند أبي هريرة (ج 17 / ص 40۔ الرقم: 7998)

Scanned by CamScanner

ان جو گوشت کائڻ وارو سنڈن جي سُور وائي وغيره جهڙين بيمارين ۾ مبتلا ٿي سگهي ٿو، انڪري ان جانور جي گوشت کي حرام ڪيو ويو آهي. ان طرح ٻيا به جيڪي جانور حرام ڪيا ويا آهن انهن ۾ به صحت انساني لاءِ ضرور ڪي نه ڪي نقصان آهن. ٻيو اُهي عمل به حرام ڪيا ويا آهن جن سان ڪنهن ٻئي مسلمان جي دل آزاري ظلم، ذلت، يا حق تلفي ٿئي.

مثال:

- يتيم جو مال حرام آهي ڇو ته ان سان حق تلفي ٿئي ٿي.
- زنا حرام آهي ڇو ته ان سان ٻئي مسلمان جي دل آزاري ۽ حق تلفي ٿئي ٿي ۽ ان جي عزت و آبرو برباد ٿئي ٿي.
- وياج حرام آهي ڇو ته ان سان ٻين مسلمانن سان ظلم ٿئي ٿو.
- رشوت حرام آهي ڇو ته ان سان ٻين جي حق تلفي ٿئي ٿي.
- ڪاوڙ حرام آهي ڇو ته ان ۾ ماڻهو پنهنجي لاءِ يا ٻين مسلمانن لاءِ غلط قدم کڻي ويندو آهي. جنهن سان سندس عزت، مال ۽ دين جو نقصان ٿئي ٿو.

حديث نمبر 342 :

هڪ اصحابي ڇيو ته مون رسول الله ﷺ کي عرض ڪيو ته يا رسول الله مون کي نصيحت فرمايو. ٻاڻ فرمايائون : "لاتغضب" ڪاوڙ نه ڪر. مون وڃي ان ڳالهه تي غور ڪيو ته مون ڏٺو سڀ برايون ڪاوڙ ۾ مون کي نظر آيون. (بخاري) [1]

ان طرح جيڪي به شيون الله ۽ ان جي حبيب مڪرم ﷺ حرام ڪيون آهن انهن ۾ غور ڪبو ته انهن ۾ هزارين برايون نظر ايندیون. اگر سڀ حرام شين جو ذڪر ڪجي ته وڏا دفتر گهرجن. هتي صرف انهن حرام شين جو ذڪر ڪجي ٿو جيڪي اسان جي معاشري لاءِ هڪ خاموش قاتل آهن، جن کان اسان جي معاشري ۾ ڪا نفرت نه ٿي ڪئي وڃي.

---

[1] حديث نمبر 342: عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ رَضِيَ اللَّهُ عَنْهُ أَنَّ رَجُلًا قَالَ لِلنَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَوْصِنِي قَالَ لَا تَغْضَبْ فَرَدَّدَ مِرَارًا قَالَ لَا تَغْضَبْ. صحيح البخاري بَاب الْحَذَرِ مِنْ الْغَضَبِ (ج 19 / ص 74. الرقم: 5651)

Scanned by CamScanner

هر نشي آور شيءِ حرام آهي :

هر اُها شيءِ جيڪا نشي آور آهي سا حرام آهي، هر اُها شيءِ جيڪا گھٽي مقدار ۾ واپرائڻ سان نشو آڻي تہ ان جو ھڪ ذرو بہ حرام آهي. "نشي اچڻ" ۽ "نشي آور" هجڻ ۾ فرق آهي.

مثلاً ھڪ ماڻھو ڪڏھن بہ ڀنگ نہ پيتي آهي ان کي جيڪڏھن ھڪ پيالي پياربي تہ نشو چڙھي ويندس پر جيڪو ماڻھو روز پيئندڙ آهي ان کي سڄو ڪونڊو پياريو تہ بہ نشو نہ ايندس. پوءِ جيڪڏھن ڪابہ شيءِ جيڪا پنھنجي اصل ۾ نشي آڻڻ جي خاصيت رکي ٿي، اھا حرام آهي پوءِ ڪنھن کي نشو چڙھي يا نہ چڙھي. اسلام اِھو ھڪ اصول مقرر ڪري ڇڏيو آهي تہ "هر نشي آور شيءِ حرام آهي."

ڪيئي اھڙا نشا آهن جيڪي اڳ موجود نہ ھئا ۽ ماڻي بنايا ويا آهن. يا اڳتي ھلي جيڪي نشا ايجاد ٿيندا، اُهي سڀ ان ئي ھڪڙي اصول تحت حرام قرار ڏنا ويندا. هر نشہ آور شيءِ خمر آهي ۽ هر خمر حرام آهي. پوءِ اھا خشڪ شيءِ هجي يا پاڻيٺ هجي. ڪائڻ جي شيءِ هجي يا پيئڻ جي شيءِ هجي. ڀنگ، چرس، آفيم، شراب هي سڀ حرام آهن. شراب جا سڀ قسم ۽ هيروئن وغيره سڀ خمر ۾ شامل آهن ۽ اُهي سڀ حرام آهن. نشہ آور شيون "ام الخبائث" يعني سڀني گناهن ۽ برائين جي پاڙ آهن.

شراب، جوا ۽ دھل حرام آهن :

سڀني برين شين مان شراب سڀ کان بري شيءِ آهي. شرابي تي الله تعاليٰ جو قھر نازل ٿيندو آهي. شرابي جي چھري جو نور ۽ دل جو سرور ختم ٿي ويندو آهي. شرابي جي رزق مان برڪت کئين ويندي آهي. شرابي مان ايمان ائين نڪري ويندو آهي جيئن ڪو ماڻھو پنھنجي قميص لاهي اڇلائي ڇڏيندو آهي. شرابي ماڻھو ڪڏھن بہ جنت ۾ نہ ويندو. شرابين جو حشر بت پرستن سان گڏ ٿيندو. شرابي جو دين تباھ، مال تباھ، دنيا ۾ رسوائي ۽ آخرت ۾ تباهي آهي.

حديث نمبر 343 :

حضرت ابن عباس رضي الله عنهما حضور نبي ڪريم ﷺ کان روايت فرمائي آهي:

Scanned by CamScanner

إِنَّ اللَّهَ حَرَّمَ عَلَيَّ أَوْ حُرِّمَ الْخَمْرُ وَالْمَيْسِرُ وَالْكُوبَةُ قَالَ وَكُلُّ مُسْكِرٍ حَرَامٌ

(بيهقي، شعب الايمان)[1]

بيشڪ الله تعاليٰ حرام ڪيو آهي شراب کي ۽ جوا کي ۽ طبلن کي. فرمايائون ته هر نشي آور شيءِ حرام آهي. چيو ويو ته "ڪوبہ" معنيٰ طبلو آهي. فرمايائون هر نشي آور شيءِ حرام آهي.

حديث نمبر 344:

مَنْ شَرِبَ الْخَمْرَ لَمْ تُقْبَلْ لَهُ صَلَاةٌ أَرْبَعِينَ لَيْلَةً (احمد)[2]

جنهن ماڻهو شراب پيتو ته ان جي چاليهہ ڏينهن جو نمازون قبول نہ ڪيون ويندیون.

ڏهن ماڻهن تي لعنت :

حديث نمبر 345:

حضرت انس بن مالک رضي الله عنهما حضور ﷺ کان روايت فرمائي ته شراب جي معاملن ۾ حضور ﷺ ڏهن ماڻهن تي لعنت ڪئي:

1. شراب ٺاهڻ وارو. 2. شراب ٺاهرائڻ وارو 3. شراب پيئڻ وارو 4. شراب پهچائڻ وارو. 5. جنهن وٽ پهچايو ويو. 6. شراب وڪڻ وارو 7. شراب جي رقم کائڻ وارو. 8. خريد ڪرڻ وارو 9. جنهن لاءِ خريد ڪيو ويو. 10. جنهن جي جاءِ تي شراب ٺاهيو ويو. انهن ڏهن تي لعنت ڪيائون. (ابن ماجه، ترمذی)[3]

---

[1] حديث نمبر 343: سنن أبي داود بَاب فِي الْأَوْعِيَةِ (ج 10 / ص 122 ـ الرقم: 3210) شعب الإيمان للبيهقي (ج 11 / ص 112 ـ الرقم: 4904) السنن الكبرى للبيهقي (ج 10 / ص 221) مسند أحمد (ج 5 / ص 379 ـ الرقم: 2347)

[2] حديث نمبر 344: مسند أحمد: مسند عبد الله بن عمر رضي الله عنهما (ج 10 / ص 217 ـ الرقم: 4681) مصنف عبد الرزاق (ج 9 / ص 235 ـ الرقم: 17058) المعجم الكبير للطبراني (ج 11 / ص 22 ـ الرقم: 13264) شعب الإيمان للبيهقي (ج 12 / ص 59 ـ الرقم: 5336) مسند أبي يعلى الموصلي (ج 11 / ص 442 ـ الرقم: 5555)

[3] حديث نمبر 345: لَعَنَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِي الْخَمْرِ عَشْرَةً عَاصِرَهَا وَمُعْتَصِرَهَا وَشَارِبَهَا وَحَامِلَهَا وَالْمَحْمُولَةُ إِلَيْهِ وَسَاقِيَهَا وَبَائِعَهَا وَآكِلَ ثَمَنِهَا وَالْمُشْتَرِي لَهَا وَالْمُشْتَرَاةُ لَهُ. الترمذي (ج 5 / ص 108) ابن ماجه (ج 10 / ص 156)

Scanned by CamScanner

چار حرام شيون :

ڏوندي، سِير جو رت، سوئر جو گوشت ۽ غير الله جو نالو وٺي ذبح ڪيل جانور حرام آهن.

الله تعاليٰ جو فرمان آهي :

اِنَّمَا حَرَّمَ عَلَيْكُمُ الْمَيْتَةَ وَالدَّمَ وَلَحْمَ الْخِنْزِيْرِ

وَمَآ اُهِلَّ بِهٖ لِغَيْرِ اللّٰهِ ۚ (البقر: ۱۷۳)

بيشڪ الله پاڪ توهان تي حرام ڪيا آهن مردار ۽ رت ۽ سوئر جو گوشت ۽ اُهو جانور جيڪو غير الله جو نالو وٺي ذبح ڪيو ويو.

هن آيت ڪريمہ ۾ چئن شين جي حرمت بيان ڪئي وئي آهي.

1. **مُردار :** هر اُهو جانور جيڪو حرام هجي يا جانور تہ حلال هجي پر شرعي طريقي مطابق ذبح ڪرڻ کان سواءِ مري وڃي يا ان کي ڪنهن بہ طريقي سان ماريو وڃي. مثلاً ڪنهن حلال جانور کي ڪاهو ڏئي يا لٽ، پٽر سان ماريو وڃي تہ اُهو جانور حرام آهي. يا ڪنهن حلال زنده جانور جو ڪو عضوو ڪپيو وڃي تہ اُهو بہ حرام آهي. ها البتہ مُئل جانور جي چمڙي کي رنگ ڏئي استعمال ڪري سگهجي ٿو. مئل جانور جا سگ، هڏا، وار، ڪنهن ڪم ۾ آڻڻ جائز آهن.

2. **رت حرام آهي :** معنيٰ سِير جو وهندڙ رت. البتہ جانور ذبح ڪيو ويو ان جي گوشت ۾ رهيل رت حرام نہ آهي.

3. **سوئر :** هي جانور زندهہ مئل حرام آهي. هن جو گوشت، کل، هڏ چم سڀ حرام آهن.

4. **غير الله جو نالو وٺي ذبح ڪيل جانور :** اهو جانور جنهن جي ڪُهڻ وقت الله جو نالو نہ ورتو وڃي، ڪنهن بت، ڪنهن پير، بزرگ، وليءَ جو نالو وٺي ذبح ڪيو وڃي تہ اُهو جانور حرام آهي. باقي ڪهڻ وقت صرف الله جو نالو ورتائين تہ اُهو جانور حلال ٿي ويو پوءِ ان جانور جي نسبت ڪنهن ڏانهن بہ ڪيائين تہ حلال آهي. مثلاً چيائين فلاڻي جو عقيقو، فلاڻي جي پاران قرباني يا فلاڻي بزرگ جي ايصال ثواب لاءِ آهي تہ اُهو جانور حلال آهي. ڪُهڻ مهل "بسم الله الله اڪبر" چوڻ لازمي آهي. اگر ذبح ڪرڻ وقت غير الله جو نالو ورتو ويو تہ اُهو جانور حرام ٿي ويندو.

Scanned by CamScanner

جادو حرام آهي :

جادو ڪرڻ، جادو پڑهڻ، جادو سکڻ حرام آهي ۽ ڪفر آهي. رب فرمايو ته :

وَمَا كَفَرَ سُلَيْمٰنُ وَلٰكِنَّ الشَّيٰطِيْنَ كَفَرُوْا يُعَلِّمُوْنَ النَّاسَ السِّحْرَ ○

(البقرة:۱۰۲)

سليمان (عليه السلام) ڪفر ڪونہ ڪيو هيو، پر شيطانن ڪفر ڪيو جو ماڻهن کي جادو سيکارن ٿا.

جادو ڪرڻ به حرام آهي، جادو تي ويساهه ڪرڻ، ان تي يقين ڪرڻ، ان جي تصديق ڪرڻ حرام آهي. جادو جي ڪمائي ڪائڻ حرام آهي.

حديث نمبر 346 :

جيڪو ماڻهو ڪنهن غيب جي خبرون ڪندڙ (جادوگر، پوپي يا نجومي) وٽ آيو ۽ ان کان ڪنهن ڳالهه بابت پڇيائين ته ان جي چاليهه ڏينهن جي نماز قبول نه ٿيندي. (مسلم)[1]

حديث نمبر 347:

اصحابن رسول الله ﷺ کان پوپن جي باري ۾ پڇيو. پاڻ فرمايائون: انهن جي ڪا ڳالهه قابل يقين ناهي. عرض ڪيائون يا رسول الله ﷺ ڪڏهن ڪڏهن اهڙيون ڳالهيون ڪندا آهن جيڪي سچ ثابت ٿي پونديون آهن. پاڻ فرمايائون کو حق جو ڪلمو کو جِنُ ٻڌي ايندو آهي جيڪو پوپي جي ڪن ۾ وجهندو آهي پوءِ اُهي ان ۾ سو ڪوڙ ملائيندا آهن. (بخاری)[2]

---

[1] حديث نمبر 346: عَنْ صَفِيَّةَ عَنْ بَعْضِ أَزْوَاجِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ مَنْ أَتَى عَرَّافًا فَسَأَلَهُ عَنْ شَيْءٍ لَمْ تُقْبَلْ لَهُ صَلَاةٌ أَرْبَعِينَ لَيْلَةً. صحيح مسلم بَاب تَحْرِيمِ الْكَهَانَةِ وَإِتْيَانِ الْكُهَّانِ (ج 11 / ص 273 ـ الرقم:4137) مسند أحمد (ج 47/ص 199 ـ الرقم: 22138) الإبانة الكبرى لابن بطة (ج 3/ص 18 ـ الرقم: 994) المعجم الكبير للطبراني (ج 11/ص 181 ـ الرقم: 287)

[2] حديث نمبر 347: سَأَلَ رَسُولَ اللهِ ﷺ نَاسٌ عَنِ الْكُهَّانِ فَقَالَ لَيْسَ بِشَيْءٍ فَقَالُوا يَا رَسُولَ اللهِ إِنَّهُمْ يُحَدِّثُونَا أَحْيَانًا بِشَيْءٍ فَيَكُونُ حَقًّا فَقَالَ رَسُولُ اللهِ ﷺ تِلْكَ الْكَلِمَةُ مِنَ الْحَقِّ يَخْطَفُهَا مِنَ الْجِنِّيِّ فَيَقُرُّهَا فِي أُذُنِ وَلِيِّهِ فَيَخْلِطُونَ مَعَهَا مِائَةَ كَذْبَةٍ. صحيح البخاري بَاب الْكِهَانَةِ (ج 18/ص 51 ـ الرقم: 5320)

Scanned by CamScanner

لعنت وجهڻ گاريون ڏيڻ حرام آهن :

ڪنهن تي به لعنت وجهڻ، گاريون ڏيڻ هرگز جائز آهي. هڪ ٻئي تي لعنت ڪرڻ، گاريون ڏيڻ اڇلهه فيشن بنجي ويو آهي. لعنت ڪرڻ کي گناهه ئي نه ٿو سمجهيو وڃي حالانڪه رسول اڪرم ﷺ فرمايو آهي ته :

مَنْ لَعَنَ مُؤْمِنًا فَهُوَ كَقَتْلِهِ (بخاری)[1]

مومن تي لعنت وجهڻ ان کي قتل ڪرڻ جي برابر آهي.

حديث نمبر 348:

لَا يَكُونُ الْمُؤْمِنُ لَعَّانًا (ترمذی)[2]

مومن پانهو ڪڏهن به لعنت ڪندڙ نه هوندو آهي.

حديث نمبر 349 :

سِبَابُ الْمُسْلِمِ فُسُوقٌ وَقِتَالُهُ كُفْرٌ (بخاری، مسلم)[3]

مسلمان کي گار ڏيڻ گناهه آهي، قتل ڪرڻ ڪفر آهي.

حديث نمبر 350:

حضرت ابودرداء رضی اللہ عنہ کان روايت آهي ته رسول الله ﷺ فرمايو ته جڏهن ڪو ماڻهو ڪنهن شيءِ تي لعنت ڪري ٿو ته اُها لعنت آسمان تي چڙهي ٿي ته آسمان جا دروازا بند ٿي وڃن ٿا. پوءِ اها لعنت هيٺ زمين تي لهي ٿي ته زمين جا دروازا بند ٿي وڃن ٿا.

پوءِ ساڃي کاڌي ڦرندي آهي جڏهن کاڌ جاءِ ان کي نه ملندي آهي ته ان شيءِ تي لهندي آهي جنهن تي لعنت ڪئي وئي آهي. جيڪڏهن اُهو لعنت جو حقدار هوندو آهي ته ان تي پوندي آهي.

---

[1] حديث: صحيح البخاري بَاب مَا يُنْهَى مِنَ السِّبَابِ وَاللَّعْنِ (ج 18 / ص 478۔ الرقم: 5587)

[2] حديث نمبر 348: سنن الترمذي (ج 7 / ص 311۔ الرقم: 1942) مسند أبي يعلى الموصلي (ج 11 / ص 324۔ الرقم: 5437)

[3] حديث نمبر 349: صحيح البخاري بَاب مَا يُنْهَى مِنَ السِّبَابِ وَاللَّعْنِ (ج 18 / ص 475۔ الرقم: 5584) صحيح مسلم بَاب بَيَانِ قَوْلِ النَّبِيِّ ﷺ فُسُوقٌ وَقِتَالُهُ كُفْرٌ (ج 1 / ص 202۔ الرقم: 97) سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ سِبَابُ الْمُؤْمِنِ فُسُوقٌ (ج 9 / ص 226۔ الرقم: 2559) سنن النسائي (ج 12 / ص 477۔ الرقم: 4036)

Scanned by CamScanner

نہ تہ خود لعنت وجھندڑ تي پوندي آھي. (ابو داؤد) [1]

ڪنھن بہ انسان جانور، پکي، ھوا، زمين وغيرہ تي لعنت وجھڻ ھرگز نہ گھرجي ۽ نہ ئي ڪنھن کي گار ڏيڻ گھرجي.

قرض ونڊي واپس نہ ڪرڻ:

جنھن کان قرض ونڊجي تہ مقرر وقت تي واپس ڪرڻ لازم آھي. قرض جو معاملو ھن شاھدن جي اڳيان طي ڪرڻ گھرجي. قرض ونڊڻ واري کي ونڊڻ ۾ سختي نہ ڪرڻ گھرجي. قرض ڏيڻ واري کي ڏيڻ ۾ دير يا سستي نہ ڪرڻ گھرجي.

حديث نمبر 351:

وَالَّذِي نَفْسِي بِيَدِهِ لَوْ أَنَّ رَجُلًا قُتِلَ فِي سَبِيلِ اللَّهِ ثُمَّ أُحْيِيَ ثُمَّ قُتِلَ ثُمَّ أُحْيِيَ ثُمَّ قُتِلَ وَعَلَيْهِ دَيْنٌ مَا دَخَلَ الْجَنَّةَ حَتَّى يُقْضَى عَنْهُ دَيْنُهُ (نسائي . كتاب الكبائر) [2]

قسم آھي ان ذات جو جنھن جي ھٿ ۾ مون محمد (ﷺ) جي جان آھي، جيڪڏھن ڪو ماڻھو الله جي راھ ۾ مارجي وڃي (شھيد ٿي پوي) وري زنده ڪيو وڃي وري الله جي راھ ۾ مارجي وڃي ۽ وري زنده ڪيو وڃي ۽ وري الله جي راھ ۾ قتل ڪيو وڃي ۽ ان تي قرض آھي تہ اُھو جنت ۾ داخل نہ ٿيندو جيستائين ان جي طرفان قرض ادا نہ ڪيو وڃي.

(كتاب الكبائر)

امام ذھبي بيان فرمائن ٿا: ھڪ صالح ماڻھو وفات ڪري ويو، ڪنھن ماڻھو خواب ۾ ڏٺس. پڇيائين تہ ڇا حال آھي؟ ڇيائين تہ مون ڪنھن کان سُئي، اڌاري ورتي ھئي اُھا واپس ڪونہ ڪيم، ان سبب جي ڪري مون کي جنت ۾ وڃڻ کان روڪيو ويو آھي. (كتاب الكبائر)

---

[1] حديث نمبر 350: عن أَبِي الدَّرْدَاءِ قال قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِنَّ الْعَبْدَ إِذَا لَعَنَ شَيْئًا صَعِدَتْ اللَّعْنَةُ إِلَى السَّمَاءِ فَتُغْلَقُ أَبْوَابُ السَّمَاءِ دُونَهَا ثُمَّ تَهْبِطُ إِلَى الْأَرْضِ فَتُغْلَقُ أَبْوَابُهَا دُونَهَا ثُمَّ تَأْخُذُ يَمِينًا وَشِمَالًا فَإِذَا لَمْ تَجِدْ مَسَاغًا رَجَعَتْ إِلَى الَّذِي لُعِنَ فَإِنْ كَانَ لِذَلِكَ أَهْلًا وَإِلَّا رَجَعَتْ إِلَى قَائِلِهَا . سنن أبي داود بَاب فِي اللَّعْنِ (ج 13 / ص 59 ـ الرقم: 4259)

[2] حديث نمبر 351: سنن النسائي باب التَّغْلِيظُ فِي الدَّيْنِ (ج 14 / ص 291 ـ الرقم: 4605)

Scanned by CamScanner

مزدور جي مزدوري ادا نہ ڪرڻ :

ڪنهن به حقدار جو حق ڪائڻ حرام آهي. خصوصاً ڪنهن مزدور جي مزدوري ادا نہ ڪرڻ نهايت ظلم آهي. تاجدارِ حرم سيد العرب والعجم ﷺ جن فرمايو تہ :

حديث نمبر 352 :

أَعْطُوا الْأَجِيرَ أَجْرَهُ قَبْلَ أَنْ يَجِفَّ عَرَقُهُ (ابن ماجه)[1]

مزدور کي ان جي پگهر سڪڻ کان ئي اڳ مزدوري ادا ڪري ڏيو.

رشوت حرام آهي :

ڪنهن کي ڪا شيءِ ڏئي ان کان غلط ڪم ونڻ يا ڪنهن جو حق مارڻ يا غلط فيصلو ونڻ هي سيئي رشوت جون صورتون آهن. رشوت ونڻ واروءِ ڏيڻ واروءِ ڏيڻ ونڻ واري جي وچ ۾ رشوت جو معاملو ناهڻ وارو اهي سيئي لعنت جا مستحق ۽ جهنمي آهن.

حديث نمبر 353:

لَعَنَ اللَّهُ الرَّاشِيَ وَالْمُرْتَشِيَ فِي الْحُكْمِ (ابنِ حبان، حاكم)[2]

ڪو فيصلو ڪرڻ وقت رشوت ونندڙ ۽ رشوت ڏيندڙ بنهين تي لعنت آهي.

حديث نمبر354:

الرَّاشِي وَالْمُرْتَشِي فِي النَّار (طبراني)[3]

رشوت ڏيندڙ ۽ رشوت ونندڙ ٻئي جهنمي آهن.

---

[1] حديث نمبر 352: سنن ابن ماجه بَاب أَجْرِ الْأُجَرَاءِ (ج 7/ص 294۔الرقم: 2434)
السنن الكبرى للبيهقي (ج 6/ص 120) المعجم الصغير للطبراني (ج 1/ص 37) مسند الشهاب القضاعي (ج 3/ص 153)

[2] حديث نمبر 353: مسند أحمد: مسند أبي هريرة (ج 18/ص 204۔الرقم: 8662)
صحيح ابن حبان باب الرشوة (ج 21/ص 188۔الرقم: 5167)
المستدرك على الصحيحين للحاكم: أما حديث أبي هريرة (ج 16/ص 390۔الرقم: 7167)
المعجم الكبير للطبراني (ج 17/ص 214۔الرقم: 19387)

[3] حديث نمبر 354: المعجم الكبير للطبراني: عَنْ عَبْدِ اللَّهِ بن عَمْرٍو (ج 20/ص 84۔الرقم: 1400)
المعجم الأوسط للطبراني: من اسمه احمد (ج 5/ص 60۔الرقم: 2101)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 355:

الرِّشْوَةُ فِي الْحُكْمِ كُفْرٌ، وَهِيَ بَيْنَ النَّاسِ سُحْتٌ (طبراني)[1]

(ڪنهن ڪم لاءِ يا) فيصلي ۾ رشوت وٺڻ ڪفر آهي، ۽ اُها رشوت ماڻهن لاءِ ڏوندي جي مثل آهي.

ظلم ڪرڻ حرام آهي :

ظلم ڇا آهي؟ امام راغب اصفهاني رحمة الله عليه فرمايو آهي ته :

وَضْعُ الشَّيءِ غَيْرَ مَحَلِّهِ

جا شيءِ جنهن مقصد لاءِ آهي ان کي ان ئي مقصد لاءِ استعمال ڪيو وڃي اگر ان مقصد جي ابتڙ استعمال ڪيو وڃي ته اهو ظلم ٿيندو.

ڪنهن جو حق کائڻ، ڪنهن سان ناجائز ڪرڻ، ڪنهن کي ايذاءُ رسائڻ، ڪنهن جي عزت ۽ مال کي نقصان پهچائڻ، اِهي سڀ ظلم جون مختلف صورتون آهن ۽ ظلم ڪرڻ حرام آهي.

حديث قدسي نمبر 356:

حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو ته الله پاڪ فرمايو آهي ته :

يَا عِبَادِي إِنِّي حَرَّمْتُ الظُّلْمَ عَلَى نَفْسِي وَجَعَلْتُهُ بَيْنَكُمْ مُحَرَّمًا فَلَا تَظَالَمُوا

(مسلم، ترمذی، ابن ماجه)[2]

اي منهنجا ٻانها مون رب ڪريم پنهنجو پاڻ تي ظلم حرام ڪري ڇڏيو آهي، (يعني مان رب ڪنهن سان به ظلم نه ڪندو آهيان) ۽ توهان لاءِ به هڪ ٻئي تي ظلم ڪرڻ حرام ڪري ڇڏيو اٿم، پوءِ هڪ ٻئي تي ظلم نه ڪيو.

---

[1] حديث نمبر 355: المعجم الكبير للطبراني:عَنِ عبدالله بْنِ مَسْعُودٍ رضي الله عنهما(ج 8/ص153 ـ الرقم: 9002)
المقاصد الحسنة (ج 1/ص 178)

[2] حديث نمبر 356: صحيح مسلم بَاب تَحْرِيمِ الظُّلْمِ (ج 12/ص 455ـ الرقم: 4674)
سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي صِفَةِ أَوَانِي الْحَوْضِ(منه) (ج 9/ص 35ـ الرقم: 2419)
سنن ابن ماجه بَاب ذِكْرِ التَّوْبَةِ (ج 12/ص 308ـ الرقم: 4247)
صحيح ابن حبان باب التوبة (ج 3/ص 236ـ الرقم: 621)

Scanned by CamScanner

ظالمن جون دعائون رب وٽ نہ اگھامنديون آھن. ظالمن تان رحمت جا مينھن وسڻ بند ٿي ويندا آھن، ظالمن تان رب جي رحمت کڃي ويندي آھي.

حديث نمبر 357:

حبيبِ پاڪ صاحبِ لولاک ﷺ فرمايو تہ ظلم نہ ڪيو نہ تہ توھان جون دعائون قبول نہ ڪيون ويندیون اگر مينھن جي دعا ڪندؤ تہ ڪونہ وسايو ويندو، الله تعالیٰ کان مدد گھرندؤ تہ رب توھان جي مدد نہ ڪندو. (طبراني)

حديث نمبر 358:

اَلظُّلْمُ ظُلُمَاتٌ يَوْمَ الْقِيَامَةِ (بخاری)[1]

ظلم قيامت واري ڏينھن اوندھيون ھوندو.

وياج حرام آھي :

رب پاڪ قرآن مجيد ۾ وياج جي مذمت ڪندي فرمايو آھي تہ :

اَلَّذِيْنَ يَاْكُلُوْنَ الرِّبٰوا لَا يَقُوْمُوْنَ اِلَّا كَمَا يَقُوْمُ الَّذِیْ يَتَخَبَّطُهُ الشَّيْطٰنُ مِنَ الْمَسِّ ۝ (البقرة:٢٧٥)

اُھي ماڻھو جيڪي وياج ٿا کائن اُھي قيامت واري ڏينھن انھيءَ ماڻھو وانگر اٿندا جنھن کي شيطان (جِنّ) ڇُھي مخبوط بنايو ھجي.

وياج خور جڏھن قبرن مان اٿندا تہ وري ڪري پوندا، انھن جا پيٽ ڳرا ھوندا. جيئن ڪنھن کي جِنُ ايندو آھي تہ مدھوش ھوندو آھي ائين پيا ايندا ھر ڪو پري کان سڃاڻي وٺندو تہ اُھي وياجي اڇي رھيا آھن.

---

[1] حديث نمبر 358: صحيح البخاري بَاب الظُّلْمُ ظُلُمَاتٌ يَوْمَ الْقِيَامَةِ (ج 8/ص 319. الرقم: 2267)
صحيح مسلم بَاب تَحْرِيمِ الظُّلْمِ (ج 12/ص 457. الرقم: 4676)
سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي الظُّلْمِ (ج 7/ص 333. الرقم: 1953)
مسند أحمد (ج 12/ص 470. الرقم: 5933)

Scanned by CamScanner

شهر جي هلاکت :

حديث نمبر 359 :

إِذَا ظَهَرَ الزِّنَا وَالرِّبَا فِي قَرْيَةٍ اَذِنَ اللهُ بِهِلَا كِهَا (مسند ابو يعلىٰ)[1]

جڏهن ڪنهن شهر ۾ زنا ۽ وياج گهٽو ٿي ويندو آهي ته الله پاڪ ان شهر جي هلاکت جو حڪم ڏئي ڇڏيندو آهي.

هلاکت جهن به ڪيئي صورتون آهن. مثلاً زلزلا اچڻ، مينهن بند ٿي وڃڻ، رزق مان برڪت کڄي وڃڻ، هڪ ٻئي سان دشمنيون ۽ عداوتون پيدا ٿي وڃڻ، قتل عام ٿي وڃڻ، اِهي سڀ هلاکت جا آثار آهن. رب شال اسان کي پناهه ۾ رکي. روايتن ۾ اچي ٿو ته وياج خور ڪُتن ۽ سوئرن جي شڪل ۾ اٿاريا ويندا.

ايڏو وڏو گناهه!

حديث نمبر 360:

حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنهما روايت ڪئي ته رسول اڪرم ﷺ جن فرمايو ته :

اَلرِّبَا ثَلَاثَةٌ وَسَبْعُوْنَ بَابًا ، أَيْسَرُهَا مِثْلُ أَنْ يَّنْكِحَ الرَّجُلُ أُمَّهٗ (حاڪم ، بيهقي)[2]

وياج جا ٽيهتر (73) دروازا آهن. انهن مان گهٽ ۾ گهٽ هي آهي جو ڪو ماڻهو پنهنجي امڙ سان نڪاح ڪري. يعني وياج ڪائڻ جا ٽيهتر (73) ڪبيرا گناهه آهن، تن ۾ ننڍڙو هي آهي جو ڪو ماڻهو جيجل ماءُ سان زنا ڪري ته باقي ٻاهتر (72) جو ڇا حال هوندو؟!!

حديث نمبر 361:

حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو ته وياج جو هڪ درهم ڄاڻي واڻي ڪائڻ ٽيٽيهه ڀيرا زنا ڪرڻ کان به بچڙو آهي. (احمد، طبراني ڪبير)[3]

---

[1] حديث نمبر 359: المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 5/ص 366۔الرقم: 2221) كنز العمال (ج 5/ص 314)

[2] حديث نمبر 360: المستدرك على الصحيحين للحاكم: وأما حديث أبي هريرة (ج 5/ص 364۔الرق: 2219) شعب الإيمان للبيهقي (ج 11/ص 498۔الرقم: 5278)

[3] حديث نمبر 361: قَالَ رَسُولُ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ دِرْهَمٌ رِبًا يَأْكُلُهُ الرَّجُلُ وَهُوَ يَعْلَمُ أَشَدُّ مِنْ سِتَّةٍ وَثَلَاثِينَ زَنْيَةً. مسند أحمد: (ج 44/ص 439۔الرقم: 20951) المعجم الأوسط للطبراني (ج 6/ص 241۔الرقم: 2785)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 362:

حضرت جابر بن عبدالله رضي الله عنهما روايت ڪئي تہ رسول الله ﷺ وياج کائيندڙ تي لعنت ڪئي. وياج جو بندوبست ڪندڙ، وياج لکندڙ تي، وياج جي شاهدن تي ۽ فرمايائون تہ اُهي سڀئي گناهہ ۾ برابر آهن. (مسلم)[1]

حلال جون برڪتون حرام جا نقصانات :

1. حلال کائڻ وارو، حلال ڪم ڪرڻ وارو الله کي وٺي ٿو. رب ڪريم ان کان راضي رهي ٿو.
2. حلال کائڻ سان دل روشن ٿئي ٿي.
3. حلال کائيندڙ کي ذهني سڪون، فرحت ۽ قرار حاصل رهي ٿو. جڏهن تہ حرام کائيندڙ ماڻهو ذهني سڪون جي عظيم دولت کان محروم رهي ٿو.
4. حلال کائيندڙ جون دعائون رب وٽ قبول پون ٿيون. حرام خور جي ڪابہ دعا رب وٽ نہ ٿي اگهامي.
5. جيڪو جسم حلال تي پليو ان جي جاءِ جنت ۾ آهي، جيڪو جسم حرام جي غذا تي پليو تہ ان جو ٺڪاڻو جهنم آهي.
6. حلال جي طلب عبادت آهي ۽ ان حصول جي لاءِ راهہ ۾ مرڻ شهادت آهي.
7. حلال ڪمائي جي خيرات و صدقات رب وٽ قبول آهن. حرام ڪمائي مان جو خيرات ڪري تہ اُها خيرات موٽائي ان جي منهن ۾ هنئي وجي ٿي.
8. حلال کائڻ واري جي روح کي پاڪيزگي نصيب ٿئي ٿي، جڏهن تہ حرام خور ماڻهو ان نعمت کان محروم رهي ٿو.
9. حلال کائيندڙ جي دل ۽ زبان تي حڪمت ۽ دانائي جا چشما جاري ڪيا وڃن ٿا.

جيئن حديث ۾ آهي تہ :

---

[1] حديث نمبر 362: عَنْ جَابِرٍ قَالَ لَعَنَ رَسُولُ اللَّهِ ﷺ آكِلَ الرِّبَا وَمُؤْكِلَهُ وَكَاتِبَهُ وَشَاهِدَيْهِ وَقَالَ هُمْ سَوَاءٌ صحيح مسلم بَاب لَعْنِ آكِلِ الرِّبَا وَمُؤْكِلِهِ (ج 8/ص 288۔ الرقم: 2995) مسند أحمد. مسند جابر بن عبدالله رضي الله عنهما ج 28/ص 293۔ الرقم: 13744) شعب الإيمان للبيهقي (ج 11/ص 484۔ الرقم: 5264)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 363 :

مَنْ أَكَلَ الْحَلَالَ أَرْبَعِينَ يَوْمًا نَوَّرَ اللهُ قَلْبَهُ وَأَجْرَى يَنَابِيعَ الْحِكْمَةِ مِنْ قَلْبِهِ عَلَى لِسَانِهِ (ابو نعيم)[1]

جيڪو ماڻهو چاليهه ڏينهن حلال کائي ته الله تعاليٰ ان جي دل کي روشن ڪري ٿو، ان جي دل کان حڪمت ۽ دانائي جا چشما ان جي زبان تي جاري ڪري ڇڏي ٿو.

10. حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما فرمايو ته توهان نمازون پڙهندي پڙهندي ڪمان وانگر ڏوڙا ٿي وڃو، روزا رکندي رکندي ڪاٿي وانگر سنها ٿي وڃو ته به الله تعاليٰ اُهي توهان جون عبادتون قبول نه ڪندو جيستائين پيٽ ۾ حلال نه هوندو ۽ حرام کان نه بچندؤ. (احياء العلوم)

11. حضرت سفيان ثوري رحمة الله عليه فرمايو ته جيڪو ماڻهو الله جي راهه ۾ حرام مال جي خيرات ڪري ٿو ۽ پنهنجي گناهن بخشائڻ جي نيت رکي ته اُهو ائين آهي جيئن ڪو ماڻهو پيشاب سان ڪپڑا ڏوئي پاڪ ڪرڻ چاهي ٿو. حالانڪه ڪپڑو، پاڪ پاڻيءَ کان سواءِ پاڪ نه ٿيندو آهي. (كتاب الكبائر الذهبي)[2]

12. حلال کائڻ وارو "مستجاب الدعوات" ٿي وڃي ٿو. جا دعا، ڪا حاجت، ڪا التجا اهو پنهنجي رب کي ڪري ٿو اُها ان کي عطا ڪئي وڃي ٿي.[3]

حديث نمبر 364 :

حضرت انس رضي الله عنه حضرت حبيب ڪريم ﷺ کي عرض ڪيو ته يا رسول الله منهنجي لاءِ دعا گهرو ته الله پاڪ مون کي "مستجاب الدعوات" بنائي. پاڻ فرمايائون ته:

اي انس! پنهنجو ڪاڌو پاڪيزه بناءِ ته تنهنجون دعائون قبول ڪيون ويندیون.

---

[1] حديث نمبر 363: تخريج أحاديث الإحياء (ج 4/ ص 140. الرقم: 1640)

[2] وقال سفيان الثوري: من أنفق الحرام في الطاعة كمن طهر الثوب بالبول والثوب لا يطهره إلا الماء الكبائر للذهبي (ج 1/ ص 43)

[3] حديث: من أكل الحلال أربعين يوما نور الله قلبه وأجرى ينابيع الحكمة من قلبه على لسانه.
تخريج أحاديث الإحياء (ج 4/ ص 140. الرقم: 1640)

Scanned by CamScanner

بيشڪ جيڪو ماڻهو حرام جو هڪ گرهه پنهنجي وات ۾ وجهي ٿو تہ چاليهہ ڏينهن تائين ان جون دعائون نہ ٿيون قبول ڪيون وڃن. (كتاب الكبائر)1

13. حضرت يوسف بن اسباط رحمة الله عليه فرمايو تہ جيڪو نوجوان عبادت ڪري ٿو تہ شيطان پنهنجي جماعت (چيلن) کي چوي ٿو تہ ان عبادت گذار کي ڏسو تہ ان جو ڪاڏو پيتو ڪهڙو آهي؟ جيڪڏهن ڪاڏو حرام جو اٽس تہ چڏيوس پلي پيو لوڙي. عبادت جي ناحق ٿڪاوٽ ٿو حاصل ڪري، ڪندو رهي ان مان فائدو تہ ڪجهہ نہ ٿيندو.

(كتاب الكبائر)2

14. **حديث نمبر** 365 :

لَا يَدْخُلُ الْجَنَّةَ جَسَدٌ غُذِيَ مِنَ الْحَرَامِ (طبراني)[3]

جو جسم حرام تي پليو اُهو جنت ۾ داخل نہ ٿيندو.

حرام کائڻ جي اجازت :

هر اُها شيءِ جنهن کي حرام ڪيو ويو آهي مجبوري جي حالت ۾ جان بچائڻ خاطر کائڻ جائز آهي.

فَمَنِ اضْطُرَّ غَيْرَ بَاغٍ وَّلَا عَادٍ فَلَآ اِثْمَ عَلَيْهِ ۝ (البقرة:۱۷۳)

پوءِ جيڪو ماڻهو (حرام کائڻ لاءِ) لاچار ٿي پيو نہ خواهش سان کائيندڙ هجي

---

[1] حديث نمبر 364: عن أنس رضي الله عنه قال قلت يا رسول الله: أدع الله أن يجعلني مستجاب الدعوة فقال ﷺ يا أنس أطب كسبك تجب دعوتك فإن الرجل ليرفع اللقمة من الحرام إلى فيه فلا يستجاب له دعوة أربعين يوماً. الكبائر للذهبي ج 1 / ص 43) واخرجه الطبراني في المعجم الأوسط بلفظ: عن ابن عباس قال تليت هذه الآية عند رسول الله ﷺ "يا أيها الناس كلوا مما في الأرض حلالا طيبا" فقام سعد بن أبي وقاص فقال يا رسول الله ادع الله أن يجعلني مستجاب الدعوة فقال له النبي صلى الله عليه وسلم يا سعد أطب مطعمك تكن مستجاب الدعوة والذي نفس محمد بيده إن العبد ليقذف اللقمة الحرام في جوفه ما يتقبل منه عمل أربعين يوما. (ج 14 / ص 261۔ الرقم: 6683) مجمع الزوائد باب فيمن أكل حلالا أو حراما ج 10 / ص 291)

[2] عن يوسف بن أسباط رحمه الله قال: أن الشاب إذا تعبد قال الشيطان لأعوانه: انظروا من أين مطعمه فإن كان مطعم سوء قال دعوه يتعب ويجتهد فقد كفاكم نفسه. إن اجهاده مع أكل الحرام لا ينفعه۔ الكبائر للذهبي (ج 1 / ص 43)

[3] حديث نمبر 356: المعجم الأوسط للطبراني ج 13 / ص 201۔ الرقم: 6123) الكبائر للذهبي (ج 1 / ص 44) كنز العمال ج 4 / ص 16۔ الرقم: 9276) مجمع الزوائد باب فيمن نبت لحمه من الحرام (ج 10 / ص 293)

Scanned by CamScanner

۽ نہ ضرورت کان وڌيڪ کائيندڙ هجي تہ پوءِ ان تي کو بہ گناھ نہ آھي.

کجھ وڌيڪ حرام شيون :

1. زنا حرام آھي، زنا جي اجرت بہ حرام آھي، پڙوت وٺڻ کائڻ بہ حرام آھي.
2. ڪتو يا پلو وڪڻڻ ان جي رقم وٺڻ حرام آھي.
3. دھل، طنبورا، ڳائڻ وڄائڻ حرام آھن ان جي ڪمائي بہ حرام آھي.
4. جادو، ڪارو علم حرام آھي، ڪھانت حرام آھي انھن جي ڪمائي کائڻ بہ حرام آھي.
5. جي شيون حرام آھن انھن جو واپار بہ حرام آھي جيئن شراب، ھيروئن وغيرہ.
6. پيڙي، سگريٽ، تمباکو نوشي وغيرہ فضل خرچيون آھن انھن جو ڪاروبار بہ ڪرڻ نہ گھرجي.
7. بت ناھڻ، بت وڪڻڻ حرام آھن، اِھا ڪمائي حرام آھي. بعض علماءِ ڦوٽو گرافي ۽ مصوري کي بہ حرام ڏڏن ۾ شمار ڪيو آھي، بعض ان جي جواز جي پاسي ويا آھن. (والله اعلم)
8. جُوا حرام آھي، جُوا جي رقم کائڻ حرام آھي.
9. ھر اُھو ڪاروبار جنھن ۾ وياج ورتو وڃي حرام آھي.
10. اگر ڪا شيءِ ھٿ ۾، قبضہ اختيار ۾ نہ ھجي تہ اُھو واپار جائز نہ آھي. مثال مڇي جو ٻيڪو وغيرہ.
11. ڪاڌي جون شيون مثلاً ڪڪڙ، چانور، دالیون، ڪنڊ وغيرہ گڏ ڪري رکڻ تہ جيئن سستي اڳھ ۾ وڻي لڪائي رکي ۽ مھانگي وقت ۾ وڪرو ڪري اھڙي واپار تي لعنت آھي. چالیھ ڏينھن کان وڌيڪ ڪاڌي جي شيءِ ذخيرو ڪرڻ جائز نہ آھي.

حلال ۽ حرام شين ۾ شرعي اصول :

ھر ڪا شيءِ پنھنجي اصل ۾ حلال ۽ جائز آھي جيستائين شريعت پاڪ ان کان منع ڪري. الله تعاليٰ ۽ ان جي محبوب ﷺ اسان کي حرام شين جي فھرست عطا ڪئي آھي تہ ھي شيون حرام آھن. ان کان علاوہ جيڪي بہ شيون آھن سي پنھنجي اصل ۾ حلال آھن.

Scanned by CamScanner

باب اٺون

دوائون ۽ دعائون

دنياوي زندگيءَ ۾ ڏک سُک، صحت ۽ بيماري، سردي ۽ گرمي هي سڀ انسان جو ڏاج آهن. ڏک ايندا آهن تہ سکن جو قدر ٿيندو آهي بيماري ايندي آهي تہ صحت جوقدر ٿيندو آهي. انسان کي گهرجي تہ الله جي نعمتن جو قدر ڪري، اهڙو ڪم نہ ڪجي جنهن سان نعمتون زائل ٿي وڃن. الله جي نعمتن مان هڪ عظيم نعمت صحت بہ آهي.چيو ويندو آهي تہ :

"تندرستي هزار نعمت آهي."

پنهنجي صحت جي حفاظت ڪرڻ گهرجي. اهڙو ڪم نہ ڪجي جنهن سان جان جوکي ۾ پوي، اهڙو ڪاڏو نہ ڪائجي جنهن مان بدن بيمار ٿي پوي. بيماريون ٻن قسمن جون آهن، هڪڙيون بيماريون روحاني ٻيون جسماني.

1. روحاني يا قلبي بيماريون ۽ انهن جو علاج :

باطني يا روحاني يا قلبي بيماريون جيئن حسد، تڪبر، دنيا جي محبت، شهرت، نفاق، بي حيائي، شڪ شُبهات وسوسا وغيره.

فِيْ قُلُوْبِهِمْ مَّرَضٌ ۙ فَزَادَهُمُ اللّٰهُ مَرَضًا ۚ (البقرة:10)

انهن (منافقن) جي دلين ۾ بيماري آهي، پوءِ الله تعالي بہ انهن جي مرض کي وڌائي ٿو.

قلب ۽ باطن کي، اندر جو اندر ۾ بيماريون لڳن ٿيون جن مان کي عملن صالحن جو ذخيرو چٽُ ڪري ڇڏن ٿيون، کي جنت ۾ داخل ٿيڻ کان رڪاوٽ ٿين ٿيون. کي انسان کي دنيا آخرت ۾ ذليل ۽ رسوا بنائن ٿيون، کي وري دين ايمان برباد ڪري ڇڏن ٿيون. جسماني بيمارين جو علاج نہ ڪبو تہ جان وڃڻ جو خطرو آهي. پر باطني بيمارين جو علاج نہ ڪبو تہ ايمان وڃڻ جو خطرو آهي. الله پاڪ فرمايو آهي تہ :

Scanned by CamScanner

قَدْ أَفْلَحَ مَنْ زَكّٰىهَا ۝٩ وَقَدْ خَابَ مَنْ دَسّٰىهَا ۝١٠ (الشمس)

تحقيق ڪامياب ٿيو اُهو ماڻهو جنهن پنهنجي نفس (قلب و باطن) کي پاڪ ڪيو، ۽ تحقيق نامراد ٿيو اهو جنهن نفس کي (نافرماني ۾) گندو ڪيو.

ڪاميابي جو راز اهو آهي ته پنهنجي اندر کي بيمارين کان پاڪ صاف ڪيو وڃي. ڇو ته الله پاڪ جي نظر انسان جي ظاهر تي نه هوندي آهي بلڪ باطن تي هوندي آهي.

حديث نمبر 366 :

إِنَّ اللَّهَ لَا يَنْظُرُ إِلَى صُوَرِكُمْ وَأَمْوَالِكُمْ وَلَكِنْ يَنْظُرُ إِلَى قُلُوبِكُمْ وَأَعْمَالِكُمْ (مسلم)[1]

بيشڪ الله تعاليٰ توهان جي صورتن کي نه ٿو ڏسي نه ڪي توهان جي مالن کي ڏسي ٿو پر الله تعاليٰ توهان جي دلين ۽ عملن کي ڏسي ٿو.

ڪريم رب جي نگاهه اسان جي دلين ۽ باطن تي هوندي آهي انڪري باطن کي پاڪ صاف ڪرڻ گهرجي.

---

[1] حديث نمبر 366: صحيح مسلم بَاب تَحْرِيمِ ظُلْمِ الْمُسْلِمِ وَخَذْلِهِ وَاحْتِقَارِهِ (ج 12/ص 427۔الرقم: 6465)، مسند أحمد: مسند أبي هريرة (ج 16/ص 34۔الرقم: 7493) شعب الإيمان للبيهقي (ج 21/ص 409۔الرقم: 10088) صحيح ابن حبان (ج 2/ص 278۔الرقم: 395) كنز العمال (ج 3/ص 23۔الرقم: 5262) تخريج أحاديث الإحياء (ج 9/ص 202۔الرقم: 4202)

Scanned by CamScanner

کجھ باطني بيماريون

1. حسد:

حديث نمبر 367 :

إِيَّاكُمْ وَالْحَسَدَ فَإِنَّ الْحَسَدَ يَأْكُلُ الْحَسَنَاتِ كَمَا تَأْكُلُ النَّارُ الْحَطَبَ

(ابو داؤد، بيهقي، ابن ماجه)[1]

حسد کان بچو چو تہ حسد نيکين کي ائين کائي ٿو جيئن کاٽين جي هڙ کي باهہ ساڙي ختم ڪندي آهي.

2. تکبر :

حديث نمبر 368:

لَا يَدْخُلُ الْجَنَّةَ إِنْسَانٌ فِي قَلْبِهِ مِثْقَالُ حَبَّةٍ مِنْ خَرْدَلٍ مِنْ كِبْرٍ (مسند احمد)[2]

اُهو انسان جنت ۾ داخل نہ ٿيندو جنهن جي دل ۾ آهُر جي داڻي جي ننڍڙي ذري جيتري وڏائي هوندي.

3. منافقت :

منافقت به باطن جي خطرناڪ بيمارين مان هڪ مهلڪ بيماري آهي. جنهن جو اگر علاج نہ ٿئي تہ منافق جي سزا جهنم جو ترو آهي.

---

[1] حديث نمبر 367: سنن أبي داود بَاب فِي الْحَسَدِ(ج 13/ص 56) سنن ابن ماجه بَاب الْحَسَدِ (ج 12/ص 253۔الرقم: 4200) شعب الإيمان للبيهقي (ج 14/ص 122۔الرقم: 6333) مسند عبد بن حميد (ج 4/ص 55۔الرقم: 1434)

[2] حديث نمبر 368: مسند أحمد: مسند عبدالله بن عمرو بن العاص رضي الله عنهم (ج 13/ص 278۔الرقم: 6240) واخرجه أبو داود في سنن بلفظ: لَا يَدْخُلُ الْجَنَّةَ مَنْ كَانَ فِي قَلْبِهِ مِثْقَالُ حَبَّةٍ مِنْ خَرْدَلٍ مِنْ كِبْرٍ . بَاب مَا جَاءَ فِي الْكِبْرِ (ج 11/ص 128۔الرقم: 3568) وايضاً اخرجه الترمذي في سنن: بَاب مَا جَاءَ فِي الْكِبْرِ (ج 7/ص 279۔الرقم: 1921) وايضاً اخرجه ابن ماجه في سنن: بَاب الْبَرَاءَةُ مِنَ الْكِبْرِ وَالتَّوَاضُعُ (ج 12/ص 210۔الرقم: 4163)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 369 :

آيَةُ الْمُنَافِقِ ثَلَاثٌ إِذَا حَدَّثَ كَذَبَ وَإِذَا وَعَدَ أَخْلَفَ وَإِذَا اؤْتُمِنَ خَانَ (بخاری، مسلم)[1]

منافق ماڻهو جون ٽي نشانيون آهن :

1. جڏهن ڳالهائي ته ڪوڙ هڻي.
2. ۽ جڏهن وعدو ڪري ته نه پاڙي.
3. ۽ جڏهن امانت ڏنو وڃي ته خيانت ڪري.

قرآن پاڪ ۾ رب ڪريم فرمايو آهي منافق ماڻهو جهنم جي سڀ کان هيٺئين درجي ۾ هوندا.

4. دنيا جي محبت :

حديث نمبر 370 :

حُبُّ الدُّنْيَا رَأْسُ كُلِّ خَطِيْئَةٍ : دنيا جي محبت سڀني گناهن جي پاڙ آهي.

جيڪڏهن سڀني گناهن کي ڏنو وڃي، انهن جو پيرو ڪنيو وڃي ته سڀني جو بنياد جڙ ۽ پاڙ دنيا جي محبت آهي. اهڙي طرح اسان جي من ۾ هزارين بيماريون آهن. تفصيل لاءِ مطالعو ڪيو "احياء العلوم[2]".

باطني بيمارين جو علاج :

قلب و باطن جي هر هڪ بيماري جو علاج جدا جدا آهي. پر هڪ اهڙو جامع علاج به حبيب پاڪ ﷺ ٻڌايو آهي جنهن سان باطن جون سڀ بيماريون ختم ٿي وڃن ٿيون. اهو جامع البرڪات، جامع الفيوضات، جامع الادويات علاج آهي الله جو ذڪر.

---

[1] حديث نمبر 369: صحيح البخاري بَاب عَلَامَةِ الْمُنَافِقِ (ج 1 / ص 58۔ الرقم: 32) صحيح مسلم بَاب بَيَانِ خِصَالِ الْمُنَافِقِ (ج 1 / ص 191۔ الرقم: 89) سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي عَلَامَةِ الْمُنَافِقِ (ج 9 / ص 221۔ الرقم: 2555) مسند أحمد: مسند أبي هريرة رضي الله عنه (ج 17 / ص 373۔ الرقم: 8331) السنن الكبرى للبيهقي (ج 6 / ص 288) شعب الإيمان للبيهقي (ج 10 / ص 319۔ الرقم: 4615) كنز العمال (ج 1 / ص 167۔ الرقم: 835)

[2] حديث نمبر 370: تخريج أحاديث الإحياء (ج 7 / ص 250۔ الرقم: 3175) واخرجه البيهقي في شعب الإيمان بلفظ: حب الدنيا أصل كل خطيئة (ج 21 / ص 390۔ الرقم: 10069) المقاصد الحسنة (ج 1 / ص 100) الدرر المنتثرة في الأحاديث المشتهرة (ج 1 / ص 9) كشف الخفاء (ج 1 / ص 344۔ الرقم: 1099)

Scanned by CamScanner

چو تہ هر هڪ گناهہ جو اثر قلب تي ٿيندو آهي. جڏهن کو ماڻهو گناهہ ڪندو آهي تڏهن هڪ سياه نقطو دل تي ٿيندو آهي. پوءِ گناهہ ڪندي ڪندي دل سياه ٿي ويندي، باطن بيمار ٿي ويندو آهي. قلب کي صاف ڪرڻ جو علاج الله جو ذڪر آهي. اگر دل صاف ٿي وڃي تہ سڀ باطني بيمارين جو خاتمو ٿي ويندو چو تہ دل پوري جسم جو بادشاهہ آهي ۽ جسم ان جي رعيت آهي، مديني واري سائين ﷺ فرمايو آهي تہ :

حديث نمبر 371 :

إِنَّ لِكُلِّ شَيْءٍ صِقَالَةً، وَإِنَّ صِقَالَةَ الْقُلُوبِ ذِكْرُ اللَّهِ. (بيهقی)[1]

هر هڪ شيءِ جي صفائي (جواوزار) هوندو آهي ۽ دل جي صفائي (جواوزار) الله جو ذڪر آهي.

قلب و باطن جي بيمارين جو بنيادي محرڪ نفس ۽ شيطان هوندا آهن ۽ شيطان الله جي ذڪر کان ڀڄي ٿو. نفس جي سرڪشي ۽ بغاوت کي ذڪر الله ختم ڪري ٿو، انڪري ڪنهن ڪامل مرشد کان ذڪر جو طريقو حاصل ڪري، ذڪر ڪجي. انشاء الله الله جي ذڪر ڪرڻ سان هي قلبي بيماريون جلد ئي ختم ٿي ويندیون آهن. ذڪر جهري (زباني) هجي يا قلبي، "لا اله الا الله" جو هجي يا اسم ذات جو، هر طرح سان ذڪر فائديمند آهي.

اگر کو ماڻهو روزانہ گهٽ ۾ گهٽ 200 ڀہ سو ڀيرا "لا اله الا الله" جو ذڪر ڪري ۽ 1100 يارهن سؤ ڀيرا الله الله جو ذڪر ڪري انشاء الله جلدي باطن جون بيماريون ختم ٿي ويندیون.

طبيبِ باطن، مرشد ڪامل :

باطني بيماريون اهڙيون خطرناڪ آهن جن جو علاج تمام ضروري آهي. ورنہ دين ايمان جي تلف ٿي وڃڻ جو خطرو آهي. اهو علاج ڪٿان ملندو؟ حضور غوث اعظم سيدنا عبدالقادر جيلاني حسني حسيني رحمة الله عليہ فرمايو تہ :

---

[1] حديث نمبر 371: شعب الإيمان للبيهقي (ج 2 / ص 93۔ الرقم: 551) كنز العمال (ج 1 / ص 428۔ الرقم: 1848) الدعوات الكبير (80/1)

Scanned by CamScanner

يا مريض الباطن عليک بالدواءِ لا دواءَ الا عند الصالحين من عبادالله خذ الدواء واستعمله فتکون عافية الدائم (الفتح الرباني)

اي باطن جا بيمار! پنهنجي بيمارين جو علاج ڪرائڻ تو تي لازم آهي، اِها دوا الله وارن کان سواءِ تو کي ڪٿي به نه ملندي. (انهن کان) دوا وٺ پوءِ استعمال ڪر پوءِ تو کي هميشه جي چڱ پلائي نصيب ٿي ويندي.

انسان جي باطن ۾ هزارين بيماريون آهن، مرشد ڪامل ئي مرض کي سجاڻيندو آهي ۽ ان جو صحيح علاج معالجہ ڪندو آهي. ڏسو ائين ته ميڊيڪل استور تي هزارين دوائون هر مرض جون رکيل آهن، ۽ مختلف بيمارين جون سوين دوائون موجود آهن پر هر ڪنهن کي اجازت نه آهي جو اهو انهن دوائن کي پاڻ مرادو استعمال ڪري چو ته انهن دوائن جي متعلق معلومات نه آهي. لهذا ان کي ڊاڪٽر کان نسخو ونڊو پوندو چو ته ڊاڪٽر مرض به ڄاڻيندو آهي ۽ ان مرض جي دوا کان به واقف آهي. بلا تمثيل قرآن پاڪ باطن جي مختلف بيمارين جي علاج جو مجموعو آهي جنهن مان انسان پنهنجي لاءِ پاڻ کو نسخو نه ٿو تجويز ڪري سگهي جيستائين قرآن پاڪ جي ڪنهن عالم، مردِ ڪامل جي خدمت نه ويندو چو ته اهو ئي انهن رستن جو واقف آهي ۽ ان واٽ جي سموري معلومات ان کان ئي حاصل ٿيندي. الله پاڪ فرمايو ته:

وَاصْبِرْ نَفْسَكَ مَعَ الَّذِيْنَ يَدْعُوْنَ رَبَّهُمْ بِالْغَدٰوةِ وَالْعَشِيِّ (الکهف: ۲۸)

۽ پنهنجو پاڻ کي انهن ماڻهن وٽ رهاءِ جيڪي صبح شام پنهنجي رب کي پڪارن ٿا.

صبح و شام اهڙن ذاڪرين جي صحبت اختيار ڪر جن جي معيت ۾ تنهنجي قلب و باطن جي اصلاح ٿئي.

2. جسماني بيماريون:

جسماني بيمارين جو اڪثر سبب گهٽو کائڻ آهي يا هڪ طعام هضم ٿيڻ کان اڳ ٻيو طعام کائڻ آهي ۽ هڪ ئي وقت گهٽيون شيون کائڻ آهي. رنگارنگي طعام، مرچ مصالحہ، ڳاڑها پوڙ، چت پٽ کاڌا، کٽيون مٺيون، چت پٽيون شين جو هڪ ئي وقت ۾ کائڻ

Scanned by CamScanner

گهڙي کن جو مزو سدائين جا سور آهن.

بيماري ڇا آهي؟

بدن جو هر هڪ عضوو پنهنجو ڪم ڪري رهيو آهي. جيڪڏهن ڪو عضوو پنهنجو مقرر ڪيل ڪم ڇڏي ڏئي يا پنهنجي ڪم ۾ ڪوتاهي ڪري تہ اهو عضوو بيمار ڇئبو. مثلاً جيئن اکيون ڏسڻ جو ڪم ڪري رهيون آهن. جيڪڏهن ڪا اک ڏسڻ ڇڏي ڏئي يا گهٽ ڏسي تہ اها اک بيمار ڇئبي. ڪَن ٻڌڻ جو ڪم ڪري رهيا آهن جيڪڏهن ڪو ڪنُ ٻڌڻ ڇڏي ڏئي يا گهٽ ٻڌي تہ اهو ڪنُ بيمار ڇئبو. جو عضوو بيمار ٿئي تہ ان جو علاج ڪرائڻ سنت آهي.

علاج ڇا آهي؟

اگر ڪو عضوو بيمار هجي ان لاءِ ڪا اهڙي تجويز اختيار ڪرڻ جنهن سان اُهو عضوو پنهنجي اصلي حالت ۾ اچي ڪم ڪرڻ شروع ڪري ڇڏي تہ ان عمل کي علاج ڇئبو آهي ۽ اُن بيماري کي ڇاڻڻ وارو، سجاڻندڙ ۽ ان جي علاج ڪندڙ کي طبيب، معالج، حڪيم يا ڈاڪٽر چوندا آهن. جهڙي طرح روحاني بيمارين کي سجاڻي ان جو علاج ڪرڻ واري کي مرشد چيو ويندو آهي. علاج جا ٽي حصا آهن:

1. دفع مرض 2. حصول صحت 3. دفع اسبابِ مرض

ڪوبہ اهڙو مرض نہ آهي جنهن لاءِ الله تعاليٰ دوا ۽ شفا نہ بنائي هجي.

حديث نمبر 372:

مَا أَنْزَلَ اللهُ دَاءً إِلَّا أَنْزَلَ لَهُ شِفَاءً (بخاری)[1]

الله تعاليٰ کابہ بيماري نازل نہ ڪئي مگر ان لاءِ شفا بہ نازل ڪئي.

معلوم ٿيو تہ بيماري بہ الله تعاليٰ طرفان ايندي آهي تہ شفا بہ الله طرفان ئي هوندي آهي. دوا يا ڈاڪٹر، طبيب يا حڪيم سڀ وسيلا آهن. اصل شفا الله پاڪ جي هٿ ۾ آهي.

---

[1] حديث نمبر 372: صحيح البخاري بَاب مَا أَنْزَلَ اللهُ دَاءً إِلَّا أَنْزَلَ لَهُ شِفَاءً (ج 17 / ص 433۔ الرقم: 5246)
سنن ابن ماجه بَاب مَا أَنْزَلَ اللهُ دَاءً إِلَّا أَنْزَلَ لَهُ شِفَاءً (ج 10 / ص 237۔ الرقم: 3430)
المعجم الكبير للطبراني (ج 8 / ص 167۔ الرقم: 9063) تخريج أحاديث الإحياء (ج 9 / ص 79۔ الرقم: 4079)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 373 :

لِكُلِّ دَاءٍ دَوَاءٌ فَإِذَا أُصِيبَ دَوَاءُ الدَّاءِ بَرَأَ بِإِذْنِ اللَّهِ (مسلم)[1]

هر بيماريءَ لاءِ دوا آهي، پوءِ جڏهن بيماريءَ تائين دوا پهچائي ويندي آهي تہ الله جي حڪم سان شفا حاصل ٿيندي آهي.

اعتقاد ۽ يقين اِهو رکڻ گهرجي تہ شفا الله طرفان آهي، نہ ئي دوا ۽ نہ ئي ڊاڪٽر طرفان. جيڪڏهن الله طرفان شفا لکيل نہ هجي تہ ڪابہ دوا فائدو نہ ٿي ڏئي سگهي. ۽ هيءَ ڳالهہ بہ ذهن ۾ ويهارڻ گهرجي تہ بيماري لاءِ علاج دوا درمل ڪرائڻ ۽ ڊاڪٽر وٽ وڃڻ توڪل جي خلاف نہ آهي، بلڪہ سنتِ مصطفيٰ ﷺ آهي. جيئن بک مٽائڻ لاءِ کائڻ ضروري آهي. اڄ مٽائڻ لاءِ پاڻي پيئڻ ضروري آهي تيئن بيماري جي خاتمي لاءِ علاج ڪرائڻ بہ ضروري آهي. بک هڙتال ڪري ماني نہ کائڻ سان موت واقع ٿي وڃي تہ اِهو حرام جو موت آهي، خودڪُشي آهي. پر بيمار ماڻهو دوا نہ ڪرائي ۽ مري وڃي تہ ان کي خودڪُشي تہ نہ چئبو پر خلافِ سنت ضرور چئبو.

حديث نمبر 374 :

حضرت اسامہ بن شريک رضي الله عنهما فرمايو تہ آءٌ رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ آيس ۽ سندن اصحابي سڳورا اهڙي طرح ويٺا هئا جڙ انهن جي مٿن تي پکي ويٺل هجن. مون سلام ڪيو ۽ ويهي رهيس. هڪ اعرابي آيو ۽ ان پڇيو رسول الله ڇا اسان بيمارين جي دوا وٺون؟ پاڻ فرمايائون تہ ضرور وٺو ڇو تہ الله تعالىٰ ڪابہ بيماري نہ لاهيندو آهي مگر ان جي لاءِ شفا بہ لاهيندو آهي سواءِ موت ۽ ضعيف العمري (ڪراڙپ) جي. (مسند احمد)[2]

---

[1] حديث نمبر 373: صحيح مسلم بَاب لِكُلِّ دَاءٍ دَوَاءٌ وَاسْتِحْبَابِ التَّدَاوِي (ج 11/ ص 211۔ الرقم: 4084) واخرجه احمد في المسند بلفظ: لِكُلِّ دَاءٍ دَوَاءٌ فَإِذَا أَصَبْتَ دَوَاءَ الدَّاءِ بَرَأَ بِإِذْنِ اللَّهِ تَعَالَى. مسند أحمد: (ج 29/ ص 119۔ الرقم: 14070) السنن الكبرى للبيهقي (ج 9/ ص 343) المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 19/ ص 88۔ الرقم: 8321)

صحيح ابن حبان (ج 25/ ص 176۔ الرقم: 6170) كنز العمال (ج 10/ ص 6۔ الرقم: 28086)

[2] حديث نمبر 374: عَنْ أُسَامَةَ بْنِ شَرِيكٍ قَالَ أَتَيْتُ النَّبِيَّ ﷺ وَأَصْحَابُهُ عِنْدَهُ كَأَنَّمَا عَلَى رُءُوسِهِمْ الطَّيْرُ قَالَ فَسَلَّمْتُ عَلَيْهِ وَقَعَدْتُ قَالَ فَجَاءَتْ الْأَعْرَابُ فَسَأَلُوهُ فَقَالُوا يَا رَسُولَ اللَّهِ نَتَدَاوَى قَالَ نَعَمْ تَدَاوَوْا فَإِنَّ اللَّهَ لَمْ يَضَعْ دَاءً إِلَّا وَضَعَ لَهُ دَوَاءً غَيْرَ دَاءٍ وَاحِدٍ الْهَرَمُ. مسند أحمد: (ج 37/ ص 408) المعجم الكبير للطبراني (ج 1/ ص 192) شعب الإيمان للبيهقي (ج 4/ ص 55)

Scanned by CamScanner

هڪ روايت ۾ آهي ته حضرت ابراهيم خليل الله رب کريم کي عرض کيو ته اي الله بيماري ڪٿان کان آهي؟ رب فرمايو ته منهنجي طرفان. وري عرض کيائين شفا ڪٿان کان آهي؟ رب فرمايو منهنجي طرفان. وري عرض کيائين ته پوءِ طبيب ڪير آهن؟ رب فرمايو اُهي ماڻهو آهن جن جي هٿ تي دوا موڪلي وئي.

علاج جا قسم :

علاج ٻن قسمن جو آهي : 1. علاج طبعي 2. علاج روحاني

علاج طبعي اُهو آهي جيڪو ڊاڪٽرن، طبيبن ۽ حڪيمن وٽ ڪيو وڃي. جيڪي ٽيبليٽ، انجيڪشن، جڙي ٻُوٽيون، خاڪا، ڪُشتا وغيره سان ڪيو ويندو آهي. ٻيو علاج روحاني آهي جيڪو ڪو الله جي صالح ٻانهو قرآن و حديث جي مطابق چندو ڦيٽو ڪرڻ، دعا تعويذ ڪري ڏو. هاڻي اسان پهريائين ڪجهه طبعي علاج جو بيان ڪيون ٿا پوءِ انشاء الله روحاني علاج بابت ڪجهه بيان ڪنداسين.

1. طبعي علاج :

دنيا ۾ الله پاڪ جيڪا به شيءِ پيدا ڪئي آهي اها حڪمت کان خالي نه آهي. هر شيءِ انسانن لاءِ پيدا ڪئي وئي آهي ۽ هر شيءِ ۾ انسانن جي نفعي لاءِ خاصيتون به رکايون ويون آهن. انهن خاصيتن کي سمجهڻ "حڪمت" آهي. رب پاڪ فرمايو ته :

وَمَنْ يُّؤْتَ الْحِكْمَةَ فَقَدْ اُوْتِيَ خَيْرًا كَثِيْرًا ۝ (البقرة:٢٦٩)

۽ جنهن کي حڪمت ڏني وئي ته بيشڪ ان کي گهڻي ڀلائي عطا ڪئي وئي.

حضرت سليمان عليه السلام هر گاهه، وڻ ۽ ٻوٽن کان پڇندو هيو ته تو ۾ ڪهڙي تاثير آهي؟ جيڪڏهن اُهو کي نفعا ٻڌائيندو هيو ته پاڻ ان جو نالو ۽ فائدا لکندا هئا ۽ پوءِ ان جي پوک به ڪرائيندا هئا.

صحت جو راز :

اصل ۾ صحتمند زندگي گذارڻ لاءِ سڀني محبوب ڪريم ﷺ جي سنت تي عمل ڪرڻ ۽ شرعي احڪامن مطابق زندگي گذارڻ اِهو خود بيمارين جو هڪ علاج آهي. ڪهڙو نه عظيم ۽ متبرڪ طريقو آهي اسان جي پياري محبوب ڪريم ﷺ جو.

Scanned by CamScanner

اگر کو ماڻهو نماز پڙهي ٿو تہ ڏينهن ۾ گهٽ ۾ گهٽ پندرهن ڀيرا مُنهن، هٿن پيرن، نڪ ۽ وات جي صفائي ڪري ٿو. هفتي ۾ گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو لازمي غسل ڪري ٿو. ان کان علاوه کاڏي جي شين کي ڏکي رکڻ، رات جو کاڏو ضرور کائڻ، ماني کائڻ کان اڳ ۾ هٿ ڏوئڻ، گهٽو پيٽ پيري نہ کائڻ وغيره اِهي سڀ اهڙا اصول آهن جن تي عمل ڪرڻ وارو هزارين بيمارين کان امن ۾ رهي ٿو. هي مڪمل ڪتاب محبوبن ڪريمن ﷺ جي سنتن جو مجموعو آهي. هن ڪتاب ۾ بيان ڪيل سنتن تي عمل ڪرڻ وارو بذاتِ خود هڪ طبيب آهي جيڪو پنهنجو علاج پاڻ ڪري ٿو. انشاء الله اِهو ڪڏهن بہ بيمار نہ ٿيندو.

قدرتي جڙي ٻوٽين جا خواص :

ڪن خاص قدرتي جڙي ٻوٽين جا خواص بيان ڪجن ٿا ۽ ڏسو انهن شين ۾ رب ڪريم ڪهڙا ڪهڙا انسانذات لاءِ فائدا رکرايا آهن؟

1. کلونجي :

حديث نمبر 375 :

تو تي کلونجي جو استعمال ضروري آهي، موت کان سواءِ هر بيماريءَ جي علاج کلونجي ۾ آهي. (ابن ماجه، مسند احمد)[1]

کلونجي کي "حبة السوداء" يا "شونيز" بہ چوندا آهن.

1. ان کي گرم ڪري سنگهڻ سان دائمي نزلو زڪام ختم ٿي وڃي ٿو.
2. لڳاتار کائڻ سان چٽي ڪتي جو کاڏل کي بہ شفايابب ڪري ڇڏي ٿي.
3. دماغ جا چڪر، گهبراهٽ، پيٽ جي پرتي، زڪام، اڌ رنگ، ويسر، ڪنگهہ، سيني جو درد الغرض هر بيماريءَ جو علاج کلونجي ۾ آهي.

---

[1] حديث نمبر 375: عَنْ أَبِي هُرَيْرَةَ أَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ عَلَيْكُمْ بِهَذِهِ الْحَبَّةِ السَّوْدَاءِ فَإِنَّ فِيهَا شِفَاءً مِنْ كُلِّ دَاءٍ إِلَّا السَّامَ وَالسَّامُ الْمَوْتُ. سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي الْحَبَّةِ السَّوْدَاءِ (ج 7/ ص 355۔ الرقم: 1964)

صحيح مسلم بَاب التَّدَاوِي بِالْحَبَّةِ السَّوْدَاءِ (ج 11/ ص 235۔ الرقم: 4105)

سنن ابن ماجه بَاب الْحَبَّةُ السَّوْدَاءُ (ج 10/ ص 250۔ الرقم: 3438)

مسند أحمد: مسند أبي هريرة (ج 15/ ص 283۔ الرقم: 7242)

Scanned by CamScanner

4. قرآن پاڪ ياد ڪرڻ وارن جي حافظي تيز ڪرڻ لاءِ صبح جو نيرانو ٻہ ٽي ڪلونجي جا داڻا کائڻ ڏاڍو مفيد آهي.

2. سَنا :

حديث نمبر 376:

سَنا موت کان سواءِ هر بيماريءَ جي دوا آهي. (ترمذي)[1]

1. بقول ابنِ سينا دل جي بيماري جي علاج لاءِ سنا کان وڌيڪ ٻيو ڪوعلاج ناهي.
2. سنڊن جو سور ختم ڪري ٿي.
3. دماغ جا وسوسا لاهي ٿي.
4. مرگهي جي مريض لاءِ هن ۾ شفا آهي.
5. دائمي مٿي جو سور ختم ڪري ٿي.
6. پيٽ جا ڪيڑا ماري ٿي.
7. رت صاف ڪري ٿي.
8. اگر سنا مڪي مسلسل استعمال ڪجي تہ گردي، مثاني ۽ پتي جي پٿري نڪري وڃي ٿي.
9. چيلهه جي سور، خارش، بواسير، سنڊن جي سور جهڙين تڪليف ده بيمارين لاءِ سنا مڪي انتهائي مفيد آهي.

انتباه: سنا جو جوشانده، گلاب جامن ۽ ڪجهه بادام وغيره سان استعمال ڪرڻ گهرجي، رڳو سنا استعمال ڪرڻ نيڪ نہ آهي.

3. انجير :

هي کائڻ لاءِ لذيذ ميوو ٻہ آهي ۽ بيمارين لاءِ دوا ٻہ آهي.

---

[1] حديث نمبر 376: عَنْ أَسْمَاءَ بِنْتِ عُمَيْسٍ أَنَّ رَسُولَ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ سَأَلَهَا بِمَ تَسْتَمْشِينَ قَالَتْ بِالشُّبْرُمِ قَالَ حَارٌّ جَارٌّ قَالَتْ ثُمَّ اسْتَمْشَيْتُ بِالسَّنَا فَقَالَ النَّبِيُّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لَوْ أَنَّ شَيْئًا كَانَ فِيهِ شِفَاءٌ مِنَ الْمَوْتِ لَكَانَ فِي السَّنَا.

سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي السَّنَا ج 7/ ص 420۔ الرقم: 2007)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 377 :

عَن أَبِي ذر قال: أهدى إلى النبي صَلَّى الله عَلَيْهِ وَسلَّم طبق من تين فقال لأصحابه: كلوا التين فلو قلت إن فاكهة نزلت من الجنة بلا عجم لقلت هي التين وقال النبي ﷺ إنه يذهب بالبواسير وينفع من النقرس. (ديلمى، ابو نعيم، ابوبكر الجوزى)[1]

سيدنا ابوذر رضي الله عنه روايت ڪري ٿو ته رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ انجيرن سان ڀريل ٿالهه هديه ۾ پيش ڪيو ويو. پاڻ ﷺ صحابه ڪرام رضوان الله تعالي عليهم اجمعين کي فرمايو، انجير کائو. پوءِ فرمايائون ته جيڪڏهن مان چوان ته جنت جو ميوو دنيا ۾ آيو آهي ته مان ائين چوندس ته اهو انجير آهي. بلاشڪ انجير بواسير کي ختم ڪري ٿو ۽ سنڊن جي سور کي فائدو ڏئي ٿو.

بواسير جو علاج :

بواسير ٽيڻ جا ٽي سبب هوندا آهن :

1. پراٽي قبضي 2. معدي جي تبخير 3. ڪرسي تي گهٽو ويهڻ.

محبوبن ڪريمن بواسير جو علاج انجير ٻڌايو آهي.

ڪجهه ڏينهن روزانه 5_6 انجير جا داڻا کائڻ سان دائمي قبضي ٽُٽي وڃي ٿي. چار کان اٺ مهينن تائين روزانه انجير کائڻ سان بواسير هميشه لاءِ ختم ٿي وڃي ٿو. اگر ڪنهن کي گهٽي تڪليف هجي ته ان کي گهرجي ته صبح جو نيرانو ماکيءَ جي شربت سان پنج ڇهه داڻا خشڪ انجير جا کائي. ان کي انشاء الله تمام جلد آرام اچي ويندو.

انجير جا فائدا :

1. گُردي ۽ مثاني جي پٿري لاءِ انجير کائجي ته پٿري ڳري نڪري ويندي.
2. نڙيءَ جي ساڙ لاءِ به انجير روزانو کائجن.
3. ڦڦڙن جي سوڄ به انجير سان ختم ٿئي ٿي.
4. جيري ۽ تريءَ کي صاف ڪري ٿو.

---

[1] حديث نمبر 377: الطب النبوي لأبي نعيم الأصفهاني (486/2) التيسير بشرح الجامع الصغير (221/2) فيض القدير (43/5)

Scanned by CamScanner

5. بلغم کي هلکو ڪري ڪڍي ٿو سينو صاف ڪري ٿو.
6. پيٽ مان هوا ڪڍي ٿو. انجير ۽ بادام ملائي کائجن تہ پيٽ جي گھٽين بيمارين کان جان ڇٽي وڃي ٿي.
7. امام ذهبي فرمايو آهي تہ : انجير ۾ پين سيني ميون کان وڌيڪ غذائيت موجود آهي. اڃ لاهي ٿو، آنڊن کي نرم ڪري ٿو ۽ بلغم ڪڍي ٿو.
8. پراٽي کنگھہ کي آرام ڏئي ٿو، نيرانو کائڻ ۾ تمام گھٽا فائدا آهن.
9. عورتن کي انجير کائڻ سان کير ۾ اضافو ٿئي ٿو. ماهواري جي ڪمي جي شڪايت دور ٿي وڃي ٿي.
10. چهري جي رنگت ۽ خوبصورتي ۾ اضافو ڪري ٿو.
11. چيلهہ جي سور کي آرام ڏئي ٿو.

چاهين جا فائدا :

حديث نمبر : 378

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو :

في البطيخ عشر خصال هو طعام وشراب وريحان وفاكهة وأشنان ويغسل البطن ويكثر ماء الظهر ويزيد في الجماع ويقطع الابردة وينقي البشرة. (مسند الفردوس، كتاب البطيخ)[1]

چاهين ۾ ڏهہ فائدا آهن : 1. چاهين طعام بہ آهي. 2 شربت بہ آهي. 3. خوشبو بہ آهي. 4. ميوو بہ آهي. 5. مثاني کي ڏوئي صاف ڪري ٿي. 6. پيٽ کي صاف ڪري ٿي. 7. چيلهہ جو پاٽي وڃائي ٿي. 8. قوتِ مردانہ وڌائي ٿي. 9. جسم جي ٽڏاڻ کي ختم ڪري ٿي. 10. چهري کي سنواري ٿي.

ابن عساڪر جي هڪ حديث ۾ آهي تہ :

"کاڌي کان اڳ چاهين کائڻ سان پيٽ ڏوپي وڃي ٿو ۽ بيماريون نڪري وڃن ٿيون."

(ابن عساڪر)

---

[1] حديث نمبر 378: كنز العمال ج 10 / ص 46۔ الرقم: 28288)

Scanned by CamScanner

حڪيمن جو چوڻ آهي تہ "چاهين پيشاب وڌائي ٿي، پيٽ جي جلن ۽ سوز شن کي ختم ڪري ٿي."

کنگهہ جو علاج :

ڪارا مرچ ۽ پپريون هم وزن پيسي گڏايو ۽ پوءِ ان ۾ ماکي ملائي صبح شام چٽيو، هر قسم جي کنگهہ الله جي حڪم سان ختم ٿي ويندي.

مِريون، پپريون، ماکي، جاڻي رب شافي تہ وڃي کنگهہ ورهن جي.

وات پچي پوڻ جو علاج :

پير جي وڻ جا ڇوڏا پاڻي ۾ وجهي نيم گرم ڪريو. ان پاڻي سان گرڙيون ڪجن تہ وات جا اندروني ڦٽ يڪدم ختم ٿي ويندا.

5. ميندي جا فائدا :

ميندي الله جي نعمتن مان هڪ نعمت آهي جيڪا بيمارين جو علاج ۽ بدن جو سينگار آهي. ڪراڻن کي جوان ڪندي آهي. ميندي لڳائڻ نبين ۽ اصحابن ۽ ولين جي سنت آهي.

حديث نمبر 379 :

1. زخم مٿان ميندي رکو ڦٽ چٽي ويندو. (ترمذي) 1

2. رسول الله ﷺ جن وٽ جڏهن بہ ڪو ماڻهو مٿي جي سور جي شڪايت ڪٽي ايندو هيو تہ پاڻ ان کي سگهيون لڳرائڻ جي هدايت ڪندا هئا ۽ جڏهن بہ ڪو پيرن ۾ سور جي شڪايت ڪندو هيو تہ ان کي ميندي لڳائڻ جو مشورو ڏيندا هئا. (بخاري، ابوداؤد) 2

---

[1] حديث نمبر 379: عَنْ سَلْمَى وَكَانَتْ تَخْدُمُ النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَتْ مَا كَانَ يَكُونُ بِرَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَرْحَةٌ وَلَا نَكْبَةٌ إِلَّا أَمَرَنِي رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ أَنْ أَضَعَ عَلَيْهَا الْحِنَّاءَ. سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي التَّدَاوِي بِالْحِنَّاءِ (ج 7/ص 378 .الرقم: 1979) معرفة الصحابة لأبي نعيم الأصبهاني (ج 23/ص 219.الرقم: 7037)

[2] حديث: عن سَلْمَى خَادِمِ رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَتْ مَا كَانَ أَحَدٌ يَشْتَكِي إِلَى رَسُولِ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَجَعًا فِي رَأْسِهِ إِلَّا قَالَ احْتَجِمْ وَلَا وَجَعًا فِي رِجْلَيْهِ إِلَّا قَالَ اخْضِبْهُمَا. سنن أبي داود بَاب فِي الْحِجَامَةِ (ج 10/ص 347.الرقم: 3360) واخرجه أبو نعيم الأصبهاني في معرفة الصحابة عن سلمى رضي الله عنها بلفظ: أحد قط (ابداً) شكى إلى رسول الله ﷺ وجعا في رأسه إلا أمره أن يحتجم ولا وجعا في رجليه إلا أمر أن يخضبها بالحناء.
معرفة الصحابة لأبي نعيم الأصبهاني (ج 23/ص 220.الرقم: 7038)

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 380 :

عليكم بالحناء فإنه ينور رؤوسكم ويطهر قلوبكم ويزيد في الجماع وهو شاهد لكم في القبر. (ابنِ عساكر)[1]

ميندي لڳايو، اِها توهان جي مٿن کي پُر نور بنائي ٿي، دلين کي پاڪ ڪري ٿي، مرداني قوت وڌائي ٿي. قبر ۾ اوهان لاءِ شاهد هوندي.

4. حديث نمبر 381 :

رسول اڪرم اعظم ﷺ فرمايو ته ميندي جو خضاب لڳايو، اُهو جواني کي وڌائي ٿو، حُسن ۾ واڌارو آڻي ٿو، قوت باهه وڌائي ٿو. (ابو نعيم)[2]

3. حڪيمن جو چوڻ آهي ته ميندیءَ جا پن رات جو پاڻيءَ ۾ پسائي رکجن صبح جو ان پاڻيءَ ۾ ٿوري ڪنڊ ملائي پيئڻ سان يرقان (سائي) ختم ٿي وڃي ٿي ۽ جنهن جي تري وڏيل هجي ان کي به اُهو پاڻي نفعو ڏئي ٿو.

4. جنهن بيمار کي ننڊ نه اچي ان جي وهاڻي ۾ ميندي جا پن پريو ته انشاء الله آرام واري ننڊ ڪندو.

5. جريان جي بيماري ۾ ميندي جو جوشاندو بهترين علاج آهي.

6. ماکيءَ جا فائدا :

خالقِ اڪبر رب العالمين قرآن پاڪ ۾ ماکيءَ جي واکاڻ ڪندي فرمايو آهي ته :

1. فِيهِ شِفَآءٌ لِّلنَّاسِ (النحل : 69)

ماکيءَ ۾ ماڻهن لاءِ شفا رکائي وئي آهي.

---

[1] حديث نمبر 380: كشف الخفاء وضع الحناء مع الميت في القبر (ج 2/ص 337۔الرقم: 2903)
كنز العمال (ج 10/ص 45۔الرقم: 28282)

[2] حديث نمبر 381: قال رسول الله ﷺ اختضبوا بالحناء والكتم فإنه يزيد في جمالكم وشبابكم ونكاحكم.
معرفة الصحابة لأبي نعيم الأصبهاني: عن درهم أبي زياد (ج 7/ص 305۔الرقم: 2311)
كنز العمال (ج 6/ص 666۔الرقم: 17304) مجمع الزوائد (ج 5/ص 160)

Scanned by CamScanner

2. رسول الله ﷺ کي پيئڻ جي شين ۾ سڀ کان وڌيڪ ماکيءَ جو شربت پسند هيو. (بخاري)

3. پاڻ ڪريمن ﷺ فرمايو ته شفا جو مظهر به شيون آهن: 1. ماکي 2. قرآن

(مستدرک حاڪم، ابن ماجه)[1]

4. هڪ اصحابي چيو ته مان بيمار ٿي پيس پوءِ رسول الله ﷺ ڏانهن ماڻهو دعا ۽ دوا لاءِ موڪليم. پاڻ ڪريمن ﷺ مون ڏانهن هڪ ڪُپي ۾ ماکي ڏياري موڪلي. (ابن عساڪر)

هن حديث مطابق ماکي دعا به آهي ته دوا به آهي، ان ۾ شفا به آهي ۽ علاج به آهي.

5. حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما هر مرض ۾ ماکي استعمال ڪرڻ جو حڪم ڪندو هيو. هڪ پيري کيس قرڙي نڪتي ته ان تي ماکيءَ جو ليپ ڏنائون.

6. جسماني ڪمزوري ختم ڪرڻ لاءِ کير ۾ ماکي ملائي پيئو.

7. ٽڪاوٽ ۾ ماکيءَ جو شربت پيو ٽڪاوٽ ختم ٿي ويندي.

8. موسم بهار جي ماکي سڀ کان پلي آهي، اُها بهترين دوا آهي. جسماني قوت وڌائي ٿي، معدي کي طاقت ڏئي ٿي. بک ختم ڪري ٿي، ڪراڙپ جو سهارو آهي. اکين ۾ لڳائجي ته نظر وڌائي ٿي. ڏندن کي مضبوط ڪري ٿي، پيٽ جا جراثيم ماري ٿي.

هر مرض جي دوا :

طبيبِ اعظم، نبي اڪرم حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ فرمايو ته پنهنجي حلال ڪمائي مان هڪ درهم جي ماکي خريد ڪيو. ان کي مينهن جي پاڻي ۾ ملائي پيئو اهو هر بيماري جو علاج آهي. (مسند الفردوس)

هن پاڪيزه نسخي جا ٽي جزا آهن:

1. حلال ڪمائي جي رقم. 2. ماکي. 3. مينهن جو پاڻي.

هر درد جي دوا، هر مَرض کان شفا، پلي آزمايو. سڌي نبي ﷺ جو قول برحق ۽ سچو آهي. مينهن جي پاڻيءَ لاءِ خود رب پاڪ فرمايو ته :

---

[1] حديث: قَالَ رَسُولُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عَلَيْكُمْ بِالشِّفَاءَيْنِ الْعَسَلِ وَالْقُرْآنِ. سنن ابن ماجه بَاب الْعَسَلِ (ج10 / ص256) المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج19 / ص93. الرقم: 8333: وقال الحاكم هذا حديث صحيح على شرط الشيخين)

Scanned by CamScanner

وَنَزَّلْنَا مِنَ السَّمَآءِ مَآءً مُّبٰرَكًا ○ (ق: ۹)

۽ اسان آسمان کان برکت وارو پاڻي نازل فرمايو.

حضرت مولا علي ڪرم الله وجهه وٽ ڪو مريض ايندو هيو تہ پاڻ ان کي هدايت ڪندا هئا تہ قرآن پاڪ جي ڪا آيت ڪاغذ تي لکي ان کي بارش جي پاڻيءَ سان ڌوئي، ان پاڻي ۾ ماکي ملائي مريض کي پياريو تہ اُهو شفايابُ ٿي ويندو. (طب نبوي)

حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنهما هر مرض لاءِ قرآن پاڪ جي ڪا آيت ڪاغذ تي لکي ۽ ان تي ماکي لڳائي مريض کي چٽائيندو هيو تہ ان کي شفا ٿيندي هئي.

7. هُربو (ميٺي) :

حضرت حبيب ڪريم ﷺ فرمايو تہ "هُربي مان شفا ونو."

هڪ روايت ۾ ائين بہ آهي تہ پاڻ فرمايائون تہ جيڪڏهن منهنجي امت کي اها خبر پوي تہ هربي ۾ ڪهڙا ڪهڙا فائدا آهن تہ اُهي ان کي سون ۾ توري خريد ڪن. (طب نبوي)

8. حجامت (سِگي لڳرائڻ) ۽ ڏنب سان علاج :

ڪنهن مريض کي سگي لڳائڻ جو طريقو هي آهي تہ پهريائين مرض واري جاءِ تي نشتر هڻندا آهن پوءِ سگي رکي چوسيندا آهن تہ اتي سگي جمي ويندي آهي. جڏهن چڪيندا آهن تہ خراب خون ٻاهر نڪري ويندو آهي. ان نشتر ۾ الله تعاليٰ وڏي شفا رکي آهي. مٿي جي سور کان ٻن ڪلهن جي وچ ۾ سگي لڳرائي ويندي آهي.

رسول اڪرم ﷺ فرمايو تہ معراج واري رات آءٌ ملائڪن جي جنهن بہ جماعت کان لنگهيس تہ انهن مون کي چيو تہ پنهنجي امت کي امر ڪيو تہ سگي لڳرائن. (ترمذی، ابن ماجه) [1]

ڏنب ڏيڻ سان علاج :

لوهہ گرم ڪري ان سان داغ ڏيڻ کي ڏنب چئبو آهي. ان طرح جي علاج ڪرڻ کان شريعتِ پاڪ منع فرمايو آهي.

---

[1] حديث: عَنْ ابْنِ مَسْعُودٍ قَالَ حَدَّثَ رَسُولُ اللهِ ﷺ عَنْ لَيْلَةِ أُسْرِيَ بِهِ أَنَّهُ لَمْ يَمُرَّ عَلَى مَلَإٍ مِنَ الْمَلَائِكَةِ إِلَّا أَمَرُوهُ أَنْ مُرْ أُمَّتَكَ بِالْحِجَامَةِ. سنن الترمذي بَاب مَا جَاءَ فِي الْحِجَامَةِ (ج 7/ص 375) سنن ابن ماجه بَاب الْحِجَامَةُ (ج 10/ص 296)

Scanned by CamScanner

پر مجبوري جي حالت ۾ جڏهن ٻي کا دوا فائدو نه ڏئي تہ اهڙي صورت ۾ ڏنب ڏئي علاج کرائي سگهجي ٿو. جيئن صحيح مسلم ۾ حديث آهي تہ:

جنگِ احزاب واري ڏينهن حضرت اُبي بن کعب رضي الله عنه کي رڳ حيات ۾ تير لڳو (جيکا کارائي کان هوندي آهي) رت وهي رهيو هيو ۽ رت بند ٿئي ئي نہ پيو تہ رسول الله صلي الله عليه وسلم جن ان ڏاڍهن طبيب موکليو جنهن ان جي رڳ کي کٽيو پوءِ ان تي ڏنب ڏنائين. (مسلم)[1]

ان طرح عرق النساء جي سور لاءِ پنيءَ تي ڏنب ڏيڻ سان سور بلکل ختم ٿي ويندو آهي.

حضرت سعد رضي الله عنه کي تير لڳو، رت نہ پيو بند ٿئي تہ پاڻ کريم صلي الله عليه وسلم پنهنجي هٿ مبارک سان هڪ پيرو پيو پيرو کيس داغ ڏنو. (مسلم)[2]

"کولا" جي بيماري جنهن ۾ سجو بدن ڳاڙهو ٿي ويندو آهي، حضور صلي الله عليه وسلم ان بيماري جو علاج بہ ڏنب سان کيو آهي. (ترمذي)

حديث نمبر 382 :

حضرت رسول عربي صلي الله عليه وسلم جن فرمايو تہ شفاء ٽن شين ۾ آهي. 1. سڱي واري جي نشتر ۾ 2. ماکي جي ڦُڪَ ۾. 3. باهہ جي داغ ۾. ۽ آءٌ پنهنجي امت کي (مجبوري کانسواءِ) داغ کان منع کيان ٿو. (بخاري)[3]

---

[1] حديث: عَنْ أَبِي سُفْيَانَ عَنْ جَابِرٍ قَالَ بَعَثَ رَسُولُ اللَّهِ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ إِلَى أُبَيِّ بْنِ كَعْبٍ طَبِيبًا فَقَطَعَ مِنْهُ عِرْقًا ثُمَّ كَوَاهُ عَلَيْهِ. صحيح مسلم بَاب لِكُلِّ دَاءٍ دَوَاءٌ وَاسْتِحْبَابِ التَّدَاوِي (ج 11 / ص 215. الرقم: 4088)

[2] عَنْ جَابِرٍ، قَالَ: رُمِيَ سَعْدُ بْنُ مُعَاذٍ فِي أَكْحَلِهِ، قَالَ: فَحَسَمَهُ النَّبِيُّ صلي الله عليه وسلم بِيَدِهِ بِمِشْقَصٍ، ثُمَّ وَرِمَتْ فَحَسَمَهُ الثَّانِيَةَ صحيح مسلم (4/ 1731) ويقول ملا على القارى: (فَحَسَمَهُ النَّبِيُّ صلي الله عليه وسلم): أَيْ كَوَاهُ۔ مرقاة المفاتيح شرح مشكاة المصابيح (7/2862)

[3] حديث نمبر 382: عَنْ ابْنِ عَبَّاسٍ عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ الشِّفَاءُ فِي ثَلَاثَةٍ فِي شَرْطَةِ مِحْجَمٍ أَوْ شَرْبَةِ عَسَلٍ أَوْ كَيَّةٍ بِنَارٍ وَأَنَا أَنْهَى أُمَّتِي عَنِ الْكَيِّ. صحيح البخاري بَاب الشِّفَاءُ فِي ثَلَاثٍ (ج 17 / ص 438. الرقم: 5249)

واخرجه احمد في المسند بلفظ: عَنْ عُقْبَةَ بْنِ عَامِرٍ الْجُهَنِيِّ قَالَ قَالَ رَسُولُ اللَّهِ صلي الله عليه وسلم ثَلَاثٌ إِنْ كَانَ فِي شَيْءٍ شِفَاءٌ فَفِي شَرْطَةِ مُحْجِمٍ أَوْ شَرْبَةِ عَسَلٍ أَوْ كَيَّةٍ تُصِيبُ أَلَمًا وَأَنَا أَكْرَهُ الْكَيَّ وَلَا أُحِبُّهُ. مسند احمد حديث عُقْبَةَ بْنِ عَامِرٍ الْجُهَنِيِّ (ج 35 / ص 187. الرقم: 16677) شعب الإيمان للبيهقي (ج 3/ ص 219. الرقم: 1170)

Scanned by CamScanner

روحاني علاج

قرآن پاڪ جي اکر اکر ۾ شفاء آهي. دردن جو دارون آهي غمن جو علاج آهي. قرآن پڑهي دم ڪرڻ شفاء آهي، قرآن پاڪ جون آيتون لکي پيارڻ شفاء آهي. قرآن پاڪ جون آيتون لکي گلي ۾ پڌڻ (بشرطِ پاڪيزگي) شفاء آهي. يا وري سهڻي محبوب ڪريم ﷺ جن پنهنجي امت کي دعائون ڏيڻا سيکاريا آهن، انهن ۾ بہ يقيناً شفاء آهي. يا وري بزرگن پنهنجي ڪشف جي ذريعي يا تجربن جي ذريعي اهڙا اهڙا روحاني علاج ٻڌايا آهن، جن ۾ بيشمار رحمتون ۽ برڪتون سمايل آهن.

ياد رکو اهڙا وظيفا، اهڙا تعويذ، اهڙا ورد جن جي معنيٰ ۽ مطلب معلوم نہ هجي يا ڪنهن اهڙي پولي ۾ هجن، جن جو مقصد سمجهڻ کان بالاتر هجي، يا ڪافرن جا منتر جنتر هرگز پڑهڻ جائز نہ آهن بلڪ اهڙا تعويذ شرڪ آهن. اڇڪلهہ ڪاري علم، جادو ٽوڻن، ڏيڻن جو مرض تمام گهڻو وڌي ويو آهي. اهڙن پوپن، جادوگرن، ڪاهنن، پامسٽس (Palmists) جيڪي غيبي معلومات کان آگاهہ ڪندا آهن، وٽ وڃڻ انهن کان تعويذ ڏيڻا وجهائڻ حرام آهي حرام آهي حرام آهي. ڪنهن کي نقصان پهچائڻ، ٻن مسلمانن کي پاڻ ۾ ويڑهائڻ، زال مڙس جي وچ ۾، پيءُ پٽ جي وچ ۾، يا مائٽن جي وچ ۾ جدائي يا جهڙو ڪرائڻ وڏو گناهہ آهي.

اجازتِ عامہ:

هتي ڪجهہ دعائون، درود، وظيفا بيان ڪيا وڃن ٿا جيڪي ڪجهہ حديثن مان ثابت آهن. ڪجهہ هِن فقير کي بزرگن کان مليا آهن. هنن دعائن وظيفن کي جيڪو بہ مسلمان پڑهڻ چاهي ان کي اسان جي طرفان اجازتِ عام آهي. ڪجهہ دعائون آهن جيڪي مريض تي پڑهي ڏيڻو رکڻ جون آهن جنهن سان انشاء الله العزيز شفاءِ ڪاملہ نصيب ٿيندي.

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 383 :

أَمَرَ رَسُولُ اللّٰهِ ﷺ أَنْ يُسْتَرْقَى مِنَ الْعَيْنِ (بخاری)[1]

رسول الله ﷺ بدنظري کان ڦيٽي رکڻ جو امر ڪيو.

اهڙو روحاني عمل جيڪو قرآن ۽ حديث جي مخالفت يا ضد ۾ نه هجي ۽ ان سان ڪنهن مسلمان کي نفعو پهچي تہ اُهو تعويذ ڦيٽو ڪرڻ جائز آهي ۽ ان جي عيوض ڪجهہ هديو وغيره وٺڻ بہ جائز آهي.

حديث نمبر 384:

حضرت جابر رضی اللہ عنہ فرمايو تہ رسول الله ﷺ دم ڦيٽي کان منع ڪئي. عمرو بن حزم جا گهر وارا آيا چوڻ لڳا تہ يا رسول الله ﷺ اسان وٽ وڇون۽ جو ڦيٽو آهي. توهان ڦيٽي کان منع ڪئي آهي. پاڻ فرمايائون اُهو پڙهي ٻڌاءِ. ان پڙهي ٻڌايو. پاڻ ﷺ فرمايائون تہ اسان ان ۾ ڪوبہ حرج نہ ٺا ڏسون. (يعني ان ڦيٽي ۾ مشرڪانہ لفظ نہ آهن) پوءِ فرمايائون :

مَنِ اسْتَطَاعَ مِنْكُمْ أَنْ يَنْفَعَ أَخَاهُ فَلْيَنْفَعْهُ (مسلم)[2]

توهان مان ڪوبہ پنهنجي ڀاءُ کي نفعو پهچائي سگهي ٿو تہ ضرور نفعو پهچائي.

1. هن مان معلوم ٿيو تہ ڦيٽو رکڻ جائز آهي، پر ان ۾ غير شرعي لفظ نہ هجن.
2. ڪنهن کي دم درود چنڊي ڦيٽي سان نفعو پهچائڻ جائز آهي پر نقصان نہ پهچائجي.
3. ڦيٽي جي تاثير برحق آهي. تڏهن تہ پاڻ اجازت ڏنائون اگر فائدو نہ هجي ها تہ پاڻ ڪڏهن بہ اجازت نہ ڏين ها.

---

[1] حديث نمبر 383: صحيح البخاري بَاب رُقْيَةِ الْعَيْنِ (ج 18/ ص 17۔ الرقم: 5297)

[2] حديث نمبر 384: عَنْ جَابِرٍ قَالَ نَهَى رَسُولُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ عَنِ الرُّقَى فَجَاءَ آلُ عَمْرِو بْنِ حَزْمٍ إِلَى رَسُولِ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَقَالُوا يَا رَسُولَ اللّٰهِ إِنَّهُ كَانَتْ عِنْدَنَا رُقْيَةٌ نَرْقِي بِهَا مِنَ الْعَقْرَبِ وَإِنَّكَ نَهَيْتَ عَنِ الرُّقَى قَالَ فَعَرَضُوهَا عَلَيْهِ فَقَالَ مَا أَرَى بَأْسًا مَنِ اسْتَطَاعَ مِنْكُمْ أَنْ يَنْفَعَ أَخَاهُ فَلْيَنْفَعْهُ. صحيح مسلم بَاب اسْتِحْبَابِ الرُّقْيَةِ مِنَ الْعَيْنِ وَالنَّمْلَةِ وَالْحُمَةِ وَالنَّظْرَةِ (ج 11 / ص 200۔ الرقم: 4078) مسند أحمد: مسند جابر بن عبد الله رضي الله عنهما (ج 28/ ص 412۔ الرقم: 13863)

Scanned by CamScanner

مشاهده امور غيبيه :

حضرت شاه فقير الله علوي رحمة الله عليه بعض بزرگن جي حوالي سان لکن ٿا ته اگر ڪنهن معاملي بابت ڄاڻڻ چاهيو ٿا يا امور غيبي جي متعلق معلوم ڪرڻ چاهيو ٿا ته ان لاءِ هي عمل نهايت مجرب آهي. خواب ۾ سڀ گالهه صاف نظر اچي ويندي.

سمهڻ کان اڳ ۾ تازو وضو ڪيو، پاڪ بستري تي ويهي ٽي ڀيرا سڌي نبي ڪريم ﷺ تي ڪوبه درود پڙهو. پوءِ ڏهه ڀيرا سورت فاتحه پڙهو، پوءِ يارهن ڀيرا سورة اخلاص قل هو الله احد پڙهو، پوءِ درود شريف پڙهندي، ڪعبه ڏانهن منهن ڪري ساڄي هٿ جي ساڄي تري ساڄي ڳل جي هيٺان ڏئي سمهي پئو. (قطب الارشاد)

هر مرض جو علاج :

1. سورة فاتحه ۽ چار قل ۽ آيت الڪرسي اول آخر درود شريف پڙهي ڪنهن به مريض تي صبح شام ٽي ڀيرا دم ڪيو، انشاء الله هر مرض کان شفا ملندي.
2. هر رات پڙهي پنهنجي بدن تي دم ڪرڻ سان هر مصيبت کان امن عافيت رهندي.
3. ڪنهن لاعلاج مريض کي چينيءَ جي پليٽ تي لکي صبح جو نيرانو پيارڻ سان انشاء الله شفا ملندي.
4. ڪنهن نامرد کي چيني جي پليٽ تي لکي پيارڻ سان صحتياب ٿيندو.
5. جنهن گهر ۾ جِنّ هجن ان گهر جي چئن ڪنڊن ۾ پڙهي پاڻيءَ تي دم ڪري ڇڻڪاريو.
6. جنهن تي جادو ٽيل هجي يا ڪارو علم ٽيل هجي ان تي دم ڪيو ۽ ڏوئي پياريو شفا ملندي.
7. خوامخواه روئڻ واري ٻار کي لکي پيارڻ سان روئڻ بند ٿي ويندو.
8. بيمار جانور تي دم ڪيو ته ڇڳو پلو ٿي پوندو.

چار قل مان مراد : قل يا ايها الڪافرون، قل هو الله احد، قل اعوذ برب الفلق، قل اعوذ برب الناس، چار ئي سورتون آهن.

هر مقصد لاءِ :

فجر نماز جي فرض ۽ سنت جي وچ ۾ 41 ايڪيتاليهه ڀيرا سورة فاتحه بسم الله سميت پڙهو پر بسم الله جو آخري ميم الحمد جي الف سان ملائي پڙهو.

Scanned by CamScanner

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ ①

آخر تائين ۽ هر فاتحہ جي ختم ٿيڻ وقت ٽي ڀيرا آمين چئو.

1. رزق جي ڪشادگي لاءِ. 2. صحتمندي لاءِ 3. ڪاروبار ۾ ڪاميابي لاءِ. 4. امتحان ۾ ڪاميابي لاءِ 5. شاديءَ لاءِ 6. ڪيس فتح ٿيڻ لاءِ 7. جيل مان آزادي لاءِ 8. ڪنهن بہ چانس جي حصول لاءِ.

ان کان سواءِ جنهن مقصد لاءِ پڙهندو انشاء الله اهو مقصد پورو ٿيندو. هميشہ پڙهندا رهو تہ بهتر نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ 41 ايڪيتاليهہ ڏينهن ضرور پڙهو، مقصد پورو ٿي وڃي تہ بہ ايڪيتاليهہ ڏينهن پورا ڪيو.

مجرب نسخو :

حَسْبُنَا اللّٰهُ وَنِعْمَ الْوَكِيْلُ

پنج سؤ ڀيرا پڙهو اول ۽ آخر ۾ هڪ سو 100 ڀيرا ڪوبہ درود شريف پڙهو. جڏهن پڙهي ختم ڪيو تہ ان جو ثواب حضور غوثِ اعظم سيدنا عبدالقادر جيلاني رحمة الله عليہ جي روح مبارڪ ڪي بخشي، پنهنجي مطلب لاءِ دعا گهرو. صبح يا شام جو هڪ وقت مقرر ڪري ونو ۽ مقصد پوري ٿيڻ تائين عمل جاري رکو.

دعاءِ حاجت :

هيءَ دعا عجيب تاثير رکي ٿي.ڪنهن بہ حاجت يا ضرورت لاءِ هيءَ دعا گهري وڃي تہ الله تعاليٰ جي فضل و ڪرم سان هر مراد پوري ٿيندي. بزرگن فرمايو آهي تہ هيءَ دعا جاهلن ڪي نہ ڏيو متان گناهن لاءِ يا مائٽين چنڊ لاءِ هيءَ دعا استعمال ڪن. جيڪڏهن الله تعاليٰ وٽ ڪا حاجت ضرورت هجي تہ اربع، خميس ۽ جمعہ جي ڏينهن روزو رکو. ۽ جمعي جي ئي ڏينهن پاڪ صاف ڪپڑا پهري عطر مکي جمعي نماز لاءِ وڃو. ٿورو گهٽو پنهنجي حال مطابق صدقو ۽ خيرات ڪيو. جمعي جي نماز پڙهي پوءِ هيءَ دعا پڙهو:

Scanned by CamScanner

دعا

اَللّٰهُمَّ اِنِّي اَسْاَلُکَ بِاِسْمِکَ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيمِ الَّذِي لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ عَالِمُ الْغَيْبِ وَالشَّهَادَةِ الرَّحْمٰنُ الرَّحِيمُ وَاَسْاَلُکَ بِاِسْمِکَ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيمِ الَّذِي لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ الْحَيُّ الْقَيُّومُ الَّذِي لَاتَاْخُذُهُ سِنَةٌ وَّلَا نَوْمٌ الَّذِی مَلَاءَ عَظْمَتَهُ السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضَ الَّذِیْ عَنَتْ لَهُ الْوُجُوهُ وَخَشَعَتْ لَهُ الْاَصْوَاتُ وَوَجِلَتِ الْقُلُوبُ مِنْ خَشْيَتِهِ اَنْ تُصَلِّیَ عَلٰی مُحَمَّدٍ ﷺ وَاَنْ تُعْطِيَنِی حَاجَتِی وَهِیَ (پوءِ پنهنجي حاجت بيان ڪريو) (قطب الارشاد)

شاديءَ لاءِ وظيفو :

پنهنجي پسند جي شاديءَ لاءِ هي وظيفو هڪ لک ڀيرا پڙهو انشاء الله من جي مراد پوري ٿيندي.

يَا اَللّٰه يَا رَحْمٰنُ يَا رَحِيمُ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِين

وَصَلَّي اللّٰهُ عَلٰی خَيرِ خَلْقِهٖ مُحَمَّدٍ

ٻيون وظيفو :

هي وظيفو مديني پاڪ ۾ هڪ بزرگ عطا ڪيو، نهايت مجرب آهي. هر فرض نماز کان پوءِ پارهن ڀيرا هي لفظ پڙهو :

قُلْ اِنَّ الْفَضْلَ بِيَدِ اللّٰهِ ۚ يُؤْتِيْهِ مَنْ يَّشَآءُ ۭ وَاللّٰهُ وَاسِعٌ عَلِيْمٌ ۝

يَّخْتَصُّ بِرَحْمَتِهٖ مَنْ يَّشَآءُ ۭ وَاللّٰهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيْمِ ۝

سورة يٰسٓ جو ورد :

سورة يٰسٓ جو ورد ان طرح ڪيو ته پڙهندي پڙهندي پهرئين مبين تي پهچو ته وري واپس شروع کان پڙهو. سورة يٰسٓ ۾ ست دفعا لفظ "مبين" اچي ٿو، هر مبين تي اچي واپس شروع کان پڙهو. آخر ۾ هڪ ڀيرو سورة يٰسٓ مڪمل پڙهو. چاليهه ڏينهن تائين هي ورد ڪيو. رزق جي برڪت لاءِ، غم پريشانين لاهڻ لاءِ، خوف خطرن کان بچڻ لاءِ ۽ هر مقصد جي پوري ٿيڻ لاءِ انتهائي فائديمند آهي.

Scanned by CamScanner

حديث نمبر 385 :

بيهقي ۾ حديث آهي ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته :

تورات ۾ سورة يٰسٓ جو نالو "معمہ" بيان ٿيل آهي. اها سورة پنهنجي پڙهندڙ کي دين دنيا جون پلايون نصيب ڪرائي ٿي ۽ ان کان دنيا جون مشڪلاتون ٽاري ٿي ۽ ان تان آخرت جا درد غم پري ڪري ٿي. پڙهندڙ کان هر برائي کي پري ڪري ٿي ۽ ان جي هر حاجت پوري ڪري ٿي.

اگر ڪو ماڻهو سورة يٰسٓ شريف جو ورد هڪ پيرو ڪري ان کي 20 ويهن حجن جو ثواب عطا ٿيندو آهي. جو شخص ان جي تلاوت ٻڌي ته ان کي هڪ هزار دينارن جي صدقي و خيرات ڪرڻ جو ثواب ملي ٿو. جيڪو ماڻهو سورة يٰسٓ لکي ۽ پوءِ ڏوئي پيئي ته ان جي پيٽ ۾ هڪ هزار دوائون داخل ٿي ويون، هڪ هزار نور، هڪ هزار يقين، هڪ هزار برڪتون، هڪ هزار رحمتون وڌيڪ داخل ٿين ٿيون. ان جي اندر مان هر هڪ ڪوٽ ۽ بيماري نڪري وڃي ٿي. (شعب الإيمان)[1]

جو شخص هر رات ۾ سورة يٰسٓ پڙهندو رهي، اهو ماڻهو مري وڃي ته جڙ ان کي شهادت جو موت نصيب ٿيو. (طبراني)[2]

جيڪو شخص ڏينهن جو سورة يٰسٓ پڙهي ته ان جون سڀ حاجتون پوريون ٿي ويندیون آهن. (دارمي)

---

[1] حديث نمبر 385: أن أبا بكر الصديق رضي الله عنه قال قال رسول الله ﷺ سورة يس في التوراة تدعى المعمة قيل ما المعمة قال تعم صاحبها بخير الدنيا والآخرة وتكابد عنه بلوى الدنيا وتدفع عنه أهوال الآخرة وتدعى المدافعة القاضية تدفع عن صاحبها كل سوء وتقضي له كل حاجة من قرأها عدلت له عشرين حجة ومن سمعها عدلت له ألف دينار في سبيل الله من كتبها ثم شربها أدخلت جوفه ألف دواء وألف نور وألف يقين وألف بركة وألف رحمة ونزعت عنه كل غل وداء. تفرد به محمد بن عبد الرحمن هذا عن سليمان وهو منكر. شعب الإيمان للبيهقي: ذكر سورة يس (ج 5/ ص 476. الرقم: 2363)

[2] حديث: عن أنس بن مالك قال قال رسول الله ﷺ من داوم على قراءة يس كل ليلة ثم مات مات شهيدا. المعجم الأوسط للطبراني: باب الميم من اسمه محمد (ج 15/ ص 293. الرقم: 7217)

Scanned by CamScanner

جيڪو شخص سورة يٰسٓ پڙهي تہ ان جا اڳيان پويان گناهہ بخشجي وڃن ٿا. زهر واري طعام تي پڙهي تہ زهر اثر نہ ڪندو. نزع جي وقت هيءَ سورة پڙهي وڃي تہ مرڻ واري جو ساهہ آساني سان نڪرندو. ويم واري عورت تي بوقت ولادت پڙهي وڃي تہ آسانيءَ سان ٻار ڄمندو.

هڪ ڀيرو پڙهڻ يا يارهن ڀيرا پڙهڻ سان سارو قرآن پاڪ جو ثواب ملندو. (بيهقي)[1]

گهرن مان جنن ۽ نانگن کي ڀڄايو :

لوهہ جا چار ڪوڪا ڪٽي هر هڪ تي 25 پنجويهہ ڀيرا هي آيتون پڙهو :

اِنَّهُمْ يَكِيْدُوْنَ كَيْدًا ۝ وَّاَكِيْدُ كَيْدًا ۝ فَمَهِّلِ الْكٰفِرِيْنَ اَمْهِلْهُمْ رُوَيْدًا

اُهي ڪوڪا گهر جي ڇڻي ڪنڊن ۾ ڪوڙيو، انشاء الله گهر مان جنّ ڀڄي ويندا، نانگ هليا ويندا، ان گهر تي جادو جو اثر نہ ٿيندو.

پيٽ جي سُور لاءِ :

ٽي ڀيرا پاڻيءَ تي هيءَ آيت پڙهي دم ڪيو اُهو پاڻي مريض کي پياريو يا مريض جي پيٽ تي هٿ رکي ٽي ڀيرا هيءَ آيت پڙهي دم ڪيو.

لَا فِيْهَا غَوْلٌ وَّلَا هُمْ عَنْهَا يُنْزَفُوْنَ

پريشانين کان ڇوٽڪارو :

حديث نمبر 386 :

امام دار قطني حضرت جعفر بن محمد رحمۃ اللہ علیہ کان روايت ڪئي تہ رسول الله ﷺ فرمايو هر هڪ نبيءَ پنهنجي امت لاءِ هڪ مستجاب دعا ڇڏي هئي پر اسان جي نبي ﷺ پنهنجي امت لاءِ پہ مقبول دعائون ڇڏيون آهن.

---

[1] حديث: من قرأ يس غفر له ومن قرأها وهو جائع شبع ومن قرأها وهو ضال هدي ومن قرأها وله ضالة وجدها ومن قرأها عند طعام خاف قلته كفاه ومن قرأها عند ميت هون عليه ومن قرأها عند امرأة عسر عليها ولدها يسر عليها ومن قرأها فكأنما قرأ القرآن إحدى عشرة مرة. شعب الإيمان للبيهقي. ذكر سورة يس (ج 5/ص 478. الرقم: 2365)

Scanned by CamScanner

1. پريشانين کان ڇوٽڪاري لاءِ :

هيءَ دعا گھٽو پڙھڻ واري جون سڀ پريشانيون ختم ٿي وڃن ٿيون.

يَا دَائِمًا لَّمْ يَزَلْ يَا اِلَاهِيْ وَاِلٰهَ اٰبَائِيْ يَا حَيُّ يَا قَيُّوْمُ

قرض کان نجات :

پي مقبول دعا جيڪا رسول الله ﷺ امت کي سيکاري جنهن سان قرض لهي وڃن ٿا، ضرورتون، حاجتون پوريون ٿي وڃن ٿيون.

يَا مَنْ يَكْفِيْ مِنْ كُلِّ شَيْءٍ وَلَا يَكْفِيْ مِنْهُ شَيْءٌ يَا اَللّٰهُ يَا رَبَّ مُحَمَّدٍ

اِقْضِ عَنِّي الدَّيْنَ (دار قطني)

خير و برڪت لاءِ :

رزق جي ڪشادگي، خيروبرڪت، امن و عافيت لاءِ هي درود پاڪ هڪ هزار پيرا بنا ناغي جي رات جو يا ڏينهن جو پڙهو. آزمايل آهي.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى اٰلِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ

اَفْضَلَ صَلٰوتِكَ بِعَدَدِ مَعْلُوْمَاتِكَ وَبَارِكْ وَسَلِّمْ عَلَيْهِ

اکين جي سور جو علاج :

هر فرض نماز کان پوءِ سلام ورائي 11 يارهن پيرا "يا نور" پڙهي آڱوٺن جي ننهن تي شوڪاري اکين سان لڳايو. انشاء الله اکين جو سور ختم ٿي ويندو ۽ اکين جي نظر ۾ اضافو ٿيندو.

هر مقصد ۾ ڪاميابي لاءِ:

حديث نمبر 387 :

بيهقي، ابو نعيم، ترمذي، نسائي، ابن ماجه ۾ پين حديثن جي ڪتابن ۾ هيءَ حديث موجود آهي جنهن کي حضرت عثمان بن حُنيف رضی اللہ عنہ روايت ڪئي ته هڪ انڌو ماڻهو رسول الله ﷺ جي خدمت ۾ آيو. عرض ڪيائين يا رسول الله دعا فرمايو ته الله پاڪ مون کي صحت ڏئي، اکيون روشن ڪري. پاڻ فرمايائون:

Scanned by CamScanner

جيڪڏهن تون چوين تہ مان تنهنجي آخرت جي بهتري لاءِ دعا گهران جيڪا تو لاءِ پلي آهي ۽ جيڪڏهن چوين تہ هينئر لاءِ دعا سيکاريان. عرض ڪيائين هينئر دعا ڪيوم. پاڻ فرمايائون اول وڃ سهڻي طرح وضو ڪر پوءِ ٻہ رڪعتون نفل نماز پڙهہ پوءِ هيءَ دعا گهر:

اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ، وَأَتَوَجَّهُ إِلَيْكَ بِمُحَمَّدٍ نَبِيِّ الرَّحْمَةِ، يَا مُحَمَّدُ إِنِّي قَدْ تَوَجَّهْتُ بِكَ إِلَى رَبِّي فِي حَاجَتِي هَذِهِ لِتُقْضَى، اللَّهُمَّ فَشَفِّعْهُ فِيَّ

اُهو ماڻهو اٿيو ۽ دعا گهريائين اجا اسان ويٺا هئاسين، اُهو ماڻهو آيو تہ ان جون اکيون روشن ٿي چڪيون هيس.[1]

امير المؤمنين حضرت عثمان غني رضی اللہ عنہ وٽ ڪنهن ماڻهو جو ڪم هيو. ڪيترائي دفعا ويو پر حضرت امير المومنين رضی اللہ عنہ ڪابہ توجهہ نہ ڏنائون. هڪ ڏينهن ان ماڻهو اِها ئي ڳالهہ حضرت عثمان بن حنيف رضي الله عنهما کي ٻڌائي ۽ پاڻ مٿين دعا سيکاريس.

دعا پڙهي ويو تہ حضرت عثمان رضی اللہ عنہ ان جي ڏاڍي آجيان ڪئي، پاڻ سان گڏ ويهاريائينس ۽ انهيءَ مهل سندس ڪم ڪيائين. اها سڀ ان دعا جي برڪت هئي. اگر هاڻي بہ ماڻهو هن دعا کي ڪنهن مقصد لاءِ پڙهي تہ يقيناً ان جو هر مقصد پورو ٿيندو.

---

[1] حديث نمبر 387: عَنْ عُثْمَانَ بْنِ حُنَيْفٍ أَنَّ رَجُلًا ضَرِيرَ الْبَصَرِ أَتَى النَّبِيَّ صَلَّى اللَّهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فَقَالَ ادْعُ اللَّهَ أَنْ يُعَافِيَنِي قَالَ إِنْ شِئْتَ دَعَوْتُ وَإِنْ شِئْتَ صَبَرْتَ فَهُوَ خَيْرٌ لَكَ قَالَ فَادْعُهُ قَالَ فَأَمَرَهُ أَنْ يَتَوَضَّأَ فَيُحْسِنَ وُضُوءَهُ وَيَدْعُوَ بِهَذَا الدُّعَاءِ اللَّهُمَّ إِنِّي أَسْأَلُكَ وَأَتَوَجَّهُ إِلَيْكَ بِنَبِيِّكَ مُحَمَّدٍ نَبِيِّ الرَّحْمَةِ إِنِّي تَوَجَّهْتُ بِكَ إِلَى رَبِّي فِي حَاجَتِي هَذِهِ لِتُقْضَى لِيَ اللَّهُمَّ فَشَفِّعْهُ فِيَّ.

سنن الترمذي بَاب فِي دُعَاءِ الضَّيْفِ (ج 11/ ص 497۔ الرقم: 3502)

سنن ابن ماجه بَاب مَا جَاءَ فِي صَلَاةِ الْحَاجَةِ (ج 4/ ص 296۔ الرقم: 1375)

مسند أحمد: حَدِيثُ عُثْمَانَ بْنِ حُنَيْفٍ رَضِيَ اللَّهُ تَعَالَى عَنْهُ (ج 35/ ص 110۔ الرقم: 16605)

السنن الكبرى للنسائي (ج 6/ ص 169۔ الرقم: 10495)

المستدرك على الصحيحين للحاكم: فأما حديث عبد الله بن فروخ (ج 3/ ص 202۔ الرقم: 1128)

دلائل النبوة للبيهقي (ج 6/ ص 352۔ الرقم: 2415)

صحيح ابن خزيمة (ج 4/ ص 446۔ الرقم: 1152)

مسند عبد بن حميد (ج 1/ ص 431۔ الرقم: 382)

Scanned by CamScanner

باب نائون

زندگي گذارڻ جا اصول

جيڪڏهن عزت ۽ وقار جي زندگي گذارڻ چاهيو ٿا تہ هنن اصولن کي غور ۽ فڪر سان پڙهو ۽ عمل ڪيو. انشاء الله اوهين ڪڏهن بہ ڏکيو ڏينهن نہ ڏسندا.

صالحن جي سنگت لازم رکو :

دنيا ۾ جيڪڏهن پنهنجو خير، امن ۽ عافيت چاهيو ٿا ۽ آخرت ۾ نجات چاهيو ٿا تہ الله جي نيڪ ٻانهن جي صحبت کي پنهنجو پاڻ تي لازم ڪري ڇڏيو. ڇو تہ انسان تي صحبت جو اثر لازم ٿئي ٿو. صالحن جي سنگت ۾ الله تعالىٰ ياد اچي ٿو ۽ آخرت جو سفر ياد رهي ٿو. رسول الله ﷺ جي محبت نصيب ٿئي ٿي. عطار جي دڪان تي ويهبو تہ مفت ۾ خوشبوءِ ملندي رهندي. بلڪل ائين ئي الله وارن جي صحبت ۾ ويهي الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي محبت جي سرهاڻ ملندي رهندي آهي.

۽ هي ڳالهہ بہ وڏي اهم آهي تہ جهڙي طرح نيڪ ٻانهن جي صحبت ضروري آهي ان طرح بچڙن يارن جي سنگت کان بچڻ بہ ضروري آهي ڇو تہ :

يار بد بدتر بود از مار بد۔ ڪاريهر نانگ جي ڏنگ کان بہ وڌيڪ خطرناڪ برو دوست هوندو آهي. برن جي ياري سراسر خواري آهي. جنهن ۾ ذلت ۽ رسوائي آهي. صالحن جي ياري الله کي پياري آهي جنهن ۾ دين و دنيا جي ڪاميابين جي ضمانت آهي. برن دوستن جي ڪچهرين کان اڪيلائي پلي آهي ۽ اڪيلائي ۾ الله جو ذڪر بهتر آهي. اڪيلاين ۾ ذڪر ڪرڻ کان وري الله وارن جي صحبت و رفاقت وڌيڪ بهتر آهي.

الله تعالىٰ کي هر وقت پاڻ سان گڏ تصور ڪيو :

ديس ۾ هجو يا پرديس ۾، پنهنجن ۾ هجو يا پراڻن ۾، دوستن ۾ هجو يا دشمنن ۾، رات هجي يا ڏينهن، صبح هجي يا شام، اِهو خيال دل و دماغ، قلب و باطن ۾ پڪو پختو رکو تہ:

Scanned by CamScanner

"الله مون سان گڏ آهي."

وَهُوَ مَعَكُمْ أَيْنَ مَا كُنْتُمْ ۚ (الحديد : ۴)

ءِ اُهو (الله) اوهان سان گڏ آهي اوهان جتي به هجو.

جڏهن الله جي معيت، مصاحبت ءِ گڏ هجڻ جو تصور دل دماغ ۾ سمائجي وڃي تہ اها ولايت ءِ بزرگي جي علامت آهي. اُهو تصور مضبوط ٿيڻ سان سڀ غم، ڏک، پريشانيون لهي ويندیون، خوف خطرا ختم ٿي ويندا. رب العالمين جي گڏ هجڻ جو تصور دل ۾ فرحت، اطمينان، سکون ءِ سرور حاصل پيدا ڪري ٿو. ڪَناهن جا رستا بند ٿي وڃن ٿا. نيڪين جون راهون کُلي وڃن ٿيون. دشمنن مخالفن کان امن ءِ سکون نصيب ٿئي ٿو.

مجھے غم نہیں ہے اِس کا کہ بدل گیا زمانہ
میری زندگی ہے تم سے کہیں تم بدل نہ جانا

جڏهن ڪنهن غم ءِ ڏک ۾ مبتلا ٿي وڃو. جڏهن دشمنن جي گهيري ۾ اچي وڃو، جڏهن رات جي انڌيري ۾ اڪيلائي جي وحشت ٿيڻ لڳي، جڏهن نفس ءِ شيطان ڪنهن گناهہ لاءِ اپاري، جڏهن اڪيلائي ۾ ڪا برائي يا بي حيائي ڪرڻ لاءِ طبيعت چاهي تہ اهڙي حالت ۾ دل ۾ اُهو خيال آڻيو تہ **"الله مون سان گڏ آهي"** پوءِ ڏسو تہ ڇا ٿو ٿئي!!

هر سنت تي عمل ڪيو :

هر اُهو ڪم جيڪو اسان جي سهڻي محبوب ڪريم ﷺ پاڻ ڪيو يا امت کي ڪرڻ جو حڪم ڏنو ان کي "سنت" چئبو آهي. جڏهن توهان کي خبر پوي تہ هي ڪم محبوب ڪريم ﷺ کان ثابت آهي تہ پوءِ ان جي باري ۾ عقل کان نہ پڇو.

عقل قربانِ کُن بہ پیشِ مصطفیٰ

مصطفيٰ ڪريم ﷺ جي اڳيان پنهنجو عقل قربان ڪر.

خبر پوي تہ هيءَ رسول الله ﷺ جي سنت آهي تہ ان تي اڪيون ٻوٽي عمل ڪيو. جاڻي ونو تہ رسول الله ﷺ جي ڪابہ سنت ڀلائين، رحمتن ءِ برڪتن کان خالي نہ هوندي آهي. رسول الله ﷺ جي هر سنت ۾ ضرور بالضرور ديني دنياوي، ظاهري باطني فائدا موجود آهن.

Scanned by CamScanner

بمصطفیٰ برساں خویش راکہ دیں ہمہ اوست،
اگر باو نرسیدی تمام بولہبی است۔

اول حڪمِ رباني تي عمل پوءِ ڪم ٻيا!

جڏهن توهان جي اڳيان ٻه ڪم اچن هڪڙو الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي فرمانبرداري جو يا ڪو ديني ڪم هجي ۽ ٻيو دنياوي يا ذاتي ڪم هجي تہ اول الله ۽ ان جي حبيب ﷺ جي اطاعت وارو ڪم ڪيو. يقين ڄاڻو، پوءِ تجربو ڪري ڏسو جڏهن توهان الله جو حڪم مڃيندؤ تہ توهان جا سڀ ڪم الله تعاليٰ خود سرانجام فرمائيندو. پر جيڪڏهن ان جي برعڪس ڪندو تہ يقيناً نہ دنياوي ڪم مڪمل ٿيندو نہ ئي ديني ڪم.

نہ خدا ہی ملا نہ وصالِ صنم، نہ اِدھر کے رہے اور نہ اُدھر کے رہے

حڪايت :

هڪ شخص جمعي جي اذان ٻڌي. ۽ ان ڪي ان وقت ٻنيءَ ۾ پاڻيءَ جي واري لاءِ ٻه وڃڻو هيو ۽ اُٺ ٻه گم ٿي ويو هيس ان ڪي ٻه ڳولڻو هيس. سوچيائين تہ ٿي ڪم سامهون آهن. پهرئين ڪهڙو ڪيان. ان جي دل ۾ هي آيو تہ:

"اول حڪم الله جو پوءِ ڪم ٻيا."

لهذا جمعي جي نماز پڙهڻ لاءِ مسجد روانو ٿيو. جمعي جي نماز پڙهي اڃا هو پنهنجن ٻنين ۾ پهتو ئي هيو تہ هڪ شخص اُٺ جي مهار هٿ ۾ جهليون ٻيٺو هيو ۽ پوءِ جڏهن ٻنين ڏانهن ڏنائين تہ پاڻي ٻه زمين ۾ هلي رهيو هو. ان شخص اٺ جي مهار جهلڻ واري کان پڇيو تہ تون ڪير آهين؟ چيائين آءٌ جمعو (تنهنجو صالح عمل) آهيان. تون الله جي ڪم سان هُئين، الله تعاليٰ تنهنجا ڪم سرانجام ڪري ڇڏيا.

ماڻهن کان سوال نہ ڪيو :

جڏهن توهان کي ڪنهن شيءِ جي حاجت هجي تہ الله کان گهرو. ماڻهن اڳيان سوال جو هٿ ڊگهو نہ ڪيو ڇو تہ هيٺين هٿ کان مٿيون هٿ پلو هوندو آهي. گهرڻ وارو ويچارو هوندو آهي. جنهن کان گهريو وڃي ان جي اڳيان محتاج، ذليل ۽ بي حيثيت هوندو آهي. پلا جيڪڏهن ڪنهن کان هڪ سوال ڪيوَ تہ وري ان وٽ گهٽيون حاجتون ڪٽي نہ وڃو.

Scanned by CamScanner

چو تہ حضرت علي المرتضيٰ رضی اللہ عنہ جو فرمودو آهي تہ "پکري پنهنجي ڦر کي کير پياريندي آهي پر جڏهن ڦر گهٽو کير چوسيندو آهي تہ پکري ان کي سڳ هٽندي آهي."

حديث نمبر 388 :

حضرت سهل بن سعد ساعدي رضی اللہ عنہ روايت ڪئي تہ هڪ شخص رسول الله صلی اللہ علیہ وسلم جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ يار سول الله مون کي ڪو اهڙو عمل ٻڌايو جنهن جي ڪرڻ سان الله مون سان محبت رکي ۽ ماڻهو به مون سان محبت رکن. پاڻ صلی اللہ علیہ وسلم فرمايائون :

ازْهَدْ فِي الدُّنْيَا يُحِبَّكَ اللهُ وَازْهَدْ فِيمَا فِي أَيْدِي النَّاسِ يُحِبُّوكَ (ابن ماجه)[1]

دنيا کان بي رغبتي اختيار ڪر تہ الله تو سان محبت ڪندو ۽ جيڪو ڪجهہ ماڻهن جي هٿن ۾ آهي ان ۾ زهد ڪر تہ ماڻهو تو سان محبت ڪندا.

اگر ماڻهن جي ڪيسن ۽ ديگڙن ۾ لالچ جي نظر نہ رکي وڃي تہ ماڻهو توهان سان محبت ڪرڻ لڳندا آهن. اگر لوڀ ۽ لالچ سان ماڻهن سان پيش اچبو تہ ماڻهو ڪناره ڪشي اختيار ڪرڻ لڳندا آهن.

چگا عمل ڪندا ڪيو :

زندگي ۾ ٻہ شيون ضروري هونديون آهن:

1. بقاءِ زندگي 2. تحسينِ زندگي

بقاءِ زندگي روح سان آهي، اگر روح نہ هجي تہ جسم مُردو ٿي وڃي ٿو. تحسينِ زندگي جو تعلق عضون سان آهي. هٿ، پير، ڪن، اکيون، نڪ اِهي سڀ عضوا زندگي جو سينگار آهن. اگر روح نہ هجي تہ هي سڀ عضوا بيڪار ٿي ويندا آهن. اگر روح هجي ۽ عضوا نہ هجن، تڏهن ٻہ زندگي جو مزو نہ رهندو. مثلاً ڪو ماڻهو زنده تہ آهي پر هٿ نہ اٿس يا پير نہ اٿس يا اکيون نہ اٿس. ان جي زندگي ڏاڍي ڏکي گذرندي. ساڳي طرح سان مسلماني ٻہ هڪ جسم جيان آهي، ان جسم جي بقاءِ زندگي يعني روح آهي. ڪلمو شريف:

---

[1] حديث نمبر 388. سنن ابن ماجه بَاب الزُّهْدِ فِي الدُّنْيَا (ج 12 / ص 124. الرقم: 4092)
المستدرك على الصحيحين للحاكم (ج 18 / ص 244. الرقم: 7985)

Scanned by CamScanner

لَا اِلٰهَ اِلاَّ اللّٰهُ مُحَمَّدُ رَّسُوْلُ اللّٰه

آهي. ان جسم جا عضوا تحسين آهن: نيڪ اعمال، نماز، روزو، حج، زڪوات، خيرات، صبر، شڪر، رضا، تسليم، قناعت، خشيت، نياز، انڪساري وغيره وغيره اِهي سڀ شيون مسلماني جي تحسين آهن. ڪڏهن ڪڏهن ائين به ٿيندو آهي ته عضون نه هجڻ سبب روح هلاڪ ٿي ويندو آهي، شاخن نه هجڻ سبب ٽُڙ به سُڪي ويندو آهي. رڳو ڪلمو پڙهي ويهي رهڻ ڪافي نه آهي پر ان سان گڏ صالح عمل ڪرڻ به ضروري آهن. انڪري جيڪڏهن مخلص مؤمن بنجڻ چاهيو ٿا ته ڪلمو پڙهي پوءِ صالح عمل ڪندا رهو.

طمع، منع، جمع نه ڪجي :

الله کان سواءِ ڪنهن ۾ به طمع نه رکو جو ته ط۔م۔ع جا ٽئي اکر نقطن کان خالي آهن لهٰذا طمع رکڻ وارو ماڻهو به ائين ڀلائي کان خالي هوندو آهي. پر جيڪڏهن بنا گهرڻ جي ڪا چيز اوهان کي ملي ٿي ته ان کي رد نه ڪيو جو ته اُها الله ٿو ڏياري. بنا گهرڻ جي جيڪا شيءِ ملي ته ان کي الله جي عطا سمجهي رکي ڇڏيو منع نه ڪيو. اگر توهان وٽ ڪجهه مال اچي وڃي ته ان کي گڏ ڪري نه رکو بلڪ ڪائو ۽ خدا جي راهه ۾ خيرات ڪيو. توهان جي دولت ۽ ملڪيت اُها آهي جيڪا تو پاڻ ڪاڏي پيتي ۽ الله جي راهه ۾ خرچ ڪئي. جيڪا دولت ورثي ۾ ڇڏيئي ان جو حساب توهان کان ٿيندو ۽ نفعو ٻين کي ٿيندو، انڪري گڏ ڪري رکڻ نيڪ نه آهي.

❖ الله تعالي کان سواءِ ٻئي ڪنهن ۾ طمع نه رکو.

❖ بنا سوال جي ڪا شيءِ ملي ته ان کي منع نه ڪيو.

❖ جا چيز ملي ان کي پاڻ وٽ جمع ڪري نه رکو بلڪ خيرات ڪري ڇڏيو.

وهمن ۽ وسوسن کان بچو :

گهٽا وهم ۽ وسوسا ماڻهن جي دلين ۾ ويهي ويا آهن ۽ انهن کي دين سمجهندا آهن. حالانڪ انهن جو دين سان ڪو تعلق ئي ناهي بلڪ انهن مان اڪثر وهم ۽ وسوسا واٽين جي ذهني پيداوار آهن. اهڙن وسوسن کان مؤمنن کي بچڻ گهرجي. ڪجهه وسوسن جو بيان هتي ڪجي ٿو.

Scanned by CamScanner

1. ماڻهو چوندا آهن ته اگر جُتي اونڌي ٿئي ته نياڳ جي نشاني آهي.
2. ساڃي هٿ ۾ خارش ٿئي ته پئسہ ملندا ۽ ڪاپي هٿ ۾ خارش ٿئي پئسہ ويندا.
3. ڪم سان ويندڙ کي پويان سڏ ٿيو ته ڪم نہ ٿيندو.
4. گدڙ مُنهن پوي ته ٻيڙا پار آهن.
5. ڪانگ لنوي ته مهمان ايندا.
6. اک ڦرڪي يا هڏڪي ٿئي ته چوندا آهن ته ڪنهن ياد ڪيو آهي.

Scanned by CamScanner



جياپي جا سونهري اصول

ماخوز زاد المعاد لابن القيم [1]

1. چار شيون بدن کي بگاڙن ٿيون :

1.غم 2. پريشاني 3. بک 4. اوجاڳو

2. چار شيون فرحت ڏيارن ٿيون :

1. ساوڪ کي ڏسڻ 2. وهندڙ پاڻي کي ڏسڻ

3. محبوب کي ڏسڻ 4. ميون کي ڏسڻ ۽ کائڻ.

3. چار شيون نظر گهٽائن ٿيون :

1. گهٽو پنڌ پيرين اگهاڙو هلڻ 2. صبح شام بدصورت ماڻهو کي ڏسڻ

3. گهٽو روئڻ 4. تمام گهٽو سنهان اکر پڙهڻ.

4. چار شيون مُنهن جي رونق گهٽائي ڇڏن ٿيون :

1. کوڙ 2. گهٽا گناهه

3. زنا 4. بي علم کان سوال ڪرڻ.

5. چار شيون مُنهن جي رونق وڌائن ٿيون :

1. مروت 2. وفاداري 3. احسان 4. تقويٰ

6. چار شيون الله جي ڏمر جو مستحق بنائين ٿيون :

1. وڏائي 2. حسد 3. کوڙ 4. چغلخوري

7. چار شيون رزق ۾ برڪت آڻن ٿيون :

1. تهجد جي نماز 2. صبح جي وقت استغفار

3. خيرات ۽ صدقو 4. صبح شام الله جو ذڪر ڪرڻ.

---

[1] زاد المعاد فَضلُ الطبّ النّبَوِي (ج 4/ ص 5)

Scanned by CamScanner

8. چار شيون رزق ۾ تنگي آڻن ٿيون :

1. صبح جي نماز ۽ سج اپرڻ جي وچ ۾ ننڊ ڪرڻ 2. نماز ڇڏي ڏيڻ 3. سستي 4. خيانت.

9. چار شيون سمجھ سوچ ۽ ذهن کي نقصان پهچائن ٿيون :

1. اونڌو سمهڻ 2. غم 3. پريشاني 4. گھٽو کائڻ

10. چار شيون ذهن کي تيز ڪن ٿيون :

1. دل کي پريشانين کان بچائڻ 2. پيٽ پري کاڌو نه کائڻ

3. روزا رکڻ 4. قرآن جي تلاوت ڪرڻ.

11. چار شيون ماڻهو کي بي عقل بنائن ٿيون:

1. نشو 2. فڪرات 3. گھٽا بصر ۽ ٿوم کائڻ 4. زال سان گھٽي صحبت ڪرڻ.

12. چار شيون دل کي مرده ڪري ڇڏن ٿيون :

1. ٿهڪ ڏئي کلڻ 2. جاهلن جي ياري 3. الله جي ذڪر کان غفلت ڪرڻ 4. حرام کاڌو.

13. چار شيون بدن کي طاقتور بنائن ٿيون :

1. گوشت کائڻ 2. عطر سنگھڻ

3. وهنجڻ بدن کي صاف رکڻ 4. ڪپڙا مان نهيل ڪپڙا ڌوڪڻ.

14. چار شيون نظر کي تيز ڪن ٿيون :

1. ڪعبة الله ڏانهن نهارڻ 2. سمهڻ مهل سرمون پائڻ

3. باغات جو سير ڪرڻ 4. صاف ستري مجلس ۾ ويهڻ

15. چار شيون نظر کي گھٽائن ٿيون ۽ ويسر پيدا ڪن ٿيون :

1. ڪعبة الله کي پٺي ڏئي ويهڻ 2. بد صورت کي گھٽو ڏسڻ 3. زال جي شرم گاهه کي ڏسڻ 4. پاءِ خاني کي ڏسڻ.

16. چار شيون علم ۾ واڌارو ڪن ٿيون :

1. عالمن جي مجلس ۾ ويهڻ 2. الله وارن صالحن جي محفل ۾ڏڻ

3. ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ 4. قرآن جي تلاوت ڪرڻ.

Scanned by CamScanner

حضرت فريد الدين عطار جون نصيحتون

1. بادشاهن ۾ دوستي ناهي، بي وقوفن ۾ مروت ناهي.
2. ڀلي کان برائي نہ ٿيندي، بچرن کان ڀلائي نہ ٿيندي.
3. ڪوڙن ۾ وفا ناهي، سچن ۾ دغا نہ آهي.
4. دنيا کي بقا ناهي، آخرت کي فنا نہ آهي.
5. ڪوڙي کي يادگيري ناهي، سچن کي سور ناهي.
6. صبح جي ننڊ کان بچو اُها رزق گهٽائي ٿي.
7. اڪيلي سر سفر نہ ڪيو ان ۾ فائدا گهٽ نقصان گهڻا آهن.
8. اڏ اُس ۽ اڏ ڇانؤ ۾ ننڊ نہ ڪيو، ان سان بيماريون پيدا ٿيڻ جو انديشو آهي.
9. اڪيلي گهر ۾ اڪيلا نہ سمهندا ڪيو.
10. جانورن جي قطار مان نہ لنگهو.
11. رات جو اگهاڙا ٿي نہ سمهو.
12. پيءُ ماءُ کي نالو ونئي نہ سڏيو.
13. هر ڪنهن کائيءَ سان ڏند نہ کوٽيو.

احمق جون ٽي نشانيون آهن :

1. گهٽو ڳالهائڻ 2. سستي 3. بي حيائي

بدبخت جون ٽي نشانيون آهن :

1. حرام کائڻ 2. علم وارن کان پري رهڻ 3. تڙ سان هلڻ

ٽي شيون حماقت جون علامت آهن :

1. ضعيفن سان ظلم ڪرڻ 2. نصيحت تي ڌيان نہ ڏيڻ 3. ڪنهن کي تڪليف ۾ ڏسي دل ۾ رحم نہ آڻڻ.

17. بدصورت وٽ ڪڏهن پنهنجي حاجت ڪٽي نہ وڃو جو تہ بدصورت بي مروت هوندو آهي.

Scanned by CamScanner

ڪم جون ڳالهيون

❁ ڳالهه ۾ وزن پيدا ڪرڻ لاءِ آواز کي ڏاڍيان ڪرڻ ضروري ناهي، بلڪ ڳالهه جو سچ هجڻ ضروري آهي.

❁ ڪمزور ۽ ڪوڙا ماڻهو رڙيون ڪندا آهن، جڏهن ته سچن ماڻهن جو لهجو بادِ صبا جيان هلڪو ۽ پُرسڪون رهندو آهي.

صحت جا سونهري اصول

- بيماري کان بچڻ چاهيو ٿا ته کاڌي مٿان کاڌو نه کائو.
- اڌ رنگ ۽ بواسير کان بچڻ چاهيو ٿا ته انڊو ۽ مڇي گڏ نه کائو.
- فالج کان بچڻ چاهيو ٿا ته پيٽ پريل سان غسل نه ڪيو.
- حياتي جو ڏيئو روشن رکڻ چاهيو ٿا ته گهرواري سان گهٽي صحبت نه ڪيو.
- اوچتي موت کان بچڻ چاهيو ٿا ته ڪراڙي زال سان گهٽي صحبت نه ڪيو.
- پيٽ جي بيمارين جو علاج چاهيو ٿا ته 40 چاليهه ڏينهن تائين لاڳيتو ڪچو بصر ۽ ڪچي ٿوم نه کائو.
- صحت سلامت رکڻ چاهيو ٿا ته هر مهيني يا ٻئي مهيني جلاب وٺندا ڪيو.
- منجهند جي ماني کائي ڪجهه دير آرام ڪندا ڪيو.
- رات جي ماني کائي پيادل هلو ڏيڪ نه ته به گهٽ ۾ گهٽ 50 پنجاهه وکون ته پنڌ ضرور ڪيو.
- بنا بک جي هرگز ماني نه کائو.
- بيماريءَ کان سواءِ دوا هرگز پنهنجي وات تي نه رکو.
- پيشاب روڪي نه جهليو. جنهن وقت پيشاب جو خيال اچي جلدي فارغ ٿي ويندا ڪيو.

Scanned by CamScanner

- جيڪا شيءِ ڏندن سان چٻاڙڻ ڏکي لڳي ٿي اُها شيءِ پيٽ ۾ داخل ڪري پاڻ کي بيمار نه بنايو.
- جسم جو خزانو رت آهي ان کي هرگز ضايع نه ڪيو.
- گهٽو ڳالهائڻ کان بچو ڇو ته گهٽو ڳالهائڻ جلدي ڪراڙپ آڻي ٿو.
- نقصان ڏيندڙ شيءِ کي گهٽائڻ، نفعو ڏيندڙ شيءِ کي وڌائڻ کان بهتر آهي.
- ضرورت واري ننڊ ضرور ڪيو ڇو ته اها فهم و فراست وڌائي ٿي ۽ جسم کي صحتمند و توانو رکي ٿي. ضرورت کان وڌيڪ ننڊ نه ڪيو ڇو ته اُها بدن کي سست ۽ عقل گهٽائي ٿي.

فرائض جو بيان :

هر هڪ مسلمان تي الله ۽ ان جي رسول ﷺ ڪجهه ذميواريون رکيون آهن جن کي "فرائض" چئبو آهي. اُهي فرائض ٻن قسمن جا آهن.

1. **فرائض عين :** جن جو ادا ڪرڻ هر هڪ تي لازم آهي.
2. **فرائض ڪفايه :** هي اُهي ذميواريون آهن جي انهن کي اگر ڪجهه ماڻهو ادا ڪري وڃن ته ٻين تان فرض لهي ويندو آهي.

فرائض عين :

اُهي ارڪانِ اسلام آهن :

1. ڪلمه شريف : لا اله الا الله محمد رسول الله

زبان سان اقرار ۽ دل سان ان جي تصديق ڪرڻ.

2. پنج وقت نماز پڙهڻ.
3. مالدار کي زڪوات ادا ڪرڻ.
4. رمضان جا روزا رکڻ .
5. مالدار کي زندگي ۾هڪ ڀيرو ڪعبة الله جو حج ادا ڪرڻ.

Scanned by CamScanner

هي پنج فرض اسلام جا بنيادي رکن آهن. انهن تي عمل ڪرڻ کانسواءِ ڪوبہ ماڻهو مسلمان بنجي نہ ٿو سگهي.

ضروري ڪم :

ارڪانِ اسلام کي مڃي انهن تي عمل ڪرڻ کان پوءِ هر هڪ مسلمان مڙان هيٺين ڪمن تي عمل ڪرڻ لازم آهي.

1. پيءُ ماءُ جي فرمانبرداري ڪرڻ.
2. استاد جي فرمانبرداري ڪرڻ .
3. حاڪمِ وقت جي فرمانبرداري ڪرڻ.

هنن ٽن فرمانبردارين لاءِ لازمي آهي تہ الله جي حڪمن جي برخلاف نہ هجن. مثلاً پيءُ ماءُ يا استاد ڪفر ڪرڻ جو حڪم ڏين يا ڪنهن گناهہ جو حڪم ڏين تہ اُها فرمانبرداري هرگز ڪونہ ڪبي.

4. حلال مال مان صدقو ۽ خيرات ڪرڻ.
5. پرائو مال مالڪ تائين پهچائڻ.
6. عدل ۽ انصاف ڪرڻ
7. ماپ تور ۾ ڪوٽ نہ ڪرڻ 8. سچ ڳالهائڻ 9. قرض ادا ڪرڻ
10. قضا ٿيل نمازون روزا ادا ڪرڻ.
11. غير مجتهد کي مجتهد جي تقليد ڪرڻ.
12. حلال مال کائڻ.
13. باس ادا ڪرڻ. 14. اولاد کي ديني تعليم ڏيارڻ.
15. زال کي اسلامي احڪام ۽ ضروري مسائل سيکارڻ.
16. پرائي گهر ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ اجازت وٺڻ.
17. گناهن کان توبہ تائب ٿيڻ.
18. تقويٰ ۽ پرهيزگاري اختيار ڪرڻ.
19. دين تي استقامت ڪرڻ.

Scanned by CamScanner

20. تڪليفن تي صبر ڪرڻ.

21. الله جي نعمتن جو شڪر ادا ڪرڻ.

22. صلہ رحمي ڪرڻ.

23. هر ڪم الله جي رضا خاطر ڪرڻ.

24. هر حال ۾ الله تي ڀروسو رکڻ.

25. الله جي راهہ ۾ سڀ شيءِ خيرات ڪرڻ.

26. زبان کي گارين ۽ فحش ڪلام کان بچائڻ.

27. ڪنهن جي گلا نہ ڪرڻ.

28. نظر کي برائي کان بچائڻ.

29. ڪنن سان ڪنهن جي گلا نہ ٻڌڻ ۽ ساز واري آواز کي نہ ٻڌڻ.

30. هٿن کي حرام ڪاري کان بچائڻ.

31. پيرن کي برائي جي وڪ کان بچائڻ، جيئن زنا يا ڏاڙو وغيره.

32. شرم گاهہ کي زنا کان بچائڻ.

33. اکڙ جي حفاظت ڪرڻ.

34. هر مقدس شيءِ جو ادب ڪرڻ.

35. الله جو اسم پاڪ ٻڌي جل شانہ چوڻ.

36. حضرت حبيب ڪريم ﷺ جو اسم پاڪ ٻڌي درود پاڪ پڙهڻ.

37. حضرت حبيب ڪريم ﷺ کي هر شيءِ کان وڌيڪ محبت ڪرڻ.

38. مرشد ڪامل ونڻ.

39. ٻُرن ماڻهن جي صحبت کان پري رهڻ.

40. نياڻيون يا پٽ بالغ ٿين تہ يڪدم انهن جي شادي ڪرائڻ.

41. مرڻي يا پرڻي تي غير شرعي ريتون رسمون نہ ڪرڻ.

42. مال ضايع نہ ڪرڻ.

43. جاڻي واڻي هلاڪت ۾ هٿ نہ وجهڻ.

Scanned by CamScanner

44. نماز جي ادا ڪرڻ جيترو قرآن پاڪ ياد ڪرڻ.
45. قرآن پاڪ کي تجويد سان پڙهڻ.
46. موت اچڻ کان اڳ موت جي تياري ڪرڻ.
47. موت، قبر ۽ آخرت کي ياد رکڻ.
48. الله تعاليٰ جي رحمت ۾ اميد رکڻ ۽ الله عزوجل جي خوف کان ڊڄڻ.
49. ماڻهن کي نيڪي جو امر ڪرڻ ۽ برائي کان منع ڪرڻ.
50. پاڻ کي، پنهنجي اولاد ۽ گهر وارن کي جهنم جي باهه کان بچائڻ.
51. اهل اولاد کي ضرورت جو خرچ پکو مهيا ڪرڻ.
52. عورت کي پنهنجي مڙس جي فرمانبرداري ڪرڻ.
53. عورت کي پنهنجي جاول پار کي کير پيارڻ.
54. مڙس جي موڪل کان سواءِ پراون پارن کي کير نه پيارڻ.
55. مرد کي زال جو مهر ادا ڪرڻ.
56. مڙس کي گهرواريءَ سان حقِ زوجيت ادا ڪرڻ.
57. عورت کي مڙس جي مري وڃڻ تي ان جي گهر ۾ عدت ادا ڪرڻ.
58. عورت کي گهر جو ڪم ڪار ڪرڻ.
59. مڙس کي زال کان ٻاهر جو ڪم نه وڻڻ.
60. زالن جي وچ ۾ عدل و انصاف ڪرڻ.
61. امانت با سلامت پهچائڻ.
62. ننڍن تي رحم ۽ وڏن جو احترام ڪرڻ.
63. طاقت آهر رسول پاڪ ﷺ جي هر سنت تي عمل ڪرڻ.
64. عالمن جي عزت ۽ ادب ڪرڻ.
65. نبي ڪريم ﷺ جي آل جو ادب و احترام ڪرڻ.
66. بدمذهبن ۽ نبي ڪريم ﷺ جي گستاخن سان قطع تعلقي ڪرڻ.
67. سيني مسلمانن لاءِ دعا گهرڻ.

Scanned by CamScanner

68. زال کي پنهنجي هر دعا ۾ مڙس لاءِ دعا گهرڻ.
69. پاڙي وارن سان پيلائي ڪرڻ.

هنن مان اڪثر ڳالهين جو تفصيل هن ڪتاب ۾ لکيو ويو آهي.

فرائضِ ڪفايه :

هي اهڙيون ذميداريون آهن جو انهن کي اگر هڪ ادا ڪري ته پين تان بار لهي وڃي ٿو. انهن مان خاص هي آهن.

1. مجلس ۾ سلام جو جواب ڏيڻ.
2. ڇڪ جو جواب "يرحمڪ الله" ڏيڻ.
3. ميت کي غسل ڏيڻ.
4. ميت کي ڪفن ڏيڻ.
5. نماز جنازه پڙهڻ.
6. ميت کي دفن ڪرڻ.
7. بيمار کي پڇڻ.
8. ڪفار سان جهاد ڪرڻ.
9. جهاد ۾ سلطان جي مدد ڪرڻ.
10. قرآن جي حفاظت لاءِ ڪجهه حافظ بنائڻ.
11. مظلوم جي طاقت آهر مدد ڪرڻ.
12. ٻن مسلمانن ۾ صلح ڪرائڻ.



وٽڻ نہ وساريندا!

قرآن پاڪ جو سنڌي ترجمو فيوض الفرقان في ترجمة القرآن

ماشاءَ الله هڪ سال اندر ٽيون ايڊيشن مارڪيٽ ۾ پهچي ويو آهي.

قرآن مجيد، فُرقانِ حميد اهو آفاقي، الهامي ۽ آسماني الله جو ڪلام آهي جيڪو سڀ ڪلامن جو سردار آهي. ان جي هر لفظ ۾ اسرارن ۽ انوارن جا خزانا آهن. ان ۾ زندگي گذارڻ جا اصول بيان ٿيل آهن. ان ۾ نجات جا نسخا آهن جن تي عمل ڪرڻ ۾ ٻنهين جهانن جي ڪاميابي ۽ ڪامراني جي ضمانت آهي. قرآن کي سمجهڻ لاءِ دلبر سائين پنهنجي سُرهي قلم سان سليس ۽ عام مروج سنڌي ٻوليءَ ۾ ان جو ترجمو ڪيو آهي. جيڪو ٽورڙو سنڌي پڙهيل ماڻهو به آساني سان سمجهي سگهي ٿو. فني اعتبار کان هي ترجمو عالمن ۽ دانائن ۽ دانشورن ۽ سماج جي هر طبقي لاءِ يڪسان مفيد آهي.

ڪتاب ملڻ جا هنڌ

مجذوب فقير، دربار صالح آباد، ملير ڪراچي. 03013461005
فقير احسان مجاهد ڪرمي، پوسٽ ماتلي ضلعو بدين. 03003671729
پٽائي ڪتاب گهر، گاڏي ڪاتو حيدرآباد 03223011560
مڪ ڪتاب گهر، گاڏي ڪاتو، حيدرآباد 03003044850
مڪتب الگلزار بديع چوٽڪي گهٽي حيدرآباد. 03458690362
بيت القرآن، چوٽڪي گهٽي، حيدرآباد. 03213046331
مڪتب سخي سلطان چوٽڪي گهٽي حيدرآباد. 03023019290
دستگير اسلامي ڪتب خانو، دادو. 03053720586
عبدالرزاق ڪتاب گهر مين روڊ نزد ڪول واهه چوڪ ميهڙ. 0306-3090533
نوراني ڪتاب گهر بندر روڊ لاڑڪاڻو. 03013466100
رهبر ڪتاب گهر بندر روڊ لاڑڪاڻو. 03023468755
مهران ڪتاب گهر نم جي چاڙهي، سکر. 03342913366
مڪتبه فيض رضا گول چڪره بازار نوابشاهه. 03337027292
مڪتبه القادريه ٽنڊو محمد خان. 03332811795
سيد ڪتاب گهر شاهي بازار جيڪب آباد. 03458882999
عطار ڪتاب گهر مين روڊ بدين. 03332524802
حافظ ڪتاب خانو ڪپرو. 03013220924
العزيز ڪتاب گهر عمر ڪوٽ. 03003302782

فقير مجذوب ماتلي 0301-3461005
فقير احسان مجاهد ڪرمي 0300-3671729
0345-5572355
www.peerdilbar.com

ناشر
جامعه مدينة العلم صالح آباد ملير ڪراچي

Scanned by CamScanner